# تاريخي افسانا ۽ ڊراما

مرتب

غلام محمد گرامي



سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تاريخي افسانا ۽ ڊراما

مرتب

**غلام محمد گرامي**

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

2015ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

كتاب جا سمورا حق واسطا محفوظ



چاپو پهريون آگسٽ 1977ع تعداد هڪ هزار

چاپو ٻيو مارچ 2015ع تعداد هڪ هزار



هن ڪتاب جي ڪنهن به حصي کي، ناشر کان اڳواٽ حاصل ڪيل اجازت کانسواءِ، اليڪٽرانڪ يا ٻئي ڪنهن به طريقي جنهن ۾ اسٽوريج ۽ ريٽريول سسٽم شامل آهي، استعمال نٿو ڪري سگهجي.



هي ڪتاب پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد جي مالي تعاون سان شايع ڪيو ويو.

قيمت: ٻه سؤ ڏهه روپيا

(Price: Rs. 210-00)

ISBN 978-969-406-043-9

خريداري لاءِ رابطو:

سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-9213422)

Email: sindhiab@yahoo.com

www. Sindhiadabiboard.org

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄام شورو ۾ انچارج مئنيجر محمد رحيم نوحاڻي ڇپيو ۽ الهڏنو وگهيو، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.



پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

ڪهاڻي انساني زندگيءَ جي عڪاس آهي، اِهوئي سبب آهي جو دنيائي ادب ۾ گهڻي ڪان گهڻو زور افسانوي ادب تي ڏنو ويو آهي. اوائلي دور ۾ داستان، قصا ۽ لوڪ ڪهاڻيون مشهور هئا، جيڪي اُن قديم دور جي پس منظر ۾ لکيل آهن ۽ اُنهن مان اُن دور جي تهذيبي، ثقافتي، سياسي ۽ سماجي حالات جي ڄاڻ ملي ٿي. اهڙيءَ طرح جيئن جيئن وقت گذرندو رهيو، تيئن تيئن ادب ۾ ترقي ٿيندي رهي. لوڪ داستان ۽ قصا ڪهاڻي- افساني يا ناول جو روپ ڌاري هڪ نئين انداز ۽ اسلوب سان ادب ۾ متعارف ٿيا. اهڙن افسانوي ادب جي لکڻين منجهان هيءُ تاريخي افسانن ۽ ڊرامن تي مشتمل ”تاريخي افسانا ۽ ڊراما“ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ بهترين ڪتاب آهي.

هيءُ ڪتاب ”تاريخي افسانا ۽ ڊراما“ سنڌي ادب جي نامياري نثرنگار مولانا غلام محمد گراميءَ جي افسانن ۽ ڊرامن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ دنيا جي ڪن تاريخي ڪردارن جي محبت، عصمت ۽ شجاعت جا داستان افسانوي رنگ ۾ بيان ڪيا ويا آهن. گرامي صاحب جي تحرير جي دلڪشي ۽ اسلوب ڏاڍو دلپذير آهي ۽ لکڻ جو اِهو انداز اتساهيندڙ ادب جو هڪ اهم حصو آهي.

هن ڪتاب تي گرامي صاحب هڪ طويل مقدمو لکي ڪهاڻي ۽ ڊرامي جو تاريخي پس منظر ۽ سنڌي ادب ۾ ان جي اوسر تي سير حاصل بحث پڻ ڪيو آهي، جنهن مان ادبي تاريخ نويس ۽ شاگرد لاڀ حاصل ڪري سگهن ٿا.

محترم مولانا غلام محمد گرامي جي هن قلمي پورهي کي ماڻ ڏيندي سنڌي ادبي بورڊ طرفان سنڌس تاريخي افسانن ۽ ڊرامن جي هن مجموعي کي آگسٽ 1977ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. جنهن جو ٻيو ڇاپو اڄ پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ شايع ڪري سُرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. جنهن لاءِ آئون جناب مخدوم جميل الزمان صاحب چيئرمن سنڌي ادبي بورڊ، جو تهدل سان شڪر گذار آهيان، جن جو هميشہ مون سان بهترين ڪتاب اڻڻ ۾ سات رهيو آهي.

اميد آهي ته، اسان جو هيءُ پيار پريو پورهيو افسانوي ادب سان چاهه رکندڙن ۽ شاگردن وٽ ماڻ لهندو.

12- جمادي الاول 1436هه
04- مارچ 2015ع

**الهڏنو وگهيو**
سيڪريٽري

# فهرست


مقدمو غلام محمد گرامي 07

## افسانا

1. هانسي ...... 83
2. سجاح ...... 92
3. مهاراڻي شويا ...... 106
4. چندر دوتا ...... 118
5. پدمڻي ...... 125
6. درگا بائي ...... 135
7. آغا ...... 143
8. رتنا ...... 156
9. ڪالڪا ...... 169
10. رمني ...... 175
11. پرتال ...... 185
12. راج ڪور ...... 193
13. راڻي ڪناري ...... 208
14. سعيده ...... 217
15. سڌارت ...... 227

## دراما

1. ڇايا ...... 235
2. رضيه سلطانه ...... 243
3. تخت طائوس ...... 257
4. ڪلياڻي ...... 263

# مقدمو

**تمهيد:**

”انسان ۽ ان جي زندگي- هڪ افسانہ آهي، ڪو طويل تہ ڪو مختصر!“ منهنجن انهن چند لفظن ۾ ڪيتري صداقت آهي، ان ڪي صاحبِ فن ۽ نقاد ئي پروڙي سگهن ٿا.

ادب ۽ فن ۾ افساني جي بنيادي حيثيت آهي. افسانو، زندگيءَ جي اهڙن تہ مبهم ۽ منجهيل مسئلن جي نقاب ڪشائي ڪري ٿو، جن تائين نہ شاعر ۽ نہ مصور جو ذهن ۽ قلم ٿو پهچي سگهي ۽ نہ ڪنهن فلسفي ۽ حڪيم جو فلسفو ۽ حڪمت ئي رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا.

زندگي هڪ گوناگون داستان آهي. ان جي ابتدا کان وٺي انتها تائين، واقعا ۽ مسئلا، حادثا ۽ ڪارناما، ڪردار ۽ نظارا آهن. هر زندگي ڄڻ تہ مومل جي ڪاڪ وانگر جادونگري آهي. ان ۾ قدم قدم تي طلسم هوشربا آهي. ان جي وڪ وڪ تي حيرت جو عالم برپا آهي.

افسانو، ڄڻ تہ هدايت افروز شمع آهي. هڪ بيباڪ واعظ آهي، هڪ مشفق نقاد آهي، جو زندگيءَ جي درست ۽ غلط پهلوءَ کي، جزئيات سميت، بيان ڪندي وجهي ٿو دنگ ڪري. افسانو اسان کي ٻڌائي ٿو: ”ڇا ٿي رهيو آهي“-؟ زندگي ڪهڙن عميق ۽ مشڪل مسئلن سان دوچار ٿي سگهي ٿي! ان سان گڏ افساني ۾ تنقيدي عنصر آهي، جو ٻڌائي ٿو تہ ”ڇا هئڻ گهرجي؟“ ”ڪيئن هئڻ گهرجي؟“- افسانو، زندگيءَ کي سنوارڻ ۽ سڌارڻ لاءِ، اهي سڀ عيب ثواب ظاهر ٿو ڪري، جن سان زندگي اصلاح پذير ٿئي ٿي، يا ذلت جي اوڙاهہ ۾ ڪري ٿي! مطلب تہ افسانو ادب جي اها صنف آهي، جا، جو ڪجهہ بہ ٿي رهيو آهي، ۽ جو ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو، ان کي چڱيءَ طرح اکين اڳيان آڻي ٿي، افساني ۾ هيئت ۽ ڪردار نگاري، منظر ڪشي، ۽ مڪالما، گڏجي، هڪ اهڙو تاثر قائم

ڪن ٿا، جو پڙهندڙ جي ذهن کي ڌوڏائڻ تو ڇڏي. انسان، مذهبي علوم، سائنس، تاريخ، فلسفي، طب، حڪمت، شعر وشاعري ڪان بہ متاثر ٿئي ٿو، پر وحدت تاثر جو ديرپا رنگ جيڪو افساني ۾ آهي، اهو ٻئي ڪنهن بہ فن مان ملي نہ ٿو سگهي.

افسانو جڻ تہ هر باشعور انسان جي پنهنجي ذاتي تجربي ۽ شخصي مشاهدي جي تصوير آهي. ان تصوير ۾ هر انسان، پنهنجي توڙي پرائي، ڪردار کي زنده نموني ۾ ڏسي ٿو. يا افسانو جڻ تہ انسان جي پنهنجي واردات جي بازگشت آهي. هو جڻ تہ افساني جي آئيني ۾ پاڻ کي پَسي ٿو. پنهنجي سماج کي ڏسي ٿو، پنهنجي زماني کي سمجهي ٿو. پنهنجي توڙي پنهنجي سماج جي اخلاقي حيثيت کي مطالعو ڪري ٿو. محاسن ۽ معائب جو اهو اخلاقي منظر، جو هونئن ٻئي ڪنهن بہ نموني ۾ ڏسي نہ سگهجي، اهو فقط افسانو ئي ڏيکاري سگهي ٿو. اخلاقي قدر ۽ انهن جو مثبت، توڙي منفي پهلو، جيتري قدر افساني ۾ چٽيءَ طرح بيان ٿي سگهي ٿو، اوترو ٻئي ڪنهن بہ اسلوب ۽ طرز بيان ۾ اچي نہ ٿو سگهي. ڏسڻ ۾ تہ مختصر اچي ٿو، پر منجهس فڪر و نظر وارن لاءِ افاديت ۽ اصلاح جي دنيا پري پئي آهي: چوڻ وارن تہ چئي ڇڏيو آهي تہ:

*اتنی سی بات تھی جسے افسانہ کر دیا!*

پر اصل 'اتني سي بات' نہ پر 'ڳالهين جو ڳچ'- سمايل ۽ سموهيل ٿئي ٿو!

افسانو بيشڪ هڪ ارتقا يافتہ فن آهي. ان تي بہ ڪيئي دور گذريا آهن. اول اول تہ 'حال احوال' ۽ 'خبر چار' ڪان سندس شروعات ٿي هوندي. مثلاً، هڪ شخص ٻئي کي چيو تہ، ادا ڏي خبر چار. ادا ڏي حال احوال- ان تي ٻئي شخص احوال ڏيندي ۽ خبر چار ٻڌائيندي، پنهنجي معاملن، ڳوٺ جي معاملن، گهر جي معاملن، ڪنهن ڏک ۽ سور، ڪنهن صدمي ۽ حادثي ڪنهن غم ۽ الم، ڪنهن ضرورت ۽ طلب کي اهڙي اثرائتي نموني ۾ بيان ڪيو ويو هوندو، جو ٻڌڻ واري کي متاثر ڪري سگهندو هجي. ان اوائلي سان ساري گفتگو ۽ خبرچار ۽ خيالات جي ڏي- وٺ جنهن ۾ واردات تجربو، مشاهدو، تنقيد، اصلاح، طلب ۽ جستجو جا

قدر، لاشعوري طرح سان سمايل هئا، انهن مان ئي افساني جو اوائلي قالب جڙي راس ٿيو آهي.

ان سادي انداز ڪلام ۽ اسلوب بيان مان اڳتي هلي ڪهاڻي، آکاڻي، قصو، داستان ۽ افسانو نهيا- ۽ اجا بہ اڳتي وڌي، طويل افسانو، مختصر افسانو، ناول، ڊرامو، حڪايات، ناولٽ، فئنٽسي، رپورتاز وغيره ميدان تي آيا، اصل ۾ اهي سڀ ان ساريءَ گفتگوءَ ۽ پنهنجائپ جي ماحول ۾ ڪيل خبر چار جا ارتقائي اسلوب آهن، جي زماني جي ترقيءَ، اسلوب ۽ بيان جي ترقيءَ معاشري جي ترقيءَ انسان جي ذهن ۽ فڪر جي ترقيءَ، طرز تحرير جي ترقيءَ، پيشڪش ۽ زبان جي ترقيءَ سان، وڌندا ۽ ويجهندا رهيا آهن. اڄ اهو 'فن' ان معراج ڪمال تي پهتل آهي، جتي اصناف سخن جا سڀ فن، پنهنجي نارسائيءَ جو اعتراف ڪري چڪا آهن.

انسان جي ارتقا جي تاريخ، پوءِ اها پٿرن جي دور جي هجي، يا نِڪَرن جي زماني جي هجي، فقط تجسس ۽ تلاش، ۽ جستجو جي ترقي پذير داستان آهي.

اڻ سڌريل انسان، جو يقيناً بن مانس وانگر هو، جهنگلن ۽ غارن ۾ رهندو هو، اوچڻ کان عاري هو، گهرن ناهڻ کان اڻ واقف هو، پوک ۽ راهيءَ کان نا آشنا هو، تاهم سندس اوائلي جبلت ۾، ڪي ضرورتون موجود هيون. مثلاً بک لڳڻ تي ميون جو ملڻ، اڄ لڳڻ تي پاڻيءَ جوميسر هجڻ، اُسَ ۾ اُجهي جو هجڻ، بارش ۾ ڪٿي متو لڪائي سگهڻ، جانورن جي حملي ۾ بچاءُ ڪري سگهڻ، بوڏ ۾ اٿل وقت محفوظ هنڌ تي پهچي سگهڻ، روز نئون قوت نہ ملي سگهي تہ پوءِ ڪجهہ پاچي ڪري رکي سگهڻ، اوندهہ ٿئي تہ روشنيءَ جوانتظام ڪري سگهڻ، سرديءَ ۾ بچاءُ لاءِ ڪو گرم اوچڻ مهيا ڪري سگهڻ، گويا ويچاري اوائلي انسان جي زندگي، اجا 'ڪري سگهڻ' جي دور ۾ هئي. هزارين ورهيہ خير جا تہ ان ڪري سگهڻ ۾ گذريا هوندا. هزارين ورهيہ، غارن ۾، جهنگلن ۾، جانورن، برسات، وڄ، گرج، باهين جي ڪشمڪش گذاريا هوندائين.

ايتري جاکوڙ کان پوءِ، ٻه ٽي ٻه ٽي گڏجي رهيا هوندا. مرد ۽ عورت جا باهمي تعلقات ٿيا هوندا. ان مان اولاد ٿيو هوندو، ان جي حفاظت ۽ خوراڪ، پوشاڪ ۽ واڌ ويجهه لاءِ ويچاري انسان ڪيئي پٽڻا پٽيا هوندا- ان دور ۾ گهرن ۽جهوپڙين جو بنياد پيو. ان مان وڏي ڳوٺ ٿيا- اول ڳوٺن ۾ هڪ ئي قسم جو ڪٽنب آباد ٿيو هوندو. اهي ننڍا ڳوٺ هڪ خاندان تي مشتمل تيار ٿيا. انهن جو قبيلو ٺهيو، انهن جو سردار چونڊيو ويو. ان طرح گڏجي گذارڻ جو رنگ ڍنگ پيدا ٿيو، اجا ٻه اڳتي هلي، مختلف قبيلا گڏجي رهڻ لڳا ۽ وڏا شهر ٺهيا. ضرورتون وڌيون، مسئلا وڌيا. کاڌ خوراڪ تي جهيڙا ٿيا، ميون ۽ اناج تي تڪرار ٿيا. وَڻين ۽ ٻَنين تي وٺ پڪڙ ٿي. ان مان ملڪيت ۽ مالڪيت جو اوائلي شعور پيدا ٿيو. هيءَ ٻه 'منهنجي' ۽'هيءَ ٻه 'منهنجي' جي ڳڻتيءَ اچي سندس ڳٽڙ کان جهليو.

اجا ٻه ٻه چار قدم اڳتي وڌيو- ته ننڍيون رياستون نهيون، بادشاه پيدا ٿيا، بادشاه جا وزير ۽ مشير ٿيا- مذهبي رسمن ادا ڪرڻ لاءِ مذهبي پيشوا پيدا ٿيا، دفاع ۽ حفاظت لاءِ لشڪر نهيا. اتي اچي، هڪ رياست جو ٻيءَ رياست سان تڪرار شروع ٿيو. لڙايون لڳيون، هٿيار نهيا، قرلٽ ۽ خونريزيءَ جو فن ميدان ۾ آيو، ٻين ملڪن تي قابض رهڻ جو حرص جاڳيو- صلح ۽ امن جا شرط نهيا، اڳتي هلي قانون بنيو، جو بادشاه جي زباني حڪم تي مبني هو.

اجا ٻه اڳتي هلي، "ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي". زندگيءَ جي ضرورتن جي پورائي ڪرڻ لاءِ هنر پيدا ٿيا، ڪاسبي پيدا ٿيا، هاري ناريءَ هئا ته انهن جي اوزارن ۽ ضروري شين جا ڪاريگر پيدا ٿيا- ائين زندگيءَ جي ميدان تي انسان وڌندو آيو.

دولت ۽ مال جي گهٽائيءَ ۾، جڏهن طبقاتي ڪشمڪش آئي، تڏهن ماڻهن ۾ ٻه نمايان طبقا پيدا ٿيا. هڪڙا ڏاڍا ٻيا هيٺا. هڪڙا سچا ۽ بکيا ته ٻيا ساوا ۽ ستابا. هڪڙن لاءِ ماڙيون ته ٻين لاءِ جهوپڙيون! هڪڙا فرحت ۾ ته ٻيا فاقن ۾، هڪڙا انگ اگهاڙا ته ٻيا ڍاوا ۽ پهريل- بهرحال اتي اچي انسان جي تجسس ۽ تلاش ۾ ڇو ۽ ڇا جي ڇڪتاڻ پيدا ٿي.

”هي سڀ ڪجهه ڇو ٿي رهيو آهي؟“- هيئن ڇو ٿيڻ گهرجي؟ ان تنقيدي نگاهه، ماڙين ڪان هلي، جهوپڙين تي اچي دنگ ٿي ڪيو: سارو منظر انسان جي اڳيان کُلي آيو!

وري جو ويتر، ٻاهرين بادشاهن جي حملن ۽ لڙاين، سندن ڳوٺن کي تاراج ٿي ڪيو، يا سندن سالارن ٻين کي شڪست ٿي ڏني، يا سندن ماڻهو قيد ٿي ٿي ويا، يا سندن بادشاه جي حسين ڌيءَ کي ڪو جبرو بادشاه زوريءَ کڻائي ٿي ويو، تہ پوءِ رات ڏينهن ان پچار ۾ رهيا- انهن پچارن ۽ خبرن مان ڳالهيون جڙيون، داستان نهيا ۽ قصا جڙيا.

رڳي ڳالهہ تہ ڪو مزو نہ ڏنو، صاف طرح سان تہ ڪو ڳالهہ ڪري نہ ٿي سگهيو، ان ڪري، اڳتي هلي، جن، ديو، پريون، بادشاه، شهزادو فقير، جادوگر، ڪامڻ، سڀ انهن اشارن ۽ ڪتابن جا ڪردار بنايائون.

پنهنجي بادشاه جي ڳالهہ ڪندا هئا. پر چوندا هئا، ”هڪڙو هو بادشاه!“ ان طرح صدين جي مشق ۽ رياض ڪان پوءِ داستان جڙيا، جن ۾ فرضي ڪردارن ۾ پنهنجو دور بيان ڪيائون.

ٻيو رنگ اهو رکيو ويو تہ سچ جي ڳالهہ ڪير ڪري؟ الف يا بي تہ پنهنجي نالي ظاهر ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا. ان ڪري، ساري ڳالهہ کي لڪائي وجهي جانورن ۾ هنيائون. گدڙ، بگهڙ، شينهن، ٻلو- اهي سڀ فرضي ڪردار ٺاهيائون. پر اشارو هو، بادشاه وزير ڏانهن، چڱي ۽ مدي ڏانهن، ڪوڙي ۽ ڪري ڏانهن!

ان طرح پوري دور جو نقشو يا تنقدي جائزو، افسانن ۽ ڳالهين ۾ ٺاهيندا ويا. سون هزارن سالن جي رياض ڪان پوءِ اسان کي ڪليله دهنيه، الف ليل، چندر ڪانت، چار درويش، حاتم طائي، جانعالم جهڙا عظيم داستان ٺاهي ڏنائون. اهي داستان نہ رڳو داستان آهن، پر هڪ قسم جي تاريخ بہ آهن! نہ ان ۾ سَنَ آهن نہ ماڻهن جا حقيقي نالا آهن، پر اڄ ڪلهہ جا نقاد، انهن جي فرضي نالن مان، ان دور جي هر شئي پروڙي سگهيا آهن! اها ڪا گهٽ خدمت ناهي! پر بهرحال اها آهي، ويچاري انسان جي ڏکن ۽ سکن جي واردات، جنهن مان اسان جو افسانو بنيو آهي، جن ۾ اشارتاً بيان ڪيو ويو تہ ”ڇا ٿيو؟“ ”ڇو ٿيو!“ ”ڇا هئڻ کپندو

هو؟" "هيئن ڇو نہ ٿيو" "هيئن ڇو ٿيو؟" "فلاڻي ڇا ڪيو؟" "ڪيس ڇا ڪرڻ ڪپندو هو؟"، "سچ ڇو ناڪام ٿيو!" ڪوڙ جي ڇو سَرسي ٿي؟ گويا هر افساني ۾، پس پرده ڪيترا اهڙا اخلاقي مسئلا لڪل رهن ٿا، جن کي هوند نہ ڪو تاريخ ۾ لکي سگهجي ۽ نہ ڪو نظم ۾ پوئي سگهجي! اهي فقط فرضي ڪردارن ۾، اشارتاً ۽ ڪنايتاً بيان ڪري سگهجن ٿا. جيئن "نانگ بہ مَري، ۽ لٺ بہ نہ ڀڃي!" سچ پچ انساني ذهن، ذڪاء ۽ تخليقي صلاحيتن مان، افساني جي ايجاد، هڪ نادر ۽ قابل قدر صنف چئي سگهجي ٿي. جنهن جي رمز ۽ ڪنائي ۾ هڪ دنيا بند آهي. جنهن ۾ انسان ۽ ان زندگيءَ جا سڀ نازڪ ترين پهلو بيان ڪري سگهجن ٿا، جا صنف پنهنجي فني لحاظ سان جاذب ۽ دلنشين بہ آهي تہ اثر انگيز ۽ حيرت خيز بہ آهي. جنهن ۾ تفريح جي تفريح بہ آهي ۽ سمجهاڻيءَ جي سمجهاڻي بہ آهي. يعني ايڪ پنٿ دو ڪاج. افساني جي عظمت ۽ مقبوليت لاءِ فقط ايترو چوندس تہ ان ۾ مبالغو نہ سمجهڻ گهرجي تہ اڄ تصنيفات ۽ تاليفات جي دنيا ۾ جيتري افساني جي اشاعت ٿي آهي ۽ رهي آهي، ان جو هڪ ڀاڱي سؤ حصو بہ ڪنهن ٻي صنف کي نصيب نہ ٿيو آهي!

ان جو سبب آهي- زندگي جي ترجماني. زندگيءَ جو قريبي مطالعو، زندگيءَ جو عميق مشاهدو، زندگي جو هوبهو تصوير ڪَشي ۽ ان سان گڏ انداز بيان جي دلڪشي ۽ ندرت، منظر ڪشي ۽ محاڪات نگاري، زبان ۽ پيشڪش جي شستگي ۽ شائستگي، سلامت ۽ بلاغت!

هن دور جو حيران ۽ پريشان دماغ، هدايت افروز وعظ ۽ عقده ڪشا فلسفيانہ موشگافين کان ايترو متاثر نہ ٿو ٿئي، جيترو سنئين سڌي تفريحي انداز کان محفوظ ٿو ٿئي. اڄ جو انسان، هڻ ڀُڄان ۽ ڇڪ ڇڪان جي عالم ۾ غلطان ۽ پريشان آهي، جڻ تہ هٽي هٽي ٿڪجي ۽ ڦٽجي پيو آهي. اصل سندس لڱ، چور چور ٿي پيا آهن. ان ڪري، دل ۽ دماغ جي تفريح ۽ آرام لاءِ، گهڙي ساعت جو سڪون بہ ڪيس حال تہ غنودگيءَ ۽ عالم مان ٻاهر ڪڍي ٿو اچي. منجهس جذبات جي جدت ۽ حرارت پيدا ٿئي ٿي، نئين سر سندس امنگون اڀرڻ ٿيون، نوان نوان ولولہ انگيز خيالات پيدا ٿين ٿا، ۽ پوءِ پنهنجي سورن ۽ ڏکن ۾ ڇيتاڙيل

زندگيءَ لاءِ ڪجهه نه ڪجهه خيال ۽ عمل سان، ڪرڻ تي آماده ٿو ٿئي. سندس اڳيان روشن راه کلي ٿي پوي! ٻين فرضي ڪردارن مان ڪو نه ڪو ڪردار سندس زندگيءَ، ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميابيءَ سان نهڪي ٿو اچي. ۽ هو نه ائين ڪرڻ لاءِ تيار ٿو ٿئي، جيئن ان افسانوي ڪردار ۾ ڪيو ويو آهي. افساني جي ان افاديت کان ڪڏهن به انڪار ڪري نه ٿو سگهجي.

اگر افساني جي فني حيثيت جو باريڪ بينيءَ سان تجزيو ڪيو وڃي ته پوءِ اهو صاف نظر ايندو، ته منجهس زندگيءَ جا سڀ مثبت ۽ معياري، اخلاقي ۽ اصلاحي قدر موجود آهن. افساني ۾ ڪو ڪردار، اگر بداخلاقيءَ جي ترجماني ٿو ڪري ته پوءِ، پڙهندڙ ۾ لازمي طرحلازمي طرح سان نفرت پيدا ٿي ٿئي، ۽ هوپنهنجي عملي زندگيءَ ۾، ائين ڪرڻ کان ڪيٻائڻ شروع ٿو ڪري. ان طرح افساني ۾ اگر قابل ستائش ڪردار ٿو اچي، جنهن ۾ خدمت خلق، غريبن جي همدردي، سخاوت، شجاعت، امن پسندي، غيرت ۽ حميت جا جذبا تا پيدا ٿين ته پوءِ لازمي طرح سان پڙهندڙ به پاڻ کي انهن وصفن سان سينگارڻ لاءِ آماده ٿو رکي. اهو ئي سبب آهي، جو افساني کي جامع صفات چئي سگهجي ٿو. ان ۾ اخلاقيات، مذهبي شعور، نفسياتي اصلاح، فلسفيانہ نقط نظر، مطلب ته عملي ۽ آدرشي نصب العين جا سڀ قدر ۽ معيار جمع ٿي تا وڃن. اتي اچي، اسان کي ائين قبول ٿو ڪرڻو پوي ته انسان جي خارجي ۽ داخلي زندگي، فڪر ۽ نظر، جذبات ۽ خيالات، مطالبن ۽ ضرورتن، خواهشن ۽ تمنائن، سڀ جو سنگم ۽ جوڙ افساني ۾ ٿئي ٿو.

افساني جي صنف ايتري ته معنيٰ آفرين، ڪشادي ۽ لامحدود آهي، جو هڪ مشاق ۽ چابڪدست فنڪار، هر چيز کي موضوع سخن بنائي سهگي ٿو. زندگيءَ، ڪائنات ۽ انسان، تنهين جو نازڪ، مبهم ۾ مبهم، پيچيده ۾ پيچيده، مسئلو افسائي جي گرفت ۾ اچي سگهي ٿو. محلات جي زندگيءَ کان وٺي جهوپڙيءَ جي گذاري تائين- هر پهلوءَ کي افساني جو موضوع بنائي سگهجي ٿو.

هن صنف جي اثر پذيريءَ ۽ دلڪشيءَ ۾ هڪ ٻيو معيار به آهي، جو سندس فني حيثيت کي دو آتشه ۽ سه آتشه بنائي ٿو ڇڏي. اهو

آهي رومانوي انداز- رومانويت جي ڪهڙي به فني تعريف ڪئي وڃي، ان جي چند ڇاڻ ۾ پوڻ جي ضرورت ناهي،پر ايترو ته سڀ نقاد مڃي چڪا آهن ته ذوق جماليات جي تشڪيل ۽ ان جي تسڪين لاءِ، حسن عشق جي آويزش پريم ۽ پريتم جي آميزش، هر قصي، هر داستان، هر افساني، هر ڪهاڻيءَ کي افادي حسن ۽ تعميري ذوق سان مالا مال ڪري ٿي ڇڏي. پراڻن داستانن ۾ شهزادي ۽ شهزاديءَ جو عشق ۽ پوءِ وصال لاءِ ڏک ۽ ڏوڪڙا بيان ڪيا ويا آهن. ان طرح پڙهندڙ جي ذهن ۽ فڪر ۽ کي هموار ۽ مانوس ڪري، پوءِ اخلاقي نتيجا مٿس مسلط ڪيا ويا آهن. اهو انداز تحرير، جيئن پراڻي دور ۾ پسند ڪيو ويو آهي، تيئن هن نئين دور ۾ به ذوق جماليات جي تسڪين لاءِ، حسن ۽ عشق جي ڪشمڪش کي، فني طور لازمي جزو قرار ڏنو ويو آهي: آخر رکي پَٽ کي به غذائي حيثيت حاصل آهي، پر لوڻ کان سواءِ، الوٽي پَٽ جو هر گراه، نڙيءَ ۾ اٽڪي پوي ٿو، لذيذ ۾ لذيذ طعام لوڻ کان سواءِ بي سواد بنجي وڃي ٿو، ان ڪري حسن ۽ عشق جي چٽڪاڻ، جا افساني ۾ جملي معترضي وانگر پيوند ڪئي ويندي آهي، سا افساني کي افادي ۽ ذوقي نگاه کان نهايت اثر انگيز ڪري ٿي ڇڏي، تڏهن ته غالب به چيو آهي:

*بنتی نہیں ہے بادہ و ساغر کہے بغیر۔*

اها به حقيقت آهي ته اڄ هي فن ايترو ته ترقي ڪري چڪو آهي، جو ڪيئي ڪامياب افسانا اهڙا به لکيا ويا آهن، جن ۾ نَه عشق آهي ۽ نه حسن، باالخصوص، مختصر افساني ته ڪمال ڪري ڇڏيو آهي. اهو درياھ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ ته ڇا- سمنڊ کي گلاب جي پَٽ تي رکڻ جي برابر ٿي چڪو آهي!

ان چوڻ ۾ ڪو وڌاءَ ناهي ته ترقيءَ ۽ اصلاح، تجربي ۽ مشق، تبديل ۽ تغير جي بَني ۾ پچندي، اڳتي هلي افسانو اهڙي حيئت ۽ حيثيت اختيار ڪندو، جنهن جي اڳيان داستان ۽ قصو، اهو سڀ ڪجھ، ان ارتقا تبدل جي ماتحت ٿيندو، جنهن جو عمل ڪائنات، انسان ۽ حيات ۾ جاري ۽ ساري آهي. اهو به ياد رهي ته جنهن کي اڄ اسان 'نئون' ٿا سڏيون اهو سڀاڻي پراڻو ٿي ويندو ۽ سڀاڻي وارو پراڻو- ڪلاسيڪي دور ۾ غائب ٿي ويندو! فطرت جو اهو قانون اٽل آهي.

افسانو ۽ ان جي واڌ ويجهه، انسان جي فڪري ارتقا ۽ ان سان گڏ "تمنائے حيات" سان وابسته آهي. جيئن جيئن نيون تمنائون ظهور پذير ٿي رهيون آهن، تيئن تيئن انسان جي سوچ ۽ ويچار جا معيار، موضوع ۽ ڪلام جا معيار، انداز بيان ۽ پيشڪش جا معيار به بدلجي رهيا آهن. انسان پنهنجن تمنائن ۽ مطالبن کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ اڃا به چار قدم مس ٿو اڳتي هلي ته سماج ۽ ان جي ڪشمڪش ۽ ارتقا مان سندس لاءِ نيون تمنائون ٿيون اڀرن. مطلب ته انسان 'تمنا' سان جيئي ٿو ۽ وڌي ٿو. ۽ انهن تمنائن جو وسيع مواد جهڙو افساني ۾ آهي، تهڙو ٻئي ڪنهن به هنڌ ناهي. بوقلمون جادوگر جي ڪرشمه سازيءَ جا واقعا، شهزادي کي سَون ڪوهن تي شهزادي ڏيکارڻ، شهزادي جو ساهه طوطي ۾ بند ڪرڻ، ۽ طوطي جي ڳچيءَ ۾ ڪارو سڳو ٻڌي ڇڏڻ. ديون، جنن، ڀوتن، پرين، ۽ حورن جو آسمانن ڏانهن وڃڻ ۽ سج، چنڊ ۽ تارن تي لهڻ، اتاهون هيٺ شهزادي سان ڳالهائڻ. انهن تمنائن جو عڪس آهي، جي اڳتي هلي واقعاتي عالم ۾ رونما ٿيون. اڄ ٽيليويزن هزارين ميلن جا نظارا پيش ڪري رهي آهي، اڄ وائرليس هزارين ميلن تي سلسلهء ڪلام کي جاري رکي سگهيو آهي. اڄ اڏند کٽولي واقعي اڏرندي هوائي جهاز جي حيثيت ۾ نظر اچي رهي آهي. ان طرح انسان جو خلا ۾ پرواز، چنڊ ۽ سج تائين رسائيءَ جو عزم، ان بوقلموني تصورات جو عملي مشاهدو نه ٿو چئي سگهجي بوقلمون جادوگر اگر شهزادي جو ساهه ڪڏي طوطي ۾ بند ڪري ڇڏيو ته پوءِ اڄ ڪلهه جي دل جي تبادلي لاءِ ڇا ٿو چئي سگهجي؟ شهزادي جي ڪپيل ٻانهن کي، جادوگر هٿ لڳائڻ سان پيدا ڪري سگهيو ٿي، ته اڄ مصنوعي عضون جي ساخت ۽ سِنا لاءِ ڇا چئبو. اڃا ته اکيون، دل، ٻانهون، پير ۽ ٽنگون تيار ڪري سگهيا آهن. ممڪن آهي ته اڳتي هلي واقعي ساهه به پيدا ڪري سگهن. 'موت' تي هلندڙ تجربن مان جڻ ته ائين پيو لڳي ته ان کي ائين ختم ڪيو ويندو، جيئن چين مان ڪتا! آمريڪا مان مڇر! جاپان مان مک! نه فقط ايترو پر ممڪن آهي ته حيات جا ٽيوب ناهيا وڃن، جن تي بوقلموني ڪارو سڳو

ٻڌو وجي؟ ۽ 'وقت استعمال' ان سڀني کي ٽوڙڻ سان مئل ماڻهو ائين جيئرو ٿي پوي، جيئن طوطي جي سڀني ٽوڙڻ سان شهزادو اٿي کڙو ٿيندو هو.

اڄ خلائي افسانہ سازيءَ ۾، مغرب جا فنڪار، تصوراتي عالم ۾ جو ڪجهہ اختراع ڪري رهيا آهن، اهو حقيقي حيثيت سان پيو نظر اچي. خلائي افسانن ۾ خيالي ۽ فرضي نمونن ۾، مريخ ۽ وينس تي اگر زندگيءَ جا آثار بيان ڪيا ويا آهن، تہ پوءِ اهو ڪو رڳو خيالي ڍڪو نہ هو، اڄ سائنسدان ان کي حقيقت واقعي قرار ڏئي چڪا آهن. افسانوي ڪردارن ۾، خلائي سيارن ۾، نئين قسم جي آدميءَ جو رنگ روپ، انهن جي بود و باش، انهن جي گهر گهاٽ، انهن جي ايجاد ۽ اختراع جو جيڪو فرضي پهلو پيش، ڪيو ويو آهي، ان کي اڄڪلهہ جا سائنسدان بہ تسليم ڪري چڪا آهن. هي اڏرندڙ ٿالهيون ڇا آهن؟ هي 500 شعاعي فاصلي تان سنگل جو اچڻ ڇا هي؟ مطلب هي آهي تہ انسان بہ عظيم آهي، ان جو عزم ۽ ويچار بہ عظيم آهي تہ ان جي تمنا ۽ خواهش بہ عظيم آهي. تڏهن تہ اقبال چيو آهي:

*عروج آدم خاکی سے انجم سہمے جاتے ہیں*
*کہ یہ ٹوٹا ہوا تارا مہ کامل نہ بن جائے۔*

اهو 'افسانوي تنل 'تارو' هڪ ڏينهن بيشڪ، حقيقي ماهہ ڪامل بنجي ويندو! ان لحاظ کان، مان تہ ائين ئي چوندس تہ افساني جي عمر اوتري ئي آهي، جيتري ڪائنات ۽ انسان ۽ حيات جي گڏجي عمر آهي.

ڪائنات جي تشڪيل بہ افسانوي مضمرات رکي ٿي. زندگيءَ جي ابتدا ۽ انتها بہ افسانوي عنصر تي مشتمل آهي. ڏاڏي آدم جي تعمير ۽ تڪميل بہ افسانوي انداز رکي ٿي. ڇا ان کان انڪار آهي؟ بهرحال هن منديل مانداڻ جو اختتام بہ تہ افسانوي بنيادن تي آهي!

انسان پٿر جي دور ۾، قبائلي دور ۾، بادشاهي دور، ۾ جمهوري دور ۾، صنعتي انقلاب جي دور ۾، ويندي خلائي دور ۽ ان کان پوءِ تائين، هڪ "افسانو" آهي بمصداق:

*عالم تمام حلقہء دام خیال ہے!*

## ڪهاڻيءَ جي فني ڇنڊ ڇاڻ

افساني جي فني حسب نسب کي اگر هڪ نسب دان وانگر ڦولهبو تہ پوءِ شجره نسب وچي ڪهاڻيءَ سان ملندو. ڪهاڻي سندس ماءُ آهي ۽ داستان سندس پيءُ آهي.

اول ڪهاڻيءَ کي ڏسڻ ۽ جاچڻ گهرجي. ڦورن لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌيءَ ۾ جنهن کي آکاڻي ٿو چئجي، هنديءَ ۾ ان کي ڪهاڻي ٿو چئجي. اجا بہ اگر وِنڊ ڪجي تہ پوءِ آکڻ = چوڻ جي صوتي هم آهنگي آکاڻيءَ کي بلڪل قريب آهي، ۽ ڪهاڻيءَ کي اکر ڳها (چيو) سان ملائجي تہ اهو شايد لفظي تڪلف نہ ٿيندو. بهرحال ان مسئلي کي لغت جي ماهرن لاءِ ڇڏي ڏيڻ بهتر آهي.

ڪهاڻي نهايت سادي دور جي پيداوار آهي، تنهنڪري پنهنجي مزاج ۾ بہ نهايت نازڪ ۽ سادي آهي. اها صنف، انسان جي سنئين ۽ سادي، بي تڪلف ۽ بي تصنع معاشرتي زندگيءَ جي پيداوار آهي. اڳ ڪهاڻي، فقط ٻڌائڻ ۽ بيان ڪرڻ تائين محدود هئي. اوائل ۾ ڪهاڻي، انهن جذبن ۽ خيالن جي ترجماني ڪندي گهڙي وئي، جڏهن ويچاري انسان جي زبان چڻ تہ اجا گونگي هئي. گويا ڪهاڻي سندس دل جي گوناگون ڪيفيتن جي اظهار جو پهريون وسيلو بني.

ڪهاڻيءَ جو استعمال بہ نهايت سادي ماحول ۾ ٿيو. وقت گذاريءَ، وندر، تفريح، دلچسپيءَ ۽ دلبستگيءَ لاءِ پيدا ڪئي وئي. ان طرح مسرت ۽ غم، ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميابيءَ، فتح ۽ شڪست جي احساسات ۽ جذبات جي اظهار جو پڻ وسيلو بني. ان طرح موقعي تي، اخلاق ۽ زندگيءَ جي بهترين آدرش جي حڪمت آفرين وضاحت بہ ڪندي آئي.

انسان، پنهنجي اوائلي زندگيءَ جي گوناگون مشاهدات تجربات کي نہ فقط ڪهاڻيءَ ۾ سهيڙڻ جو ڪامياب تجربو ڪيو، پر ان سان گڏ، زندگيءَ جي عميق ۽ دقيق اخلاقي پهلوءَ جو تجزيو ڪندي، جيڪا مٿس سندس ناتجربہ ڪاريءَ جي ڪري، حيرت جي ڪيفيت طاري ٿي، ان کي بہ نهايت سادگيءَ سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. ان طرح ڪهاڻي هڪ انسان ۽ ٻئي جي وچ ۾، يا هڪ هڪ فرد ۽ جماعت جي وچ ۾،

تبادلہ خيالات ۽ افهام تفهيم جو ذريعو بہ ٿي سگهي. ائين ڪندي ڪهاڻي نہ فقط هڪ صنف بنجي پيئي، پر ان سان گڏ نهايت اهم شغل پڻ بنجي پيئي.

انسان پورهيو ڪري ٿڪجي چور چور ٿي پوي، ڪنهن طلب ۾ ڪامياب نہ ٿئي، ڪٿي شڪست کائي ويهي، زماني جي حادثن ۽ معاشري جي بي اعتنائيءَ کان آزرده ۽ افسرده ٿي پوي، تہ پوءِ ڪهاڻي، داستان سرائي ۽ قصہ گوئي سندس سڀ ٿڪَ لاهيو ڇڏي. ڳالهہ ٻڌڻ سان ۽ افساني پڙهڻ سان، آزردگي ۽ افسردگي، ملال ۽ دل گرفتگي، ڪافور ٿي وڃن ٿا. افساني ۽ ڪهاڻي جي عالم ۾ ڪيس اهو سڀ ڪجهہ ملي ٿو وڃي، جو سندس مطلوب آهي ۽ جنهن کان پاڻ محروم آهي.

ڪهاڻي، هرحال ۾، مرد ۽ جوان، ٻار ۽ ٻڍي، زال ۽ صنف نازڪ سان جيترو ساٿ ڏنو آهي، اوترو ٻئي ڪنهن بہ صنف کان نہ ٿي سگهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ڪهاڻي ڪم و بيش، هر انسان جي لوازم حيات ۾ داخل ٿي چڪي آهي. هن خلائي دور ۾، جڏهن سج ۽ چنڊ سندس نگاهہ جي آماجگاه بنجي چڪا آهن ۽ هو چنڊ جي حيرت انگيز ۽ مريخ جي سحر خيز دنيا جا خواب لهي رهيو آهي، تہ بہ ڪهاڻيءَ جي طلسماتي ماحول جو محتاج آهي. اڄ بہ ڪهاڻي سندس لاءِ لوليءَ کان گهٽ نہ آهي. سندس ذهني الجهن ۽ پريشانيءَ لاءِ عقده ڪشائيءَ جو سامان آهي. سندس زخم خورده دل لاءِ، عيسيٰ جو مرهم آهي. اڄ بہ سندس هر ناڪام آرزوءَ جي دنيا ڪهاڻي آهي، اڄ بہ سندس روح ۽ ان جي باليدگيءَ لاءِ پناه گاهہ ڪهاڻي ئي آهي.

ڪو زمانو اهڙو بہ هو جڏهن ڪهاڻي فقط تجربات ڪي بيان ڪرڻ تائين محدوم هئي. پر تجربات بہ اهڙا، جن مان فقط مسرت ۽ انبساط پيدا ٿي سگهن. پر اڄ اها ڪهاڻي اهڙي تہ ترقي يافتہ صنف بنجي چڪي آهي، جنهن ۾ وسيع معلومات سان گڏ تنقيدي جائزا بہ شامل ٿي ويا آهن. اڄ جي ڪهاڻيءَ جو هر ڪردار حال ۾ موجود آهي. ان جي مقابلي ۾ اڳ بہ هر ڪهاڻيءَ جا ڪردار، ماضيءَ مان ڳوليا ويندا هئا.

اڄ جي ڪهاڻي نويس ڪي، علم ۽ ان سان گڏ جذبي ڪي لازم ۽ ملزوم وارو رشتو ۽ تعلق قائم ڪرڻو پوي ٿو. اهو هڪ مکيہ شرط آهي.

جنهن جي نباهڻ کان سواءِ اڄ ڪهاڻيءَ جو ڪو به تعمير پسند تصور قائم ٿي نه ٿو سگهي.

ان طرح تجربات ۽ مشاهدات جي بيان ۽ ابلاغ ۾، جڏهن ڪا افادي دلچسپي يا ذهني تحريڪ پيدا ٿئي ٿي، يا علم جي ذخيري ڪي ٻئي ذهن تائين پهچائڻ جو ذريعو ڪهاڻيءَ کي بنائجي ٿو، ۽ ائين ڪرڻ ۾ فنڪار جي ارادي ۽ ڪوشش کي جڏهن دخل حاصل رهي ٿو، تڏهن اها ڪهاڻي پنهنجي هيئت ۽ مواد جي حيثيت سان، هڪ ’فن‘ سڏجي ٿي.

ڪهاڻي جڏهن فني اصولن موجب تڪميل تي پهچي ٿي، تڏهن ان جي فني مطالعي جو مرحلو اچي ٿو. اتي پهچي ڏسڻو ٿو پوي ته ڪهاڻي نويس ڪهاڻيءَ جي گهڙڻ ۽ دلچسپ بنائڻ ۾ ڪهڙا طريقا اختيار ڪيا آهن. انهن مختلف طريقن جي تلاش ۽ جستجو، انهن جي ساخت ۽ ترتيب، انهن جي تجزيي ۽ تبصري کي، ڪهاڻيءَ جو ’تنقيدي مطالعو‘ سڏجي ٿو.

هر ڪهاڻيءَ کي فني نقطہ نگاه کان مطالعو ڪندي، اسان کي ڪهاڻيءَ کي لامحالہ ٽن حصن ۾ ورهائڻو پوي ٿو. پهريون موضوع، ٻي هيئت ۽ ترتيب، ٽيون ان موضوع کي هيئت ۽ ساخت ڏيندڙ فنڪار جي شخصيت، ۽ ان سان گڏ انهن ٽيني جو باهمي تعلق ۽ لازم ملزوم وارو رشتو.

ان کان پوءِ ڪهاڻيءَ جي پسندگي ۽ افاديت جو سوال ٿو پيدا ٿئي. هر ماڻهو جو ذوق جدا جدا ٿئي ٿو ۽ هر ماڻهوءَ جي تجربي ۽ مشاهدي، مطالعي ۽ معلومات جي حيثيت به جدا ٿئي ٿي. ان ڪري ائين چوڻ ۾ ڪو به وڏاءُ ناهي ته هر ماڻهو، ڪهاڻيءَ کي جدا جدا ذوق ۽ مقصد جي ماتحت پڙهي ٿو. ڪو پنهنجي ٿڪل ذهن ۽ جسم ۽ بعض وقتن تي روح کي تڪسين پهچائڻ لاءِ پڙهي ٿو- ڪو ماڻهو زندگي جي بي روح ۽ بي رنگ تلخيءَ کي مٽائڻ لاءِ پڙهي ٿو ۽ ڪو ماڻهو حقائق جي بي ڪيف ماحول کان فراريت حاصل ڪري، خيالي دنيا جي ڪنهن دلڪش ۽ دلپذير دنيا کي وسائڻ لاءِ پڙهي ٿو ۽ ڪو ماڻهو پنهنجي تجربات ۽ پنهنجي معلومات جي ويران دنيا کي آباد ۽ شاداب ڪرڻ لاءِ پڙهي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو فنڪار کي، پڙهندڙن جي ٽيني مطالبن،

مزاج ۽ ذوق جي مختلف حيثيتن کي اڳيان رکي. ڪهاڻيءَ کي دلچسپ ۽ قابل قبول ڪرڻ لاءِ ڪيئي طريقا اختيار ڪرڻا پون ٿا. پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ڪهاڻي ۽ ان جي پس منظر ۽ اوصاف ۽ مقصد کي اها تنقيدي نگاهہ پروڙي سگهي ٿي. جا ڪهاڻيءَ جي مٿين ٽنهين شرطن کي پيش نظر رکي سگهي ٿي. يعني، موضوع، هيئت ۽ فنڪار جي شخصيت. انهن کي سمجهڻ کان سواءِ نہ ڪهاڻيءَ مان ڪو حظ حاصل ڪري سگهبو ۽ نہ ڪو مقصد ئي حاصل ٿيندو. رڳو لفظن جو پڙهي وڃڻ ناڪافي آهي.

ڪهاڻي ۽ افساني ۾ فرق رڳو اهو ٿو رهي تہ ڪهاڻيءَ جا ڪردار محض خيالي ٿين ٿا، افساني جا ڪردار مثالي ٿين ٿا. اتي اچي افساني جي فني حيثيت ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ اثر انگيز ۽ دلچسپ ٿئي ٿي.

انسان ۽ ان جي زندگي، ڪهاڻيءَ ۽ افساني جا موضوع آهن. البتہ نباهڻ ۽ پيشڪش جا نمونا جدا جدا آهن. ان قسم جا تجربا، لقمان حڪيم جي حڪمت آميز نصيحتن، ڪليله دمنه جي بصيرت افروز ڳالهين، جي جانورن جي زبان مان ادا ڪيل آهن، کان وٺي، مخزن حڪمت ۽ گلستان جي دلنشين حڪايتن تائين، ۽ انهن کان وٺي، جديد دور جي پيچيده نفسياتي افسانن تائين، ڪهاڻيءَ جيڪي بيشمار علمي ۽ تجربي وارا مرحلا طئي ڪيا آهن. انهن سڀني ۾ انسان ۽ سندس فطرت ۽ سندس ماحول ۽ ان جو رد عمل ئي موضوع ٿي رهيا آهن. انهن موضوعن ۾ ايتري تہ وسعت ۽ گهرائي، رنگيني ۽ دلچسپي آهي، جو ڪهاڻيءَ جي ڪهنگي ۽ فرسودگي بہ نظرانداز ڪئي ٿي وڃي. جڻ تہ هر ماحول ۾ ڪهاڻي پنهنجي افسانوي انداز سان تازي ۽ نئين ٿي محسوس ٿئي.

ڪهاڻي توڙي افساني جي پڙهڻ وقت، تمام ضروري شرط اهو بہ آهي تہ پڙهندڙ جي تنقيدي نگاهہ اهو جاچيندي رهي تہ فنڪار ڪيس هن زندگيءَ جو ڪو پوشيده رخ، زندگيءَ جو ڪو نئون گوشو، سماج جي ڪا نئين تصوير، انساني عمل جو ڪو نئو موڙ، ڏيکاري سگهيو آهي يا نہ ؟

آيا ڪو اهڙو ڪردار به پيش ڪري سگهيو آهي يا نه. جو سيني وصفن ۾ ته عام ماڻهن وانگر بلڪل عام آهي،پر باوجود ان جي ڪا منفرد حيثيت به رکي ٿو، جنهن جي بنياد تي، هو پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن متوجهه به ڪري ٿو، ۽ کين متاثر به ڪري ٿو ۽ انهن لاءِ دلچسپيءَ ۾ دلڪشيءَ جو سامان به پيدا ڪري ٿو. بهرحال موضوع جي جدت، هن فن جي ڪاميابيءَ جو پهريون شرط آهي. ان شرط جي نباهڻ سان ئي، ڪهاڻيءَ ۽ افساني ۾ تازگي قائم رکي سگهجي ٿي. ان طرح افساني جي فن جي بنيادي تقاضا اها به آهي ته فنڪار، سڀ کان اول پنهنجي خيال جي اظهار لاءِ ان جي فني مطالبات جو علم حاصل ڪري ۽ پوءِ ديانتداريءَ ۽ خلوص سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪري سگهي.

ڪهاڻيءَ ۽ ان جي موضوع ۽ ان جي ليکڪ جي وچ ۾ هڪ فني رشتو ٿئي ٿو. اگر اهو فني طرح سان درست ۽ پختو، هموار ۽ استوار نه آهي ته پوءِ، اها ڪهاڻي اڌوري ۽ ناقص رهجي ويندي. ڪهاڻيءَ جو ليکڪ هڪ فنڪار آهي، جنهن پنهنجي خيالات جي اظهار لاءِ، اها صنف اختيار ڪئي آهي ۽ اها صنف هن ان ڪري چونڊي آهي جو ڪيس ان صنف سان طبعي يا اڪتسابي مناسبت آهي. پر ان ليکڪ جڏهن زماني جي ديکا ديکيءَ تي لڳي ڪو خاص موضوع اختيار ڪيو آهي ته پوءِ چئبو ته ان عمل ۾ ڪيس طبعي مناسبت جي آمادگي نه رهي آهي، ان ڪري هو پنهنجي فن سان مخلص نه چئبو. ان فنڪار، ڪهاڻيءَ جو فن اختيار ڪري، ان جي ذريعي اهڙي موضوع جي ترجماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، جنهن ۾ سندس دل جو آواز شامل ناهي. ان ڪري اتي پهچي ائين ئي چئبو ته فنڪار خلوص کان خالي آهي. ان طرح ڪنهن موضوع کان پوري طرح آشنائي نه پيدا ڪندي، جڏهن ڪو ليکڪ ان کي ڪهاڻيءَ جو موضوع بنائي ٿو ته ان حالت ۾ ڪيس صاحب اخلاق نه چئي سگهبو. بهرحال ڳالهه اها آهي ته خلوص جو اثر ڪاميابيءَ ۽ ناڪاميابيءَ سان وابسته آهي ۽ اهو مسئلو به نيٺ نفسياتي آهي، جنهن کي جديد نفسيات به تسليم ڪيو آهي.

ان سلسلي ۾ موضوع کان پوري واقفيت حاصل ڪرڻ هن فن جي لاءِ پهرين منزل آهي. ان حالت ۾ موضوع کان واقف ٿيڻ، ان جو

تجزيو ڪرڻ، ان تي غور ۽ فڪر ڪرڻ، ان جي مختلف جزن جي وچ ۾ ربط پيدا ڪرڻ، ان لاءِ مختلف جزئيات کي سميٽڻ ڪجهه اجزا کي قائم رکڻ ۽ ڪجهه اجزا کي رد ڪرڻ، مناسب پس منظر قائم ڪرڻ، سيني چيزن کي جذبي، فڪر ۽ تخيل جي رنگن ۾ رڱي ڇڏڻ، سيني رنگن کي پاڻ ۾ ملائي يڪ جان ڪرڻ، انهن ڪان پوءِ ڪهاڻيءَ کي اهڙي صورت ڏيڻ، جنهن سان زياده ۾ زياده اثرائتي ٿي سگهي. اهي سڀ فني مرحلا آهن، جن کي نظرانداز ڪري، ڪا بہ ڪامياب ڪهاڻي لکي نہ ٿي سگهجي. ظاهر آهي تہ انهن مرحلن کي نباهيندي، فنڪار کي وڏي محنت سان ڪم ڪرڻو پوي ٿو. فنڪار جڏهن ان فڪري عمل ۾ غور ۽ فڪر ڪان ڪم ٿو وٺي. تڏهن حاصل ٿيل نتيجن کي تخيل جي رنگ آميزيءَ سان سينگاريندو ٿو رهي. ان طرح موضوع متعلق حاصل ڪيل تجربن کي، شاهدي ۽ فڪر جي بنيءَ ۾ پچائيندي، ڪين يڪ جان ڪندو ٿو رهي. انهن ۾ بار بار نوان نوان رشتا ۽ واسطا پيدا ڪندو ٿو رهي. قدم قدم تي انهن رشتن ۾ هم آهنگي، ربط ۽ توازن پيدا ڪندو ٿو اچي. بهرحال ڪهاڻيءَ جي تڪميل تائين، سندس سڀ قوتون مسلسل رياض ۽ مشق ۾ مشغول رهن ٿيون. ايتري ڪاوش ۽ ڪوشش ڪان پوءِ وڃي ٿي ڪامياب ڪهاڻي بنجي. اتي ائين چئي ٿو سگهجي تہ تن آساني ۽ بي توجهي، هن معاملي ۾ اهڙو گناهہ آهي، جنهن جي تلافي ڪري نہ ٿي سگهجي.

## افسانوي فن جي افاديت ۽ اهميت

هن فن تي نڪتہ چيني ڪندڙ صاحبن جو ڪجهه لکيو آهي، ان کي علمي موشگافي تہ چئي سگهجي ٿو، پر تنقيد ۽ حقيقت پسندي نہ ٿو چئي سگهجي.

اصل ۾، هن فن سان وابستہ صنفن کي اساطير بہ چئي سگهجي ٿو ۽ ان ڪان انڪار ڪرڻ نہ گهرجي تہ اهي اساطير هڪ قسم جا "اجتماعي خواب" آهن، جي مختلف دورن ۾، مختلف حالتن هيٺ، مختلف ماڻهن جي مسئلن، مشڪلاتن، ذهني پريشانين، ضرورتن ۽ حاجتن مان پيدا ٿين ٿا.

ان سلسلي ۾، جڏهن هن فن جو تنقيدي زاويي سان مطالعو ڪيو ويو آهي، تڏهن هڪ حقيقت اهڙي اڀري آئي آهي، جنهن سيني ناقدن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو آهي. ڏنو ويو آهي ته اساطير ۽ روايات، افساني ۽ داستان مان ڪا هڪ چيز اهڙي ته شديد دلڪشيءَ جو سبب بني آهي: جنهن کي هر ڪنهن پسند ڪيو آهي. ڪنهن هڪ چيز جو اهڙو عمومي ۽ همہ گير تاثر، بيشڪ حيرت انگيز آهي.

ان جو هڪ سبب هيءُ به چئي سگهجي ٿو ته انسان جي زندگيءَ ۾، ڪي جبلتون ۽ نفسياتي ڪيفيتون، ڪي طلبون ۽ تقاضائون، ڪي ضرورتون ۽ دشواريون اهڙيون ته همہ گير آهن، جي هر دور ۾ هر ماڻهوءَ جي زندگيءَ سان وابستہ رهن ٿيون. انهن جي تاثر ۽ اثر انگيزيءَ ۾ هڪ وحدت پيدا ٿيندي، هر هنڌ ان جو مقبول عام بنجڻ، لازمي امر آهي. انسان جي سوچ ۽ ويچار، جدوجهد ۽ جاکوڙ جا سڀ طريقا ان هڪ ئي محور تي ڦرن ٿا. مثلاً هر ڪو ماڻهو، خوشحال زندگيءَ جو طالب آهي، هر ڪو ماڻهو ظلم ۽ تشدد کي ناپسند ٿو ڪري، هر ڪو ماڻهو شجاعت ۽ غيرت جو گرويده آهي، ان ڪري جڏهن ان قسم جا معيار ۽ قدر آڏو اچن ٿا، تڏهن انهن کي هر ڪو قبول ٿو ڪري، پوءِ اهو سنڌي هجي يا هندي هجي، ايراني هجي يا يوناني هجي، ترڪ هجي يا عرب هجي، چيني هجي يا جاپاني هجي، روسي هجي يا آمريڪي هجي. سڀ ان کي پسند ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ ٿا سگهن.

ٻيو فني مسئلو اهو به آهي ته فن جي اثرات ۾ هڪ خاص قسم جي مماثلت پڻ ڏني وئي آهي 'افسانو' ڪنهن به ملڪ جو هجي، ڪنهن به معاشري جو هجي، ڪنهن به فرد جي واردات ۽ مشاهدات جي پيداوار هجي، اهو هر ملڪ، هر قوم ۽ هر فرد کي پسند اچي ٿو. ان مان اهو واضع ٿو ٿئي ته بنيادي طرح سان، انساني ضرورتن، طلبن، تقاضائن ۽ سوچ ويچار جو محور هڪ ئي آهي.

ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو به حيرت انگيز سوال پيدا ٿئي ٿو، اهو هي آهي ته مشرق جي طرز معاشرت کي هميشہ قدامت پسندانہ نگاہ سان ڏٺو ٿو وڃي ۽ اهل مشرق کي غير ترقي يافتہ ۽ پس مانده چئي ڪين اهڙو زماني مقام ڏنو ٿو وڃي، جيڪو غير واضح آهي. پر زياده

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

دلچسپيءَ جو سوال اهو ٿو ٿئي ته دور جديد جو 'انسان' هن قسم جي تجربات ۽ واردات کي، افساني ۽ ڪهاڻي ۾ بيان ڪندي، هميشه ماضيءَ جي زماني ۾ ڇو ٿو بيان ڪري. ان ماضيءَ کي حال کان ڇو الڳ ڪري ڇڏيو آهي، ۽ مستقبل متعلق، سوچ ويچار ۽ غور و فڪر مان پيدا ٿيندڙ نتيجن کي ڇو خارج ڪري ڇڏيو اٿس.

اها حقيقت آهي ته قديم زماني جي داستانن، افسانن ۽ ڪهاڻين ۾ زماني جي حدبنديءَ جي خيال کان، زماني کي واضح نه رکيو ويو آهي. انهن ۾ ماضي، حال ۽ مستقبل، سڀ خلط ملط ڪيا ويا آهن. ائين ڇو ٿيو آهي؟ ان طرف اسان جي نقادن گهٽ توجهه ڏنو آهي. ڳالهه هيءَ آهي ته مشرقي ذهن اهو ڪڏهن به گوارا نه ٿو ڪري ته زندگيءَ جي اهم مسئلن ۾، زماني جي حدبندين جي آزاديءَ کي ختم ڪيو وڃي، جو خود انسان ۽ ان جي حيات جو هڪ حصو آهي ۽ حصو به اهڙو جو ڪڏهن به حيات کان علحده نه ٿو ڪري سگهجي.

بيشڪ هن دور جو سائنسي دماغ، ان غير رياضي اصول کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. هو هڪ دور کي، ٻئي دور کان جدا ڪرڻ واري منطقي تعريف کي وڌيڪ سائنٽفڪ سمجهي، زماني ۾ مختلف دور پيدا ڪري، ترقيءَ جي ڪا نئين راه ته کولي سگهي ٿو، ليڪن زماني جي وحدت ۽ مختلف دورن جي پاڻ ۾ باهمي تعلقات کي نظرانداز ڪري خود به ڪنهن صحيح نصب العين جي حاصلات لاءِ نشاندهي نه ٿو ڪري. جڏهن ته سڀ انسان هڪ جنس ۾ سموهيل آهن تڏهن هر انسان جو مقصد ۽ آدرش ته هڪڙو ئي هئڻ گهرجي.

بهرحال، اهو هڪ جداگانه بحث آهي، جنهن جي نبيرڻ ۽ نڪيڙڻ تان پهلوتهي اختيار ڪندي، اڳتي وڌون ٿا.

افسانه ۽ ڪهاڻيءَ جي فني افاديت جو هڪ اهم پهلو هي به آهي ته نه فقط انسان جي جذبات ۽ مشاهدات جي ترجماني ڪئي وڃي، پر ان سان گڏ پنهنجي وطن ۽ ان جي شاندار روايات ۽ عظمت کي به بيان ڪيو وڃي، جيئن هر فرد ۾ پنهنجي وطن سان وابستگيءَ جو والهانه جذبو به پيدا ٿي سگهي. افساني ۾ ان جي مختلف قسمن جي اصناف ۽ ڪردار، هيئت ۽ اسلوب جي ندرت سان گڏ پنهنجائپ جوسليقو به پيوند

ڪرڻ گهرجي، جيئن پڙهندڙن ۾، انهن معيارن ۽ قدرن جو قدر پيدا ٿئي، جي سندن ذهن ۽ فڪر جي تشڪيل ۽ تڪميل لاءِ اعليٰ آدرش جو درجو رکن ٿا. ظاهر آهي تہ ان سلسلي ۾، پنهنجي وطن جي ڪردارن ۽ زبان سان گڏ علامتون بہ پنهنجي وطن جون استعمال ڪرڻيون پونديون، جي هر باشندي ۾ توانائي، خلوص، جوش ۽ صداقت پيدا ڪري سگهن ٿيون. افسوس هي آهي تہ اڄ اسان بين ملڪن جي اساطير، روايات ۽ افسانوي حيات کان تہ محظوظ ۽ مسحور ٿيون ٿا، پر ان جي مقابلي ۾، پنهنجي ملڪ جي اساطير کان بيگانہ رهون ٿا.

اسان وٽ سسئي پنهون، عمر مارئي، هير رانجها، مرزا صاحبان، مومل راڻو، ليلا چنيسر جهڙا ڪيئي اساطير آهن، جن مان ڪي تاريخي آهن تہ ڪي نيم تاريخي آهن، تہ ڪي رومانوي آهن، تہ ڪي اخلاقي ۽ آدرشي آهن، پر افسوس اهو آهي جو ايران جي شيرين فرهاد ۽ عرب جي ليلا مجنون کان تہ واقفيت رکجي ٿي، پر ان جي مقابلي ۾ پنهنجي وطن جي داستانن جي فڪر ۽ اصلاحي، اخلاقي ۽ رومانوي پهلوءَ سان ڪا بہ وابستگي ڪا نہ آهي. منهنجو مطلب، ملڪي ۽ غير ملڪي تفريق ۽ تميز سان نہ آهي، منهنجي چوڻ جو مقصد صرف اهو آهي تہ اها قوم، جا پنهنجي اساطير کان متاثر نہ ٿي ٿئي، اها ذهن ۽ فڪر جي تربيت ۽ نشو نما جي سلسلي ۾ ڪو بہ بنياد نہ ٿي رکي.

جڏهن تہ اسان جو خمير ۽ ضمير هن خاڪ پاڪ مان ڪنيو ويو آهي، تنهنڪري لازمي طرح سان، اسان کي، هن خاڪ جي روايات ۽ ماحول مان ئي سرچشمہ تربيت حاصل ٿي سگهي ٿو. ۽ ان جي مقابلي ۾، اگر ذهن جي تعمير ۽ تشڪيل جا اثرات ٻاهران آندا ويا تہ پوءِ زمانو تہ پنهنجو ئي رهندو، پر قوت فڪر تہ اجنبي ئي رهندي. پنهنجين اکين هوندي، پرائي روشنيءَ مان ڏسڻو پوندو، پنهنجي ذهن هوندي، پرائي سوچ سان ويچارڻو پوندو ۽ اها ترقي معڪوس، اگتي هلي، اسان کي ۽ اسان جي پوري قوت حيات کي اجنبي بنائيندي دير ئي نہ ڪندي. بهرحال، ريلون ۽ جهاز، موٽر ۽ مشينون، دوائون ۽ هار سينگار جو سامان، اگر ٻاهران آندو ويو تہ ان ۾ ڪو حرج ناهي، پر روح جي تربيت ۽ نشو و نما جو سامان بہ اگر ٻاهران آندو ويو تہ پوءِ حقيقي حيثيت سان،

وطن ۾ لاوطن ٿي ويندا سون، آشنا هوندي، اجنبي ٿي ويندا سون ۽ ان کي ئي شايد، ”پرائين ڍُلين احمق نچي“ به چيو ويو آهي.

ان طرح اجتماعي شعور جو اهو اثاثو، جنهن کي هوند پنهنجو سڏي سگهجي ٿو، ان کي حاصل ڪرڻ جو سنئون سڌو ۽ پختو طريقو اهو آهي ته پنهنجي فن ۽ روايتن، حڪايتن ۽ حالتن کان آگاهي پيدا ڪئي وڃي. جيئن ڪنهن اڪيلي خواب جو ڪو تجزيو نه ٿو ڪري سگهجي، جيستائين ڪ خوابن جو هڪ وسيع سلسلو نه ٿو اڳيان رکيو وڃي، تيئن اسان لاءِ اهو به لازم آهي ته پنهنجي ماحول جي روايات ۽ افسانوي ادب جو ڪو وسيع سلسلو مطالعي ۾ رکيو وڃي، ڇو ته ڪو به هڪ افسانو، جداگانه وحدت جي بنياد تي ڪا به معنيٰ نه ٿو رکي.

ان طرح خاص طور تي، اهي افسانا، جي جاگرافيءَ ۽ تاريخ جي اعتبار کان هڪ وحدت ٿا رکن، يا جن ۾ تاثر جي يگانگت ٿي ٿئي، انهن جي بنيادي مرڪزي خيال کي سمجهڻ ضروري آهي، جو ان دور جي صحيح ترجماني سان گڏ، ذهني تحريڪ ۽ روحاني ترقيءَ جو سبب ڇئي سگهجي ٿو.

اڄ جڏهن قومي روح جي ترقيءَ جو ذڪر ڪريان ٿو، تڏهن ان مان عام طرح وارو سياسي مفهوم نه ورتو وڃي. اهو روح پنهنجيءَ جاءِ تي قابل قدر ٿئي ٿو، پر منهنجو مطلب اڃا به وسيع آهي. قومي روح مان منهنجو مطلب اهي قدر ۽ معيار آهن، جي هڪ ته قوم جي مختلف جزن کي پاڻ ۾ ٻڌي متحد رکي ٿا سگهن، ۽ ٻيو ته ان قومي روح کي ڏسي، هڪ قوم جي زندگيءَ ۽ ارتقا جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اسان جي فن ۾، اگر ڪو قومي روح ناهي ته پوءِ اهو فن بي روح جسم ڄاڻڻ گهرجي. ان طرح روح جي بدلي ۾،فقط جسماني ابديت کي حاصل ڪرڻ لاءِ لڪڻ ۽ سوچڻ، سو ائين آهي جڻ روح کي جسم کان جدا ڪري، ڪنهن طوطي ۾ وجهي ڇڏڻ. داستانن ۾، اهڙي شخصيت فقط ’ديو‘ جي ٿئي ٿي، جو خارجي روح جو حامل ٿئي ٿو ۽ سندس موت، بيخبريءَ جي عالم ۾ ئي ٿئي ٿو! هو اوچتو دردناڪ رڙيون ڪري ٿو، ۽ پوءِ هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي ٿو. ڪيس اهو به پتو نه ٿو رهي ته هو ڪڏهن، ڇو ۽ ڪيئن مري ويو! بهرحال هو هميشه غير

محفوظ رهي ٿو، ڇو ته هو پنهنجي جسماني طاقت، ۽ مادي وسيلن تي ته ڪافي يقين رکي ٿو، پر جڏهن ته سندس جسم ۽ مادي قالب ۾ روح داخلي آهي ئي ڪونه، تنهنڪري وٽس نه حيات جو ڪو تصور آهي ۽ نه ڪو حيات جو ڪو مقصد، ڇو ته هو حيات جي غايت ۽ انتها کان غير آشنا محض آهي، ته پوءِ ڪيس ان جي انتها جي ڪهڙي خبر پئجي سگهي ٿي.

اها مٿين حقيقت ڪيڏي نه فڪر انگيز آهي، تاهم بيان ڪرڻ جي سلسلي ۾، ممڪن آهي ته ڪو ابهام رهجي ويو هجي ته ان ۾ ڪو شڪ ڪرڻ نه گهرجي. پر اها ساڳي حقيقت، جڏهن افسانوي رنگ ۾ بيان تي ٿئي، تڏهن نه ڪو ان ۾ ابهام ٿو رهي ۽ نه ڪو ثقالت ئي رهي. هر ذهن ۾ هر معيار جو ماڻهو، پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل، ان مان نه فقط محظوظ ٿو ٿئي، پر ان سان گڏ ان جي مرڪزي خيال کي به سمجهي ٿو سگهي.

مثلاً الهٰ دين ۽ سندس طلسمي چراغ ۾ جڏهن جادوگر ۽ شهزاديءَ جو پاڻ ۾ بحث ٿئي ٿو، تڏهن جادوگر ناز ۽ تڪبر سان شهزاديءَ کي مرعوب ڪندي چوي ٿو ته "مان اصل ڪونه مرندس". شهزادي حيرت ۾ پئجي ٿي وڃي ۽ وجي ٿي پنهنجي قيدي شهزادي کي ٻڌائي ته "جهان پناه، جادوگر چوي ٿو ته هو اصل نه مرندو. پر پاڻ ٻئي هن سمنڊ جي وچ تي، هن اتاهين ٽڪريءَ تي ئي مري کپي ويندا سون! اصل هتان جند نه ڇڏائي سگهنداسون". شهزادي پڻ حيرت وچان ڪيس چيو ته "اهو ته برابر، پر ڪانئس اهو ته پُڇ ته هو مرندو ڇو نه؟ ٻيو ته اهو به پڇينس ته جي مرندو ته پوءِ ڪهڙي طريقي سان مرندو!"

شهزاديءَ وجهه وٺي، جادوگر کي سرچائي، ريجهائي پڇي ورتو ته "اي جادوگر! ٻڌاءِ ته تون مرندين ڇو نه؟ جي مرندين ته ڀلا ڪيئن مرندين!" جادوگر خمار آلوده اکيون کڻي، فاتحانه انداز ۾ شهزاديءَ کي ٻڌايو ته- "منهنجو روح مون ۾ آهي ئي ڪو نه! منهنجو روح تمام ڏکئي هنڌ تي بند ٿيل آهي شهزاديءَ وراڻيو ته اهو ڏکيو هنڌ به ٻڌاءِ ته سهي! جادوگر چيو: "فلاڻي جهنگ ۾ هڪ وڏو خوفناڪ نانگ رهي ٿو، ان کي سَتَ متا آهن، ان جي وچين متي ۾ سَهي جو هڪ ٻچو آهي، وري ان

جي مٽي تي هڪ پکي وينل آهي. ان پکيءَ جي مٽي ۾ هڪ پٿر آهي. اگر اهو 'پٿر' منهنجي سيرانديءَ هينان رکيو ويو ته پوءِ منهنجو روح جتي هوندو، اتي ختم ٿي ويندو".

ڳالهه ڪنائڻي، شهزادو جهنگ ۾ وڃي ٿو، نانگ سان وڙهي ٿو، سَهي کي ماري، پکي هٿ ڪري ٿو، پکيءَ کي ماري ان جي مٽي مان، اهو ناياب پٿر هٿ ڪري ٿو. آخر شهزادي اهو پٿر جادوگر جي مٿي هينان رکڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿي. جادوگر بيقرار ٿي اٿي ٿو. اٿندي شرط، ٿي پيرا، خوفناڪ رڙيون ڪري، زمين تي ڦٿڪي ٿو- بس پوءِ سندس روح نه تو ڏنو، نه مون ڏٺو!

ان طلسماتي اشاره بازيءَ ۾ ٻيو ڪجهه به ناهي. فقط اهو ٻڌايو ويو آهي ته اهو روح، جو محض خارجي آهي ۽ سندس ناتو جسم سان ناهي، اهو غير محسوس ۽ نامعلوم وقت تي ختم ٿي وڃي ٿو، ان جون اوچتو فقط ٿي رڙيون ٻڌجن ٿيون! نه ان جو ڪو علاج ٿو ڪارگر رهي ۽ نه ڪو ان حالت ۾ ڪو دفاع ئي ٿي سگهي ٿو.

بهرحال، اهو ٻڌايو ويو ته روح جو جسم ۾ داخلي طور هجڻ ضروري آهي.

اهي قومون، جي جادوگر وانگر روح کان بيخبر آهن ۽ سندن روح ڪنهن دور ديس ۾ آهي ته پوءِ ان قوم جون رڳيون ٿي رڙيون ٻڌبيون! ۽ سندن روح، ائين ئي پرواز ڪري ويندو، نه سندس ڪو علاج ٿيندو ۽ نه دفاع!

ان کان پوءِ، ان فن جي هيئت ۽ اسلوب کان علاوه، ڪردار به مکيه چيز ٿين ٿا. مثلاً هر افساني جي هيري جو ڪردار ٿئي ٿو پنهنجي معاشري جي بهترين مفادات جي ترجماني ۽ عڪاسي ڪرڻ. ان طرح هيرو جو هيروئن سان رومانوي تعلق، هڪ طرح سان تمام مثبت اقدار جي ترجماني ڪرڻ هوندو آهي. ڪم از ڪم اهي معيار ۽ اهي قدر، جن کي انسان پنهنجي روحاني ترقيءَ لاءِ مفيد ۽ ڪارائتو تصور ڪري چڪو آهي، جيئن قرباني ۽ ايثار، آزادي ۽ حريت پسندي، وفاداري ۽ اطاعت شعاري، صداقت ۽ سخاوت، شجاعت ۽ غيرت، محبت ۽ خلوص، خدمت ۽ همدردي وغيره. جنهن به هيرو ۾ اهي اوصاف ٿين ٿا، اهو هيرو

جڻ تہ پڙهندڙ جو نعم البدل ٿي وڃي ٿو. پڙهندڙ نہ فقط ان جي شجاعت ۽ غيرت، جدوجهد ۽ جاکوڙ، صداقت ۽ وفاداريءَ تي داد ۽ تحسين ٿو ڏئي. پر ان سان گڏ پاڻ بہ انهن وصفن جي پيدا ڪرڻ جي تمنا ٿو پيدا ڪري ۽ اهو طريقو هر هدايت افروز وعظ کان وڌيڪ اثرائتو ثابت ٿئي.

ان طرح 'رقيب' جو تصور بہ معنيٰ کان خالي ناهي. رقيب هر حال ۾ معاشري جي مضر ۽ تاريڪ پهلوءَ جي ترجماني ٿو ڪري ۽ معاشري جي اصلاح جا گهورا اهو ئي چاهين ٿا تہ معاشري جو تاريڪ ترين پهلو چڱيءَ طرح ظاهر ڪيو وڃي. جنهن ڪي ڏسي نہ فقط فرد، اصلاح لاءِ تمنا ڪري. پر ان سان گڏ ڪو اصلاح پسند گروه بہ پيدا ٿي سگهي.

ان سلسلي ۾، ڪن موقعن تي. بادشاه، وزير، قاضي ۽ قانون بہ معاشري ۾ 'رقيب' جي حيثيت اختيار ڪندا آهن ۽ زبان ۽ قلم جي اشاره بازيءَ جو هدف بنيا آهن. اهو بادشاه، جو مطلق العنان ۽ جبر پسند ٿئي ٿو، ۽ اهو وزير، جو رعايا جي خبرگيريءَ ۽ سندس اصلاح کان پهلو تهي ڪري. رڳو بادشاه جي خوشامد ۾ رطب اللساني رهي ٿو ۽ اهو قاضي جو رشوت وٺي ٿو، جائز کي ناجائز ۽ ناجائز کي جائز قرار ڏئي ٿو، ست ستاءَ ۽ سفارش تي غلط فيصلا ڪري ٿو. ظاهر آهي تہ ان قسم جا ڪردار اڳتي هلي فني دنيا ۾ 'رقيب' جي حيثيت اختيار ڪن ٿا. سندن غلط ڪاريءَ کان رعايا جا جذبات مشتعل رهن ٿا ۽ اهل قلم فنڪار، سندن پوري پوري تصوير ڪڍي، رعايا ۽ عوام آڏو آڻي، پنهنجي فرض ادا ئي ڪن ٿا.

اها بہ هڪ حقيقت آهي تہ ڪي تاريخي ۽ نيم تاريخي ڪردار اهڙا بہ آهن، جن مختلف مرحلن مان بتدريج ترقي ڪري رنگ بدلايا آهن.

ان سلسلي ۾، ڪرشن جو مثال اسان جي اڳيان آهي. هندو دور جي سرمايہ دارانہ ۽ خوشحال مرحلي تي. ڪرشن هڪ سادگي پسند ۽ نيڪ فطرت مصلح جي لباس ۾ آڏو اچي ٿو، جو پنهنجي ذاتي ڪردار ۽ خانداني ميراث جي ڪري، آخر بادشاه بنجي وڃي ٿو ۽ عشق ڪرڻ کان

سواءِ سياسي شاديءَ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. اڳتي هلي جيئن ئي هندو سرمايہ دارانہ نظام ۾ زوال پيدا ٿئي ٿو ۽ اندروني خامين ۽ بيروني حملن جي ڪري هندو معاشرو جُهري پوي ٿو، تڏهن اهو ساڳيو ڪرشن، هڪ عشق باز رومانوي پيڪر، بيراهہ رو ديوتا، غير فطري بندش جو باغي، چالباز ۽ زندگيءَ جي مشڪل، پيچيده ۽ غير محفوظ بنائڻ وارو ڪردار ٿي ايري ٿو. اتي پهچي ڪرشن جڻ تہ بغاوت جي هڪ علامت بنجي ٿو پوي. ان مراجعت کي اوائلي ۽ ڪمسنيءَ واري دور ڏانهن رجعت بہ چئي سگهجي ٿو. پر ان ئي رجعت مان، هندو معاشري کي هڪ اهڙو فائدو پهتو آهي، جو فائدو روحاني ۽ آدرشي چئي سگهجي ٿو. ڪرشن هڪ باغيانہ علامت بنجي، روح ۽ فطرت جي آزاديءَ جو اعلان ڪري ٿو. ظاهري طرح سان جنسي بي راهہ رويءَ جي آڙ ورتي وڃي ٿي، پر باطن ۾ معاشري جي خلاف بغاوت جو اعلان ڪري ٻڌايو وڃي ٿو تہ روح جي پرورش ۽ نشونما لاءِ، آزادي پسند معاشري جي پيداوار لازمي آهي.

ان قصي ۾، شادي شده راڌا، ڪرشن لاءِ بيتاب ڊيڪاريل آهي، جا جذباتي ۽ جسماني لحاظ سان، هڪ عشقباز ديوتا تي قربان ٿي وڃي ٿي ۽ ان طرح سان هوءَ هڪ طرف پنهنجي معاشري سان بغاوت ڪري ٿي ۽ ٻئي طرف پنهنجي آزاديءَ جي حق جو اعلان بہ ڪري ٿي ۽ ان کي استعمال ڪرڻ ۾ بہ ڪاميابي حاصل ڪري ٿي.

ان طرح قطامہ جو ڪردار هڪ زيرڪ ۽ ڪاريگر جو ڪردار آهي، جا سوديبازي ڪرڻ کان بہ عار نہ ٿي ڪري. قطامہ ئي آهي جا راڌا جي جذبات کي اياري ٿي، سندس جسم ۽ روح ۾ اضطراب پيدا ڪري ٿي، پر اهي جذبات سندس ڪين آهن، هوءَ ٻن دلين جي وچ ۾ رابطو ٿي پيدا ڪري، هوءَ پاڻ ان ربط ۽ معاشقي ۾ عملي طرح سان حصيدار نہ ٿي بنجي، پر بنا شرڪت جي، ٻين ٻن لاءِ تسڪين جو سامان پيدا ڪري ٿي. ان مان ثابت ٿو ٿئي تہ هندو فن ۾، قطامہ مادري دور جي نمائنده آهي جڻ تہ ائين پيو لڳي تہ قطامہ پاڻ ئي هيروئن بنجي چڪي آهي. شاديءَ جو پيغام، ساٿ سوڻ ۽ انتظام سڀ پاڻ ٿي ڪري. دلال پيشہ قطامہ جڻ تہ پاڻ عمل جي ميدان ۾ اچي چڪي آهي. اهو ساڳيو ڪردار، فني نقطہ نظر سان، هر قوم ۽ هر ادب ۽ فن ۾ پڻ موجود آهي.

اسان وٽ هڪ ڪردار، ليلا- چنيسر ۾ به آهي، جنهن ۾ ڪونرو ۽ سندس هار فني نقطه نظر سان، هيرو ۽ هيروئن جي وچ ۾ ڪم ٿا ڪن. پر قطامه وصال تي پيدا ڪري ۽ ڪونرو، فراق!

ان طرح عمر- مارئيءَ ۾ ڦوڳ آهي، جو فراق تو پيدا ڪري، ان طرح هير- رانجهو ۾ ڪيدو آهي. بهرحال فني ۽ قبائلي نقطه نگاه سان، قطامه، ڪونرو، ڦوڳ ۽ ڪيدا ڇڻ ته هيرو آهن.

شاه جي ڪهاڻين ۾ مرد عورت جو احترام ته ڪري ٿو، پر عشق وري به عورت ڪري ٿي. هير، سهڻي، مومل ۽ سسئيءَ جا ڀرپور ڪردار ان جي تائيد ڪن ٿا.

پر باجود ان جي، اسان جي محققن ۽ ناقدن، ڪڏهن به سهڻيءَ، مومل، سسئيءَ ۽ هير کي، اسان جي زندگيءَ جي جز بنائڻ ۾ ڪاميابي حاصل نه ڪئي آهي. ڇا عورت جو ڪردار ڪڏهن به اسان جي قومي ۽ تهذيبي ڪردار جو ڪو حصو تصور ڪيو ويو آهي؟

اهوئي سبب آهي جو اسان جو قومي ڪردار، پنهنجي اصل ۽ مرڪز وحدت ۽ بنياد کي نظرانداز ڪري، هيروئن جي رڳو دلفريبيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿو. سبب اهو آهي ته مومل، سهڻي، هير، ليلا، سسئي، اسان سان مخاطب ٿي ڪجهه چوڻ گهرن ٿيون، جيئن اسان پنهنجي روح ۽ مقصد کان ڪنهن حد تائين واقف ٿي سگهون. پر اهو عورت ڏانهن اسان جي نفرت آميز شعوري روش جو رد عمل ئي آهي، جو اسان کي سندس ڪردار کي سمجهڻ کان روڪي رهيو آهي. اسان وٽ عورت کي اطاعت شعار ۽ تقدس ماب ئي سمجهڻو آهي، پر عورت جي باري ۾ اسان جي حقارت آميز شعوري روشن، لاشعور جي ان روشن تصور کي به لڪائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي.

بهرحال اگر اسان کي قومي ۽ اجتمائي، تمدني ۽ تهذيبي حيثيت سان باشعور ٿيڻ جي تمنا آهي ته پوءِ ان لاءِ اسان ان ڪردار کي تلاش ڪريون، جو اسان جي اجتماعي ضمير ۾ آهي. ان سان گڏ، اسان جي قومي ضمير ۾، ڦوڳ به آهي، ڪونرو به آهي، ڪيدو به آهي. قطامه به آهي، جي سوديباي به ڪرڻ سيڪارين ٿا، حق کان غافل به ڪن ٿا، حق کان جدا به ڪن ٿا ۽ نفس لوامه بنجي ٽوڪين به ٿا. ڇا اسان ڪڏهن، ان

ڪردار تي اجتماعي لحاظ سان غور ڪيو آهي؟ ٻيو تہ ڦوڳ ۽ ڪونرو ۽ ڪيدو 'شيطان' بہ چئي نہ ٿا سگهجن.

شيطان جو ڪم فقط نفس جي جذبات اپارڻ سان آهي، پر هت ڦوڳ، ڪونرو ۽ ڪيدو اهي آهن، جي ٻن ماڻهن جي وچ ۾ نفاق وجهڻ تي اڪتفا ٿا ڪن.

اهي اُهي بہ ڪردار آهن، جي ٻن ڪي باهمي مسرت انگيز ماحول ۾ ڏسڻ نہ ٿا گهرن. تہ ڇا اهي اڄ اسان جي دلين ۾ پوشيده تہ نہ آهن.

هي ڪو جادو ۽ ڇومنتر ناهي، جنهن جي اثر سان روح ۾ بغاوت تي پيدا ٿئي، پر هي هڪ اهڙا بَلا آهي، جا اسان جي تخليقي صلاحيت کي ختم تي ڪري ۽ دلين مان خوشي ڇني تي وڃي. ان سلسلي ۾ سندس هزار قسم جا جائز ۽ ناجائز حيلا حوالا وقوع پذير ٿين ٿا.

رڳو هڪ مثال هير جو اڳيان رکجي. 'هير جي بنيادي غلطي اها آهي تہ هوءَ رانجهي کان اها تقاضا نہ تي ڪري تہ هو ڪيدوءَ جي شان ۾ غلط قسم جي خوشامندانہ مدح سرائي ڪري، کيس پيسا ڏوڪڙ ڏئي، کيس تحفا ۽ هديا پهچائي، کيس راضي ڪرڻ جي پوري پوري ڪوشش ڪري. ان صلاح تي هلي، اگر رانجهو، ڪيدوءَ جي غلط روش، دخل درمعقولات، تنگ دليءَ، ضمير فروشيءَ دٻاءَ ۽ دهمانَ، لائي چائيءَ ۽ چغلخوريءَ، بدصورتيءَ ۽ منڊڪائڻ کي نظرانداز ڪري، کيس 'يوسف ثاني' سڏي ها تہ پوءِ هوند ڪم ٻنجي پوي ها!

ڪيدو، معاشري جي اها غير فطري علامت آهي، جا هرو پرو اصول ۽ قاعدي جي متمني آهي، جا فقط رڪاوٽ پيدا ڪرڻ لاءِ هر قدم تي پيدا تي ڇڪي آهي، جا چاهي تي تہ ڪوبہ عملي ڪم نہ ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ اصول جي تشريح ۽ قانون جو تاويل سندس بہ هٿيار آهن. ڪيدوءَ کي ٻين کي ستائڻ، ڀرغلائڻ، دٻائڻ، هيسائڻ ۽ ناڪامياب رکڻ ۾ هڪ لاشعوري مسرت حاصل تي ٿئي، جا هر ڪينہ پرور جي نفساني خوراڪ ٿئي ٿي.

اهو ڪيدو ۽ سندس ڪردار، روايت پرستيءَ ۽ حسد پسنديءَ، ڪينہ پروريءَ ۽ فتنہ انگريزيءَ جي انهن معيارن تي قائم رهيا آهن، جي هڪ حيثيت سان، ڪنهن نہ ڪنهن سماجي ڪارج جا نگهبان آهن ۽ جي

گهڻو ڪري، معاشري ۽ فرد کي غلط طريقن تي هلائيندي، برغلائڻ ۾ ڪامياب رهندا آهن. اهي ئي ڪردار آهن، جي فرد ۽ معاشري ۾ ذهني اذيت ۽ روحاني انتشار پڻ پيدا ڪن ٿا. اهو ئي ڪيدو آهي. جو نفسياتي طرح سان، ٻين جي اذيت کي ڏسي پاڻ ۾ مسرت محسوس ڪري ٿو.

بهرحال ان قسم جو ڪردار. نه فقط معاشرتي آهي، پر ان سان گڏ نفسياتي پهلو به رکي ٿو. ائين تصور ڪرڻ گهرجي ته اهو ڪيدو جڻ ته اسان جي اندر، باطن ۽ ذهني عمل ۽ عملي حرڪت جو پورو 'اڏ' آهي ۽ جو جڻ اسان جي ضمير ۾ لڪو وينو آهي، وينو لائي چائي ڪري، سازشون سِٽي، ٻين کي ويڙهائڻ لاءِ تدبيرون سوچي. ڇا اهو ڪيدو. اسان جي باطني ناخوشيءَ جي هڪ مخفي علامت ناهي. جڏهن ڪو ماڻهو، ڪنهن ٻئي کي رنجيده ۽ افسرده ٿو ڏسي، تڏهن ڪيس "لاشعوري مسرت" تي محسوس ٿئي. ڇا ان کان انڪار آهي؟ اهو ڪيدو، جڏهن ڪنهن فنڪار جي ور ٿو چڙهي، تڏهن، هڪ اهڙي نفسياتي مسئلي جي تحليل تي عمل ۾ اچي، جا هوند ڪنهن وعظ ۽ نصيحت سان پيدا ٿي نه سگهي ها. اهو به هڪ افادي پهلو آهي جو افسانوي فن ۾ موجود آهي.

ڳالهه مان ڳالهه پيدا ٿيندي، اسان گهڻو ڪجهه بيان ڪري آيا آهيون. هن فن جي افاديت ۾ هڪ اشاريت ۽ رمزيت جو پهلو پڻ آهي، جنهن جي آڙ ۾، ڪيئي اخلاقي ۽ آدرشي مسئلا حل ڪيا ويا آهن. ان سلسلي ۾، ويد، اپنشد، مهاڀارت، رامائڻ، زنداوستا، بائبل ۽ قرآن ۾ پڻ ڪيئي حڪايتون بيان ٿيل آهن. جي ڀلي ته نه ڪو تاريخي هجن ۽ نه ڪو نيم تاريخي قرار ڏجن. پر انهن جي افاديت مسلم آهي. قصص و حڪايات جي ان اساطيري فن ۾ معاشرتي زندگيءَ تي تنقيد موجود آهي ۽ اصلاح الاحوال لاءِ مشورا موجود آهن. جنهن مان اهو به واضح ٿو ٿئي ته مقدس ڪتابن به، انسان جي نفسياتي ۽ جذباتي حيثيت کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪيو آهي. مقدس ڪتابن ۾ جي ڪردار موجود آهن، تن ۾ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ انهن جي تاريخي ۽ روايتي حيثيت کي ڪڏهن به نظرانداز نه ڪيو ويو آهي، توڙي جو انهن جي اها حيثيت رڳو روايتي آهي. مقدس ڪتابن ۾ ڪردران جا نالا آهن، شهرن جا نالا آهن، فاتحن جا نالا آهن، ظالمن ۽ مصلحن جا نالا آهن، انهن جي ڪشمڪش جا داستان

آهن، جي بعض وقتن تي نهايت افسانوي ۽ دلڪش انداز ۾ بيان ڪيا ويا آهن. اثراندازي ۽ اثر پذيري جي ان نفسياتي عمل کان بهرحال مقدس ڪلام به خالي ناهي.

اڳتي هلي، ان رنگ جي تتبع ۽ تقليد ۽ تخيل جي اختراع سان داستانن جي دور ۾، اهڙا ته مشاهداتي ڪردار پيدا ڪيا ويا، جن ۾ مطالعي ڪرڻ سان، ائين پيو محسوس ٿئي، ڄڻ ته اهو لکل حقيقي ادب ۽ اهڙا هڪ اڌ نه، پر سوين، نه پر هزارين مثال ڄڻ ته اسان جي معاشري ۾ موجود آهن.

اسان چندر ڪانتا، الف ليله، داستان امير حمزه، چار درويش ۽ حاتم طائي پارن اساطيري داستانن ۾ ڪي اهڙا عجيب غريب فوق الفطرت ڪردار ڏسون ٿا، جي ديون، ڀوتن، پرين، جادوگرن، جنن ۽ انهن جي طلسماتي ڪارنامن تي مشتمل آهن، جن کي هن وقت جو ذهن به سمجهي تو سگهي ته اهي بلڪل اختراعي ۽ فرضي آهن، جي زيب داستان لاءِ گهڙيا ويا آهن.

پر ان سان گڏ ڪي اهڙا واقعا به موجود آهن، جن جو "وقوع پذير هجڻ" اگرچ محال آهي، پر انهن جو "وقوع پذير ٿيڻ" عين ممڪن آهي. اهو ڪردار، جو اڳ ڪنهن داستان بيان ڪندي "اختراع" ڪيو ويو هو، پر ان ڪردار جو اسان جي معاشري ۾ 'موجود هجڻ' ته ممڪنات مان آهي:

**ڪنجوس**: ڀلا ابوالقاسم ڪنجوس ۽ ان جي بدبخت جوتي جي پڙهڻ کان پوءِ ڇا تو محسوس ٿئي؟ ابوالقاسم به اگرچ فرضي آهي ته سندس ڪنجوس هجڻ به فرضي، ته سندس جوتو به فرضي ته سندس جوتي جي به بدبختي به فرضي! تاهم پڙهڻ کان پوءِ، هن معاشري جو هڪ زنده ڪردار ايري تو اچي، جنهن جي نقل و حرڪت ڪي ڏسي اگرچ ماٺهو کِلي تو ڏئي، پر ان مزاحيه انداز ۾ جو اصلاحي ۽ تنقيدي پهلو آهي، ان کان به محظوظ ۽ متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نه تو سگهجي.

ابوالقاسم جي ان غير حقيقي ڪردار جي تمهيد ڪي ڏسڻ گهرجي، ڪيتري نه جاندار آهي. ان کي پڙهڻ سان ائين تو معلوم ٿئي ته ڄڻ ڪنهن زنده ڪردار متعلق پڙهي رهيا آهيون. "ابوالقاسم ۽ سندس

جوتن جي قصي کان ڪير اڻ واقف آهي؟ سندس زماني ۾، سندس جوتا ايترو ته مشهور هئا، جيترو سندس ڪنجوس هجڻ، ضرب المثل تي چڪو هو“.

”.... ابوالقاسم وڏو دولتمند ۽ تاجر هو، پر دولت کي لڪائڻ لاءِ هميشہ سادگي سان گذاريندو هو، ڪپڙن کي چتيون هڻندو هو، پر سندس جوتو-! جوتو اهڙو ته خستہ حال ۽ بدصورت ٿي چڪو هو، جو ميدان ۾ اڇلائي ڇڏجي ته هوند ڪو فقير بہ کيس نہ کڻي! چتين جي مٿان چتيون ٽڪيندي اهڙو بدصورت ۽ ڳورو بنائي ڇڏيو هئائين، جو سندس ڪنجوسپ جي چڻ علامت بنجي پيو هو. اهو جوتو اڳتي هلي زبان زد عام ٿي ويو! هر بعيد عقل واقعي کي بيان ڪندي، ماڻهن ان بدبخت جوتي جو ذڪر ضرور آڻيندا هئا“. هن تمهيد جو رنگ چڻ تہ تاريخي تاثر پيدا ڪري چڪو آهي.

**قصو:** مختصر طرح سان هن طرح قصو آهي:

”هڪ ڀيري ابوالقاسم، بازار مان لنگهيو. ٻچڙا حال، ڦاٽل ڪپڙا، پنج مٽو جوتو سندس پيرن ۾- سندس نگاه وڃي هڪ ننڍين شيشن جي ٽوڪريءَ تي پئي. ڪيندي پيسا، اها ساري ٽوڪري خريد ڪري کڻي آيو گهر. ماڻهو ابوالقاسم جي هن واپار تي کلڻ ڪرڻ لڳا. خير، بہ چار ڏينهن مَس گذريا تہ هڪ عطر فروش تي ڪا قرض خواه جي ڊگري تعميل ٿي، سندس سارو دڪان نيلام ڪيوويو. ابوالقاسم بہ اتي موجود هو. ڪيندي پيسا دڪان جو سارو عطر گلاب خريد ڪري ورتائين. نيلام جو مال هو سستو، سو چڻ تہ ڪوڏين تي مال هٿ ڪيائين. خوش ٿي آيو گهر، سندس خيال ۾ هو تہ عطر جو واپار ڏاڍو نفع بخش ٿيندو. ابوالقاسم جي هن واپار تي بہ ماڻهو ڏاڍو کليا! پر هن سوچيو تہ عطر ۽ شيشيون گڏجي هڪ نفع بخش تجارتي سرمايو بنجي پوندا! پيو ڪو هجي ها تہ هوند، دوستن جي مهماني ڪري ها، پر هن بخيل رڳو حمام ۾ وڃي غسل ڪرڻ تي اڪتفا ڪئي، جو تہ کيس مهينن کان وهنجڻ نصيب نہ ٿيو هو.

ڏيڍيءَ ۾ جتي ڪپڙا ۽ جوتا رکبا آهن، اتي کيس هڪ ملاقاتي دوست ملي ويو. جنهن کيس ان جوتي متعلق هڪ اثرانگيز تقرير، بيني

بيٺي پياري ڇڏي! ڪيس دوست چيو تہ ڪيس ماڻهن لاءِ مذاق نہ بنجڻ گهرجي! ماڻهو ڇا چوندا هوندا، هڪ سمجهدار تاجر کي، ڪجهہ خيال رکڻ گهرجي. ڪو نئون جوتو خريد ڪرڻ گهرجي! ابوالقاسم اها صلاح ڏاڍي حيرت ۾ پئجي ويو. چيائين ادا منهنجا، تنهنجي صلاح تہ اکين تي، پر مان تہ جوتن جي مسئلي تي ڪيترن سالن کان وني سوچي رهيو آهيان، ماڻهو وجي ڪڏ ۾ پون! پيا بڪواس ڪن. جوتا تہ اجا تازا توانا آهن. اجا ايترو بيڪار بہ ڪين ٿيا آهن، جو پائڻ کان بہ وڃن! اجا تہ گهڻو وقت تائين هلي سگهن ٿا! ڪم سان ڪم، ڇَمُ ڇا ڪندو! صفا ناڪام ٿيا تہ پوءِ نئون جوڙو اَوَس وٺڻو پوندو! في الحال تہ اهي ئي چڱا آهن. ائين چوندي ابوالقاسم ۽ سندس دوست، غسل ڪرڻ لاءِ حمام ۾ گهڙي ويا.

جڏهن هي شهرت يافتہ ڪنجوس، هن غير معمولي عياشيءَ مان لطف اندوز ٿي رهيو هو، تڏهن مَجاڻ تہ بغداد جو قاضي بہ ان حمام ۾ غسل ڪري رهيو هو. ڪنجوس ان بلند مرتبي قاضيءَ کان اڳ ۾ ئي وهنجي سهنجي، سينگار جي ٻاهر نڪري چڪو هو، پر سندس جوتا ڪٿي هئا؟ سندس جوتا غائب ٿي چڪا هئا. انهن جي جاءِ تي هڪ خوبصورت ۽ چمڪندڙ جوتن جو جوڙو، سندس نظر کي موهي رهيو هو، جو غالباً بلڪل نئون هو ۽ غالباً سندس دوست کان تحفي طور رکيل هو! ڀلا سندس دوست ڪٿي ٿي برداشت ڪري سگهيو تہ سندس هڪ مالدار دوست ائين پراڻن جوتن کي ڪڙڪائيندو وتي ۽ سڀني واپارين کي راه ويندي بدنام ڪندو وتي! ڇا بہ هجي، ابوالقاسم، ڏاڍي پاٻوه سان جوتا پيرن ۾ وڌا، خوش ٿيو تہ نئين جوتي خريد ڪرڻ کان بچي ويو. ان طرح خوشيءَ وچان گهر روانو ٿيو.

جڏهين قاضي غسل ڪري ٻاهر نڪتو، تڏهن عجيب معاملو ڏٺائين. سندس ملازمن هيڏي هوڏي هٿ پير هڻڻ شروع ڪيا پر قاضيءَ جو جوتو نہ مليو سو نہ مليو! ان جي جاءِ تي، ابوالقاسم جو مشهور جوڙو نظر آيو. قاضي اهو ڏسي باه ٿي ويو. فوراً حڪم ڪيائين تہ ان احمق چور کي گرفتار ڪيو وڃي. نوڪرن ابوالقاسم کي سڀ سوڙو وڃي پڪڙيو. اها نئين جتي سندس پيرن ۾ پيل هئي. ڪيس آڻي جيل ۾

نظربند ڪيائون. قاضيءَ ڪي پتو هو تہ هي وڏو مالدار شخص آهي، ان ڪري مٿس ڏنڊ وڏو ويو، ڏنڊ بہ ايترو جيتري مان هوند جوتن جو دڪان خريد ڪري سگهي ها! ابوالقاسم ڏنڊ جي رقم پري ڏني ۽ پراڻو جوتو پائي ٽڏا شوڪارا پريندو اچي گهر نڪتو. ويني ويني، سوچي اٿيو، تہ نہ ڪا ڪيائين هَمَ نہ ڪا ٿَم! وجهندي هٿ جوتن کي دريءَ کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيائين- سندس گهر کان ٻاهران هڪ ندي وهندي هئي، جوتا وڃي ان ۾ ڪريا. ابوالقاسم شڪر ڪيو تہ نيٺ جوتن مان جند ڇٽي، هاڻي لاچار ڪا ٻي جتي وٺندس.

ٻہ چار ڏينهن گذر ٿيا، هڪ پيري ميربحرن مڇي ڦاسائيندي ڄار کي ڏاڍو ڳورو محسوس ڪيو. سمجهيائون تہ شايد ڪا وڏي مڇي ڦاٿي آهي! اڄا ڄار کي ڇڪي ڪيائون ٻاهر تہ سندن نگاه وڃي ڪنجوس جي جوتن تي پيئي. جوتي جي تري ۾ لوه جا نعل لڳل هئا، جي هن ڪنجوس جي بچت وارن معمولي طريقن مان هڪ جي نمائندگي ڪري رهيا هئا، تن ڄار کي هنٽئون هنٽئون ڦاڙي وڌو هو. ظاهر آهي، ميربحر ڏاڍا ڪاوڙيا. گپ ۾ پريل اهو بيهودو جوڙو ڪٽي، اچي ان دريءَ ۾ اڇلايائون، جا دري ابوالقاسم جي هئي. اهي بختاور جوتا پنهنجي مالڪ کان ٻن چئن ڏينهن جي جدائيءَ کان پوءِ هوا ۾ اڏرندي، خوشيءَ وچان ڦرندي، ابوالقاسم جي ان سينگاريل ميز تي اچي ٺڪاءُ ڪري ڪريا، جنهن ميز تي ڪنجوس عطر گلاب جون شيشيون سينگاري رکيون هيون، جي هن سستيون خريد ڪيون هيون ۽ عطر گلاب بہ نيلام ۾ ورتو هو ۽ ان کان سواءِ، معمولي تيل جي ملاوت ڪري هزار رپين جو مال تيار ڪيو هو. سندس جوتن سندس سارو سامان چو چور ڪري ڇڏيو. سارو عطر وهي ويو ۽ فرش تي شيشن جو ڍير ٿي ويو! هن اوچتي مصيبت ڏسندي، ڪنجوس کان دانهن نڪري ويئي. ”اوہ! هاءِ هاءِ... جوتا! وري بہ اچي پهتا! هي بدبخت مون کي اڃا ڪنهن ٻيءَ مصيبت ۾ ڦاسائيندا“.

آخر پاڻ کي پٽيندي، سَٽيندي، سوچيندي، هڪ تدبير تري آيس. ڪوڏر ڪٽي لڪندي ڇپندي آيو پنهنجي باغ ۾.خيال هوس تہ انهن کي هميشہ لاءِ دفن ڪري ڇڏي، پر سندس بدبختيءَ اتي بہ ڪيس نہ ڇڏيو. ٿيو

هيئن جو سندس پاڙيسريءَ هتي به نه ڇڏيو. هن اهو سڀ ڪجهه پئي ڏٺو. سجي ڪي ڏئي ڪونه، سائي ڪي سهي ڪونه. پاڙيسري هن سرمايه دار ڪنجوس احمق کان اڳيئي پريشان هو، ان سوچيو ته خدا نه ڪو پلائي ته ابوالقاسم کو خزانو پوري رهيو آهي. جو ته وٽس نوڪر چاڪر ته جام ئي آهن، ان هوندي به پاڻ پيو کوٽي ۽ کا شيءِ لکائي، سو ضرور خزانو هوندو، ان ۾ کو شڪ ناهي!

ڪنجوس جوتي کي دفن ڪري گهر آيو ۽ پاڙيسري، ڊڪندي ڊڪندي وڃي حاڪم وٽ پهتو ۽ ڪيس ڪنجوس جي ساري ماجرا ٻڌايائين. ابوالقاسم جي خلاف واردات تيار ٿي ته هر دفيني جو حقيقي مالڪ وقت جو حاڪم هوندو آهي. جو ته زمين ۽ ان ۾ جو ڪجهه به آهي، اهو سڀ حاڪم جو آهي. ڪنجوس کي حاڪم وٽ گهرايو ويو. جڏهن کانئس پڇا ڪئي وئي، تڏهن حيرت ۾ پئجي ويو-! چيائين ته ”مون ته پنهنجو جوتو دفن ڪيو آهي“. ان تي سيني متس کلڻ شروع ڪيو، ان کندي کان ابوالقاسم ڏاڍو لڄي ٿيو! سندس ان اقرار تي چوڻ لڳا، ڇا جرم جي اقرار کان پوءِ به انکار ٿو ڪرين! آخرڪار ڪيس سندس جرم جي سزا، ’دفن ٿيل خزاني‘ کي اڳيان رکي ٻڌائي وئي. جرمانه جي رقم جو انداز ٻڌي، ڪنجوس رڻڪهارڪو ٿي ويو. ڏنڊ ڏيئي جوتا ڪڇي وريو گهر.

گهر ڏانهن مايوس ۽ افسردو نموني ۾ قدم وڌائيندي، جوتن تي خوب لعنت ملامت ڪيائين. ساري واٽ ڪين گاريون ڏيندو آيو! پر اهو سوچي، ماٺ ٿي ويو ته هنن بدبختن مان آخر جند ڪيئن ڇڏائي؟ آخر هڪ تدبير سندس خيال ۾ آئي. تڪڙو تڪڙو سٽو ويو شهر کان ٻاهر تلاءُ تي- هيڏي هوڏي نهاري، جوتن جو جوڙو، پرُ ڪري وچ تلاءُ ۾ اڇلايائين. جوتن هوا ۾ ڦيرين ڪائيندي وڃي وچ تلاءُ ۾ ڦهڪو ڪيو. جڏهن جوتا نظر کان غائب ٿيا، تڏهن اطمينان جو ساهه کنيائين ۽ ڪنڌ هيٺ ڪري ڳٽيون پچائيندي آيو گهر.

پر بدبختيءَ سندس جند خلاص نه ڪئي! اڃا به ٽي ڏينهن خيرجا مَس گذريا ته ساري شهر ۾ هاهاڪار مچي ويئي. اهو تلاءُ دراصل شهر جي پاڻيءَ لاءِ هو. ان تلاءُ مان هڪ ننڍي نالي نڪرندي هئي، جا ساري

شهر کي پاڻيءَ پهچائيندي هئي. مڃاڻ ڪنجوس جو جوتو وڃي ناليءَ جي منهن ۾ ڦاٿو- پاڻيءَ جو ٽيپو بہ شهر ۾ نہ پهتو! حاڪم پنهنجا ڪاريگر ۽ ٽوبا موڪليا تہ هو وڃي جانچ ڪن تہ پاڻي ڇو نہ ٿو پهچي. مستري اچي ڏسن تہ مار! ناليءَ جي منهن تي ابوالقاسم جا جوتا پيا آهن. هنن جوتا ڪڍيا ۽ آڻي حاڪم وقت جي اڳيان ڦٽي ڪيائون. واردات ٿاهيائون تہ 'ابوالقاسم، ساري شهر جي آب رسانيءَ جو نظام خراب ڪيو آهي'. بہ ڏينهن سارو شهر پاڻيءَ کان محروم رهيو آهي. حڪم نڪتو- ابوالقاسم کي وري بہ هٿڪڙيون هڻي، وڃي جيل ۾ داخل ڪيائون. ڪيس هليو، هن ڀيري اڳ کان ڏهوڻو ڏنڊ وڌائون. ويچارو ڪري تہ ڪري بہ ڇا؟ ڏنڊ ڏيڻ کان سواءِ سندس لاءِ ٻي ڪا واه نہ هئي. هڙ خالي ڪري جند ڇڏايائين. هلندي ڪيس جوتا وسري ويا! خزانچيءَ مٿس لعنت ملامت ڪندي چيو: هي ڪنيو وڃ پنهنجا جوتا!

هاڻ تہ ڪنجوس لاءِ حد ويئي! ڪري تہ ڪري ڇا! ڪيس اچي ڳڻتيءَ واريو تہ مبادا ڪا ٻي نئين مصيبت نہ اچي ڪڙڪي، هنن بدبختن جو ڪو جلد علاج ڪجي! جوتا اچا تائين آلا هئا، سو ڪڻندي، ڪٺي پرسان واري ڇت تي رکيائين جيئن سُڪي پون ۽ ڪجهہ هلڪا ٿين. پاڙيسريءَ جي ڪتي جي نگاه وڃي هن عجيب غريب شيءِ تي پيئي. ٽپو ڏيئي اچي ڇت تي چڙهيو. وڃهندي وات جيئن هڪ پادر کي ڏونڊاڙو ڏنائين، تيئن ٻيو پادر هوا ۾ بولاٽيون کائيندو وڃي هيٺ هڪ راه ويندڙ عورت جي مٿي تي لڳو هڪ ڪنجوس جو جوتو مشهور ۽ ڳرو، بدبخت ۽ نياڳو، ٻيو مٿانهين تان ڪريو، عورت جو مٿو ڦاٽي پيو. عورت جو مڙس سڌو ويو حاڪم وٽ ۽ هن ڀيري بہ ڪنجوس کي پابجولان، حوالات ۾ وڃي بند ڪيائون. ڪنجوس تي وري بہ ڏنڊ وڌو ويو. گهڻو ئي پٽيائين ڪوهيائين پر وريو ڪجهہ بہ ڪين! ڏنڊ ڏئي آيو ٻاهر!

ان کان اڳ، جو ڪنجوس ڏنڊ ڏئي ٻاهر نڪري، ان روايت جي راوي ٻڌائي ٿو تہ عدالت گاه ۾، ابوالقاسم پنهنجن بدبخت جوتن کي ڏاڍي احتياط ۽ احترام سان هٿن ۾ کڻي قاضيءَ جي سامهون جليا، ۽ سُڏڪن ڀريندي، ڳوڙهن ڳاڙيندي نماڻائيءَ وچان ليلائي چيو: "اي قاضي

صاحب! هي جوتا، منهنجين مصيبتن جو اصل سبب آهن. هنن نامراد جوتن مون کي برباد ڪري ڇڏيو آهي.ڏنڊ ڀري ڀري سڃو ۽ ڪنگال ٿي ويو آهيان. منهنجي درخواست آهي تہ آئينده انهن جوتن جي نياڳ جي ڪري، جا بہ مصيبت پيدا ٿئي، 'جا ضرور اهي منحوس پيدا ڪندا' ان جو ذمہ دار مون کي نہ سمجهيو وڃي. مان بلڪل بي ڏوهي آهيان! هر مصيبت جو ذمہ دار، اهو جوتن جو نياڳو جوڙو آهي!"

هن ڪهاڻيءَ جو راوي پنهنجي خيال ۾، هن ڪهاڻيءَ کي ختم ڪندي چوي ٿو: "قاضي صاحب، ابوالقاسم جي هن ليلائڻ ۽ دليل بازيءَ جي ڪا بہ ترديد ڪري نہ سگهيو، پر ابوالقاسم کي ڏنڊن ڀرڻ کان پوءِ چڱيءَ طرح خبر پئي تہ اهي سڀ مصيبتون، جوتن کي نہ بدلائڻ جي ڪري نازل ٿيو آهن!"

مستشرق هائنرچ، هن ڪهاڻيءَ تي تبصرو ڪندي چوي ٿو:

"هڪ شخص جي زندگيءَ جي موڙي ۽ سندس سماجي شخصيت، سندس خط ۽ خال ۽ سندس اهو نقاب، جنهن ۾ سندس اندروني ڪردار لڪل آهي، اهو سڀ ڪجهہ ڪنجوس جي جوتن وانگر آهي".

اها تعبير ڪنهن حد تائين درست آهي. دراصل هن ڪهاڻيءَ ۾ ناگهان حادثن جو ممڪن الوقوع سلسلو ڏيکاريو ويو آهي ۽ ان سان گڏ استعجاب جي ڪيفيت ۾ شدت پيدا ڪئي ويئي آهي. باقي ابوالقاسم جو ڪردار ۽ سندس جوتن جو نياڳ- کي اهڙا معاشرتي قدر ۽ معيار رکي ٿو، جي ڪجهہ اخلاقي آهن ۽ ڪجهہ آدرشي. انهن جي تفصيلي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ، اسان جي موضوع کان ٻاهر آهي. فقط اهو چوڻ ڪافي ٿيندو تہ هن فن جي جامعيت ۽ اشاريت، زندگيءَ جي ترجمان آهي ۽ بس!

**لوڪ ڪهاڻين جي فني اهميت**

افسانوي ادب جي دائري ۾ لوڪ ڪهاڻين جي پڻ وڏي اهميت آهي. 'لوڪ ڪهاڻي' هڪ اهڙو فني موضوع آهي، جنهن تي دنيا جي سڀني علمي ۽ ادبي، تهذيبي ۽ ثقافتي ذخيرن ۾ محققانہ ۽ ناقدانہ نموني ۾ بحث ڪيو ويو آهي ۽ ان جي ڇنڊڇاڻ، تعريف ۽ تعارف تي ڪيئي ضخيم جلد لکيا ويا آهن.

لوڪ ڪهاڻي، انسان جي تدريجي ارتقاءَ جو هڪ داستان پارينہ آهي، جنهن جي مستعار ورتل ۽ خيالي منديل مانداڻ ۾ زندگيءَ جون جيئريون ۽ جاڳنديون حقيقتون ڳالهائيندي ۽ چرندي پُرندي نظر ٿيون اچن. انهن جي اخلاقي ۽ تهذيبي، ذهني ۽ شعري، مذهبي ۽ سماجي اڏمن ۽ ارادن، فيصلن ۽ نتيجن جو نقش، پنهنجن نفسياتي لاڙن سميت چٽو پٽو نظر اچي رهيو آهي. ان طرح انهن مان نڪتل دور رس نتيجا، اهل ذوق لاءِ عبرت انگيز ثابت ٿين ٿا.

انسان جي مطالعي جي سلسلي ۾ سندس ذهني نشونما مان پيدا ٿيل روايتون ۽ ڳالهيون، قصا ۽ ڪهاڻيون لطيفا ۽ ٽوٽڪا وڏيڪ اهميت رکن ٿا.

انسان ويچاري جي خيال زندگيءَ جي مختلف ۽ اڻانگن مسئلن ۾ ذهني تسڪين جي لاءِ فرضي ۽ افسانوي خيال آرائي ڪئي آهي، ان جو دستاويزي ثبوت لوڪ ڪهاڻين ۾ موجود آهي.

لوڪ ڪهاڻين جي فني اهميت متعلق سنڌ جي مشهور عالم ۽ محقق جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جنهن عرق ريزيءَ ۽ جدوجهد سان، عوامي خدمت ڪئي آهي، ان کان هر علم دوست چڱيءَ طرح واقف آهي. ڊاڪٽر صاحب خاص طرح سان سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين جي فني ۽ تهذيبي، سماجي ۽ اصلاحي اخلاقي ۽ ادبي حيثيت تي سير حاصل بحث ڪري بيش بها معلومات پيش ڪئي آهي، اها فن ۽ جامعيت جي لحاظ سان تحسين جي لائق آهي.

ڊاڪٽر صاحب سنڌي ادبي بورڊ جي لوڪ ادب اسڪيم جي سلسلي ۾ ڪئين ڪتاب لکيا آهن، جي ڇپجي چڪا آهن. ان سلسلي ۾ سندن هڪ تحرير "لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت" مهراڻ نمبر 1- 1963ع ۾ شايع ٿي آهي. اها تحرير سنڌي ادب ۾ پنهنجي افادي ۽ فڪري زاويہ نگاه سان نہ فقط انوکي آهي، پر انفرادي تحقيق جو بيش بها شاهڪار پڻ آهي. ڊاڪٽر صاحب جن هن موضوع تي انساني جذبات ۽ توهمات جي لاشعوري حيثيت ۾ ان مان پيدا ٿيل اعتقادات جي چنڊ ڇاڻ ڪري، انساني ذهن ۾ شعور جي تشڪيل ۽ تخليق جي گويا تاريخ مرتب ڪئي آهي، جا هن جديد دور ۾ پيدا ٿي چڪي آهي. ڊاڪٽر صاحب

جو اهو تحقيقي مقالو، جنن، پرين، ديون ۽ ڏائڻين جي ڪردارن ۾ پوشيده حقيقتن کي سمجهڻ لاءِ هڪ دانشمندانہ تمهيد آهي. ان طرح هي اهو وڪر آهي جو ڪڏهن بہ پراڻو نہ ٿو ٿئي. ڊاڪٽر صاحب لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت متعلق درياءَ کي ڪوزي ۾ بند ڪندي، جو بحث ڪيو آهي، ان جو هڪ اقتباس پيش ڪجي ٿو:

ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

”لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ ادب جو نهايت ئي اهم ڀاڱو آهن، ڇاڪاڻ جو نہ رڳو اهي لوڪ ادب جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو آهن، پر اهي نفسيات، توهمات ۽ ابتدائي اعتقادات جي آثارن جو آئينو آهن. هر انساني گروه جون لوڪ ڪهاڻيون، ان گره جي نڌيڻ جون وسريل يادگيريون آهن ۽ مجموعي طور سان مڙني قومن جون لوڪ ڪهاڻيون جڻ انسان ذات جي نڌيڻ واري دور جا داستان ۽ دستاويز آهن. علم الانسان جي ماهرن وٽ، ’لوڪ ادب‘ جي هن قديم ذخيري يعني تہ ’لوڪ ڪهاڻيون‘ جي وڏي اهميت آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي گهري مطالعي مان قدري انسان جي نفسياتي ۽ ذهني ارتقا جي تاريخ تي روشني پوي ٿي.

لوڪ ڪهاڻين ۾ انسان ذات جي ٻالاپڻ جا اهڃاڻ موجود آهن. عقل جي بلوغت ۽ جوانيءَ کان اڳ واري دور ۾ وهم ۽ وسوسا، سوڻ ۽ سنسا، منڊ ۽ منتر، سڳا ۽ ڏاڳا، ديو ۽ پريون جن ۽ ڏائڻيون، انسان جي ڪائنات جا اهم اساسا هئا ۽ انهن کي سندن عملي زندگيءَ ۾ وڏو دخل هو. جهڙيءَ طرح جهونن ڏڙن ۽ ڀڙن ۽ آڳاٽين تهذيبن ۽ تمدنن جا آثار محفوظ آهن، لوڪ ڪهاڻيون جڻ لفظن جي بيانن جي صورت ۾ جهونا کنڊر آهن، جن کي وَلڻ ۽ ويچارڻ سان، انسان جي آڳاٽن وهمن ۽ ويچارن، خوشين ۽ خوفن، مرادن ۽ مقصدن، حڪمتن ۽ حيلن ڪاميابين جي نوعن ۽ نمونن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

مجموعي طور سان، انسان ذات جي قديم نفسياتي تاثرات ۽ توهمات جي اهڃاڻن کان سواءِ، هر انساني گروهہ جي لوڪ ڪهاڻين ۾ ان گروه جي مخصوص پرمن ۽ وسوسن، رسمن ۽ ريتين، نفسياتي لاڙن ۽ سماجي رجحانن جا آڳاٽي ۾ آڳاٽا آثار ملن ٿا. اهي گهڻيون ڪهاڻيون

جڻ آڳاٽا کنڊر ۽ پڙاءُ ڏنب ۽ ڏڙا آهن، جن جي پسڻ ۽ پچارڻ سان اُن گروه جي ذهني نشونما جا نشان نظر اچن ٿا". (مهراڻ 1-1963ع)

ان مختصر اقتباس مان لوڪ ڪهاڻين جي فني حيثيت معلوم ٿئي ٿي.

اهي ئي لوڪ ڪهاڻيون آهن جي اوائل ۾ هر ماڻهوءَ پنهنجن وڏڙن کان ٻڌيون آهن. ٻاراڻي وهيءَ ۾ ذهني نشونما ۽ تربيت جي سلسلي ۾، هر ماڻهوءَ ان مڪتب فڪر مان ڪجهه نه ڪجهه ضرور پرايو آهي. لوڪ ڪهاڻين جي دلچسپيءَ ۽ دلڪشيءَ جي اهميت ڪندي، جڳ مشهور عالم، ٽيگور لکي ٿو:

"جڏهن ٻار ڳالهائڻ جي قابل ٿو ٿئي، تڏهن چوي ٿو 'ڪا ڳالهه ٻڌايو؟' ناني شروع ٿي ڪري 'هڪ دفعي جو ذڪر آهي، جو هڪڙو هو شهزادو، ان جو دوست هو وزيرزادو!' ليڪن سندس ان مشغلي کي اسڪول جو ماستر بند ڪري ٿو ڇڏي. ڪيس چوي ٿو: 'ٽِچونڪ ٻارنهن! بس اهو سِڪَ! اها هڪ حقيقت آهي ۽ شهزادي جي ڳالهه نسورو ڪوڙ آهي.' ليڪن اها تعليم ٻار کي متاثر نه ٿي ڪري، جو نه سندس روح نه ان اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڏٺل ڏيهه جي سير جي هيراڪ آهي، جتي شهزادي نيٺ ديوَ کي ماري وڌو آهي ۽ رياضيءَ ۾ ايترو پرواز آهي ڪٿي. جو اتي پهچي سگهي.

اسڪول ماستر، نانيءَ جون ڪهاڻيون ۽ دلپسند ڳالهيون نه بند ڪري ڇڏيون، ليڪن هو ان حقيقت کان بيخبر آهي ته ڳالهين ۽ ڪهاڻين جو اهو سلسلو نه جاري آهي، ڳالهه ڪٽڻ وارا پيا ڳالهيون ڪٽن! اعتراض ڪندڙ پلي پيا مٿو هڻن ته ڪهاڻيون ۽ ڳالهيون نه تاريخ ۾ آهن ئي ڪين! ان ڪري اهو سڀ ڪجهه ڪوڙ آهي. ان طرح ابتدائي تعليم کان وٺي، انتهائي تعليم تائين، اسڪول ۾ جو ڪجهه ٻار سان مٿو ڪپايو وڃي ٿو، سو سارو بيسود رهجي ٿو وڃي.

مگر ٻار جو اهو مطالبو ته "ڪا ڳالهه ٻڌايو؟" اڃا تائين جاري آهي.

تمام روءِ زمين تي هر هنڌ، هر گهر ۾ ڪٿي زباني، ڪٿي تحريري ڳالهين تي ڳالهيون تيار ٿي رهيون آهن. بيشڪ انسان جي

ساري ميراث ۾، سڀ کان زياده اگر ڪا دولت ملي ٿي ته پوءِ اها دولت آهي، ڪهاڻيون ۽ ڳالهيون.

ماڻهو اهو نه ٿا سوچين، ته ڪهاڻين جو بنائڻ ته خود خدا جو دلپسند ۽ بهترين مشغلو آهي. سو اول ته ان ڪان اها عادت ڇڏايو، پوءِ انسان کي سمجهايو.

هڪ ڀيري خالق اعظم، پنهنجي معروف دارالتجربه ۾، عناصرن ناهڻ جي تياري شروع ڪئي. ڪائنات ان وقت رڳو 'دونهون' هئي. جبلن کي ٺهن وانگر وڇايو ٿي ويو. معدنيات کي ان ۾ لڪايو ٿي ويو. ان وقت ان خالق اعظم جي اها حالت هئي جو اگر توهان ڏسو ها ته هوند چئي ڏيو ها ته واقعي اڄ منجهس عجيب شوق پيدا ٿيو آهي! ان طرح ان وقت جو ڪجهه چيو آڪيو، ان ۾ به لفظن ملن ٿا، مادو ۽ مادي!

پوءِ زندگيءَ جي شروعات جو زمانو آيو. گاهه پيدا ٿيو، وڻ ٽڻ ڦٽي نڪتا. سلا ايريا، گل ڦل ٿڙيا، پکي پکڻ، ڍنارو مال، مڇيون ۽ مانگر ظاهر ٿيا، ڪنهن آڪيرا ناهيا، ڪو پاڻيءَ ۾ ٽبي هٽي لڪي ويو، ڪو ساري زمين تي ٽڙي پکڙي ويو- ان طرح نسلن منجهان نسل پيدا ٿيندا آيا. صديون گذري ويون، تان جو ان هڪ ڏينهن تي، آدم بنايو. ان وقت خدا ڄڻ ته ڪجهه سائنسدان ٿي چڪو هو، ۽ ڪجهه انجنيئر! هاڻي ته هن حد ڪري ڇڏي!

هاڻي، هن انسان جي روح کي، ڪهاڻين جي ذريعي ڪولڻ شروع ڪيو. جانور سمجهندا هئا، ڪائيندا هئا، ٻچا پيدا ڪندا هئا. ليڪن آدم جو اولاد، جن حالتن مان گذري رهيو هو، اهو ڄڻ ته هڪ ڪهاڻي آهي! جذبات جو ٽڪرجڻ، فرد ۽ جماعت جي ڪشمڪش، جسم ۽ روح جي جنگ، درياءَ نالو آهي پاڻيءَ جي وهڪ جو، ته انسان سيلاب آهي ڪهاڻين جو! ٻه ماڻهو پاڻ ۾ ٿا ملن ته هڪ چئي ٿو ڏئي 'ڪهڙي خبر آهي؟' پوءِ ڇا ٿيو؟ اهي سوال ئي آهن زندگيءَ جو افسانو ۽ اها ئي آهي انسان جي تاريخ. انسان ويچارو نمونو آهي آرٽ جو، نه ان جي ترڪيب مشيني آهي ۽ نه اخلاقي، فقط تخيل ئي آهي. ان جا همدرد صداقت تي پردي وجهڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، پر ڪامياب نه ٿا ٿين. معلم ۽ اخلاق جا رهبر منع ڪندا رهن ٿا، پر ڪهاڻين جو دفتر اڃا پيو لکجي.

## داستان گوئيءَ جو فن

ڪهاڻيءَ جي فن ۾ داستان به شمار ڪيو ويو آهي. ائين ڪٿي چئجي ته ذري گهٽ ٻئي مترادف آهن ته ان ۾ شڪ نه ڪرڻ گهرجي. داستان ڪڏهن نهيا، ان جي پوري تاريخ ڪي متعين ڪري نه ٿو سگهجي. اگر ائين چئجي ته داستان جي عمر ۽ بالغ ۽ باشعور انسان جي عمر ساڳي آهي ته پوءِ ان ۾ ڪوبه مبالغو سمجهڻ نه گهرجي. داستان سان وري به اگر ڪا صنف، معاصر هجڻ جي دعويٰ ڪري سگهي ٿي ته پوءِ اها آهي شاعري، نه ته ٻين سيني صنفن کان هيءَ صنف عمر ۾ جهوني آهي.

داستان ۾ ڇا آهي؟ اهو به هڪ سوال آهي ان جو جواب اهو ڏنو ويو آهي ته داستان ۾ استعاري ۽ ڪنائي ۾، فرضي ڪردارن کان فرضي ماحول ۾ مافوق الفطرت جاندارن کان، اهڙا ته عجيب غريب کيل ڪرايا ويا آهن، جن جي پس منظر ۾ ان دور جي تهذيب ۽ تمدن جو حقيقي نقشو اڀري ٿو اچي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو هن فن جا ناقد ۽ محقق، داستان کي تاريخ نه ته به نيم تاريخي حيثيت ڏئي چڪا آهن. انهن فرضي داستان ۾، تاريخ جي ڪا به سَنَدَ ڪانهي. بادشاه ۽ وزير به فرضي، شهزادا ۽ شهزاديون به فرضي، جن ۽ ديو به فرضي- پر سندن ڪارناما اهي آهن، جي هوند ڳولجن ته انسان جي زندگيءَ ۾ زنده ملي سگهن!

داستان کي شاعريءَ سان هن آهنگ ۽ هم رنگ ثابت ڪندي ڪيترن محققن چيو آهي ته ٻنهي جي بنياد ۾ تخيل ۽ تصور آهن. ان ڪري نه شاعري ڪا بري چيز آهي ۽ نه داستان ئي ڪو اڇوت فن آهي. ٻنهي جو گذربسر تخيلات ۽ تصورات جي عالم ۾ ٿئي ٿو. فرق هي آهي ته شاعري، خلوت ۽ جلوت، بزم ۽ رزم، ٻنهي ۾ اثر انگيز ۽ روح پرور آهي، پر داستان لاءِ هڪ خاص ماحول گهرجي. ان جي پيچ- گهڙ، ان جي ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ جا ڪي خاص آداب آهن. داستان گو، فصيح ۽ بليغ هجي، رات جو سناٽو هجي، چوڏاري خاموشي ڇانيل هجي، پڪي پڪڻ وجي آرامي ٿيا هجن، ماڻهو سارو ڏينهن پورهيو ڪري ٿڪجي ٽٽجي اچي گڏ ٿيا هجن، اتي کنگهڪار ڪري، داستان گو جڏهن چوندو آهي:

”هڪڙو هو بادشاه. بادشاه پاڻ الله آهي، پر هو زماني جو بادشاه هو. هڪڙي ڏينهن باغ ۾ اوندي منجي ڪري وجي وينو“.

انهن لفظن ۾ ۽ انهن جي پيش ڪرڻ جي انداز ۾ جا لذت ۽ جاذبيت آهي، ان ڪان محفوظ تہ اهي ئي تي سگهن ٿا، جن ڪڏهن ڪا اهڙي محفل ڏٺي هوندي! رات وهامي ويندي. ڪڪڙ دسن تي دس پيا هڻندا، مجال جو ڪو ماڻهو محفل ۾ چري پري سگهي. هرڪو پنڊ پاهڻ ٿيو همہ تن گوش بنيو وينو هوندو! داستانن ۾ هوندو ڇا؟ اهي ئي پنهنجن ڏکن ۽ ڏولاون جو ڳالهيون؛ بادشاه ۽ وزير بہ پاڻ، تہ شهزادو ۽ ديو بہ پاڻ!

انهن داستانن ۾ عبرت ۽ حيرت آهي، فصاحت ۽ بلاغت آهي، تخيل ۽ تصور آهي، تلاش ۽ جستجو آهي، طلب ۽ آرزو آهي، زبان ۽ بيان جي رنگيني ۽ شيريني آهي، اخلاقي ۽ آدرشي پهلو آهن، زندگيءَ جا سنوارينڊڙ ۽ سينگارينڊڙ قدر ۽ معيار آهن. بهرحال، جنن ۽ پرين ۽ پوتن ۽ ديون، بادشاهن ۽ وزيرن جي قالب ۾ اسان ۽ اوهان جو گڏيل روح بند ٿيل آهي، انهن جي پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو اثر، جادوءَ کان بہ وڌيڪ آهي.

ذوق اين مئي نہ شناسي، بہ خدا تا نہ چشي!

مشهور داستانن ۾ چندر ڪانتا، طلسم هوشربا، الف ليلہ، داستان امير حمزه، حاتم طائي، چار درويش، گل خندان، ممتاز دمساز، گل بڪاولي، مهربانو، بهرام گور، وغيره شمار ڪيا ويا آهن.

اهي اصل ڪتاب سنسڪرت، هندي، اردو، عربي ۽ فارسيءَ ۾ آهن، پر انهن جو ترجمو، دنيا جي سڀني علمي زبانن ۾ موجود آهي. شڪر آهي جو انهن سڀني جو سنڌيءَ ۾ ترجمو پڻ ٿيل آهي. اهي ترجما، ڏاڍا لذيذ، شيرين، تفريحي ۽ تبليغي آهن. اهي ڇاپا، پوڪرداس ۽ هريسنگ سکر وارن ڇپايا هئا. اڄ نہ اهي وڻ آهن واهيرا! نہ ناشر رهيا آهن نہ سندن ڪتاب! رهي نام الله ڪا!

ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، جو اهي سڀ داستان، سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام سان وري ڇپايا وڃن! اسان هت انهن داستانن جي تعريف ۽ تاريخ

جو بحث ڇيڙڻ مناسب نہ ٿا سمجهون. اسان جو مقصد فقط انهن جي مختصر فني موضوع سان آهي، جو پيش ڪيو ويو.

## افساني ۽ ڪهاڻيءَ ۾ فرق

افساني ۽ ڪهاڻيءَ جي فني ڇنڊڇاڻ ۽ تعارف کان پوءِ اهو مسئلو پيدا ٿئي ٿو تہ ٻنهي ۾ ڪهڙو فرق ٿي سگهي ٿو ۽ اهي ڪهڙا فني اصول ۽ اجزا آهن، جن جي هجڻ ڪري ٻنهي ۾ يگانگت پيدا ٿي آهي.

حقيقت اها آهي تہ ڪهاڻي ئي افساني جو بنياد آهي ۽ ڪهاڻي ئي آهي، جا پنهنجو روپ بدلائي، افساني جي لباس ۾ پيدا ٿي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ عام طرح سان ڪهاڻيءَ ۽ افساني ۾ ڪو بہ فرق ڪيو نہ ٿو وڃي، ايتري قدر جو ڪيترا قابل قدر فنڪار ٻنهي کي مترادف سمجهن ٿا.

بنيادي ڳالهہ اها آهي تہ ڪهاڻي مان مراد آهي دلچسپ واقعات جو سلسلو، پوءِ اهو سلسلو ناول جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي يا ڊرامي جي شڪل ۾ لکيو وڃي يا افساني جي انداز ۾ مرتب ڪيو وڃي.

ٻيو تہ هي بہ ياد رکڻ جهڙي ڳالهہ آهي تہ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ ان وقت تو تيار ٿئي، جڏهن واقعات ۾ ڪو منطقي رشتو تو پيدا ٿئي ۽ انهن ۾ ڪنهن بہ انتشار جو امڪان نہ ٿو رهي.

ان کان پوءِ افساني جي فني حيثيت اڳيان ٿي اچي. هي لفظ اسان وٽ اوائل ۾ داستان ۽ ڪهاڻيءَ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيو آهي. پوءِ پلي تہ ڪهاڻي وڏي هجي يا ننڍي هجي. ان جي ڪري ڪو بہ فرق نہ ٿو ٿئي. مثلاً اردوءَ ۾ 'فسانہ آزاد' آهي، جو اصل ۾ هڪ ناول آهي، پر ان کي افسانو ئي چيو ويو آهي. ممڪن آهي تہ سنڌي ادب ۾ بہ ڪي اوائلي دور ۾ اهڙا مثال پيدا ٿيا هجن، جن لاءِ پڪ سان چئي نہ ٿو سگهجي.

اهو نمونو اڄ کان 50- 60 سال اڳ کان قائم رهندو آيو آهي، پر پهرين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ افسانو 'شارٽ سٽوريءَ' لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. ان طرح اهو سيڪجهہ مغربي اثر کان ٿيو ۽ ان کان پوءِ

افسانې کي هڪ جداگانہ صنف ڪري تسليم ڪيو ويو، جنهن جا اصول، ناول ۽ داستان کان ڪجهہ مختلف رٿيا ويا.

هاڻي ان بحث جو ٻيو پهلو اهو ٿو پيدا ٿئي تہ آخر افسانو آهي ڇا؟

عملي طرح سان جنهن بہ چيز جي تعريف ڪئي ويندي آهي تہ ان مان مطلب فقط اهو هوندو آهي تہ ان چيز جي وصف ۽ مفهوم کي سميٽي محدوم ڪري سگهجي ۽ ڪيس ٻين چيزن کان ڪجهہ وٿيرڪو ڪري سگهجي ۽ ان جي فن جي دنيا ۾ ڪا حدبندي ڪري سگهجي.

ڪيترن نقادن جو چوڻ آهي تہ افساني تي فني خيال ۽ هيئت جي اعتبار کان اجا پوريءَ سنجيدگيءَ سان ڪو غور ئي نہ ڪيو ويو آهي. ان جي مقابلي ۾ وري بہ مغرب ۾ افساني جي هيئت کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

پر سچي ڳالهہ اها آهي تہ افساني جي اجا تائين ڪا عملي ۽ فني تعريف نہ ٿي سگهي آهي، جنهن ۾ افساني جي فني ۽ نظري مسئلن کي سميٽيو ويو هجي.

اهو ساڳيو حال اسان وٽ ناول جو بہ آهي. ناول جي اهڙي تہ مٽي خراب ڪئي ويئي آهي جو هاڻي جي نقادن اها واويلا مچائڻ شروع ڪئي آهي تہ اسان وٽ 'ناول مري چڪو آهي'- انهن جي جواب ۾ فرينچ محققن جو اهو قول دهرايو پيو وڃي تہ "ناول مئو ناهي، ڇو تہ ناول اجا پيدا ئي نہ ٿيو آهي. يعني ناول اجا تائين اها هيئت پيدا ڪري نہ سگهيو آهي، جنهن جا ڪي اصول مرتب ڪري سگهجن".

ناول جي عمر ٻن صدين کان بہ وڌيڪ آهي. ان سلسلي ۾ اڄ تائين هزارين نہ پر لکين ناول لکيا ويا آهن. ان جي مقابلي ۾ افسانو تہ اجا ٻار آهي، ان جي عمر 75 سال کن مس ٿيندي، جو ڪهاڻيءَ جي ڪُک مان ڄائو آهي. ان طرح ادبي دنيا ۾ افساني کي آئي اجا چاليهارو سال کن مس گذريا آهن. ان ڪري ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ ناهي تہ ان جا بنيادي اصول نہ ڪو اجا تائين وضع ڪيا ويا آهن ۽ نہ ڪو واضع ڪيا ويندا.

ان سلسلي ۾ ڪن ناقدن تہ ائين بہ چوڻ شروع ڪيو آهي تہ افساني جا بنيادي اصول نہ ڪو وضع ڪري سگهبا ۽ نہ ڪو مرتب

ڪري سگهجن ٿا ۽ نہ ڪو واضع ڪرڻ گهرجن. هيءَ ادب ۽ فن جي هڪ آزاد صنف آهي، ان لاءِ اهو ئي بهتر آهي تہ ان کي آزاد ڇڏي ڏجي ۽ افسانہ نگار تي ڇڏي ڏجي تہ هو پنهنجا اصول پاڻ وضع ڪري ۽ ڪنهن بہ خاص روايت ۽ اصول جي پابندي نہ ڪري. اها راءِ ڪيتريقدر درست آهي، ان متعلق تہ اجا ڪجهہ بہ چئي نہ ٿو سگهجي. پر ڏسڻ ۾ تہ اهو ئي آيو آهي تہ اڄ تائين ائين ئي ٿيندو آيو آهي. هر افسانو اسان کي آزاد نظر پيو اچي ۽ هر افسانہ نگار جا اصول پنهنجا آهن.

مثلاً ڪي افسانا اهڙا آهن، جي پنجاه سٺ صفحا تي وڃن ٿا تہ ڪي هڪ بہ صفحن تي مس مشتمل نظر ايندا. ان طرح مزي جي ڳالهہ اها بہ آهي تہ پنجاه سٺ صفحن واري افساني کي سڏجي ٿو مختصر افسانو يا طويل مختصر افسانو!

چوڻ وارا تہ ائين بہ چئي ٿا وجن تہ اهي ٻئي چيزون جدا جدا آهن، انهن ٻنهي جا پنهنجا پنهنجا اصول آهن. پر عملاً ڏسڻ ۾ ائين ٿو اچي تہ اهو سيڪجهہ افسانہ نگار جي پنهنجي مقصد تي ڇڏيل آهي، چاهي تہ هو پنهنجي افساني کي مختصر افسانو سڏي ۽ چاهي تہ ان کي طويل مختصر افسانو سڏي يا ان کي ئي مختصر ناول سڏي! سندس اختيار ۾ آهي!

بهرحال، اڄ تائين ڪنهن بہ نقاد ۽ افسانہ نگار اهڙي جامع تعريف نہ پيش ڪئي آهي، جا سيني قسمن جي افسانن تي حاوي ڪري سگهجي.

اگر ڪنهن هڪ اڌ تعريف کي قبول ڪنداسون تہ پوءِ افسانن جا دفترن جا دفتر رد ڪرڻا پوندا. پر جي هر قسم جي افسانن جو احترام ڪنداسون تہ پوءِ افساني جا اصول مرتب ڪري نہ سگهنداسون.

مثلاً مختلف ناقدن جا بہ تي مثال ڏسي سگهجن ٿا:

هڪ گروه جي راءِ آهي تہ افساني ۾ فقط دلچسپ ۽ تفريح پيدا ڪندڙ ڳالهيون آڻڻ گهرجن. جيئن، هر ذهن ۽ معيار جا ماڻهو ڪجهہ لطف اندوز ٿي سگهن.

ان ڪري پهريون شرط اهو وضح ٿيو تہ افسانہ نگار کي اول ڪهاڻيءَ جي فن تي عبور حاصل ڪرڻ گهرجي ۽ گهٽيءَ حد تائين ڪيس

داستان گو ٿيڻ گهرجي، جيئن پڙهندڙن جو ذهن شروع کان آخر تائين دلچسپي محسوس ڪري سگهي. ان سلسلي ۾ ڊڪنز ۽ اسڪاٽ، راشد الخيري ۽ پريمچند جا نالا وٺي سگهجن ٿا.

مطلب ته اهڙن افسانن لاءِ داستان گو ٿيڻ جو فن پهريون شرط آهي. ليڪن ان صورت ۾ چيخوف جهڙي افسانه نگاري لاءِ ڪهڙي راءِ قائم ڪري سگهنداسون ۽ جيستائين سندس فن جو تعلق آهي، چيخوف ان فن جو بادشاهه آهي، جنهن اهڙيون ڪهاڻيون به لکيون آهن، جن کان ساده لوح ان پڙهيل ماڻهو به لطف اندوز ٿي سگهيا آهن، پر ٻئي طرف اهڙيون ڪهاڻيون به لکيون اٿس، جن ۾ ڪا به اهڙي ڳالهه نه آئي آهي جنهن ۾ ڪو واقعو بيان ٿيل هجي! ان تضاد جو ڪهڙو علاج آهي.

ٻيو ته افسانن ۾ ڪي ڳالهيون اهڙيون به تفصيل سان بيان ٿين ٿيون، جن ۾ بذات خود ڪا به تفريح ۽ وندر ڪا نه هوندي آهي. ڪن وقتن تي مورڳو اهو تفصيل بلڪل بي رنگ ۽ بي ڍنگ پيو لڳندو آهي. نه پڙهندڙ جي ذهن ۾ ڪا چيز يادگيريءَ طور محفوظ ٿيندي آهي ۽ نه ڪيس ڪو حظ ۽ سرور ئي پهچندو آهي. باوجود ان جي، ان تفصيل سان ئي افساني جي تشڪيل ۽ تڪميل ٿئي ٿي.

اهڙن افسانن کي اگر ڪهاڻي سڏجي ته پوءِ اها فن سان زيادتي بي انصافي ٿيندي.

چيخوف کان به اڳتي وڌي اگر انگيزي ادب تي نگاهه ڪبي ته پوءِ ان ۾ اهڙا ڪيئي شاهڪار افسانا اهڙا به ملن ٿا، جن ۾ واقعات آهن ئي ڪونه! انهن ۾ جذبات ۽ محسوسات کانسواءِ ڪهاڻيءَ جي ڪا به چيز موجود نظر نه ٿي اچي. ان حالت ۾ اگر ڪهاڻيءَ افساني کي فني لحاظ سان مترادف قرار ڏجي ته پوءِ اڄڪلهه جا هزارين افسانا دفتر داخل ٿي ويندا.

نقادن جو ٻيو گروهه اهو آهي، جو ماپاسان جو مقلد آهي. اتفاق اهڙو بڻيو آهي جو موپاسان جي افسانن توڙي هيئت ۽ اسلوب جي تقليد ۾ اهڙا معمولي افسانا لکيا ويا آهن، جن کي فقط عام ماڻهو ئي پسند ڪري چڪا آهن. ان ڪري، هڪ گروهه وٽ افساني جي مثالي صورت اها

وجي بيٺي آهي جا موپاسان جي انهن ترجمن تي مشتمل آهي، جي ترجما فني طور غلط نموني ۾ پيدا ڪيا ويا آهن.

جا چيز ضروري آهي، اها آهي پلاٽ- يعني افسانہ نگار ڪي قصي ٻڌائڻ جو ڍنگ اچڻ گهرجي ۽ اهو بہ هڪ خاص انداز سان. انداز اهو آهي تہ سڀ واقعات پنهنجي پنهنجي جاءِ تي دلچسپ هجڻ گهرجن ۽ ان سان گڏ انهن جي وچ ۾ ڪو منطقي رشتو پڻ قائم هئڻ گهرجي، جيئن پڙهندڙن حيرت ۾ ٻڏي وڃي! ان نظريہ موجب نہ صرف ڪهاڻي، پر ان سان گڏ خود پلاٽ بہ افساني جو عنصر بڻجي ٿو وڃي ۽ ان طرح پلاٽ سان گڏ اهي سڀ شرط پڻ ضروري ۽ لازمي ٿي ٿا وڃن، جن تي پلاٽ جي خوبين جو مدار ٿو رهي. اهو ظاهر آهي تہ واقعات ۾ جيترو منطقي ربط زياده هوندو، پلاٽ بہ اوتروئي دلڪش ۽ دلچسپ ٿيندو.

بلڪل ان طرح سان ڪلاسيڪي ڊرامي جا اصول بہ افساني ۾ ڪارآمد ثابت ٿي سگهندا، يعني زمان جي وحدت، مڪان جي وحدت ۽ عمل جي وحدت. هونءَ تي عام طرح سان اهڙا افسانہ بہ ملي سگهن ٿا، جن ۾ ڪابہ وحدت موجود ڪانہ آهي. ان سان گڏ اهي بہ معياري افسانا ڪري شمار ڪيا ويا آهن. پر جڏهن تہ افسانو نسبتاً مختصر تخليق آهي، ان ڪري عموماً افسانہ نگار ڪي انهن وحدتن جي ذريعي سان آساني حاصل رهي ٿي. وحدت زمان ۽ وحدت مڪان، تہ بهرحال اهڙيون چيزون آهن، جن ڪي پلاٽ جي آڏار تي لکندڙ افسانہ نگار نظر انداز ڪري سگهي ٿو، پر وحدت عمل ڪان سواءِ افساني ڪي سنڀالڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، جو تہ افساني جي مختصر صنف ۾ ايتري وسعت ڪانہ آهي جو ان ۾ ڪيئي ڪهاڻيون گڏ هلائي سگهجن ۽ وڏي ڳالهہ تہ ڪنهن چڱي انداز ۾ ختم بہ ٿي سگهن. اهو ئي ڪارڻ آهي جو عام طرح سان، افسانن ۾ وحدت خيال ڪان وڌيڪ وحدت عمل جو گهڻو اونو رکيو ويندو آهي. پر جن افسانن جو مدار ڪهاڻيءَ يا پلاٽ تي نہ ٿو ٿئي، اتي وحدت مڪان ۽ وحدت زمان جهڙيون چيزون لازم ٿي وڃن ٿيون. هونءَ تہ عام طرح سان افسانہ نگار، ان اصول ڪي بہ نظرانداز ڪري چڪا آهن، پر هت صرف هڪ عام رجحان جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

هينئر تائين فقط اهو بحث ڪيو ويو آهي تہ پلاٽ، افساني لاءِ ضروري چيز آهي، پر اڄڪلهہ جا ڪيترا اهل ذوق ۽ نقاد، ان اصول موجب لکيل افسانن کان بہ شاڪي آهن. حالانڪ سندن شڪايت بلڪل غير عملي ۽ غير فني آهي. دنيا جا ڪيئي عظيم افسانہ ان اصول مطابق ئي لکيا ويا آهن، البت ايترو ضرور چئبو تہ اصول هروڀرو قانون ڪري اختيار ڪري نہ ٿو سگهجي. ٻيا تہ ٺهيو، خود موپاسان جي ڪن افسانن ۾ پڻ ان اصول جو خيال نہ رکيو ويو آهي. ان طرح خود چيخوف جا ڪيئين افسانا، بلڪ گهڻا افسانا ان اصول کان قطعاً آزاد آهن. لهذا اهو نظريو بہ افساني ۽ ڪهاڻيءَ کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ڪا بہ عملي حيثيت نہ ٿو رکي.

انهن کان پوءِ هڪ بلڪل الڳ نظريو پڻ سامهون ٿو اچي. ان نظريہ موجب، نثري ادب ۾ افساني جي اها حيثيت آهي جا شاعريءَ ۾ غنائيہ ڪلام جي آهي. مطلب اهو آهي تہ، افساني ۾ نہ ڪهاڻي هئڻ گهرجي ۽ نہ ڪو پلاٽ جي ضرورت آهي! اگر ڪهاڻيءَ جي عنصر تي زور ڏنو ويندو تہ پوءِ ان نظريہ موجب، چون ٿا تہ افساني ۾ ابتذال پيدا ٿي ويندو. ان جي خلاف افساني ۾ هڪ واحد تاثر جو هئڻ ضروري آهي، جهڙو، ڪنهن غنائيہ نظم ۾ ٿئي ٿو، يا جهڙو غزل جي هڪ شعر ۾ رهي ٿو.

ان پوري بحث تي راءِ ظاهر ڪندي، ملڪ جو مشهور نقاد، حسن عسڪري لکي ٿو: ”هڪ مشڪلات اهڙي پيدا ٿئي ٿي، جنهن جو ڪو حل ئي ڪونہ آهي. اگر ان نظريي کي تا قبول ڪريون تہ پوءِ چيخوف کان اڳ وارا سڀ افسانا ۽ ان کان پوءِ وارا سوين عظيم افسانا، افسانوي برادري مان خارج ڪرڻا پوندا. افساني ۾ ڪهاڻيءَ کي استعمال ڪرڻ کي مبتذل قرار ڏيڻ، هڪ قسم جي تنگ نظري آهي. ان حساب سان تہ شيڪسپيئر جا ڊراما بہ سطحي ۽ عاميانہ چئي سگهجن ٿا. توري عاميانہ عنصر کان سواءِ، جاندار ادب ڪڏهن بہ پيدا ٿي نہ ٿو سگهي. جي افسانا، واقعات ۽ ڪهاڻيءَ يا پلاٽ کان سواءِ لکيا ويا آهن، انهن مان ڪيترا بيشڪ قدر جي لائق آهن، پر ڪيترا تہ اهڙا بہ آهن جي واقعي

عظيم افسانا چئي سگهجن ٿا. پر اسان انهن افسانن کي به رد ڪري نه ٿا سگهون. جي پلاٽ جي هوندي به عظيم افسانا چئي سگهجن ٿا".

(افسانه - ماه نو ڪراچي، جون 1956ع)

افساني متعلق چند علمي نظريات جي مطالعي کان پوءِ ائين ٿي ڇوٽو ٿو پوي ته هر ڪنهن لکڻ واري کي اهو حق حاصل آهي ته هو پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ڪي اصول وضع ڪري. پر اهو ڪڏهن به درست به چئبو ته ڪو فنڪار بين اصولن تي لڪيل فن رد ڪري ڇڏي. ائين ڪرڻ علمي چيز نه چئبي.

هن هيتري طول طويل بحث ڪرڻ مان اهو مطلب آهي ته افسانو پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ عجيب غريب چيز آهي، جنهن کي ادب ۾ هڪ جدا صنف ته مڃيو ويو آهي، پر ان جي بنيادي اصولن کي اڃا تائين طئي نه ڪيو ويو آهي.

جن فنڪارن ڪي اصول وضح ڪيا آهن، تن گويا افسانن جي ڪيترن عظيم مثالن کي رد ڪرڻ جي فتويٰ ڏني آهي.

انهن سڀني نظرياتي اصولن کي نظرانداز ڪري، اگر غور ڪبو ته پوءِ معلوم ٿيندو ته افساني ۽ ڪهاڻيءَ ۾ ڪجهه نه ڪجهه تعلق ضرور آهي. ان ڪري ڪڏهن ڪڏهن ڪهاڻيءَ کي افسانو سڏجي ٿو، ته ڪڏهن ڪڏهن افساني مان ڪهاڻيءَ جو عنصر غائب هوندو آهي. بهرحال افسانه نگار کي تجربي جي پوري آزادي حاصل آهي. ان تي ڪي به فني ۽ اصولي پابنديون ڪين آهن. اگر ائين چئجي ته زياده درست رهندو، ته اها آزادي ئي افسانوي فن جو روح آهي.

## نئين افساني جو فني پس منظر

اسان جو هي علمي ۽ فني بحث، ائين غير مڪمل رهجي ويندو، اگر هن دور جي نئين افساني متعلق ڪا مختصر ڳالهه ٻولهه نه ڪنداسون.

اسان وٽ افسانو پنجاه سالن کان شروع ٿيو آهي. ان دور ۾ ڪيئي گرم سرد زمانا مٿس گذري چڪا آهن. اسان جي ماحول ۽ ان جي گوناگون زندگيءَ جي عڪاسي ۽ ترجماني ڪندي جي افسانوي مثال پيدا ٿيا آهن، انهن ۾ ڪجهه تلخي زياده آهي، ڇا لاءِ ته پس مانده معاشري

۾ فقط بک ۽ بدحالي کان سواءِ ٻيو ڪو موضوع ئي ليکڪن کي نہ مليو آهي. انهن تجربن هلندي مغرب پار کان نئون فن آيو، جنهن جي نئين نئين نفاست ۽ نزاڪت کان اسان جا ليکڪ ۽ اسان جو فن، متاثر رهڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا.

ان سلسلي ۾ 'نئون افسانو' جيئن زندگيءَ جو ترجمان ۽ مصور رهيو، تيئن فني حيثيت سان بہ لطيف ۽ دلنشين ٿيندو آيو. اڄ اهو فن تمام مٿاهون مقام حاصل ڪري چڪو آهي.

هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي تہ فن تہ بهرحال فن ئي آهي، پر اهو نئون فن ڪهڙي بلا آهي؟ اها نئين ۽ پراڻي فن جي تميز ڇو؟ انهن ۾ اهو فرق ڇو آندو ويو آهي؟ ان جو مختصر جواب اهو آهي تہ زندگي ۽ ان جا قدر ۽ معيار، مطالبا ۽ حقائق سڀ نوان ٿي چڪا آهن، ان ڪري انهن جي ترجماني ڪندڙ فن کي رعايتاً نئون فن سڏڻ ڪو گناه ناهي. جڏهن تہ فن ۽ زندگي جو پاڻ ۾ ابدي ۽ لازوال پيوند آهي، ان ڪري جهڙي زندگي هوندي اهڙوئي فن هوندو. اهو نئون فن بهرحال نئين زندگيءَ پيدا ڪيو آهي. اها حڪايت اگرچ طويل آهي، پر آهي لذيذ.

اهو تہ سڀ مڃي چڪا آهن تہ هيءَ صدي هنگامہ خيز بہ رهي آهي ۽ ولولہ انگيز بہ رهي آهي. واقعات ۽ تحريڪات، ايجادات ۽ انڪشافات جي دنيا ۾ هيءَ صدي جيتري برق رفتار رهي آهي، ان جو مثال انساني تاريخ ۾ ملي نہ ٿو سگهي. نوان نوان نظريا آيا، نوان مسئلا پيدا ٿيا، نيون تحريڪون پيدا ٿيون، ڪيتريون پراڻيون چيزون مري چڪيون، صدين جا فيصلا اک ڇنڀ ۾ بدلجي ويا، سون ورهين وارا معاشرتي اصول زير زبر ٿي ويا. معلومات ۽ عقيدي جي دنيا ۾ ڪيئي زلزلا آيا. نين چيزن اچي پراڻين چيزن جي جاءِ سنڀالي ورتي. انساني غور و فڪر جي دنيا ۾ هنگامہ خيز انقلاب آيا، ۽ قدرت جي اٽل قانون تائين بہ انسان رسائي حاصل ڪئي آهي. اڄ سج ۽ چنڊ انسان جي فڪر و نظر لاءِ شڪار گاه بنجي چڪا آهن. انسان اڄ خلا ۽ فضا ۾ ائين قدم زن ٿيو آهي، ڄڻ تہ سڪيءَ تي پيو هلي! دنيا ڄڻ تہ ڪنهن نئين نظام لاءِ بيقرار ٿي چڪي آهي! هن ويهين صديءَ جي شروعات ئي واقعات جي هيجان ۽ تسلسل سان ٿي آهي. سياست، معاشرت، معيشت، صنعت،

علم ۽ فڪر، فلسفي ۽ سائنس. بهرحال هر چيز دنيا جي اڳيان اهڙيون نيون چيزون آنديون آهن، جن انسان کان سڪون کسي ورتو آهي. انسان بيقرار ٿي چڪو آهي ۽ اڳئين سڪون آميز ۽ خاموش زندگيءَ ۾ زلزلہ انگيز انتشار پيدا ٿيو آهي. اڄ ساري دنيا ان انتشار ۽ اضطراب جي گرفت ۾ قابو ٿي چڪي آهي.

اول اول انقلاب آيا، پوءِ سياست ۾ انتشار پيدا ٿيو. جمهور پسند زمانو آيو، ان جي پويان معاشي انقلاب آيو، صنعتي انقلاب آيو، مشيني انقلاب آيو. هينئر سائنسي ۽ ايٽمي دور ۾ انسان وڪ وڌائي رهيو آهي. اهي انقلاب ڪي فڪر انگيز رهيا ۽ ڪي خونريز ثابت ٿيا. بهرحال انسان هر دائري مان نڪرندو رهيو آهي، وڌندو رهيو آهي، ۽ اڃا وڌڻ لاءِ پَرَ ساهي رهيو آهي. انساني اجتماعي نظام ۾ مختلف طبقات ۽ سندن حقن لاءِ جدوجهد ڪئي وئي آهي. مزدور ۽ هاري، هنرمند ۽ ڪاسبي، صناع ۽ واپاري، مالڪ ۽ مملوڪ جا فرق پيدا ڪيا ويا آهن. انهن جي معاشي معاشرتي زندگيءَ ۾ ان جي حقن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. ان سلسلي ۾ ڪي مزدورن جون تحريڪون پيدا ٿيون آهن تہ ڪي اشتراڪي فڪر و نظر جا مبلغ پيدا ٿيا آهن؛ ڪي قومي زندگيءَ جا پارکو ۽ محافظ جاڳيا آهن. بهرحال، اهي سڀ تحريڪون، اڄ جي نئين ماحول ۾ هر هنڌ ڪارفرما ۽ ڪارڪشا آهن. انهن جو اثر اڄ زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي پئجي چڪو آهي.

علم ۽ حڪمت ۾ نوان مسئلا پيدا ٿيا آهن. اخلاقيات ۾ نوان نظريا پيدا ڪيا ويا آهن. علمي تحقيق ۽ سائنسي اڪتشافات، پراڻن نظرين کي جهوري وڌو آهي. سائنس اٽڪ سان ڏک هنيو آهي تہ "سڀ معيار اضافي آهن".

اڳ ڪيس ٻڌايو ويو هو تہ "زندگي حالات ماحول جي محتاج آهي" پر هاڻي سندس ڪنن ۾ ڪنهن ڦوڪ ڏني تہ انسان معيارن ۽ قدرن جو غلام ناهي. معيار ۽ قدر پاڻ انسان جا غلام آهن. معيار ۽ قدر، اصول ۽ قانون تہ پاڻ انسان جا محتاج آهن. ڇا لاءِ تہ اهي سڀ سندس ئي بنايل آهن".

انسان هن صديءَ ۾ تار، ٽيليفون، موٽر، ريل، سائيڪل، سئنيما، آبدوز، جهاز، هوائي جهاز، راڪيٽ، ٽيليويزن، ڪان ويندي بم، هيڊروجن بم ۽ ائٽم بم کي به ڏٺو آهي. تازو خلائي جهاز، خلائي اسٽيشن به ڏسي چڪو آهي. ۽ هاڻي ته انسان چنڊ تي به پهچي چڪو آهي. ان ڪري ڪائنات جو نقشو ئي سندس نظر ۾ بدلجي چڪو آهي.

مطلب ته يوناني فيلسوفن ۽ هندو جوتشين ۽ فلڪ شناس عربن واري پراڻي دنيا ۾ وڏو خلل پيدا ٿيو آهي. اڄ ڪير ٿو مڃي ته سج کي زنجيرن ۾ جڪڙي، ديوتائون گهلي رهيا آهن! تارا ڇت ۾ لٽڪيل قنديلن وانگر آهن! ۽ آسمان ڇت وانگر نوس آهن! چنڊ کي ملائڪ رسن ۾ ٻڌي، هلائي چلائي رهيا آهن. سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ ماڻهن جي گناهن جي ڪري ٿي رهيو آهي! ان جي مقابلي ۾ اڄ جو انسان ايندڙ صدين تائين حساب لڳائي، سج گرهڻ ۽ چنڊ گرهڻ جون تاريخون ۽ ٽئون، گهڙيون ۽ مهلون به ٻڌائي چڪو آهي.

هن صديءَ جي ڪشمڪش ۾ هڪ طرف پراڻي نظام روپوشي اختيار ڪئي ته ٻئي طرف مذهب مٽي لڪائڻ لاءِ جهنگ منهن ڪيو! ته ٽئين طرف تاريخ جي پراڻي تعبير ۾ انقلاب آيو ته چوٿين طرف تهذيب ۽ تمدن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ لاچار ۽ سرگردان رهيا. سائنس ۽ ان جي ايجاد هر پراڻي قدر ۽ پراڻي معيار کي جهوري ۽ پوري رهي آهي.

ارسطو ۽ افلاطون، بقراط ۽ سقراط، گوتم ۽ عيسيٰ، بوعلي سينا ۽ ابن ارشد جي فلسفيانه ۽ حڪيمانه موشگافين جي مقابلي ۾ نتشي، ڪانٽ، هيگل، اسپينسر، هيڪسلي، ڪارل مارڪس ۽ فرائڊ جا نظريا طوفان به ڪف ٿي اٿيا. سرمايه داري ۽ اشتراڪيت جي ڪشمڪش، ملوڪيت ۽ جمهوريت جي ڪشمڪش، عقيدي ۽ تنقيد جي ڪشمڪش، روايت ۽ حقيقت جي ڪشمڪش، روحانيت ۽ماديت جي ڪشمڪش، سرمايه دار ۽ مزدور جي ڪشمڪش! اهي سڀ هن صديءَ جي پيداوار آهن. ان ڪري سياست ۽ رياست، ملوڪيت ۽ بادشاهت، معاشرت ۽ معيشت، سماج ۽ مذهب، اخلاقيات ۽ حڪمت، تاريخ ۽ تهذيب، سيني ۾ انتشار ۽ زوال پذير رنگ پيدا ٿيو آهي. زندگيءَ جو اجتماعي نظام به بدلجي چڪو آهي. عجيب غريب فڪري ۽

نظري علامتون پيدا ٿيون آهن. سماج ۽ سامراج، سرمايہ داري ۽ اشتراڪيت، روحانيت ۽ ماديت، سائنس ۽ فلسفہ جديد، ڊارون، فرائڊ، ٽنشي، آئن اسٽائن! انهن کان علاوه فرقہ بندي ۽ فرقہ پرستي، قومي ۽ مذهبي تفريقات! انهن سيني مسئلن ۽ نظرين جڻ تہ اڄ جي انسان لاءِ قيامت برپا ڪري ڇڏي آهي.

ان قيامت خيز ۽ هنگامہ پرور زماني ۾ جڏهن باشعور فنڪار اک کولي آهي، تڏهن سڀ کان اول زندگيءَ ۽ سماج جي باهمي رشتن تي سندس نگاه ويئي آهي. انهن رشتن ۽ واسطن جي ڇنڊڇاڻ ڪندي، ايندڙ نسلن لاءِ ڪو خاص پيغام پيدا ڪيو اٿس. مطلب تہ هن صديءَ ۾ جنهن اديب اکيون کوليون آهن، تنهن پنهنجي چوڌاري جڻ قيامت ڏٺي آهي.

وڏن وڏن ليکڪن ۽ فنڪارن مان، جن ان ماحول جي ترجماني ۽ عڪاسي ڪئي آهي، تن بہ مجبور ٿي ان ترجمانيءَ کي پنهنجي سوچ ۽ ويچار لاءِ پناه گاه بنايو آهي. جڳ مشهور فنڪارن، پنهنجن تجربن ۽ روايتن جو اهڙو سرمايو ڇڏيو آهي جو اڄ ڪلهہ ادب جو مستقل حصو بنجي چڪو آهي. نقل ۽ ترجمي سان اهي خيالات اسان وٽ بہ عام جام ٿي چڪا آهن. انهن مان نوان اديب پيدا ٿيا آهن، نوان اسلوب پيدا ٿيا آهن، نوان نظريا پيدا ٿيا آهن، نيون تحريڪون پيدا ٿيون آهن، نيون جماعتون پيدا ٿيون آهن ۽ نيون تفريقون جنم وٺي چڪيون آهن.

مشهور عظيم فنڪارن ۽ صاحب فڪر و نظر عالمن مان جو ڪجهہ حاصل ڪيو ويو آهي، ان مان ڪجهہ حصو اهو آهي، جنهن ۾ نفسياتي فن تي گفتگو آهي، ڪجهہ حصو شعور ۽ لاشعور سان وابستہ آهي، ڪجهہ حصو منظر نگاري ۽ داستان سرائيءَ لاءِ وقف ٿي چڪو آهي، ڪجهہ حصو جنسيات ۽ تسڪين جي جستجو ۾ سرگردان آهي، ڪجهہ حصو ماديت جي تبليغ ۾ سرگرم آهي، ڪجهہ حصو روحانيت جي قدرن پيدا ڪرڻ ۾ مصروف آهي، ڪجهہ حصو اختصار ۽ ايجاز جو قائل آهي، ڪجهہ حصو منطقي ۽ فلسفيانہ توجيهات جي گورک ڌنڌي ۾ قابو آهي. ڪجهہ حصو مساوات ۽ اخوت، محبت ۽ برابريءَ جو پيغامبر آهي. بهرحال انهن سيني گڏجي، افسانوي ادب ۾ ”نئين افساني“ کي

پيدا ڪيو آهي. اهو نئون افسانو، اسلوب ۽ هيئت، مواد ۽ موضوع جي لحاظ سان اڳئين دور جي مقابلي ۾ ائين آهي، جيئن اڏند ڪٺوليءَ جي مقابلي ۾ جيٽ جهاز!

بهرحال، نئون افسانو نہ ڪو پوت آهي، نہ ڪو جن آهي، جنهن کان نفرت ۽ حقارت ڪجي. انسان ۽ ان جي سوچ ۽ ويچار ۾ جيئن جيئن تبديليون ايندين ويندين، تيئن تيئن منجهس تخليقي صلاحيتون پيدا ٿينديون رهنديون ۽ ان کان اصناف سخن جو متاثر ٿيڻ لازمي امر رهندا. يقين آهي تہ اڄ جو نئون افسانو، پنجاه سٺ سالن کان پوءِ پراڻو ٿي ويندو ۽ سلسلو تيستائين قائم رهندو، جيستائين انسان آهي!

## مختصر افساني جي فني ڇنڊ ڇاڻ

اسان هن کان اڳ اهو واضح ڪري چڪا آهيون تہ افسانو بهرحال افسانو آهي. اهو نہ طويل آهي ۽ نہ مختصر ۽ نہ ڪو طويل مختصر افسانو! مغرب جي اثرات مان 'شارٽ اسٽوري' کان متاثر ٿيندي ڪن حلقن هٿ بہ ان جي تقليد ڪندي ڪن افسانن کي مختصر چوڻ جو فيشن آندو آهي. پر جڏهن تہ اهو بہ اڄ رائج الوقت سڪو بڻجي چڪو آهي، تڏهن ان کي بہ افسانوي ادب جي علمي دائري مان خارج ڪري نہ ٿو سگهجي. زياده ۾ زياده ان قسم جي افساني ۾ اگر ڪا امتيازي چيز آهي تہ پوءِ اها آهي، اختصار ۽ ايجاز سان بيان ڪرڻ ۽ هرويرو طوالت کي نہ پيدا ڪرڻ. باقي افساني جا اهي سڀ اصول ۽ شرط مختصر افساني لاءِ بہ بنيادي حيثيت رکن ٿا. پلاٽ، موضوع، مواد، نتيجو، پيش ڪرڻ جو سليقو وغيره.

مختصر افساني جي نالي ۾ جي افسانا لکيا ويا آهن، انهن ۾ هڪ ڳالهہ نمايان نظر ٿي اچي تہ ان ۾ جماليات جا فني اصول ڪجهہ اهڙي انداز ۾ پيش ڪيا ويا آهن، جن ۾ جدت ۽ ندرت پيدا ٿي چڪي آهي. ڪلاسيڪي پراڻن داستانن کان وٺي، وچين دور تائين جا بہ تجربا موجود ٿي سگهيا آهن، تن سڀني ۾ جماليات جو فن موجود رهندو آيو آهي. ڪنهن نہ ڪنهن حيثيت سان فنڪار ان ذوق جي تسڪين پيدا ڪندا آيا آهن. ان ڪري چئبو تہ اهو اصول ۽ شرط بہ ڪو نئون ناهي، اهو تمام آڳاٽو آهي فرق هي آهي تہ اڄ ڪلهہ ان جي هيئت ۽ اسلوب ۾

فرق پيدا ڪيو ويو آهي، ايتري قدر جو رومانوي ۽ جمالياتي فن جا الڳ الڳ قانون ۽ اصول بنجي چڪا آهن. اهي اصول ڪو ناقدن وضع نہ ڪيا آهن، پر هر فنڪار پنهنجي پنهنجي پسند ۽ مزاج آهر پيدا ڪيا آهن، جن ڪي مختصر افساني جي باب ۾، باهمي اتفاق راءِ سان قبول ڪيو ويو آهي.

ٻيو فرق اهو بہ آهي تہ اڳ افساني جي ابتدا، پراڻي دور واري ڪهاڻيءَ ۽ داستان وانگر ڪبي هئي، تمهيد ۾ منظر نگاريءَ جا جوهر ڏيکاريا ويندا هئا، بادشاهہ ۽ ان جي محل جو ذڪر هوندو هو تہ پوءِ محل جي آرائش جو تفصيل پڻ لازمي طور ڏنو ويندو هو. ان طرح مرڪزي خيال کان اڳ، گهڻو ئي وقت تمهيد ۾ ئي گذري ويندو هو- تمام دير سان وڃي ان ڪردار تي پهچبو هو، جو افساني جو مقصد چئي سگهجي ٿو. هن دور ۾ اهي سڀ جمالياتي، ڪلاسيڪي ۽ رومانوي معيار، اصول، تفصيل ۽ طوالت جا آثار ختم ڪري، انسان جي ذهن ۽ فڪر ڪي ڪنهن بہ طول طويل تمهيد کان سواءِ، ڪنهن بہ منظر نگاريءَ ۽ رنگ آميزيءَ کان سواءِ، فوراً فنڪار مرڪزي ڪردار تي پهچائي ٿو ڇڏي ۽ اهو عمل اهڙي تہ چابڪدستيءَ ۽ فنڪارانہ رمزيت سان ٿئي ٿو جو پڙهندڙ ڪي ذهن ۾ ئي نٿو اچي تہ ڪو هيئن هوندو. مختصر افسانو بہ هڪ تجربو آهي، جو ڪامياب چئي سگهجي ٿو.

## ڊرامو، تعريف ۽ تاريخي محرڪات

افسانوي ادب ۾ ڪهاڻيءَ سان گڏ ڊرامي جي فني حيثيت بہ مسلم آهي. ڊرامي جي اگر ڪا مختصر ۾ مختصر تعريف ڪري سگهجي ٿي تہ پوءِ رڳو ائين ئي چئي سگهجي ٿو تہ ڊرامو آهي زندگيءَ جي ڪنهن نہ ڪنهن پهلوءَ جي نقالي.

ڊرامي جي اصل نسل ۽ فني ۽ اصلاحي حيثيت متعلق سڀ کان اول اسان کي برصغير هند و پاڪ جي پراڻن شاعرن ۽ عالمن، ڪاليداس پارن جي لکيتن مان معلومات حاصل ٿئي ٿي. اها بہ حقيقت آهي تہ سڀ کان اول ڊرامو قديم برصغير هند و پاڪ ۾ تيار ٿيو آهي. يقين آهي تہ اڄ کان 5 هزار سال اڳ موهن جي دڙي واري تهذيب ۾، نرت، ڪلا، رقص ۽ راڳ جي ميلاپ سان ڊرامي جا اوائلي تجربا ڪيا

ويا هجن. جيئن موهن جي دڙي مان لڌل هڪ نچڻيءَ جي پتلي مان ظاهر آهي. پر افسوس آهي تہ ان متعلق اسان وٽ ڪا بہ تفصيلي مستند معلومات موجود ناهي.

ان کان پوءِ سڀ کان اول ڊرامي کي يونان ۾ هڪ فني ۽ تفريحي مشغلي طور قبول ڪيو ويو. ۽ ڊرامي تي عملي تجربن ڪندي کيس معراج ڪمال تي پهچايو ويو ان جو پتو اسان کي مشهور فلسفي ارسطوءَ جي تحريرن مان ملي سگهيو آهي.

ارسطو. هڪ فلسفي وانگر حيات ۽ ڪائنات تي غور ڪندي پنهنجي مشاهدات کان اسان کي واقف ڪرڻ لاءِ جو انداز بيان پيش ڪيو آهي. اهو مڪالمہ جو فني شاهڪار آهي. ان طرح جو ڪجھ ارسطوءَ ڊرامي متعلق چيو آهي، ان کي اڄ بہ بنيادي حيثيت حاصل آهي، توڙي جو نون تجربن ۽ نين تبديلين جي ڪري ڊرامي متعلق ڪافي بحث تي چڪو آهي.

ارسطوءِ اڄ کان اڍائي هزار سال کن اڳ انڪشاف ڪيو هو تہ "انسان هڪ نقال آهي" ۽ "شاعري، جنهن مان سندس مراد ڊراما آهي، اها بہ هڪ قسم جي نقالي آهي".

ارسطوءَ ۽ افلاطون گڏجي ان کي MIMESIS سڏيو آهي.

هي نهايت جامع لفظ آهي، جنهن جي مراد آهي اظهار ۽ ترجماني. سهولت لاءِ ان جو ترجمو IMITATION ڪيو ويو آهي.

اڳتي هلي دانشمندن ۽ ناقدن. ارسطوءَ جي ان نظريہ نقاليءَ کي پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر جزوي اختلاقن کان پوءِ ارسطوءَ جي راءِ کي قبول ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهيا.

اها بہ حقيقت آهي تہ بار بار زندگيءَ جي مختلف خدوخال کي دهرائڻ ۽ اڳيان آڻڻ سان تجريد جو باب کلي ٿو، ڪيئي اشارا ۽ ڪنايا پيدا ٿين ٿا. علامات ۽ تلميحات جو سلسلو شروع ٿئي ٿو ۽ ان طرح زندگيءَ ۽ ان جو اصل "نقل در نقل" جو نذر بنجي وڃي ٿو- ۽ اهو سيڪجھ فني اختراع جي سهاري تي هلڻ شروع ڪري ٿو. آرائش ڪار، ڪنهن ڪنڊر جو ماڊل. ڪاٺ مان ناهي اسٽيج تي پيش ڪندي، کيس موهن جو ڊڙو سڏي، ساري قديم سنڌ جو تهذيبي تصور پيدا ڪري

سگهي ٿو يا جمشيد جي تخت جو سادو سودو ڪاٺ جو ماڊل آڳاٽي قديم ايران سان متعارف ڪرائي سگهي ٿو، يا اهرام جو ماڊل ڏيکاري ساري قديم مصر جو تصور قائم ڪري سگهي ٿو.

اهو ئي سبب آهي جو ناقدن، تجريد جي عمل کي نهايت اعليٰ قسم جو ڊرامائي قدر ڪري تسليم ڪيو آهي. ائين ڪرڻ سان نه فقط دشوارين ۽ مشڪلاتن کان ڇوٽڪارو مليو، وقت ۽ خرچ جي ڪفايت ٿي، پر ان سان گڏ هڪ ناقابل عمل چيز کي قابل عمل بنائڻ لاءِ راهه پڻ هموار ٿي.

هونءَ ته ائين ڪرڻ سان اسان زندگيءَ جي اصل کان گهٽو پري نڪري آياسين ۽ اشاراتي ۽ علاماتي انداز فن کي هڪ نئون اسلوب بخشيو ۽ هڪ نهايت پراسرار ۽ پيچيده ڪوريئڙي جي ڄار وانگر حيرت انگيز منظر جنم ورتو، تاهم نقاليءَ جي جبلت اتي به قدم قدم تي رهنمائي ڪندي رهي. ان کان پوءِ ڪوبه انڪار ڪري نه ٿو سگهي.

اسان جا مڙيئي جڳ مشهور ڊراما نگار زندگيءَ جا نقال ئي آهن، ان نقاليءَ جي جذبي ئي کين تخليق ڏانهن آماده ڪيو آهي.

ارسطو، نقاليءَ ۽ شاعريءَ سان گڏ، رقص ۽ نرت ڪلا، تي نوازيءَ ۽ ساز سرود کي به شريڪ ڪار ٿو چئي چو ته شعر، رقص ۽ ساز- انهن ٽنهي ۾ زندگيءَ جا خد ۽ خال نمايان رهن ٿا. هڪ انسان ته ڇا، ڪائنات جي انگ انگ ۾ حرڪت ۽ آهنگ جون ڪيفيتون موجزن آهن، جي شعر، راڳ ۽ ناچ جو گويا روح آهن.

فنڪار جڏهن نقالي ڪرڻ تي ٿو اچي، تڏهن نه فقط پنهنجي جنس ۽ برادريءَ جا حالات ۽ ڪيفيات مان اڪتساب ٿو ڪري، پر ان سان گڏ ڪائنات جي ظاهري ۽ مخفي، صوري ۽ معنيٰ خزانن مان به فيض ٿو وصل ڪري. ان سلسلي ۾ مظاهر قدرت ۽ اسرار فطرت جي به نقالي ٿو ڪري. زلزلو، طوفان جو شور، اونده، ڏينهن، برسات، چنڊ، تارا، سج، بهار، خزان، موت وغيره سڀ اچي ٿا اسٽيج تي گڏ ٿين. ڪڏهن شاعر ۽ ڊرامه نگار، ڪردارن جي زبان مان جادوءَ جو رنگ پيدا ڪندو آهي، ته ڪڏهن پيشڪار اصل جو نقل پيش ڪندو آهي.

تاريخي اعتبار سان اگر ڏسجي تہ ڊرامو بوطيقا جي حوالي سان ڊيٿريمب (جشن بهار) مان پيدا ٿيو آهي. جشن بهار ڪا نئين شيءِ ناهي، ان قسم جا ڪيل تماشا تاريخ تهذيب ڪان اڳ واري دور ۾ بہ موجود هئا. مصر، بابل، نينوا، ايران، عرب، يونان ۽ برصغير هند و پاڪ ۾ موجود هئا. ان دور جا مختلف قبيلا پنهنجن بتن اڳيان نذرانہ عقيدت پيش ڪندي، موسم بهار ۾ اهڙا جشن ملهائيندا هئا. اهڙين تقريبن لاءِ آکاڙا ۽ ميلا ڪندا هئا. ميدانن ۾، خانقاهن ۾، عبادت طور ڳائيندا وڄائيندا هئا، جلوس ڪڍندا هئا، حمد ۽ مناجات وارا شعر پڙهندا هئا، قربانيون ڪندا هئا، شراب پيئندا هئا، هڪ ٻئي جون مهمانيون ڪندا هئا.

اهڙين تقريبن جي پيشوائي قبيلن جا ساحر ۽ ڪاهن ڪندا هئا. اهي ساحر ۽ ڪاهن ساڳي وقت تي قبيلي جا سردار، مذهبي پيشوا، بادشاه ۽ طبيب- مطلب تہ سيڪجهہ هوندا هئا. اهڙن جشنن ۾، راڳيندڙ رقاص ۽ شاعر دل کولي حصو وٺندا هئا ۽ موج مچائيندا هئا.

ان پراڻي ريت کي 'ڪرشمۂ سحر' سمجهندا هئا. سندن عقيدو هو تہ ائين ڪرڻ سان فصلن ۾ زرخيزي ۽ نسل جي افزائش ۾ واڌ ٿئي ٿي.

چنانچہ 'سحر و فن' جو اهو حسين مظهر يوناني فرهنگ ۾ "ڊرومنن" ڪري چيو ويو، جنهن جو مطلب آهي عملي پيشڪش اهو ئي ڊرومنن، اصل ۾ ڊرامي لفظ جو بنياد آهي. ٻنهي ۾ ماءُ ۽ پٽ وارو تعلق آهي. ان ڪري ساري دنيا ۾ ٻنهي جو مطلب ساڳيو رهندو آيو آهي.

ڊرامو، ڊرومنن جو اهو حصو آهي، جو رقص، نغمي، شعر، سرود ۽ داستان جي ميلاپ مان پيدا ٿيو آهي.

ڊرامي جي ان تشڪيل ۾ پراڻين ريتن رسمن واريون سحر ڪاريون ختم ٿي ويون ۽ انهن جي جاءِ تي جماليات جون تقاضائون زور وٺنديون رهيون. سحر ڪارانہ دور جي خاتمي تي اول اول رسومات کي دخل ڏيڻ جو موقعو مليو. چنانچہ ٽوٽڻ ۽ ڦيٽڻ، جادوءَ جي جنتر منتر جي جاءِ تي حمد ۽ مناجات جا مضمون رائج ڪيا ويا. ان طرح ڊرامو فني طرح سان عبادت ۾ داخل ڪيو ويو.

ان نئين انقلاب ۽ اصلاح سان جادوءَ جو طلسم ٽٽندو رهيو ۽ ان جي جاءِ تي مذهب پير ڄمائيندو ويو.

مذهب جو طريقہ ڪار جادوءَ کان بلڪل برعڪس هو. اڳ هڪ جادوگر پنهنجي جادوءَ ۽ جنتر منتر جي زور تي ارواح ۽ شيطان، جن ۽ ڀوت، پريون ۽ ديوَ مرعوب ڪري گهرائي سگهندو هو ۽ بلڪل زور ۽ زبردستيءَ سان انهن کان زندگيءَ جي ضروريات واريون چيزون حاصل ڪندو هو. ان جي بجاءِ هاڻي مذهبي پيشوا ۽ پروهت پنهنجن ديوين ۽ ديوتائن جي حضور ۾ حمد خوان، مناجاتي، ملتجي، عابد ۽ خوشامدي بڻجي آيو. ان طرح سان هلندي هلندي، ’سحريات‘ جو زور گهٽجي ويو ۽ ان جي جاءِ تي ’مذهبيات‘ جو زور وٺڻ لڳو.

ان طرح رفتہ رفتہ ’ڊرومنن‘ پنهنجو پهلو بدلايو، سندس جمالياتي عناصر هڪ نئين وحدت جي رشتي ۾ سميٽجڻ لڳا. ان طرح راڳ رنگ، نغمہ، شو ۽ ناچ، حمد ۽ مناجات سان گڏجي ’ڊرامو‘ بڻيو.

ڊرامي جي جنم ديوي ’ڊرومنن‘ پنهنجون سڀ رسمون ۽ روايتون پنهنجي پٽ جي حوالي ڪري هميشہ جي لاءِ موڪلائي ويئي. اگرچ اڄ بہ ڪن پراڻن قبيلن ۾ جشن بهاران جي تقريب موجود آهي، پر ان جي اهميت کيل ۽ تماشي کان وڌيڪ ناهي.

آخر ڳالهہ ڪٿائي ڊرامي جو مفهوم، ڊرومنن وانگر پيشڪاري ۽ تماشہ ڪاري تي ڇڪو. ان ڪري سڀ محقق مڃي چڪا آهن تہ ڊرامي جو پهريون عظيم محرڪ ’ڊرومنن‘ آهي.

نقالي تہ هرحال ۾ هن صنف لاءِ تخليق جو سبب ٿيندي آئي آهي. پر ’ڊرومنن‘ جي واسطي سان جادوگرانہ ۽ مذهبي اثرات بہ ڊرامي ۾ داخل ٿيندا رهيا آهن. ان طرح ’ڊرامي‘ اڳتي هلي تقدس جو روپ اختيار ڪيو آهي، جنهن لاءِ فنڪار ڊرامي کي نہ فقط نجات جو ذريعو سمجهڻ شروع ڪيو، پر ان سان گڏ مذهبي جذبات کان متاثر ٿي شعر چوڻ شروع ڪيا ۽ رقص ۽ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکارڻ شروع ڪيا ۽ ان طرح سان ٿيٽر کي عام ماڻهو عبادتگاهہ تصور ڪرڻ لڳا.

ڊرامي اتي اچي پاڻ ۾ به افادي پهلو پيدا ڪري ورتا. هڪ طرف تفريح ۽ وندر، ته ٻئي طرف ديوين ۽ ديوتائن جي راضپي ۽ خوشنوديءَ جو ذريعو بڻجي.

اول اوائل ۾ زرخيزي ۽ افزائش نسل وارن معبودن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊرامو تيار ڪيو ويو ۽ پوءِ منجهس حيات ۽ ممات جا اسرار ۽ رموز آڻڻ لڳا، ان جي آخر ۾ ’صنميات‘ يعني دين قديم جي متبرڪ داستانن کي پيش ڪرڻ شروع ڪيو ويو.

يونان وانگر برصغير هند و پاڪ ۾ به ڊرامي جا تاريخي محرڪات بلڪل ساڳيا رهيا آهن. هت به ڊرامي جو ڪارج ۽ استعمال ساڳيو رهيو آهي. هت به ڊرامي جو ماحول ۽ نشونما جا ساڳيا وسيلا ۽ واسطا رهيا آهن.

اگرچ ڪاليداس کان پوءِ ’ڊرامو‘ گهٽو ڪري مِٽجي چڪو آهي ۽ مٿس هڪ وڏو خلائي دور گذري چڪو آهي، تاهم طول طويل دور کان پوءِ اسان کي ’رهس‘ جو فن مِلي ٿو. اهو ’رهس‘ جو طريقو به ’ڊرومنن‘ جو هڪ جمالياتي پهلو ٿي آهي، ان مان اسان جي جديد ڊرامي جنم ورتو آهي.

اسان وانگر يورپ ۾ به ڊرامي جي ارتقا تي هڪ طول طويل خلا جو دور گذريو آهي. جيئن برصغير هند و پاڪ ۾ سنسڪرت ڊرامو محدود ٿي ويو، تيئن يورپ ۾ يوناني ۽ رومن ڊرامو ختم ٿي ويو.

ٿيو هيئن جو صدين جي ڪشمڪش ۽ جدوجهد کان پوءِ مذهبي عقيدن ۽ سندن تقدس جي پرپور لهر اٿي، جنهن يورپ ۾ ”ڪليسائي تمثيل“ کي جنم ڏنو. اهو دور ازمنه وسطيٰ (وچين زماني) جو دور چيو وڃي ٿو.

مذهبي تبليغ جي سلسلي ۾، ڪليسائي تمثيلن ۾ انجيل جي قصن ۽ حوارين جي حالات کي ميدان تي آندو ويو. ڪرسمس ۽ ايسٽر وغيره جي تقريبن ۾ ڪليسائي راهب ۽ راهباڻيون اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکارڻ لڳا. رنگ ۽ آهنگ جو ميل ٿيڻ شروع ٿيو. نغمه ۽ سرود سان محفلن کي ذوق جماليات سان سينگارڻ شروع ڪيو ويو. ان مان مقصد فقط دين ڪليسا جي تبليغ هو. ان طرح سندن مد نظر اهو به هو ته ڪيئن

عوام جي جذبات کي تازو رکي سگهجي. ان لاءِ سرود، ساز، ناچ، راڳ، اداڪاري ۽ تمثيل کان وڌيڪ ٻيو ڪو به ماثر ذريعو ٿي نہ ٿي سگهيو.

ڊرامي جي اثر پذيريءَ کان ڪليسائي تمثيل ۽ ان جي مبلغن جي تقدس ۽ مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو رهيو. ماڻهو ڪليسا ڏانهن هجوم در هجوم ڇڪبا رهيا. دين مسيحي ۾ ترقي ٿيندي رهي. پر اڳتي هلي انسان جو ذوق جمال ان تمثيلي اداڪاريءَ کان ڪتو ٿي پيو. هر روز ساڳي قسم جي تمثيلات کي ڏسندي ڏسندي، ماڻهو ڪڪ ٿي پيا ۽ جيئن پراڻي دور ۾ 'ضنميات' جي گورک ڌنڌي مات ڪاڏي ۽ ان جي جاءِ تي مذهبي رسومات اچي دخل ڄمايو. تيئن هاڻي ڪليسائي تمثيلات جو طلسم بہ ٽٽڻ شروع ٿيو. تماشائي آدم ۽ حوا، بهشت ۽ شيطان، هابيل ۽ قابيل، نوح ۽ سندس طوفان جي تمثيلات کي ڏسي ڏسي، تڪجي پيا. ان کان سواءِ مسيح جي شهادت جي طلسماتي منظر، ۽ ان ۾ مخفي الاهيات وارا اسرار ڏسي ڏسي، ڪڪ ٿي پيا پر: ايترو آهي تہ زندگيءَ جي انهن طلسماتي رنگن ۽ روپن جا عجيب غريب نظارن کي ڏسي، منجهن ٿوري وقت لاءِ، مسرت انگيز ڪيفيت پيدا ٿيندي هئي، جا جهٽ گهڙيءَ کان پوءِ ختم ٿي ويندي هئي. زندگيءَ جون انوکيون، اڻ ڏٺل ۽ اڻ ڇاتل تصويرون ڏسي حيرت ۾ پئجي ويندا هئا، ۽ نامعلوم ۽ نا محسوس حقيقن جي رنگ آميزي ۽ مبالغہ آرائيءَ کان متاثر بہ ٿيندا هئا، پر اهو اثر ديرپا ثابت نہ ٿيو.

انساني طبيعت جي متنوع ۽ رنگين تقاضائن نيٺ ڪليسائي تمثيلات ۽ مذهبي رسومات مان جند ڇڏائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. اڳتي هلي، ان دور جي ماڻهن جو ذوق جماليات ايترو تہ وسيع ٿي ويو جو ان جي تسڪين جي سلسلي ۾، ڪليسائي تمثيلات سميٽجي ۽ سهيڙجي، وڃي ديول نشين ٿيون. ڪليسا کان ٻاهر سندن مقبوليت بلڪل ختم ٿي ويئي.

ماڻهن جون متجسس نگاهون، ڪليسائي ۽ انجيل مقدس جي روايات تان هٽي، تمام پري پري نهارڻ لڳيون. سندن اجايل اکيون، هاڻي انجيلي روايات ۽ طلسماتي تماشہ آرائيءَ کان، ڪجهہ وڌيڪ چيزن لاءِ حيران ۽ سرگردان رهڻ لڳيون. هاڻي ڪرسمس ۽ ايسٽر ۾ ڪا بہ جاذبيت

ڪين نظر نہ آئي. اتي پهچي، ذوق نگاهہ جي تسڪين لاءِ ”تاريخي افسانا“ ميدان تي آيا. ڪين دربارن جي نٽ نانگر سان دلچسپي پيدا ٿي، ديون ۽ پرين جي ڪارنامن ڏانهن توجهہ ويو، فوق الفطرت ڪردارن جي ساحرانہ ڪار گذاري ڏانهن سندن طبيعت جو لاڙو ٿيو. قومي بهادرن ۽ وطن جي هيروز جي ڪارنامن کان، پنهنجي جذبات کي گرم رکڻ لاءِ آماده ٿيا. هو ان طرح غم روزگار جي تلخيءَ کي، تفريح ذريعي مٽائڻ لاءِ بيقرار نظر آيا. نتيجو اهو نڪتو. جو ڪليسا جي چوديواريءَ ۾ محدود ٿيل ڊرامي کي ٻاهر ڇڪي، عام تفريح گاهن ۾ آڻي، ساهہ پٽيائون. ڪليسا جي حدن مان نڪرندي، ڊرامي، ڏاڍي مقبوليت حاصل ڪئي. فني اختراع، سائنسي ايجادات ۽ جمالياتي فن، گڏجي ڊرامي کي آسمان تي پهچائي ڇڏيو. ان طرح ڊرامو سحرانگيز ۽ مذهبي ماحول مان نڪري، عام انساني ۽ سماجي شعور واري دور ۾ آيو.

ان طرح ترقي ۽ نشونما حاصل ڪندي، هڪ طرف ڊرامو فن ڪار جي ذات لاءِ نمود ۽ نمائش جو ذريعو بنيو تہ ٻئي طرف زندگيءَ جي ترجمانيءَ ۽ نقالي جو وسيلو قرار ڏنو ويو، ان طرح تماشبين لاءِ انڪشاف جو پڻ ساز ۽ سامان ڊرامي کي ئي بنايو ويو.

تجسس ۽ حيرت، انسان جي جبلت ۾ داخل آهن. باوجود ان جي، انسان پنهنجي مختصر، محدود ۽ معمولي دنيا جي عالم پناهہ ۽ نالي ماتر مس تجربو ۽ مشاهدو حاصل ٿو ڪري سگهي. انسان پنهنجي محدود ۽ مختصر زماني ۽ ماحول ۾ گذربسر ڪري ٿو ۽ لامحدود ڪائنات ۽ ان جا مناظر سندس گرفت ۽ احاطي کان گهڻو ٽڙو بعيد آهن. نہ فقط ماضي، انسان جي سماعت ۽ بصارت کان دور ٿي وڃي ٿو، پر ان سان گڏ حال بہ پوريءَ طرح سندن گرفت ۾ نٿو اچي سگهي. باقي رهيو مستقبل، سو تہ بلڪل سندس رسائيءَ ۽ ماحول کان ماورا ٿو رهي. پوءِ چئبو تہ گويا انسان ويچارو پنهنجي ڪائنات، پنهنجي زمان ۽ پنهنجي مڪان تائين بہ ڪا قابل قدر پهچ ۽ رسائي حاصل ڪرڻ کان عاجز آهي. نہ فقط سندس حال اهو آهي پر ان سان گڏ، افسانوي ۽ ڊرامائي وحدت ۾ زندگي سمجهڻ ۽ سهيڙڻ، سندس اڳيان اچي، سو بہ بلڪل ناممڪن آهي. انسان ويچارو زندگيءَ جو بلڪل ادنيٰ ۽ ناقص پهلو مس ٿو ڏسي

سگهي. حيات ۽ حقيقت جو تمام وڏو حصو، سندس اڳيان نہ ڪو پايئہ تڪميل تي ٿو پهچي، ۽ نہ ڪو وٽس ايتري گنجائش تي رهي. جو هو لامحدود ۽ وسيع نظام حيات کي مطالعہ ڪري سگهي. چنانچہ درامہ نگار ئي آهي، جو پنهنجي تخيل ۽ حسي قوتن سان ماضي، حال ۽ مستقبل متعلق، ڪجهہ غير مرتب ۽ ناقص جزا ملائي، اڻ جاتل ۽ اڻ سجاتل دنيا جون صورتون ٿو بنائي، اصل جو نقل ٿو ناهي. پنهنجي حال آهر حيات ۽ ڪائنات کي زمان ۽ مڪان ۽ عمل جي وحدت ۾ سهيڙي مربوط ڪري. پيش ڪرڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، جنهن مان نہ فقط تماشائي حظ ۽ سرور ٿو حاصل ڪري. پر ان سان گڏ پنهنجي فطري ۽ جبلي طلب ۽ تقاضا لاءِ بہ ڪنهن حد تائين، تسڪين جو سامان ٿو پيدا ڪري ان طرح اصل جي نقل کي ڏسندي، هو زندگيءَ جي بحر ناپيداڪنار ۾ غرق ٿي ٿو وڃي. هو محويت ۽ استغراق جي عالم ۾ ائين ٿو محسوس ڪري. جڻ تہ سندس ذات، سندس نسل، سندس زماني، سندس ماضيءَ، سندس حال ۽ سندس مستقبل جو داستان آهي.

ڊرامي جي ان بصيرت افروز نقل کي ويچارو انسان هڪ مڪمل ۽ مربوط داستان جي حيثيت ۾، ٿيٽر ڪانسواءِ، باهر ڪٿي بہ ڏسي نہ ٿو سگهي. جڏهن هو زندگيءَ جو ڪو پهلو سلسلئہ حيات ۽ ممات جو ڪو منظر، تاريخ جو ڪو اثرائتو باب ڊرامائي انداز ۾ ڏسي ٿو، تڏهن هو پاڻ ۾ زندگي ٿو محسوس ڪري. پاڻ کي هن ڪائنات ۽ حيات جو هڪ عظيم ۽ فعال جُز ٿو تصور ڪري، ان سان گڏ علم ۽ معلومات، تجربي ۽ مشاهدي جي ان دنيا سان آشنا ٿو ٿئي، جنهن تائين پهچڻ، حيات مستعار جي چند گهڙين ۾ ناممڪن آهي.

اڳ بيان ڪيو ويو آهي تہ ذات ۽ أنا جي نمود ۽ نمائش جو جذبو، فنڪار کي تخليق ڏانهن مائل ٿو ڪري، اتي ايترو بہ اضافو ڪرڻ گهرجي تہ اهو جذبو، رڳو فنڪار جي ملڪيت ناهي. اهو جذبو جبلي آهي. ۽ هر انسان کي وديعت ٿيل آهي. هر انسان پنهنجي استعداد ۽ صلاحيت آهر، ان مان ڪونہ ڪو حصو پاڻ ۾ محسوس ڪري ٿو. ان جذبي جي آسودگيءَ ۽ تڪميل جا ڪيئي وسيلا ۽ ذريعا ٿي سگهن ٿا، جن مان هڪ مکيہ ذريعو ڊرامو آهي.

ڊرامہ نگار جڏهن زندگيءَ جا مختلف ڪردار پيش ڪري، تڏهن انهن ۾ شعر، راڳ، ناچ، ساز ۽ سرود سان گڏ، شمشيرزني، شجاعت، بهادري، سخاوت، عشق ۽ حسن جي ڪشمش، حادثا ۽ واقعا، زندگيءَ جا چڱا ۽ مِٺا نظارا، قدرت جا کيل، سج، چنڊ، تارا، وڄ گجگوڙ، برسات، ۽ ان قسم جون بيون انيڪ شيون موجود ٿيون رهن. تڏهن هر ڏسندڙ، انهن سيني ۾ پنهنجي ذات کي سمائي ٿو ڇڏي، ۽ ڊرامہ نگار انهن سيني جي گڏيل تاثر کي پهرين فرصت ۾ بين ماڻهن جي اڳيان آڻڻ لاءِ بيقرار ٿو ٿي وڃي. هو بين تي پنهنجي ماضي الضمير کي آشڪار ڪندي، جذباتي آسودگي ٿو محسوس ڪري. سندس دبيل جذبات ظاهر ٿين ٿا، گويا هڪ طوفان ٿئي ٿو، جو سندس سيني ۾ موجزن ٿو رهي، جو اگر دبجي وڃي تہ پوءِ هوند، سخت نفسياتي الجهنون پيدا ڪري وجهي. ارسطو ان عمل کي ئي "تنقيح" ٿو سڏي ۽ چوي ٿو تہ جذبات جو اظهار نہ فقط صحت لاءِ ضروري آهي، پر ان سان گڏ هڪ فرد جي تربيت ۽ اصلاح لاءِ بہ ضروري آهي.

هن فني گفتگو مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ جو ڪجهہ بہ رات ڏينهن تماشو ٿي رهيو آهي، فنڪار ان جي فني صورت گري ٿو ڪري ۽ تماشائي ان مان معلومات ۽ سرور حاصل ٿا ڪن.

تاريخ ٻڌائي ٿي تہ تماشو ۽ تماشبيني، غارن ۽ پٿرن جي دور کان وٺي هلندا ٿا اچن. قبائلي زندگيءَ جي دور ۾ بہ انسان انهن چيزن کي پسند ڪندو آيو آهي. اڳتي هلي جديد دور ۾ ٿيٽر ئي آهي، جنهن ساري رنگينيءَ حيات پاڻ ۾ سميٽي هڪ وحدت ۾ آندو آهي.

افسوس اهو آهي تہ قديم سنسڪرت ٿيٽر جي ختم ٿيڻ کان پوءِ گذريل صديءَ ۾ غير ملڪي پارسي ماڻهن جي ٿيٽر پيدا ڪيا، اهي اڄ سئنيما جي دور ۾ ختم ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي اصل تہ پري رهيو، نقل جي بہ "نقل در نقل" واري تماشي ۾ گذاري رهيا آهيون.

## ناول ۽ ڪهاڻيءَ جو فني تعلق

افساني وانگر ناول جو سلسلہ نسب بہ ڪهاڻيءَ سان ملي ٿو. سندس اوسر ۽ ارتقا، ڪهاڻيءَ جي بنياد تي ٿئي ٿي. اڄ ڪلهہ جا نقاد اها شڪايت بار بار دهرائي چڪا آهن تہ هن وقت جي ناولن ۾ ڪهاڻيءَ جو

عنصر آهي ئي ڪونه. ڪهاڻيءَ کي نظرانداز ڪري، اڄڪلهه جو ناول نگار، جو ڪجهه به لکي ٿو، سو فني طرح سان درست ناهي. چنانچه، موجود ناول جي ان خشڪ ۽ غير فني حيثيت جي شڪايت ڪندي، ناقدن دانهون ڪرڻ شروع ڪيون آهن ته: ”اڄڪلهه جا ناول نگار حواس باخته ٿي چڪا آهن، انهن جي اها حواس باختگي، ناول جي موت جو سبب بنجي چڪي آهي“.

ان سلسلي ۾ مشهور نقاد ۽ فنڪار والٽر ايلن چيو آهي:

”ناول جي مستقبل تي نگاهه ٿي ڪجي ته پوءِ بجز نااميديءَ جي ٻيو ڪجهه به حاصل نه ٿو ٿئي. ناول جي فني صحت ۽ دلچسپيءَ جو بنياد هر حال ۾ ڪهاڻي ئي آهي. ماڻهو صدين کان ڪهاڻيون ٻڌندا آيا آهن. هو ڪهاڻيءَ کان مانوس ٿي چڪا آهن. ڪهاڻيءَ جي شوق کي اگر جبلي نه چئجي ته ڪم از ڪم ائين ته چئي سگهجي ٿو ته ڪهاڻي انسان ذات جي ضمير ۾ سرايت ڪري چڪي آهي. اسان جي زماني ۾ ڪهاڻيءَ جي سڀ کان اهم ۽ مشڪل صورت ناول آهي. جي ماڻهو ناول کي فني حيثيت سان ذبح ڪري چڪا آهن، اهي خود ناول نگار ئي آهن!“

اصل ۾ اها راءِ، اي- ايم- فورسٽر جي خيالات تان ورتل آهي، جنهن چيو آهي:

”سڀ ماڻهو متفقه طرح سان ڪهاڻيءَ کي ناول جو بنيادي عنصر ٿا تسليم ڪن!“

والٽر ايلن اڳتي هلي ٻڌايو آهي:

”ان حد تائين اسان سڀ شهرزاد جا شوهر آهيون، جو ته اسان اهو ڄاڻڻ گهرون ٿا ته پلا پوءِ ڇا ٿيو؟“

اها ڳالهه عالمگير ٿي چڪي آهي، ان ڪري ناول جو بنياد وري به ڪهاڻي ئي چئي سگهجي ٿو. اسان مان ڪي اهڙا به آهن جي ڪهاڻيءَ کان سواءِ، ڪنهن ٻي چيز جي گهر ئي نٿا ڪن. اڄ به اسان ۾ پراڻي دور وانگر چنڊڇاڻ ۽ پڇا ڳاڇا جي عادت موجود آهي. ان ڪري اسان جا تنقيدي محاڪما سڀ فضول آهن!

فورسٽر، ان سلسلي ۾ ڪهاڻيءَ جي تعريف ڪندي ٻڌايو آهي ته:

”ڪهاڻي اهڙن واقعن جو بيان آهي، جن کي سندن زماني جي لحاظ سان ترتيب ڏنو ويو هجي. صبح جو ناشتي کان پوءِ ٻن پهرن جي ماني!- سومر کان پوءِ اڱارو!!- موت کان پوءِ عدم“.

ڪهاڻيءَ جي ان تعريف جي تقاضا اها آهي ته ناول ۾ اول اول خارجي حالات ۽ واقعات جو بيان هئڻ گهرجي، ۽ ٻيو ته ان بنياد جو بنياد، زماني جي احساس تي هئڻ گهرجي، جيئن پڙهندڙ هر موڙ تي چرڪ ڀري پڇي ته، ”پوءِ ڇا ٿيو؟“

اگر ناول جي ان تصور کي قبول به ڪٽي ڪجي، ته پوءِ اسان وٽ ناولن ۽ ناول نگارن جي اها ترتيب، جا اسان فني اهميت سان قائم ڪئي آهي، سا درهم برهم ٿي ويندي، جن متعلق قارئين توڙي ناقدين جا فني راءِ رکندا ٿا اچن.

مثلاً اگر اها راءِ قائم ڪجي ته پوءِ، ڊپٽي نذير احمد جي ناولن کان شرر جا ناول ۽ گوگول جي ناولن کان والٽر سڪاٽ جا ناول زياده بلند مرتبه قرار ڏبا. اسڪاٽ وٽ، مارڌاڙ سان لبريز نظارا آهن، تلوارن جا چمڪاٽ آهن، شهر سڙندي ڏيکاريل آهن، گرجا گهر مسمار ٿيندي نظر اچن ٿا، هر طرف دانهون ۽ ڪوڪون آهن. انهن وٽ پڪڙ کي پڙهندي، هر دور تي پڙهندڙ جوته ساهه ئي سڪي ٿو وڃي! ۽ هو حيرت سان پڇي ٿو ته ”پلا پوءِ ڇا ٿيو؟“

پر گوگول وٽ نه ڪي واقعات آهن ۽ نه ڪي حادثا. سندس ناول اوورڪوٽ کي ئي اڳيان رکجي، جنهن لاءِ دوستو فسڪي چيو آهي: ”روس جي ناول نگارن جي پوري اُمت، ان هڪ ناول مان پيدا ٿي آهي!“- ان ۾ ڪهاڻي ايتري به ناهي، جيترو اٽي ۾ لوڻ هئڻ گهرجي.

ان طرح سان سندس مشهور ۽ ضخيم ناول Dead souls کي ڏسجي . اگرچه ناول نامڪمل آهي، تاهم ان ۾ ڪا به ڪهاڻي ڪا نه آهي. ان جي بدران هڪ سماج جو رنگين داستان آهي، جنهن جا مختلف نظارا هڪڙا اچن ٿا ته ٻيا وڃن ٿا! جنهن رشتي ۾ ان ناول جا اجزا ٻڌل آهن، اهو رشتو ڪهاڻيءَ جو نه آهي، پر ’فضا‘ ۽ ’ماحول‘ جو رشتو آهي.

مطلب ته اگر ناول جي بنيادي حيثيت ڪهاڻيءَ کي قرار ڏينداسون ۽ ڪهاڻيءَ جي تعريف مڃينداسين، جا فورسٽر ڪئي آهي ته

پوءِ گوگول تي اسڪاٽ کي ترجيح ملندي. حالانڪ ان قسم جي جسارت ڪير بہ ڪري نہ سگھندو. ناول ۾ ڪهاڻيءَ جي هجڻ تي اهي ئي زور ڏئي رهيا آهن، جي چون ٿا تہ ”ڪهاڻيءَ مان دلچسپي ۽ وندر پيدا ٿي سگھي ٿي“. ۽ والٽر ايلن بہ ائين ئي چيو آهي تہ ”ناول جي دلچسپيءَ جو بنياد آهي ئي ڪهاڻي!“

ان تي ايڊون تنقيد ڪندي چوي ٿو: ”ان جو سبب تہ ڪو ماهر نفسيات ئي ٻڌائي سگھي ٿو، باقي ماڻهو مار ڌاڙ کي زياده پسند ڪن ٿا!“

انهن قلمي موشگافين جو سلسلو نهايت طول طويل آهي، هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي خيال جي ترجماني ڪئي آهي. پر راءِ تہ ان گروهه جي ئي تسليم ڪرڻي پوندي، جو گروه اهل فن آهي، ۽ اهڙن ماڻهن جو اسان وٽ ڪال آهي. هرحال ۾ باشعور طبقو تہ ڏاڍو مختصر ٿيندو آهي. ان طبقي جي راءِ ئي فيصلہ ڪن رهندي آهي. ان گروهه جنهن فنڪار کي تسليم ڪيو، اهو آسمان تي چڙهي ويندو، ۽ جنهن کي پنهنجين نگاهن کان ڪيرائي ڇڏيائون، اهو هميشہ لاءِ ختم ٿي ويندو!

رڳو پسند ۽ ناپسند کي معيار ڪري مڃڻ بہ ڪو فني حل ناهي. ماڻهو تہ ويچارا تماشبين ٿين ٿا. اهي ڪنهن بہ فن جي حقيقت کي سمجھڻ کان هر حال ۾ قاصر ٿي رهن ٿا. اهي سطحي موشگافيون بہ انهن ناولن لاءِ چئي سگھجن ٿيون، جي جنگ عظيم کان اڳ جا آهن. يورپ ۾ پهرين جنگ عظيم کان پوءِ آيل انقلاب، ناول ۽ افساني جو تصور ئي بدلائي ڇڏيو آهي. نون ناول نگارن پنهنجي لاءِ اهو دليل ڏنو آهي تہ انسان جي زندگيءَ جو عمل ايترو آسان ۽ سنئون سڌو ناهي: جيترو اڄ ناول نگار سمجھي چڪا آهن. انساني حيات ۾ ڏاڍيون پيچيدگيون آهن ۽ ڏاڍا ور وڪڙ آهن. انهن ۾ غير منطقي مرحلا آهن. تنهنڪري اگر ناول نگار کي انساني تعلقات جو عمل ئي ڏيکارڻو آهي، تہ پوءِ سندس سڀ پيچيدگيون ۽ غيرمنطقي ڪيفيتون سميٽي ۽ سهيڙي بيان ڪرڻ گھرجن.

ايتري چون چران جي فني ماحول ۾ مشهور فنڪار ’آندري زيد‘ تہ وچئون پنهنجي نئين راهه بنائي آهي. زيد، پنهنجي جڳ مشهور

ناول ۾ 'ايڊ وارڊ' جي زبان مان ناول نگاريءَ جي فن متعلق اهڙيون ڳالهيون آنديون آهن، جن کي جيڪڏهن جنگ عظيم کان اڳ وارو ڪوناول نگار ٻڌي ها تہ پوءِ هوند سندس هنيانءَ ڦاٽي پوي ها. يا هو 'هوند' کي احمق ۽ چريو چوي ها!

'ايڊ وارڊ' جي ڊائريءَ ۾ اسان کي هي سٽون ملن ٿيون:

"هڪ قابل ناول نگار کي پنهنجي ڪتاب شروع ڪرڻ کان اڳ اهو سوچڻ گهرجي تہ هو ختم ڪهڙي انداز تي ٿيندو! پر منهنجو معاملو بلڪل برعڪس آهي. مان پنهنجي ناول کي سندس حال تي ڇڏي ٿو ڏيان، ڇو تہ مان سمجهان ٿو تہ زندگيءَ ۾ ڪو اهڙو مقام آهي ئي ڪونہ جنهن کي نقطئہ آغاز قرار ڏجي، يا ان کي انجام ۽ اختتام تصور ڪري سگهجي. باقي آئينده... مان پنهنجي ناول کي انهن لفظن تي ختم ڪرڻ گهران ٿو".

زيد هڪ حد تائين ائين ئي ڪندو آيو آهي. هر ناول کي انهيءَ ئي ڍنگ کان سواءِ شروع ڪيو اٿس ۽ ان ئي بي ترتيب ۽ اڌنگي انداز ۾ ختم ڪيو اٿس. ناول ۾ پيدا ٿيل الجهنون ڪنهن بہ سلجهاءَ ۽ سٺاءَ کان سواءِ، ڪنهن بہ منطقي انجام تي نہ ٿيون پهچن، پر اٽلو هڪ نہ ٻيءَ نئين الجهن جو اضافو قدم قدم تي ٿئي ٿو. ٻيو تہ ناول جو خاتمو پڻ هڪ نئين الجهن جي آغاز سان ٿئي ٿو اهو هي تہ ڪهاڻي ۽ ڪردار ۾ ڪوبہ ربط نہ ٿو رهي. ائين بي ربط خاتمي تي، 'باقي آئيندو' ڪندي ناول کي ختم ڪيو ويو آهي.

زيد جي انهن ناولن جو موازنو اگر پراڻن ناولن جي آغاز ۽ انجام سان ڪيو وڃي تہ پوءِ انهن متين فني مشڪلاتن جي خبر پئجي سگهندي!

بهرحال، زيد جي تقليد ۾ هر هنڌ ناول لکيا ويا آهن، ۽ ان جو رواج جيئن پوءِ تيئن هر هنڌ وڌي رهيو آهي. اڄ جا ناول، ڊپٽي نذير احمد، شرر، راشدالخيري، پريمچند، والٽر اسڪاٽ ۽ گوگول اگر پڙهي ڏسن تہ پوءِ هوند اهو اعتراف ڪن تہ "اسان کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نٿو اچي!"

ڳالهه ڪنائڻي ته پهرين جنگ عظيم کان پوءِ ناول ۽ ڪهاڻيءَ جي ان فني رشتي کي بلڪل ختم ڪيو ويو آهي، جو واقعات ۽ حالات جي مربوط ۽ منطقي تسلسل تي مبني هو.

نئين ناول جمڻ سان ئي اهو تصور قائم ڪيو آهي ته "انساني تعلقات جو عمل نهايت پيچيدو ۽ بي ربط ٿئي ٿو، ان ڪري ان پيچيدگيءَ ۽ بي ربطيءَ جو اظهار ناول ۾ پڻ هئڻ گهرجي". اهو ئي سبب آهي جو اڄ اهو رواج ختم ٿي چڪو آهي، جنهن موجب اڳ ناول نگار قينچي ڪٽي ڏاڍي جانفشانيءَ سان واقعات جي تراش خراش ڪري هڪ 'چورس' بنائي ونندو هو. نئين ناول نگار ان جي مقابلي ۾ اهو اهتمام ڪيو آهي ته سڀ ابتا سبتا، ٽيڏا ۽ پاسيرا، ڪندون ۽ پاسا پنهنجي اڏنگي نموني ۾ محفوظ رکڻ گهرجن!

پر ڳالهه اتي به ختم نه ٿي ٿئي- نون ناول نگارن هڪ بي فني بغاوت به ڪئي آهي، اُها اِها ته ڪهاڻيءَ جي بوءِ باس به ناول ۾ نه رکجي! ان سلسلي ۾ انهن نون ناول نگارن هاڻي سماج کان وڌيڪ فرد کي اهميت ڏيڻ شروع ڪئي آهي، حالانڪ ظاهر آهي ته خارجي واقعات ته تمام گهڻن فردن جي باهمي ربط ضبط سان ئي ظهور پذير ٿين ٿا ۽ ڪهاڻي خارجي واقعات جو ئي معاملو آهي. ناول نگار چوي ٿو ته "جڏهن فرد خود پنهنجيءَ جاءِ تي هڪ انجمن آهي ته پوءِ مختلف ڪردارن کي جمع ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

خارجي واقعات جي باري ۾ زيد- 'ايڊ وارڊ' جي زباني هن طرح ٿو بيان ڪري:

"خارجي واقعات ۽ حادثا ته سئنيما جون چيزون آهن. ناول کي اهي چيزون ڇڏي ڏيڻ گهرجن".

چنانچه جديد ناول نگار واقعات جي دنيا کي ڇڏي، 'محشر خيال' ڏانهن متوجهه ٿيو آهي. انساني تعلقات جي عمل جي جاءِ تي انساني نفس ۽ عمل سندس مرڪز، نگاه بنجي چڪو آهي. ڏسجي ته اڳتي هلي ناول جو حشر ڪهڙو ٿو ٿئي! مختصر ته هن بحث جو ماحصل اهو آهي ته ناول ۾ ڪهاڻيءَ جون ٻه شڪليون رهجي ويو آهن، هڪ اها جنهن ۾ "خارجي واقعات" جو ذڪر ملي ٿو ۽ بي اها جنهن ۾

”داخلي واردات“ جو بيان آهي. بهرحال، جديد ناول اڄ ان فن ۽ اختلاف جو آماجگاه بڻجي چڪو آهي.

## تاريخي افسانا

افسانوي ادب ۽ سنڌس مختلف اصناف جي فني ڇنڊڇاڻ ڪان پوءِ آخر ۾ هن مجموعي متعلق گذارش تي اڪتفا ڪندي به چار لفظ لکڻ مناسب آهن.

هن مجموعي ۾ آندل سڀ افسانا ۽ ڊراما تاريخي آهن، جن جو تعلق هند و پاڪ جي تاريخ سان آهي، فرق اهو آهي ته اهي افسانا رومانوي رنگ ۾ پيش ڪيل آهن. تاهم سندن نتيجو ۽ تاثر خالص اخلاقي ۽ آدرشي آهي. انهن افسانن ۽ ڊرامن جا ڪردار واقعي ۽ حقيقي آهن. البت افسانوي انداز ۾ پيش ڪندي پس منظر ۽ مڪالما فرضي چئي سگهجن ٿا. باوجود ان جي، انهن ۾ خلاف فطرت نه مبالغه آرائي آهي ۽ نه رنگ آميزي.

انسان هر حال ۾ ذهني طور افساني ۽ داستان، قصي ڪهاڻيءَ ڪان لذت اندوز ٿئي ٿو، ڪيس فرضي ڪردارن ۽ انهن جي ڪارنامن مان به ڪو نه ڪو اخلاقي سبق ملي سگهي ٿو، پر جڏهن اهي ڪردار تاريخي ۽ زنده هجن ۽ انهن ۾ جي واقعات بيان ٿيل هجن، تن تي تاريخ جي تصديق ٿيل هجي ته پوءِ انهن جو اثر فرضي ۽ خيالي افسانن ڪان زياده ٿو پيدا ٿئي. ان خيال کي مدنظر رکي، هن مجموعي جا سڀ افسانا ۽ ڊراما حقيقت ۽ واقعيت تي مشتمل آهن ۽ خالص تاريخي آهن. اميد آهي ته انهن جي مطالعي سان تفريح ۽ وندر سان گڏ اخلاقي ۽ آدرشي تاثرات پيدا ٿيندا.

هن مجموعي جي هڪ خصوصيت اها به آهي ته ان ۾ مکيه ڪردار به آهن. هڪ بادشاهه ۽ ٻي راڻي. ان ۾ لطف اهو آهي ته بادشاه عموماً مسلمان آهي ۽ راڻي اڪثر ڪري هندو آهي! هڪ اڌ افساني ۾ اگرچه ان اصول جي پابندي نه ڪئي وئي آهي، تاهم مقصديت ۽ افاديت جي لحاظ سان اهي افسانا نه فقط تاريخي آهن، پر ان سان گڏ اخلاقي به آهن.

هن افسانن ۾ هڪ افسانو چين سان واسطو ٿو رکي، باقي سڀ برصغير هند و پاڪ جي تاريخ سان وابسته آهن ۽ ٻيو سجاح، عرب جي مدعي نبوت جو تاريخي افسانو آهي.

هنن افسانن ۾ زندگيءَ جا بهترين ۽ قابل قدر معيار ۽ اقدار نباهيا ويا آهن. محبت ۽ اخلاص، صداقت ۽ سخاوت، شجاعت ۽ غيرت ئي اهڙا قدر آهن، جن کي دائمي ۽ حقيقي حيثيت حاصل آهي، جن کان ڪڏهن به انسان جند ڇڏائي نه ٿو سگهي.

ان طرح ڪي افسانا منفي طرز جا آهن، جن ۾ مڪاري ۽ چالاڪي ۽ عياشي ۽ عياريءَ جا تاريخي ڪردار پيش ڪيا ويا آهن. جن کي مطالعي ڪرڻ کان پوءِ هر باشعور ماڻهو انهن کان نفرت ڪرڻ تي آماده ٿئي ٿو.

هنن افسانن جو مول مقصد اهو به آهي ته تاريخ هند و پاڪ ۾ مسلمانن جي دور ۾ اتحاد ۽ اتفاق، محبت ۽ صداقت جا اهڙا ته رومانوي ڪردار پيدا ٿيا آهن، جن کي ڏسي، هن دور جي باهمي منافرت ۽ تعصب کان نفرت تي پيدا ٿئي. انهن تاريخي واقعن مان اهو به ظاهر ٿو ٿئي ته هندو ۽ مسلمان پاڻ ۾ کير کنڊ هئا، ۽ مسلم دور، هڪ آدرشي ۽ امن پسند دور هو، جنهن کي متعصب تاريخ نويسن خوامخواه بدنام ڪرڻ لاءِ الزام تراشي ۽ بهتان طرازيءَ کان ڪم ورتو آهي.

هن مجموعي جا تاريخي افسانا نهايت احتياط ۽ ادب، احترام ۽ محبت جي ماحول جي پيداوار آهن؛ جي زياده تر هندو مسلم تهذيبي اقدار ۽ باهمي يگانگت تي شاهد آهن. ممڪن آهي ته انهن کي پڙهي هن دور جي تلخ ۽ تعصب آميز ماحول تي ڪو اثر ٿئي.

هن مجموعي ۾ عورت جو عظيم ڪردار، وفا شعاري ۽ صداقت پسندي، محبت ۽ اطاعت گذاري کي وڌيڪ نمايان طور بيان ڪيو ويو آهي، جو عورت ذات لاءِ مثالي چئي سگهجي ٿو.

ان سان گڏ عورت جي تاريڪ پهلوءَ کي پڻ ظاهر ڪيو ويو آهي، ان سلسلي ۾ چين جي شهزادي هانسي ۽ سنڌ جي راڻي شويا کي پيش ڪيو ويو آهي. اهي ٻئي ڪردار، عورت جي بي مروتيءَ ۽ بيوفائيءَ لاءِ تاريخي مثال آهن.

هن مجموعي ۾ هڪ ڪردار مرد جي بيوفائيءَ جو آيل آهي ۽ اهو تاريخي ڪردار ڪپورٿلہ جي راجا جو آهي، جنهن پنهنجي وفا شناس راڻي ڪناريءَ کي يورپ جي ظاهري ڏيک ويک ۽ مک چڪ ۾ ڦاسي ڇڏي ڏنو!

هن مجموعي ۾ زياده تر افسانا طربيہ آهن. ان سان گڏ هڪ اڌ الميہ بہ آهن. انسان جي فطرت جڏهن تہ مسرت ۽ غم جي ڪشمڪش جو داستان آهي. ان ڪري ان رعايت سان بہ ٽي افسانا الميہ بہ ڏنا ويا آهن، باقي سڀ طربيہ آهن.

افسانن جو اسلوب ۽ پيشڪش جو معيار جديد افسانوي فن کان ڪجهہ اڳ واري دور جو آهي، پر انهن ۾ رڳو داستان ۽ ڪهاڻيءَ جو رنگ سمايل ناهي، اهي هر نقطہ نگاہ کان افسانا ئي آهن. انهن جو موضوع، مواد، هيئت ۽ پيشڪش جو طريقو افسانوي آهي، جنهن ڪري تفريح ۽ سرور سان گڏ کي اخلاقي پهلو بہ روشن رهن ٿا.

افسانا سڀ مقصد سان وابستہ آهن، رڳو منظرنگاريءَ ۽ وقائع نويسيءَ کان ڪم نہ ورتو ويو آهي. افسانن جو افادي پهلو هرحال ۾ غالب رکيو ويو آهي.

هنن افسانن جو تاريخي واسطو ان فن سان آهي، جو هندو مسلم ڪشيدگيءَ واري دور ۾ پيدا ٿيو هو. جنهن ۾ باشعور فنڪارن، هندو مسلم اتحاد قائم ڪرڻ لاءِ مثالي ۽ آدرشي ڪردار تاريخ مان چونڊي پيش ڪيا هئا.

ان قسم جا ليکڪ، حسن نظامي، پريمچند، ٽيگور، شرر ۽ راشدالخيري چئي سگهجن ٿا. انهن جي مقابلي ۾ بنگالي ليکڪ آهن جن هندو تهذيب، راجپوت تهذيب ۽ مرهٽہ روايات کي افسانوي انداز ۾ لکي هڪ طرف مسلمانن جي دل آزاري ڪئي تہ ٻئي طرف نهايت غلط روايات کي افسانوي رنگ ۾ پيش ڪري هندن ۽ مسلمانن ۾ منافرت جي باهہ ٻاري ڇڏي. ان سلسلي ۾ انهن بنگالي افسانہ نويس ليکڪن مسلمان شهزادين ۽ عورتن کي هندن سان معاشقي ڪندي ڏيکاريو آهي، جو تاريخي حيثيت سان سراسر غلط آهي. انهن جي جواب ۾ اصلاحي ۽ دماغي انداز ۾ جي افسانا لکيا ويا اهي زياده تر اثر انگيز ثابت ٿيا، ڇالاءِ

جو انهن جو بنياد خالص تاريخ ۽ ان جي معتبر واقعات تي هو. ان قسم جا افسانا پراڻي دور ۾ دلگداز، منادي، نظام المشائخ، عالمگير ۽ پيشوا رسالن ۾ شايع ٿيندا هئا. انهن کي ڏسي کي افسانا سنڌي رسالن، ترقي، اسلامي دنيا، ڪاميابي، وغيره ۾ پڻ شايع ٿيا.

بهرحال هي مجموعو منافرت ۽ تعصب، دل آزاريءَ ۽ اشتعال انگيزيءَ جي رد ۽ جواب ۾ هڪ علمي ۽ تاريخي ڪوشش آهي، جا انشاء الله پڙهندڙن لاءِ تفريح سان گڏ تاريخي معلومات ۽ اخلاقي نصب العين تي هڪ علمي شاهڪار ثابت ٿيندي.

زبان ۽ بيان جي لحاظ سان پڻ سارو مواد، دلڪش ۽ لذيذ عبارت تي مشتمل آهي. ان مان اهو بہ مقصد آهي تہ جيئن نوجوان پڙهندڙ ذهن ۾ فڪر جي ترتيب سان گڏ زبان جي صحت ۽ صفائيءَ کان بہ آشنا ٿين.

اميد آهي تہ 'تاريخي افسانا' سنڌي افسانوي ادب ۾ هڪ تاريخي اضافو تصور ڪيا ويندا.

## مختصر تعارف (افسانا) (15)

آخر ۾ تاريخي افسانن ۽ ڊرامن جو مختصر تعارف ڏجي ٿو:

1- هانسي: هڪ چيني روايت جي راڻي آهي، جنهن شهزادي چووانگ سان بيوفائي ڪئي. اهو افسانو عالمي شهرت رکي ٿو ۽ گولڊ سمٿ جي شاهڪار تي مشتمل آهي.

2- سجاح: هيءَ عرب جو تاريخي ڪردار آهي. هن عورت نبوت جي دعويٰ ڪئي هئي، ۽ ان دور جي ٻئي مدعي نبوت مسيلمہ ڪذاب سان گڏجي اسلام کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي هئي. هن تاريخي افساني ۾ سجاح ۽ مسيلمہ ڪذاب جي عبرت انگيز انجام کي پيش ڪيو ويو آهي. نهايت دلچسپ، رنگين ۽ رومانوي داستان آهي.

3- شويا: تاريخ سنڌ جو اهو دردناڪ داستان آهي، جو چچ نامہ ۾ موجود آهي. ان ۾ راءِ سهاسيءَ خلاف سازش ۽ چچ لاءِ ميدان هموار ڪرڻ واريءَ عياريءَ جو تاريخي واقعو بيان ڪيل آهي. عورت جي بي مروتيءَ تي هي واقعو شاهد آهي.

4- پدمڻي: هي پڻ مشهور تاريخي ڪردار آهي، جو سلطان علاءالدين خلجي جي دور سان وابستہ آهي. ’پدمڻي‘ عصمت ۽ غيرت جي جوهر جي حفاظت ڪندي ستي ٿي وئي، پر پنهنجو پاڻ علاءالدين جي حوالي نہ ڪيائين. عورت جي عصمت ۽ غيرت جو هن ڪان وڌيڪ مثال مشڪل ملي سگهندو. نهايت درد انگيز افسانو آهي.

5- ڪلياڻي: هڪ رومانوي، شجاعت آموز ۽ غيور ڪردار آهي. وفا شعاري جي دنيا ۾ شاهہ ڪار جي حيثيت رکي ٿو. رقت انگيز ۽ الميہ آهي.

6- درگا: هن تاريخي ڪردار جو تعلق محمد تغلق جي دور سان آهي. درگا پاڻ ’ابوهر‘ رياست جي شهزادي آهي، نهايت دلير، غيور ۽ بهادر عورت آهي. آخر ۾ سندس شادي سلطان هند محمد تغلق سان ٿئي ٿي. رنگين ۽ رومانوي افسانو آهي.

7- آغا: هڪ غلام جي نياڻي آهي ۽ تاريخي طور دڪن جي تاريخ سان وابستہ آهي. سندس ڪردار، هڪ غيرت مند ۽ عصمت ماب عورت جو آهي. نهايت رنگين آهي.

8- رتنا: هي تاريخي ڪردار، ميسور جي تاريخ سان وابستہ آهي. ان دور جي ظالم ۽ جابر هندو حاڪمن پاليگارن جي خلاف، نواب حيدر علي (بيجاپور) جڏهن جدوجهد ڪئي، تڏهن ’رتنا‘ هڪ انصاف پسند ڪردار جي صورت ۾ نمودار ٿي. نهايت رنگين ۽ رومانوي افسانو آهي. ’رتنا‘ جو ڪردار تاريخي ادب ۾ هڪ قابل تقليد ڪردار آهي.

9- ڪالڪا: هي تاريخي ڪردار، احمد شاه ابداليءَ ۽ راجا سنڌيا جي لڙائيءَ ۾ اڀري ٿو. نهايت رقت انگيز، دلچسپ ۽ الميہ آهي. رومانوي رنگ سندس بنياد آهي.

10- رمني: هڪ تاريخي ڪردار آهي، جو راجپوت روايات تي مشتمل آهي ان ۾ رمني، هڪ غيور ۽ بهادر عورت جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي. نهايت اثر انگيز ۽ طربيہ ۽ الميہ نتيجن تي مشتمل آهي.

11- پرتال: هيءُ تاريخي ڪردار، دکن جي بهمني دور سان وابستہ آهي. هيءُ واقعو نہ فقط هندو- پاڪ جي تاريخ ۾ حيرت انگيز آهي، پر ان سان گڏ پوري انساني تاريخ ۾ بي مثال آهي. تاريخ ۾ فقط ٽراءِ جي هيلن ملي سگهي ٿي، جنهن کي مشهور يوناني شاعر هومر، مبالغ آرائيءَ سان پيش ڪيو آهي. پرتال لاءِ بہ هيلن وانگر بہ رياستون ٽڪرجن ٿيون. آخر پرتال، مسلمان شهزادي تائين پهچي ٿي. هي افسانو نهايت شجاعت آموز، رومانوي ۽ سڀ کان زياده حيرت انگيز آهي تاريخ فرشتہ ۾ موجود آهي.

12- راج ڪور: هي تاريخي ڪردار، نواب سراج الدولہ سان وابستہ آهي. نهايت رقت انگيز ۽ غيرت آموز ڪردار آهي، جنهن پڇاڙيءَ تائين پنهنجي عصمت ۽ غيرت جي دامن کي داغدار نہ ڪيو، صداقت ۽ شعاري ۽ وفا شناسيءَ جي زيورن سان آراستہ رهي. هن دور لاءِ هڪ مثالي ڪردار چئي سگهجي ٿو.

13- ڪناري: هڪ بدنصيب تاريخي ڪردار آهي، جو رياست ڪپورٿلہ جي راجا سان وابستہ آهي. نهايت وفا شعار ۽ عصمت ماب عورت جو ڪردار آهي. جا اڳتي هلي، جديد مغربي فيشن جي فتني کان شڪست کائي، گل وانگر فوراً مرجهائجي ويئي. افسانو اصلاحي، نصيحت آموز، رقت انگيز ۽ الميہ آهي.

14- سعيده: هي تاريخي ڪردار، شاهہ افغانستان امان الله خان ۽ نادر خان جي تاريخ سان وابستہ آهي. هي ڪردار، پنهنجي حسن و جمال جي ڄار سان، هڪ ناتجربہ ڪار ۽ معصوم نوجوان کي ڦاسائي، نادر خان کي قتل ڪرائي ٿي. سعيده خون آشام آهي ۽ انتقام جي سلسلي ۾ پر فريب ڪردار آهي. اهو عورت جو هڪ تاريڪ پهلو آهي.

15- چندردوتا: هي تاريخي ڪردار، گجرات ۽ ڪانياواڙ جي تاريخي لڙاين جي پيداوار آهي، ۽ عصمت ۽ غيرت، اخلاص ۽ محبت جي دردانگيز ۽ الميہ داستان آهي.

**مختصر تعارف (ڊراما)**

1- سڌارٿ: هي جڳ مشهور مهاتما گوتم ٻڌ جي سيرت ۽ ڪردار جو دلنشين ۽ اثر انگيز ڊرامائي مرقع آهي. گوتم جي غور ۽ فڪر، زندگيءَ جي ان جي انجام ۽ الم انگيز واقعات جي فلسفاڻي تجزيي تي مشتمل آهي. نهايت رقت انگيز، خيال آفرين ۽ تاريخي حقائق تي مبني ڊرامو آهي.

2- ڇايا: شهنشاه هند چندر گپت سان وابسته تاريخي ڪردار آهي. نهايت الم انگيز ڊرامو آهي.

3- رضيه سلطانه: مشهور ملڪ هند، سلطانه رضيه جي تاريخي ڪردار جو دلنشين ۽ دلڪش مرقع آهي، جنهن ۾ هڪ غلط الزام جي ترديد جو فڪر انگيز واقعو بيان ٿيل آهي. سلطانه رضيه جي تاريخ تان بي بنياد تهمت جي دفاع ڪرڻ جي سلسلي ۾ هي ڊرامو شاهڪار جي حيثيت رکي ٿو ۽ تاريخي آهي.

4- تخت طائوس: هي مغل تاجدار شاهجهان سان وابسته تاريخي واقعي سان وابسته آهي. هندو مسلم اتحاد ۽ رعيت پروريءَ جي بهترين ۽ مثالي روايت تي مشتمل شاهڪار آهي.

آخر ۾ ايترو عرض ڪندس هيءَ علمي ۽ اصلاحي ڪاوش، انسانيت، اخلاص، محبت، غيرت، عصمت، ۽ شجاعت جي بلند ترين قدرن جي پيدا ڪرڻ لاءِ ڪئي وئي آهي ۽ ان ڪاوش جو دائرو تاريخ تائين وسيع آهي.

اميد آهي ته هي چند افسانا ۽ ڊراما، سنڌي ادب ۾ قدر جي لائق اضافو تصور ڪيا ويندا.

30- آگسٽ 1968ع

**غلام محمد گرامي**

ايڊيٽر مهراڻ رسالو سنڌي ادبي بورڊ

# تاريخي افسانا

# هانسي

## (سرزمين چين جو هڪ عبرت انگيز داستان)

راوي بيان ٿا ڪن ته چين جي تاريخ ۾ عشق ۽ محبت جا جيترا به داستان پيدا ٿيا آهن، انهن مڙني ۾ شهزادي چووانگ جي محبت پرستي جو ڪو مثال نه ملي سگهيو آهي. شهزادي جي نماڻي ۽ باجهاري شخصيت، پاڪ ۽ حقيقي محبت جي سلسلي ۾، ماڻهن لاءِ هڪ عجيب ۽ نادر مثال بنجي چڪي هو.

چووانگ حسن ۽ جمال ۾، نهايت ممتاز هو. چوڏهينءَ چنڊ وانگر پيو چمڪندو هو. سون تي سهاڳو اهو جو علم ۽ دانش، حڪمت ۽ عقل ۾ به پنهنجي دور جي عالمن کان به گهٽو مٿي مقام حاصل ڪري چڪو هو. بادشاه سلامت، هن تخت جي وارث کي نه فقط لاڏ ۽ ڪوڏ سان نپايو هو، پر ان سان گڏ سندس تربيت ۽ تعليم لاءِ، چين ولايت جا هڙئي حڪيم ۽ فيلسوف اچي گڏ ڪيا هئائين. شهزادو جڏهن پڙهي لکي پڙ ٿيو هو، تڏهن سندس شادي هڪ نيڪ سيرت ۽ پاڪ طينت سان ڪرايائين، جا ڪوريا جي اول ڪنوار سڏبي هئي. شهزادي نهايت شريف ۽ پاڪ طينت هئي. شاديءَ کان پوءِ وفا شعاريءَ ۽ شوهر پرستيءَ ۾ يڪتائهِ زمانه ثابت ٿي. دنيا هن جوڙي جي باهمي محبت جو مثال ڏيندي هئي. شهزاديءَ جو به منجهس ساهه هوندو هو. هانسي راڻي، پل به شهزادي کان پري نه رهي سگهندي هئي. ٻنهي جا جسم جدا جدا هئا، باقي دل هڪڙي هين. پريت جي نازڪ ناتي، ڪين هڪ هار ۾ پوئي ڇڏيو هو. ڪو به شڪ گمان ڪري نه ٿي سگهيو ته هن قسم جي پريمي جوڙي ۾ به ڪو خلل پيدا ٿي سگهي ٿو!

(2)

الله جي ڪئيءَ جي ڪهڙي پچار! هڪڙي ڏينهن جي شام تي چوطرف خاموشي ڇانئجي چڪي هئي. پکي پرند پنهنجن آشيانن ڏانهن

روانا ٿي چڪا هئا. شهر کان ٻاهر قبرستان ۾ موت جو سڪوت طاري هو. ان عالمِ سڪوت ۾ هڪ خوفائتي هنڌ تي، هڪ عورت، اڇن ڪپڙن ۾ ويڙهيل، هڪ وڏو پڪو ڪنيو هڪ تازي قبر کي وينجي هوا هڻئي. عورت ڇا هجي ڄڻ تہ بهشت مان ڪا حور لهي آئي هجي! سندس چهرو نهايت دلڪش ۽ خوبصورت هو. شباب جي رعنائي، سندس انگ انگ مان پئي بکي. پريشانيءَ کان سندس گردآلود مُنهن، ڪڏهن آسمان ڏي تي ٿيو تہ ڪڏهن زمين ڏي. ويچاري ڏاڍي ڏکاري پئي معلوم ٿي.

اچا جهٽ ڪن مس گذري تہ قبرستان جي چار ديواريءَ وٽ ڪو پاڇولو ظاهر ٿيو. مجاڻ ڪو ماڻهو، هن اويلي وقت تي، پنهنجن مائٽن جي بنيءَ جي سارسنڀال ۽ دعا فاتحہ لاءِ آيو هجي. پري کان جيئن عورت کي ڏٺائين، تيئن وڏيون وڏيون وکون وجهي، اچي عورت ويجهو ٿيو. هڪ پيرو چرڪ پري عورت نگاهون مٿي ڪيون. اجنبيءَ کي ڏسي، وري ڪٽي ڪنڌ هيٺ ڪيائين، ۽ پکي هڻڻ ۾ مشغول ٿي ويئي. نئين آيل ماڻهوءَ جون اکيون، هن نظاري کي ڏسي حيرت ۾ اچي ويون. هن ڀانيو ٿي تہ هي سڀ ڪجهہ خواب آهي! ٿوريءَ دير کان پوءِ جڏهن سامت ۾ آيو تڏهن جرئت ڪري، عورت سان نهايت نرم لهجي ۾ ڳالهائو ٿيو. پڇيائين: ”مائي هن بيگاهہ وقت ۾، هن اگري قبرستان ۾ اچي، قبر تي پکي هڻڻ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟“

عورت آليون اکيون ڪٽي، ڪيس وراڻيو: ”مهربان ياءُ، هن همدرديءَ جو شڪريو. مون کي هن حال تي ڇڏي ڏي، منهنجي آپدا کي ٻڌي ڇا ڪندئو!“

چووانگ شهزادي وراڻيو: ”مائي، پنهنجي حال ٻڌائڻ ۾ آخر ڇو هبڪ ڪرڻ گهرجي. ان لاءِ پڇا ڪري رهيو آهيان، من ڪا تنهنجي ٿوري گهڻي مدد ڪري سگهان!“

اهو ٻڌي، عورت کان ڳوڙهن جون لارون وهي هليون. چيائين: ”مهربان، تنهنجو چوڻ سچ آهي، پر مون کي هاڻي هن دنيا ۾ پيارو مڙس ڪٿي ملي سگهندو، جو هن قبر ۾ هميشہ لاءِ وڃي آرامي ٿيو آهي. نهايت نيڪ مرد، رحمدل، نيڪوڪار ۽ ڏڳ مڙس! موڪلائيندي وقت کي چيو هئائين تہ، جيستائين منهنجي قبر جي مٽي خشڪ نہ ٿئي،

تيستائين ڪا بي شادي نہ ڪجانءِ. هن وقت ما ان وصيت جي تعميل ۾ مشغول آهيان“.

شهزادي چووانگ وراڻيو، ”ها بيشڪ، متي تہ نيٺ خشڪ ٿي ويندي، پر هن طرح پکي هڻڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟“

عورت جواب ڏنو: اهو ان لاءِ تہ متي جلدي خشڪ ٿئي، هن ڪم ۾ بہ ڏينهن لڳيتا گذاريا اٿم. مهربان! اهو پڪو پهہ ڪيو اٿم تہ جيستائين متي خشڪ نہ ٿيندي، تيستائين بي شادي نہ ڪنديس، خواه هن قبر تي بيا بہ بہ تي ڏينهن چو نہ لڳنم“.

شهزادي چووانگ هن وفا شعار بيواه جي حسن ۽ جمال ڪان ڪافي متاثر ٿي چڪو هو، هن جواب تي تورو مرڪيو.

نيٺ سنجيده ٿي، وڏي قرب ۽ احترام سان، ڏاڍي نياز ۽ نوڙت سان چيائين: ”محترمہ، اگر منهنجي ناچيز التجا کي ڪنهن شڪ جي نگاهہ سان نہ ڏسين، تہ مان هوند ائين عرض ڪرڻ جي جرئت ڪيان تہ مهرباني ڪري منهنجي جهوپڙيءَ ڏي قرب جون چار وکون پري هل. منهنجي زال توکي ڏسي پسي ڏاڍي سَرهي ٿيندي. اميد آهي تہ تنهنجي لاءِ دلداريءَ ۽ تسلي جي ڪا واٽ نڪري اچي“.

بيوه عورت، حيا وارين ادائن سان جواب ڏنو تہ ”مهربان! مان ٿورائتي آهيان. مان هن همدرديءَ کي احترام ۽ شڪريہ جي نگاهہ سان ڏسان ٿي مون کي مهربان جي شرافت تي پورو پروسو آهي، ۽ هلڻ ۾ ڪوبہ عذر نہ اٿم“.

(3)

هانسي پنهنجي محل جي سينگاريل خلوت گاه ۾ ليٽي چڪي هئي. سندس سيرانديءَ کان شمع ڪافوري پئي ٻري ۽ ڪو ڪتاب پئي پڙهيائين. اوچتو، شهزادو چووانگ لنگهي آيو ۽ هانسي اٿي ڪڙي تي چووانگ مرڪندي، سندس پرسان ويهي رهيو. اوچتي اچڻ تي عذر پيش ڪندي چيائين: ”پياري هانسي! ڪا ڳالهہ ڪرڻ لاءِ آيو آهيان: ٻڌندينءَ ۽ منهنجو چيو مڃيندينءَ!“

هانسيءَ کلي جواب ڏنو: ”تنهنجي حڪم مڃڻ ۾ مون کي ڪهڙو عذر رهندو. ٻانهي هر حڪم مڃڻ لاءِ تيار آهي“.

چوانگ چيو: ”پياري هانسي اڄ اتفاق سان مان قبرستان ڏانهن ويو هوس اتي هڪ غمگين ۽ بيوه عورت کي ڏسي ڏاڍو ڏک پهتو اٿم“.

هانسيءَ ڪجهه پريشان ٿي پڇيو: ”آخر ڳالهه ڇا هي؟“

چوانگ جواب ڏنو: ويچاريءَ جو مڙس مري چڪو آهي. مرندي گهڙيءَ زال کي وصيت ڪريو ويو هو ته جيستائين منهنجي قبر جي مٽي خشڪ نه ٿئي، تيستائين ڪا ٻي شادي نه ڪجانءِ!، ان ٻول تي بيهي ويچاري بيواه عورت، قبر تي پکي سان پئي مٽي خشڪ ڪئي. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو، مان ان بيواه کي پاڻ سان وٺي آيو آهيان، تون ان جي ڪا دلداري ڪر، ان سان همدردي ڪر. ويچاريءَ جو ڏک لاهه“.

هانسي هيستائين ته چپ چاپ پئي ڳالهه ٻڌي، پر دل ۾ وڌ پيا پونس. آخر دل ۾ سور لڪائي پڇيائين: ”چو چپ ٿي وئين پيارا چوانگ! ڳالهه ته پوري ڪر، آخر مون کان ڪجهه لڪائڻ ضروري آهي!“

چوانگ چيو: ”نه نه، بلڪل نه، هانسي، توکان منهنجو ڪهڙو حال ڳجهو آهي. ها، مون ڳالهه پئي ڪئي ته ...... پر متان توکي هانسي ناگوار لڳي...“

”نه نه پيارا چوانگ، تنهنجي هر ڳالهه اکين تي، ڳالهه ته ڪر!“

چوانگ چيو: ”منهنجو خيال آهي ته اگر منهنجو موت به ان طرح اگهاڙ ٿئي ته پوءِ هوند تون به هن بيواه وانگر ڪرين ته چڱو....“

هانسيءَ اهو ٻڌي روئي ڏنو. سندس نرم ۽ نازڪ رخسار پيچي پيا ۽ جڻ اکين مان نار اٿلي پيس. رنڊهار ڪي لهجي ۾، ٿورو تکي ٿي چيائين، ”چوانگ، هن قسم جي سودا پچائڻ جو ڪهڙو ضرور! افسوس، مون کي تنهنجي ان بدگمانيءَ جي اميد ئي ڪانه هئي!“

چوانگ تسلي ڏيندي ورائيو: ”پياري هانسي، جهٽ ۾ ڪاوڙجي وئينءَ! مون ته پنهنجو خيال پيش ڪيو. آخر اهو ڪو يقين آهي ڇا ته ڪو هرويرو مان ئي مرندس! موت ۽ حيات جي ڪنهن کي خبر؟ پلا جي ان تي رنج ٿي آهين، ته پوءِ مون کي ڪٽي معاف ڪر، مون توکي رنجائڻ ته نه ٿي چاهيو“.

هانسيءَ ڳوڙهن سان تمتار نيڻ کڻي چيو: ”شهزادا، تنهنجن لفظن منهنجي دل کي پيهي ڇڏيو آهي! مان توکي ڇا ٻڌايان تہ منهنجي توسان ڪيتري محبت آهي، منهنجي ڳالهہ اصل دل تي اڪيري ڇڏ، مان سچ ٿي چوانءِ، منهنجي تہ جان بہ توتان قربان آهي“.

چوانگ ان ڳالهہ تي متاثر ٿي چيو: ”هانسي پياري هانسي، مون کي تہ ذرو بہ بدگماني ڪانهي. معلوم ناهي، ڪيئن اهو خيال آيو. مان تہ توکان ڪا بہ پنهنجي دل جي ڳالهہ نہ لڪائيندو آهيان، بس اوچتو ڳالهہ تري آئي، توسان ڪري وڌيم، پر خبر، ان کي وساري ڇڏي. پياري هانسي مون کي معاف ڪر، وري ڪڏهن بہ اهڙي پچار نہ ٿيندي“.

هانسيءَ گلوگير نموني ۾ چيو. پيارا چوانگ، معافيءَ جي تہ ڪا ڳالهہ ئي ناهي. پر قسم کڻي ٿي چانءِ. تہ جتي اهڙي بيوفا ۽ بي شرم عورت رهندي، اتي مان هڪ گهڙي بہ گذاري نہ سگهنديس! ان رن کي اصل هاڻي ڪڍ ان جي آئي منهنجو سارو گهر پليت ٿي ويو آهي“.

چوانگ لاچار ٿي معذرت خواه انداز ۾ چيو: ”هانسي ناراض نہ ٿي، مان ان عورت کي هاڻي ئي ٿو ڪڍان، پياري هانسي، تون رنج نہ ٿي“.

(4)

رات نهايت طوفاني ۽ سرد هئي. رکي رکي سرد هوا، ڏاڍي زور شور سان گهلي رهي هئي. ان ڀيانڪ رات ۾ ويچاريءَ عورت، چپ چاپ، پنهنجو منهن ڪنيون رات جي اونداهيءَ ۾ ڪنهن اڻ ڏٺي ڏيهہ ڏانهن روپوش ٿي وئي.

شهزادي ۽ هانسيءَ کي ڪلندي ۽ ڳالهين ڪندي، بہ چار گهڙيون اڃا مس گذريون، تہ دروازي کڙڪڻ جو آواز آيو. دروازو کليو- چوانگ جو هڪ پيارو شاگرد داخل ٿيو، تہ ٻئي سندس خير مقدم ۾ اٿي بيٺا. شاگرد ڪافي عرصي کان پوءِ آيو هو، تنهن ڪري ٻئي ڄڻا ڏاڍي سڪ سان ساڻس مليا- ۽ سيئي ڳالهين ٻولهين ۾ لڳي ويا.

هڪ خوبصورت ڪمري ۾ فرش وڇايو ويو. مختلف قسم جا لذيذ طعام تيار ڪرايا ويا پنهنجي پياري شاگرد جي آڌرڀاءَ خاطر، آراستگيءَ جو پورو پورو خيال ڪيو ويو. ٻئي ڄڻا دل جي اطمينان سان، گلن وانگر ٽڙي رهيا هئا. سندن چهرن تي سڪون ۽ نشاط جا آثار نچي رهيا هئا.

يڪا يڪ شهزادي چووانگ، ويني ويني، زمين تي وجي ڦهڪو ڪيو. متس ڪو اوچتو دل جو دورو پيو ۽ سندس دل جي حرڪت بند ٿي ويئي. سڀ ماڻهو پريشان ٿي ويا. هن جانگداز منظر کي ڏسي سڀ وائڙن وانگر هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳا. ڪو ڊاڪٽر ونڻ ويو، ته ڪنهن متو پٽي روئڻ شروع ڪيو. هانسي ڪيس هوا ڪرڻ ۾ مشغول رهي، چنانچه چند لمحن کان پوءِ هر شخص بدحواس ٿي ويو. جڏهن معلوم ٿيو ته چووانگ کي هوش ۾ آڻڻ جون سڀ تدبيرو ناڪام ٿي چڪيون آهن، دوا دارون ۽ ستيون ڦڪيون سڀ اجايون ويون، سيني چووانگ کي مرده قرار ڏنو.

هانسي جهڙي وفا شعار عورت تي ڄڻ بجلي ڪري چڪي هئي. سندس هوش ئي نه رهيو ٿڙندي ٿاٻڙندي، وڃي ڪرسيءَ تي ڪري ۽ ڪجھ دير تائين اتي ئي پيئي هئي.

(5)

ويچارو شاگرد پنهنجي استاد جي هن اچانڪ موت تي حيران ۽ غمزدو رهجي ويو. هو هروقت اداس ۽ پريشان نظر ٿي آيو. هانسي، شاگرد جي هيءَ حالت ڏسي وڌيڪ فڪر مند ٿيڻ لڳي. آخرڪار چووانگ سان وفاشعاريءَ وارو ڪيل وعدو وساري ڇڏيائين ۽ بيوه عورت واري حالت به سندس دماغ مان محو ٿي ويئي ۽ هاڻي شاگرد جي بيقراريءَ کي دور ڪرڻ لاءِ جتن ڪرڻ ۾ لڳي وئي.

هڪ ڏينهن گذري ويو. ٻئي ڏينهن، هانسي، شاگرد سان نهايت دلچسپ ڳالهيون ڪري، سندس تسلي ڪندي رهي. گفتگو ۾ ايتري ته آزادي ۽ قرابت پيدا ٿي چڪي هئي جو ڪين جذباتي دنيا ۾ ڪنهن ٻئي جو خيال به نه ٿي آيو. ٽئين ڏينهن، ٻئي ڄڻا شادي ڪرڻ تي رضامند ٿيا.

(6)

شهزادي چووانگ جي آرام گاه ان وقت غم ۽ آلام جي آثار کان ڪوهين دور ٿي چڪي هئي. مسرت انگيز رنگينين سان ساري فضا ٻهڪي رهي هئي. نشاط و عيش جون صدائون هر طرف کان بلند ٿي چڪيون هيون.

چووانگ جو لاش هڪ تابوت ۾ رکي، تابوت هڪ ڪمري جي گوشائتي هنڌ تي رکايو ويو، تان تہ جڏهن عدالت وٽان دفن ڪرڻ جي اجازت ملي، تيستائين تابوت محفوظ رهي سگهي.

گهوٽ ڪنوار ٻنهي نهايت بيش بها ڪپڙا پاتا. هانسي نڪ ۾ هڪ بيبها بلاق وڌو. گهوٽ پنهنجي مرحوم استاد جو قيمتي وڳو پهريو ۽ هار سينگار ڪري پاڻ کي اصل شهزادو بنائي ڇڏيائين. مهمانن سان سارو محلات پرجي ويو ۽ هاڻي رڳو نڪاح وجهڻ جي دير هئي. سارو خاندان خوش بهار پئي ڏنو. سارو محلات، ان جا ڪمرا، دالان ۽ وراندا، مختلف رنگين روشنين سان چمڪي رهيا هئا. عطر ۽ عنبير سان ساري فضا واسجي چڪي هئي.

ان وقت هانسي جذبات ۽ بيقراريءَ جي تصوير بڻي، خلوت ڪده ۾ انتظار ۾ ويني هئي. ان فرحت ۽ نشاط جي عالم ۾، هڪ ملازم نهايت وحشت ۽ اضطراب جي عالم ۾ ڏڪندو ۽ ڪنبندو، اوچتو خلوت گاهہ ۾ گهڙي آيو ۽ گهبرايل آواز ۾ چيائين:

”اسان جو- نوجوان آقا- اچانڪ- هڪ سخت مرض- ۾- مبتلا ٿي چڪو- مرض- نهايت خطرناڪ آهي- جيستائين- ڪنهن- مرده انسان- جي دل- ان جي- سيني- تي نہ- رکي ويندي- تيستائين- ان جي- زندگيءَ جي- ڪابہ اميد نہ رهندي“.

اهي لفظ ٻڌي هانسيءَ جا تہ طوطا ئي اڏري ويا! غم کان بيحال ٿي اتي ڪري پئي. سندس چهري تہ هوائون اڏرڻ لڳيون ۽ چرين وانگر هيڏي هوڏي گهتون هڻڻ شروع ڪيائين. آخرڪار پڻيندي ڪوهيندي، زمين تي گسندڙ ريشمي ڪپڙن کي سميٽي، ڊوڙندي ٻئي ڪمري ۾ پهتي. سندس نيت هئي تہ هوءَ مرده شوهر جي دل ڪڍي زنده شوهر جي سيني تي رکي ۽ سندس روح کي موت جي چنبي مان ڇڏائي.

ڪيس ان جي انجام جي ڪا بہ سڇيتائي نہ رهي ڪٺندي ڪهاڙي اچي صندوق کي پيچڻ شروع ڪيائين. ڇئن پنجن ڌڪن هڻڻ کان پوءِ صندوق ڀڄي پيئي. ان سان گڏ چوانگ جي لاش ۾ جنبش پيدا ٿي، جنهن کي سيني ماڻهن مرده قرار ڏنو هو!

هن هيبتناڪ نظاري کان خوفزده ٿي، هانسي ڪهاڙي ڇڏي وٺي ڀڳي! سندس لونءَ لونءَ ڪانڊارجي چڪي هئي. هن خوفائتي منظر کان ايترو تہ متاثر ٿي جو ڪيس سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي آيو تہ ڪو سندس شهزادو جيئرو ٿي چڪو آهي!

(7)

چوانگ صندوق کان ٻاهر نڪتو. پر پنهنجي زال جي غير معمولي آرائش ڪي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. ڪا گهڙي تہ ائين بت وانگر نهاريندو رهيو. نيٺ سوچي اڳتي وڌيو، جيئن هانسيءَ کان هار سينگار متعلق پڇا ڪري سگهي. ڪيس ان ڪمري ۾ بہ ملازم مليا، جي پوت پوت ڪري وٺي ڀڳا! چوانگ ڪين سڏي ٻيهاريو ۽ ٻڌايو تہ هو پوت نہ آهي، پر شهزادو آهي، ڪين ڪوبہ ڊپ ڊاءُ نہ ڪرڻ گهرجي. ان کان پوءِ چوانگ ڪائن پنهنجي مرڻ کان پوءِ وارو احوال پڇيو. انهن ملازمن ڪيس سڀ ڪجهہ ٻڌائي وجي دنگ ڪيو.

چوانگ کي ملازمن جي ڳالهہ تي ڪو يقين نہ آيو. هانسيءَ متعلق هي ڳالهيون ٻڌي، هٿئون ملازمن کي ڇڙٻون ڏنائين ۽ چيائين تہ اهو سڀ ڪجهہ غلط آهي، سندس وفا شعار زال ائين نہ ڪندي! ائين چوندي، هانسيءَ جي تلاش ۾ اڳتي وڌڻ شروع ڪيائين. هن چاهيو ٿي تہ هو خود هانسيءَ سان ملي ۽ انهن الزامن جي حقيقت کان واقف ٿئي. هن اهو بہ چاهيو ٿي تہ جي اهي سڀ الزام سچ آهن تہ پوءِ هانسيءَ کي مياردار ڪري.

(8)

هانسي- نفرت پرست ۽ وعده شڪن هانسي- بدناميءَ ۽ رسوائيءَ جي خوف کان ڏڪي رهي هئي. سندس لاءِ دنيا ۾ ان کان وڌيڪ ذلت ۽ ملامت جو ڪهڙو ٻيو سبب ٿي سگهيو ٿي، جڏهن هن پنهنجي عزيز شوهر سان ٻول نہ پاڙيو.

چوانگ ڪيس ڳوليندي ڳوليندي ان ساڳئي صندوق واري ڪمري ۾ گهڙي آيو. جتي سندس تابوت رکيل هو. اتي ڏنائين تہ

هانسيءَ ذلت ۽ ندامت بيوفائيءَ ۽ شرمندگيءَ کان بچڻ خاطر پاڻ کي ماري وڌو آهي.

چووانگ نهايت داناءِ ۽ فلسفي هو. سندس نڪتہ نگاہ اهو سڀ ڪجهہ ڏسي بہ برداشت ڪيو. پنهنجي مونس زندگي، رفقءِ حيات ۽ محبوبِ دلنواز کي هن طرح خاڪ ۽ خون ۾ آلوده ڏسي آہ بہ نہ ڪيائين. پٿر جي بت وانگر اکيون ڦاڙي ڏسندو رهيو. ان جاءِ تي اگر ڪو ٻيو شخص هجي ها تہ هوند روئڻ پٽڻ شروع ڪري ها، پر چووانگ پنهنجي ذات کي نفسياتي ڪمزوريءَ کان افضل ۽ برتر ثابت ڪيو. هو خاموش ويٺو رهيو.

ڪجهہ ويرم مس گذري، سندس چهري تي هڪ غير معمولي ۽ اڻ لکي انتظار جا آثار پکڙجي ويا. اڳتي وڌي اول صندوق کي درست ڪيائين ۽ پوءِ پنهنجي بيوفا زال جو لاش ان ۾ سمهاريائين ۽ آخري نگاہ مٿس وجهي، ڪنڌ جهڪائي ٻاهر نڪري ويو.

(9)

چووانگ ٻاهر ايندي دالان ۾ پيل وڏيءَ ڪرسيءَ تي اچي سنئو ٿي ليٽيو ۽ سوچيندي ڪنهن خيال ۾ غرق ٿي ويو. جهٽ ڪن کان پوءِ وري اٿيو، سندس دماغ ۾ ڪا مفيد تجويز آئي. شاديءَ وارو سارو منديل مانداڻ ائين جو ائين ڇڏي، ان پڪي واري بيواہ عورت جي تلاش ۾ نڪتو. ان کي ڳولي ڦولهي گهر وٺي آيو. جڏهن تہ هو ٻئي فطرتاً هم خيال ٿي چڪا هئا، ان ڪري شادي ڪرڻ کان پوءِ، هڪ ٻئي جي غلطيءَ کي معاف ڪرڻ ۽ هڪ ٻئي جي عيبن تي چشم پوشي ڪرڻ رمزن کان بہ آگاہ ٿي چڪا هئا.

ڪالهہ ٻڌوسين تہ چووانگ ۽ سندس نئين زال، هٿ هٿ ۾ ڏيئي، محلات ۾ پئي سير ڪيائون. جيئن الله سائين هانسيءَ جي بي وفائيءَ کان چووانگ کي آگاہ ڪيو ۽ ڪيس باوفا زال ملائي، تيئن شال اسان ۽ اوهان جا بہ دل جا مطلب پورا ڪري، راويءَ اتي اچي ڳالهہ ڪٽائي.[1]

---

[1] گولڊ اسمٿ جي طويل شاهڪار جي بنياد تي.

# سجاح

سر زمين عرب تي آفتاب اسلام پوري آب ۽ تاب سان جلوه افروز هو. ان جي ظلمت سوز ڪرڻن پوري ملڪ کي نور ايماني سان منور ڪري ڇڏيو هو.

حضرت خاتم النبين صلي الله عليه وسلم جن جي پهرئين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رضہ جي خلافت جو دور هو. ڪفر جي ظلمت، اسلامي آفتاب جي خونريز ڪرڻن ڪان مات کائي چڪي آهي، تاهم ابوجهل جي قسم جا ضدي ماڻهو اجا مخالفت تي آماده آهن. ان مخالفت جو هڪ جز هو. زڪوات ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ ان فتني کي عرب جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين ڦهلائڻ لاءِ فتنہ پرداز ماڻهن گجھ گوھ ۾ گهڻو ڪجھ ڪيو.

حالتون نازڪ تي چڪيون هيون. اجا خلافت جو بنياد بہ چڱيءَ طرح مضبوط نہ ٿيو هو. عربن جي مجموعي فتنہ انگيز ۽ شرارت پسند سيلاب، قصر خلافت کي بنياد کان اکيڙڻ تي چاهيو. ڪفر جي هن يلغار کي ڏسي ڪيترن جليل القدر صحابن، خليفہ اول کي مشورو ڏنو تہ هو في الحال پنهنجي قدم کي ملتوي ڪري ۽ مرتدن سان صلح صفائيءَ ڪرڻ ۾ مصلحت کان ڪم وٺي.

مگر خليفہ اول پنهنجي فيصلي تي قائم رهندي اعلان ڪيو تہ: "خدا جو قسم! اهو نوڙيءَ جوتڪرو، جو حضور جي وقت ۾ زڪوات جي حساب ۾ ايندو هو، اهو بہ نہ ڇڏيندس. ان لاءِ لڙائي ڪندس. اگر ٻئي ڪنهن بہ ساٿ نہ ڏنو تہ پوءِ مان اڪيلو ئي وڃي وڙهندس. پر اهو ڪڏهن بہ برداشت نہ ڪندس تہ اتڻ سان ئي اسلام جي هڪ اهم رڪن، زڪوات کان انڪار ڪيو وڃي".



ڪن ذهين ۽ فتنہ انگيز ڪافر سردان هن موقعي کي غنيمت سمجهي در پرده سازشن جو جار وڇائڻ شروع ڪيو.

مسيلمہ ڪذاب تہ حضور جي وقت ۾ ئي نبوت جي دعويٰ ڪري چڪو هو. مگر هاڻي ان کي ڏسندي طليحہ ۽ اسود عنسيءَ بہ نبوت جي دعويٰ ڪئي. انهن ٽنهي، غلطڪار ۽ شعبده باز ڪوڙن دعويدارن، پنهنجي پنهنجي علائقي ۾ ماڻهن کي اسلام جي خلاف برغلائڻ شروع ڪيو. سندن فتنہ خيز سازشن جي ڪري ڪيئي قبيلا هنن سان ملي ويا.

عوام کي فريب ڏنو ويو تہ حضور کان پوءِ زڪوات ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت ناهي. زڪوات جي رقم سيڪو پاڻ وٽ رکي ۽ خليفہ اسلام جي عاملن ۽ ڪامورن کي نہ ڏني. جيتري قدر ٿي سگهي، اوتري قدر خلافت پاران آيل آفيسرن کي ماريو وڃي. ان قسم جي پروپئگنڊا کان پوءِ ٽنهي غلط ڪار مدعين، مدينہ تي حملي ڪرڻ لاءِ گڏجي سازش بنائي ۽ پنهنجن جاهل عرب سردارن ۽ ڪافرن تي مشتمل وڏو لشڪر تيار ڪري ورتو. حضرت ابوبڪر صديق حالتن جو اندازو لڳائي، سرڪوبيءَ لاءِ، خالد بن وليد جي قيادت ۾ لشڪر روانو ڪيو.

مسيلمہ ڪذاب، اسود عنسي ۽ طليحہ جي غلط نبوت جو ڪاروبار اڃا سندن علائقن تائين محدود هو، تہ ان وچ ۾ باقي علائقن ۾ هڪ نئين سازش منهن ڪڍيو. سيني قبيلن ۾ جنگ جو نعرو بلند ٿي چڪو هو. ماڻهو گروه در گروه هٿيار بند ٿي ڪري، قبيلن کي پڙڪائي رهيا هئا. جاهل ۽ ڪفار عرب جنگ جدال لاءِ تيار ٿي رهيا هئا ۽ اهي بہ مدينہ تي چڙهائيءَ لاءِ تبليغ ۾ مشغول هئا. ان نئين هنگامہ پرور، هٿيار بند جمغفير جو سالار ڪير هو؟ هڪ نوجوان، نهايت حسين، فوجي لباس زيب تن، اسلح جنگ سان مسلح، مٿي تي فولادي ٽوپ پر جلال چهرو، ڊگها ۽ ڪارا وار، مشڪي گهوڙي تي سوار، وڏي ناٺ سان اڳي رهي آهي. جيئن جيئن سندس سواري اڳتي وڌندي ٿي رهي، تيئن تيئن گروه چشم براه ۽ مشتاقان ديد استقبال لاءِ دست بستہ ٿي ٿا بيهن. قريب ايندي ئي سيني ڪيس گهيري ۾ ورتو آهي ۽ سڀ 'سجاح زنده باد'- 'سجاح پاينده باد' جا نعرا هڻڻ لڳا آهن.

سجاح ڪير آهي؟ الجزائر جي هڪ حسين ۽ جميل دوشيزه، نهايت فصيح ۽ بليغ عورت، نهايت اصابت الراءِ ۽ بهادر عورت، سندس

لفظ لفظ ۾ جادو آهي، سندس هر اشاري ۾ فتنو سمايل آهي ۽ ان سان گڏ "مدعيہ نبوت!"- سجاح بہ اسلام جي خلاف بغاوت جو جهنڊو بلند ڪيو آهي. ماڻهو سندس حسن دل سوز تي پروانن وانگر پڇي رهيا آهن. سندس تير نگاه جا هزارين زخمي جانثاريءَ لاءِ تڙپي رهيا آهن.

سجاح مذهبي طور تي عيسائڻ آهي. سندس خاص صلاحڪار ۽ مقرب- هذيل بن عمران- بہ عيسائي آهي. ان مٿس ايمان آندو آهي، اهو ئي سندس مددگار ۽ سالار فوج آهي. اهو ئي سندس غلط نبوت جو مبلغ آهي. سيني علائقن جا ساده لوح ماڻهو ان چرب زبان ڦاسائي، سجاح اڳيان جهڪايا آهن.

سجاح جي مذهب ماڻهن تان عبادت ۽ رياضت جا سڀ قاعدا دور ڪيا آهن ۽ حلال حرام جي تميز بہ ختم ڪئي آهي. خاص طرح سان خنزير کي حلال قرار ڏنو ويو آهي!

سجاح حاضرين جي شوق کي ڀڙڪائڻ لاءِ نهايت خوش آوازيءَ سان دلڪش ۽ دلاويز لب و لهجي ۾ تقرير ڪرڻ شروع ڪئي:

"منهنجا جانباز رفيقو! اوهان کي مبارڪ هجي، جو اوهان کي هڪ اهڙي مذهب سان وابستگيءَ جو شرف عطا ٿيو آهي، جو نهايت سادو، پاڪيزه ۽ بي نظير آهي. ان ۾ نہ ڪنهن بئي دين وانگر مشڪلاتون آهن ۽ نہ ڪو ان ۾ مسيحي دين واريون دشواريون آهن ۽ نہ ڪو هن مذهب ۾ اسلام وارا سخت احڪام آهن. اوهان کي اجازت آهي تہ جيڪو بہ اوهان تي سختي ڪري، ان جي خلاف تلوار ڪڍڻ جو حڪم آهي. ان کي صفحہ هستيءَ تان مٽائي ڇڏيو. همت ۽ حوصلہ سان قدم وڌائيندو رهو. جو بہ اوهان جي سامهون رڪاوٽ بنجي، ان کي نوڪرن سان هٽائي ڇڏيو. تيغ آبدار اوهان لاءِ رفيق آهي تير و ڪمال اوهان جا معاون! ميدان جنگ ۾ اوهان پنهنجي شجاعت جا جوهر ڏيکاريو! باطل پرستن جي خون جون نديون وهايو! انهن ۾ انساني لاشا، مڇين وانگر ترندي ڏسان!

اوهان شير آهيو- مرد دلير آهيو- هر غنيم ۽ لشڪر اوهان جي اڳيان، مٽيءَ وانگر اڏامندو رهي. اوهان کي مديني تي حملو ڪرڻو آهي، مسلمان فوج جون ڌجيون اڏائڻيون آهن. اوهان کي سڄي عرب تي

حڪومت ڪرڻي آهي ۽ هر ميدان مارڻو آهي. بهادرو! منهنجي سچي نبوت جي ڪرم گستري اوهان لاءِ آهي! منهنجي مٿي تي عظمت ۽ جبروت جو تاج آهي! ان جي حفاظت ڪريو! سپاٽي اوهان کي روانو ٿيڻو آهي نبوت جو آفتاب عالم تاب، نهايت ادب ۽ احترام سان اوهان تي سايہ فگن ٿي هلندو. منهنجي دعا آهي، اوهان فاتح ۽ ناصر رهو. فتح ۽ نصرت اوهان جا قدم چمندي- هر وقت ۽ هرهنڌ "آمين- آمين" جي فلڪ شگاف صدائن سان تقرير ختم ٿي.

(3)

رات پنهنجي تاريڪيءَ جا پردا ڪيرائي ڇڏيا آهن آسمان تي تارن جو لشڪر ڦهلجي چڪو آهي، چنڊ پنهنجو سفر جاري رکيو آهي.

سجاح نهايت ٺاٺ سان جلوه افروز آهي، سارو لشڪر سندس پنيان قطار در قطار روانو ٿي چڪو آهي گوشئہ مشرق کان مهرجهان افروز طلوع ٿيو آهي. سجاح منزل بہ منزل اڳتي وڌي رهي آهي.

سندس پهرين منزل بناح ۾ ٿي اهو هنڌ مسيلمہ ڪذاب جي علائقہ يمامہ جي قريب هو. کيس انديشو هو تہ اگر مسيلمہ سان تصادم ٿي پيو تہ پوءِ مدينہ جي فتح جو عزم ملتوي ڪرڻو پوندو. ان هوندي بہ پاڻ يمامہ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيائين ۽ شهر جي ٻاهران وڃي ديرو دمايائين

ٻئي طرف مسيلمہ، جڏهن سجاح جي نبوت ۽ ان جي عظيم لشڪر جي پيش قدميءَ ۽ يمامہ کان ٻاهر پهچڻ جي خبر ٻڌي، تڏهن ڏاڍو پريشان ٿيو. کيس خطرو محسوس ٿيو تہ مبادا، سندس پوئلڳ ماڻهو سجاح جي حسين ۽ دلفريب شخصيت جي نبوت کي قبول ڪري، سندس نرغي مان نڪري نہ وڃن! سندس طاقت هر حال ۾ سجاح کان تمام گهٽ هئي، ليڪن چالاڪيءَ مڪاريءَ حيلہ جوئيءَ چالبازيءَ ۾، سجاح کان گهٽو مٿي هو. ان ڪري آئي بلا کي ٽارڻ لاءِ مصلحت ۽ مصالحت لاءِ سوچڻ شروع ڪيائين.

اول تہ بيش بها تحفا سجاح جي خدمت ۾ اماڻيائين ۽ صلح ۽ امن جي درخواست پيش ڪيائين، لکيائين:

"مان بہ نبي آهيان، تون بہ نبوت جي دعويٰ ڪري چڪي آهين. گويا ٻنهي جو مقصد نيڪ بہ آهي ۽ هڪ بہ آهي. مان بہ چاهيان ٿو تہ دين

اسلام کي ناس ڪجي ۽ مديني تي حملو ڪجي ۽ تون به چاهين ٿي ته اسلام کي ختم ڪجي ۽ مديني تي چڙهائي ڪجي. ان ڪري اهو بهتر ٿيندو ته اسان ٻئي پاڻ ۾ متحد ٿي مديني تي حملو ڪريون ۽ پنهنجو مقصد حاصل ڪريون“.

سجاح آخر ته عورت هئي، چالاڪ مسيلمه جي چرب زبانيءَ ۾ ڦاسي ويئي. مسيلمه جا تحفا به قبول ڪيائين ۽ سندس امن ۽ اتحاد واري درخواست به منظور ڪيائين.

مسيلمه کي جڏهن سجاح وٽان سندس منشا موجب جواب مليو، تڏهن نهايت خوش ٿيو ۽ پيغام موڪليائين:

”مون کي اجازت ملي ته اچي زيارت کان مشرف ٿيان. اوهان سان ملڻ جو اشتياق دامنگير آهي. چاهيان ٿو ته روبرو ڳالهه ٻولهه ڪريان، ڇو ته قاصد ۽ پيغام جي معرفت تفصيل سان تبادله خيالات ڪرڻ مصلحت جي خلاف آهي“.

سجاح مسيلمه جي نيازمندانه فريب ۾ اچي وئي ۽ کيس اجازت ڏنائين. مسيلمه پنهنجن چاليهن هوشيار ۽ تجربه ڪار ماڻهن سميت سجاح وٽ لنگهي ويو. سجاح سندس پرتپاڪ استقبال ڪيو. پاڻ به ادب ۽ احترام سان سجاح کي پيش آيو. مسيلمه سندس زهد شڪن ۽ دلفريب صورت ڏسي حيرت زده رهجي ويو. ويتر جو سندس فصيح ۽ بليغ گفتگو ٻڌائين، تنهن ته هيڪاري کيس دل گرفته ۽ وارفته بنائي ڇڏيو! سندس لشڪر ۽ مقبوليت ڏسي، اهو به اندازو لڳايائين ته مان هن بَلا سان جنگ ڪري ڪٿي نه سگهندس! هيءَ اها بَلا آهي، جا فقط نرميءَ، مصلحت ۽ حڪمت عمليءَ سان زير ٿي سگهي ٿي.

مسيلمه محبت آميز سلسلهٔ ڪلام سان، رهاڻ شروع ڪئي. احترام ۽ ادب سان ڳالهائيندو رهيو. هر هر دلي خلوص جو اظهار ڪندو رهيو: سجاح به کيس ان ئي رنگ ۾ جواب ڏيڻ شروع ڪيو. ٻئي آزمودگار! ٻئي فصيح ۽ بليغ! ٻئي چرب زبان ۽ شيرين بيان. ٻنهي پنهنجي ڪلام کي الهام جو درجو ڏنو هو. اها ڀرين صحبت، مسرت انگيز انتها تي پهتي. مسيلمه خوش خوش واپس وريو.

(4)

سجاح پنهنجي سينگاريل تنبوءَ ۾ ويٺي آهي. ڪنهن گهري فڪر ۾ غرق آهي ڪنهن نئين الهام جي انتظار ۾ آهي يا ڪا نئين آيت تاليف ڪري رهي آهي بهرحال، تخيل جي اضطراب ۽ فڪر جي استغراق، ڪيس پيڪر تصوير بنائي ڇڏيو آهي. تصور بہ اهڙي، جنهن کي جي بهزاد ڏسي ها تہ حيرت زده رهجي وڃي ها!

ڪنيز حاضر ٿي لفافو پيش ڪيائين:

سجاح- هي ڇا آهي؟ ڪنهن آندو آهي؟

ڪنيز- حضور! هڪ ماڻهو ڪٽي آيو آهي.

سجاح- ڪير؟

ڪنيز- جو ڪلهہ آيو هو، ان جو ماڻهو.

سجاح- چڱو، وڃ

ڪنيز هلي ويئي، سجاح لفافو کوليو- هان! مسيلمہ موڪليو آهي! جو؟ ڇا لاءِ-؟ پڙهڻ شروع ڪيائين:

”عالي مرتبت، سجاح! مان اوهان جي زيارت ۽ ملاقات کان مسرور ٿيو آهيان. اوهان جي مخلصانہ گفتگو ۽ مشفقانہ سلوڪ منهنجي دل تي، ايترو تہ اثر ڪيو آهي جو منهنجي دلي آرزو آهي دوباره نياز حاصل ڪريان. ڇا مان ان عرض ڪرڻ جي جرئت ڪري سگهان ٿو تہ اوهان منهنجي خيمہ ناچيز تي رونق افروز ٿي، منهنجي عزت افزائي ڪندا. جواب باصواب سان مرهون منت فرمائيندا، مگر اهو لحاظ رهي تہ اوهان جا ۽ منهنجا آدمي خيمہ کان بلڪل دور رهندا ۽ ملاقات تخليہ ۾ ٿيندي. شائق ملاقات- مسيلمہ“

(5)

سجاح پنهنجي تنبوءَ ۾ فروڪش آهي. هذيل بن عمران اچي ٿو ۽ ڪيس گردو پيش جي حالات کان آگاه ڪري ٿو ۽ سجاح ڪيس مسيلمہ جي پيغام کان واقف ڪري ٿي.

سجاح- ڇا راءِ آهي؟ ڪهڙو جواب ڏيڻ گهرجي؟

هذيل- اڳ پوءِ سوچڻ گهرجي، آدمي چالاڪ ۽ مڪار ٿو معلوم ٿئي، ڪا چال نہ رکي هجيس!

سجاح- (ڪلندي) مون سان چال؟ ان جو ڪو فڪر ڪرڻ نہ گهرجي. مان ان کي پاڻ پنهنجي دام ۾ آڻيندس. پر اهو ٻڌاءِ تہ ان سان صلح ڪجي يا جنگ؟

هذيل- مصلحت کان ڪم وٺڻ بهتر آهي. اگر هن سان صلح نہ ٿيو تہ پوءِ مديني تي حملي ڪرڻ ۾ مشڪلات پيدا ٿينديون. ممڪن آهي تہ هت ئي ڪو ناخوشگوار واقعو پيدا ٿي وڃي ۽ مديني هلڻ جو عزم ملتوي ڪرڻو پوي.

سجاح- تہ پوءِ منهنجو مسيلمہ ڏانهن وڃڻ مناسب آهي يا نہ؟

هذيل- نہ!

سجاح- ڇو؟

هذيل- هي تخليہ جو شرط مون کي پسند ناهي!

سجاح- ڪو خطرو آهي؟

هذيل اوهان جي مرضي!

(6)

يمامہ جي محاذ تي هڪ سرخ تنبو کڙو ڪيل آهي. ٻاهران رنگبرنگي رليون وڇايون ويون آهن. سارو تنبو نهايت سليقي ۽ قريني سان سينگاريو ويو آهي، گويا هڪ خوشنما باغ آهي. جو رڻ پٽ ۾ کڙو ڪيو ويو آهي. اندر جي آرائش ۽ زيبائش ۾ نهايت تڪلف کان ڪم ورتو ويو آهي. دروازي تي ريشمي پردا ٽنگيل آهن بيش بها گلدانن ۾ لعل ۽ زمرد، جواهرات ۽ ياقوت سان ٺهيل گلدستا آهن. تخت نما ڪرسين سان سارو تنبو سينگاريل آهي، جن تي سون ۽ چانديءَ جو ڪم ٿيل آهي. اعليٰ درجي جا قالين وڇايل آهن، سونهري ميزن تي بيش بها شراب ۽ بلورين جام آراستہ آهن. سارو تنبو مشڪ ۽ عنبر، ڪافور ۽ صندل جي خوشبوءِ سان واسجي چڪو آهي. ڪافوري شمعون بيتاب آهن تہ ڪين ڪڏهن ٿو روشن ڪيو وڃي، جيئن هو جليل القدر مهمان جي سامهون پنهنجي دلسوزيءَ جو مظاهرو ڪري سگهن! سارو تنبو ميزبان سميت پنهنجي مهمان لاءِ چشم براهہ آهي.

مسيلمہ جي دل ۾ سجاح لاءِ طوفان خيز جذبات آهن. هو ڪڏهن خيمي ۾ ته وجي ۽ ڪڏهن ٻاهر ته نڪري، پري تائين ته نهاري. انتظار جون گهڙيون ختم ئي نہ ٿيون ٿين!

ٻہ مقرب مصاحب، جي مسيلمہ سجاح جي پيشوائيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويا هئا، تن اچي اطلاع ڏنو تہ سجاح اچي رهي آهي. مسيلمہ خرامان خرامان اڳتي وڌيو. سجاح کي پري کان ڏسي ڪپڙن ۾ نہ ٿي ماپيو! سجاح ويجهو آئي، مسيلمہ نهايت ادب ۽ احترام سان جهڪي سلام ڪيو. سجاح نهايت ناز ۽ انداز سان خيمي ۾ داخل ٿي. سندس همراهي جدا پري خيمي ۾ لٿا.

سڀ کان اول خادم حاضر ٿيو ۽ نهايت لذيذ ۽ نفيس مناين ۽ ميوا پيش ڪري ويو. مسيلمہ اٿي باده انگور جو هڪ جام بلورين پيش ڪيو. سجاح شڪريہ سان قبول ڪيو. ابتدائي مراسم ۾ تڪلفات کان سلسلئہ ڪلام شروع ٿيو:

مسيلمہ- براه ڪرم اهو ٻڌائيندا تہ اوهان تي وَحي ۾ ڇا ڇا آيو آهي؟

سجاح- نہ، اول اوهان پنهنجي وَحي کان آگاه فرمايو، اوهان مرد آهيو.

مسيلمہ احساس ڪمتريءَ کي سمجهي ڪري پنهنجو وحي پڙهڻ شروع ڪيو: الم ترڪيف فعل ربڪ با الحملي، اخرج منها فستمہ تسعي من بين صفاق وحشا-

(ڇا تو نہ ڏٺو آهي تہ تنهنجي پروردگار، حاملہ سان ڇا ڪيو؟ ان مان هڪ زنده جان ڪڍيائين، جا ڊوڙي رهي آهي. اها جهلي ۽ احشاء مان نڪتي آهي.)

سجاح- اڃا ٻيو ڪجهہ؟

مسيلمہ- خدا مون تي ٻيون هن ريت آيتون نازل ڪيون آهن: الم ترالي الله خلق النساء افواجا. وجعل الرجال ازواجا، فتولج فيهن ايلاجا، ثمہ يستخرجها، شيئاً اخراجا....

(ڇا تون نہ ٿو ڏسين، تہ خدا عورتن جا گروه در گروه پيدا ڪيا ۽ مردن کي انهن جو جوڙو بنايو، جي انهن سان شادي ڪن ٿا. پوءِ انهن

مان هلندڙ گهمندڙ ٻار جمن ٿا، اهي اسان لاءِ بخشش جو نتيجو ثابت ٿين ٿا.)

سجاح اهي وَحي جا الفاظ ٻڌا، جي حقيقت ۾ عورت جي نفسياتي جذبات جو اظهار هئا. سجاح اهو سڀ ڪجهه سڪون ۽ اطمينان سان ٻڌندي رهي. حالانڪ پهرينءَ ملاقات ۾، مسيلمه جو ان طرح شاديءَ لاءِ اظهار خيال ڪرڻ سندس ناشائسته حرڪت هئي. پر مسيلمه جو مطلب اهو هو ته هو هڪ عورت کي جذباتي محاذ تي ئي شڪست ڏيئي سگهي ٿو! جڏهن مسيلمه محسوس ڪيو ته شاديءَ لاءِ سندس درپرده اشارن کي سجاح برداشت ڪري چڪي آهي ۽ ان تي ناپسنديگيءَ جو ڪوبه اظهار نه ٿي ڪري، بلڪ "اشهد اناڪ نبي اللّٰه" (گواهي آهي ته تون خدا جو نبي آهين) چوندي، پنهنجي رضامنديءَ جو ثبوت ٿي ڏئي، تڏهن مسيلمه، پهلو بدلائيندي. پنهنجي مڪر ۽ فريب جو ڄار اڇلايو:

"ٻڌ! خاد، اڌ زمين مون کي ڏني آهي ۽ اڌ قريش کي ڏني آهي. قريش ناانصافيءَ کان ڪم ورتو، ان ڪري سزا طور انهن کان اهو اڌ حصو کسي توکي عنايت ڪيو اٿس! هاڻي مان ڪمال اشتياق سان اعلان ٿو ڪريان ته ڇا اهو مناسب نه رهندو، ته اسان پاڻ ۾ شادي ڪري بلڪل هڪ ٿي وڃون! ان طرح اسان جون فوجون پاڻ ۾ ملي ويون ته پوءِ اسان عرب تي قبضو ڪري سگهنداسون".

سجاح جي دل تي مسيلمه جي مڪارانه چال اثر ڪيو- چيائين: "منظور آهي".

مسيلمه خوش ٿي عرض ڪيو: ته پوءِ دير ڇا جي آهي؟ اڄ ....! گستاخيءَ جو حوصلو وڌي چڪو هو! مسيلمه نهايت عريان ۽ فحش قسم جا اشعار پڙهڻ شروع ڪيا. سجاح شراب ۽ شعر تي مست ۽ مخمور ٿيندي رهي!

بس پوءِ ڇا رهيو-! "ميان بيوي راضي ڪوه ڪريسي قاضي" شادي ٿي چڪي!

ٻاهر ٻنهي ڪوڙن پيغمبرن جا پوئلڳ ملاقات جي فيصلي لاءِ انتظار ۾ ڳري رهيا هئا، پر هي ٻئي گهوٽ- ڪنوار، آئينده مدينه تي حملي ڪرڻ لاءِ سازش ۾ مشغول هئا!

شوق وصال جي دام تزوير ۾ ڦٻي ڪوڙا نبي اهڙا اچي ڦاٿا، جو پورا ٽي ڏينهن ۽ پوريون ٽي راتيون خيمي ۾ پنهنجي العام ۽ وحي جا تبادلا ڪندا رهيا.

ٽئين ڏينهن، خير سان، سجاح رخصتياب ٿي، تنبوءَ مان منهن ڪڍيو ۽ پنهنجن منتظر معتقدن ۾ وڃي پهتي. ڪيس ڏسڻ شرط پڇا ڪيائون: مسيلمه سان ڪهڙو فيصلو ٿيو؟

سجاح چيو: هو بيشڪ حق جو نبي آهي، مون ان جي نبوت کي تسليم ڪري، ان سان شادي پڻ ڪئي آهي.

پوئلڳن حيرت مان پڇا ڪئي- ڀلا مَهر ڪيترو مليو؟

سجاح گهٻرائجي وراڻيو، مهر لاءِ ته مون ڪجهه به نه چيو آهي.

ساڻين چيو: ته پوءِ هاڻي ئي وڃي مهر جو فيصلو ڪرائي اچ!

پوئلڳن جي اصرار ۽ تڪرار تي ان وقت ئي واپس موٽي، ليڪن مسيلمه ان کان اڳ ئي وڃي قلعي ۾ لڪو هو ته مبادا شاديءَ جو ٻڌي سجاح جو لشڪر ڪو هنگامو نه مچائي وجهي.

سجاح جي پاران ڪيس اطلاع ڪيو ويو. مسيلمه کي ٻاهر اچڻ جي همت ئي ڪانه ٿي. ان ڪري مٿي ڪوٺي تي چڙهي ويو. اتي بيهي پڇا ڪيائين: سجاح! ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟

سجاح وراڻيو: منهنجو مهر ته ٻڌاءِ آخر ڪجهه ڏيندين به يا نه؟

مسيلمه چيو: هان، مهر ضرور ملندو. تنهنجو موذن ڪٿي آهي؟ ان کي سڏايو.

سجاح جو موذن حڪم ملندي شرط ئي اچي حاضر ٿيو. ڪيس مسيلمه چيو:

”وڃ! سيني کي ٻڌاءِ ۽ بلند آواز سان ٻڌاءِ، ته محمد وٽ خدا وٽان پنج وقت نماز جا فرض ٿي آيا آهن. انهن مان به وقت عشا ۽ فجر- خدا تعاليٰ سجاح جي مهر ۾، مومنن تان معاف ڪري ڇڏيا آهن.“

اهو مهر حاصل ڪري سجاح واپس آئي. سندس وڏن مريدن مان عطار بن حاجب، عمر بن ايهم، غيلان بن خرشه ۽ اهو موذن شبث بن ربعي هم رڪاب هئا ۽ ڪنڌ جهڪايو پيئي آيا.

(7)

چند ڏينهن گذري ويا هاڻي سجاح طرفان مسيلمہ سان صلح جي گفتگو شروع ٿي.

مسيلمہ چيو: علائقہ يمامہ هڪ سال جو محصول سردست پيش ڪجي ٿو. اهو وني هلي وڃ. ان مان اڌ رقم هينئر ڏجي ٿي، باقي اڌ لاءِ پنهنجا مختيار ڇڏي وڃ. چند ڏينهن کان پوءِ اهو اڌ بہ ڏيندا سون.

سجاح اهو شرط بہ قبول ڪيو ۽ پنهنجن خاص ماڻهن مان هذيل، عقبہ ۽ زياد کي يمامہ ۾ ڇڏي، پاڻ پنهنجي لشڪر سميت جزيره رواني ٿي.

سجاح جي زنانہ فطرت زبردست شڪست کاڌي، هلي هئي مديني تي حملہ ڪرڻ لاءِ، پر پنهنجي عزت ۽ غيرت لٽائي واپس موٽي. نبوت تان بہ هٿ کنيائين ۽ بي آبرو ٿي واپس آئي.

سجاح جي پوئلڳن ۾ بہ چميگويون ۽ سرگوشيون شروع ٿيون. ماڻهن ۾ بہ مايوسيءَ جو غبار ڇانئجي ويو.

هذيل پڇا ڪئي تہ عام طرح سان مدينہ جي مهم ۾ ناڪاميءَ ڪري ماڻهو شڪ ۽ شبهي جو اظهار ڪري رهيا آهن. ماڻهو اهو بہ چون ٿا تہ اسان جي نبياڻي هڪ ڪوڙي پيغمبر جي دام، فريب ۾ اچي پنهنجي عزت وڃائي آهي ۽ قوم کي ذليل ۽ رسوا ڪيو آهي، ان جو اسان ڪهڙو جواب ڏيون؟

سجاح چيو: ان جو جواب- ”جو ڪجهہ بہ ٿيو آهي، اهو خدا جي حڪم سان ٿيو آهي. عزت ۽ ذلت سڀ ان جي هٿ ۾ آهي. شادي هڪ خدائي حڪم ماتحت ٿي آهي، ورنہ ايترو جلدي نہ ٿئي ها. خدا تعاليٰ پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان اسان جي امت ۽ مسيلمہ جي امت کي خونريزيءَ ۽ جدال کان بچائي ورتو آهي. شاديءَ کان پوءِ ساري ذميداري هاڻي فقط مسيلمہ تي آهي. اهو ڪم ان تي عائد ٿئي ٿو تہ هو لڙائي ڪري سارو عرب قبضي ۾ آڻي ۽ ان جو اڌ منهنجي حوالي ڪري. اهو خدائي فيصلو آهي. ان تي ناراض ٿيڻ ۽ ان جي مخالفت ڪرڻ، حڪم خداوندي جي خلاف هلڻ جي برابر آهي. ڏڄو ان کان ۽ ان جا احڪام مڃو، جنهن اوهان کي ايندڙ مصيبت کان بچايو آهي. بيشڪ هو دانا ۽ بينا آهي“.

(8)

جڏهن سجاح واپس وڃي رهي هئي، تڏهن خالد بن وليد، نبوت جي دعويدار ۽ زڪوات کان انڪار ڪندڙن جي سرڪوبيءَ لاءِ لشڪر جرار سان يمامه طرف اچي رهيو هو. واٽ تي سندس سجاح سان ملاقات ٿي. سجاح جو لشڪر مسلم فوج کي ڏسي منتشر ٿي ويو. حضرت خالد هڪ عورت تي حملي ڪرڻ جي ابتدا ڪرڻ نٿي چاهي ۽ نه ڪو هڪ عورت کي گرفتار ڪري، پنهنجي شجاعت تي حرف آڻڻ ٿي مناسب ڄاڻائين معمولي گفت و شنيد کان پوءِ هو اڳتي وڌي ويو ۽ سجاح جزيره ڏانهن رواني ٿي ويئي.

مسيلمه ڪذاب مقابلي لاءِ تيار هو. ان جي چاليهه هزار فوج ميدان جنگ ۾ موجود هئي. سجاح جي فوج جو وڏو حصو پڻ اتي موجود هو، جو مسيلمه جي زير ڪمان لڙڻ لاءِ اتي رکيو ويو هو.

مسيلمه جي فوج جو سالار رجاق نالي مشهور جنگي بهادر هو. ٻئي طرف خالد بن وليد ۽ عبدالرحمان بن ابوبڪر صديق رضه هئا. جنگ شروع ٿي. هزارين بهادر خاڪ ۽ خون ۾ متجي ويا. ڪڏهن مسيلمه کي غلبو ٿي رهيو ۽ ڪڏهن مسلمان فوج غالب ٿي رهي. آخر مسلم فوج غالب آئي. مرتدن کي شڪست خورده ٿي حديقه تائين ڀڄڻو پيو.

بهادران اسلام جا حوصله وڌي ويا هئا ۽ هو حديقه تائين پهچي ويا. مسيلمه سخت پريشان هو. سندس چاليهه هزار فوج مان باقي تمام ٿورا سپاهي وڃي بچيا هئا، سي به نهايت حواس باخته هئا.

ان افراتفريءَ جي عالم ۾، ماڻهن مسيلمه کان پڇا ڪئي ته تنهنجو اهو واعدو ڪٿي آهي، جو خدا توسان ڪيو هو؟ خدا هينئر چو نه تو تنهنجي مدد ڪري! ان کي چئو ته هن مصيبت ۾ تنهنجي امداد ڪري!

مسيلمه چيو: حوصلو رکو، هي امتحان جو وقت آهي. اوهان کي جنگ احد ياد آهي. محمد (ﷺ) تي به ته اهڙو وقت گذريو آهي! آخر فتح ڪنهن جي ٿي! اوهان به فتح و نصرت جي اميد رکو، مايوس نه ٿيو. ان وقت جو انتظار ڪريو، آخرڪار غالب اسان ٿينداسون ۽ مسلمان هارائيندا.

- هي وقت ڳالهين جو ناهي، اج هر ڪنهن کي پنهنجي اهل عيال لاءِ وڙهڻ گهرجي.

مسيلمہ جي ان مڪارانہ وعظ، ماڻهن کي جنگ لاءِ آماده ڪيو. حديقہ ۾ رات ڏينهن لڙائي جاري رهندي آئي.

ٻئي ڏينهن يمامہ جو سپهہ سالار مقابلي جي ميدان ۾ آيو، پر جلدي حضرت عبدالرحمان بن ابوبڪر ؓ جي هٿان قتل ٿي ويو. ان ڪان مشتعل ٿي. هنن زوردار حملا شروع ڪيا، جنهن ڪان اسلامي فوج ۾ ڪجهہ انشار پيدا ٿيو، مگر حضرت خالد جي باطل شڪن تنبيه منجهن حوصلہ منديءَ جو ناقابل تسخير روح پيدا ڪيو. جنگ شدت اختيار ڪئي. مسيلمہ پنهنجي بچيل فوج سميت قلعي ۾ وڃي پناه ورتي ۽ دروازو بند ڪرائي ڇڏيو.

اسلامي لشڪر ٻاهر ڪان حملا ڪرڻ شروع ڪيا. آخري طور قسمت آزمائيءَ لاءِ ٻاهر نڪري آيو.

هيءَ آخري جنگ هئي، مسيلمہ ڏاڍي جوش ۽ خروش سان حملن تي حملو ڪري، داد شجاعت وني رهيو هو. وحشيءَ وجهہ وني، ڪيس اهڙو نہ تير هنيو، جو هي ڪوڙو نبي وڃي جهنم داخل ٿيو، مسلمانن جي فتح ٿي.

مسيلمہ کي ختم ڪندڙ وحشي، جبير بن مطعم، جو حبشي غلام هو، جنهن آنحضرت جي چاچي امير حمزه کي جنگ احد ۾ شهيد ڪيو هو ۽ پوءِ هو مسلمان ٿيو هو. اج جنگ يمامہ ۾ هن هڪ اهڙي مدعي نبوت کي ماري، هڪ اهڙي فتني کي ختم ڪيو، جو فساد انگيزيءَ جي ڪري تاريخ ۾ عالمگير فتنو سڏيو وڃي ها.

(9)

ٿن ڏينهن جي ڪنوار- پيڪر علم و فضل، مجسمئہ فصاحت و طلاقت چشمئہ حسن و جمال، ”سجاح“، جا علاقہ يمامہ جي اڏ محصول ۽ ملڪ عرب جي اڌ حصي جي وعدي تي ميدان ۾ آئي هئي، ان کي ڇا مليو؟ ڪوڙو نبي مري چڪو هو ۽ هوءَ گويا بيوه ٿي چڪي هئي. ڪيس حسرت ۽ ملال ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيو هو.

سندس خمير ۾ ئي انقلابي روح موجزن هو. سندس نازڪ جسم آفات ۽ حوادث لاءِ بنيو هو. ان جو دماغ تخيلات جي پريشانين جو مرڪز هو. ان جون نرگسي اکيون، زماني جي تغيرات لاءِ تماشائي بنجي چڪيون هيون. هوءَ حسن ۽ جمال جي ديوي هئي. نبيه بنجي دنيا کي پرستش جي دعوت ڏيندي هئي. هوءَ گويا پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب هئي.

سجاح هاڻي هنگامہ خيزيءَ کان ڪنارا ڪش ٿي چڪي هئي. آخري دور ۾ جنگ و جدال کي ڇڏي، پنهنجي قرابتي قبيلي بني تغلب ۾ رهائش اختيار ڪيائين. اتي نہ مَتس الهام آيو ۽ نہ وحي. سڀ تماشا ختم ٿي ويا.

حضرت ابوبڪر ؓ جو زمانو گذري ويو. حضرت عمر جو دور آيو، اهو گذريو. حضرت عثمان جو دور آيو، تان جو اهو بہ ختم ٿي ويو.

سجاح بلڪل خاموش رهي، تان جو حضرت معاويہ جي حڪومت جڏهن شام ۽ عراق ۾ قائم ٿي، تڏهن بہ سجاح شمع افسرده وانگر خاموش رهي.

ان زماني ۾ سخت ڏڪار پيو. حضرت معاويہ بني تغلب قبيلي کي بصري ۾ آباد ڪيو. سجاح بہ ان سان گڏ بصري ۾ آئي. ان وقت ۾ بني تغلب قبيلي اسلام قبول ڪيو ۽ سجاح بہ مشرف بہ اسلام ٿي.

اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سجاح نهايت ديندار ثابت ٿي گمراه نبيہ ختم المرسلين جي دامانِ نبوت ۾ پناه ورتي نيڪ فطرت هئي، سندس انجام بہ خير تي ٿيو.

سمرة بن جندب، جو رسول ڪريم ﷺ جو جليل القدر صحابي هو، سندس جنازي جي نماز پڙهائيءَ ۽ کيس ادب ۽ احترام سان سپرد خاڪ ڪيو ويو.

# مهاراڻي شويا

جيئن جيئن رات جي تاريڪي وڌي رهي هئي، تيئن تيئن مهاراڻي شويا جي بيچينيءَ ۾ اضافو ٿيندو ٿي رهيو. وڏي اضطراب سان پنهنجي پلنگ تي پاسا بدلائيندي رهي. هڪ نامعلوم تڪليف ڪيس ستائي رهي هئي. پوءِ ريشمي وهاڻي کي سيني سان لڳائي، زار زار روئڻ لڳي- بلڪل معصوم ۽ نادان ٻار وانگر.

جوانيءَ جي باهه ڪيس ڄڻ ته جلائي رهي هئي. سندس دل پئي ڳالهايو- 'جڏهن جواني جو لطف ئي حاصل ناهي، ته پوءِ شاهي محل، نوڪر چاڪر، زيور لباس ڇا معنيٰ ٿا رکن'.

ڪافي وقت تائين سڏڪن پرينديءَ گذاريائين. گذريل زندگي جاسپ واقعا، سندس نگاهن اڳيان ڦري رهيا هئا. پيءُ جو عاليشان محلات، ان جي سامهون باغ، سهيلين سان رات ڏينهن راڳ ۽ رنگ. ان کان وڌيڪ، سهديو سان والهانه محبت. ان خيال جي ايندي ئي، سهديو جهڙي نوجوان جو خوبصورت چهرو سندس نگاهن جي اڳيان آيو. مرڪندڙ ۽ معصوم جوان رعنا جي شوخ ۽ دلاويز جوانيءَ جو تصور!

ان کان پوءِ ڪيس اهو به ياد آيو ته يڪا يڪ اوچتو سندس زندگيءَ ۾ ڪيئن انقلاب آيو. سنڌ جي پوڙهي فرتوت راجا سهاسي جي ان تي نظر پئي، شويا جي جواني ديوانيءَ راجا جي دل کي موهي وڌو. شويا جو پيءُ، راج جي پيغام کان انڪار ڪري نه سگهيو. هڪ راجا کي ڌيءَ ڏيندي پلا ڪير ٿو انڪار ڪري سگهي. پوڙهي فرتوت راجا جي نفسانيت تي شويا جي الهڙ جوانيءَ کي قربان ڪيو ويو.

شويا گهڻو ئي پاڻ کي پٽيو ۽ سٽيو، مگر هڪ معصوم ۽ گگدام ڪنواري ڇوڪريءَ جي فرياد ڪير ٿو ٻڌي. جڳن جا جڳ گذري چڪا آهن، ان بي زبان کي اڃا زبان نه ملي آهي. خير، شويا جي اميدن ۽ آسرن جو خوشنما محل پُري اچي پَٽ پيو. سهديو، اوچتو ئي اوچتو لاپته

تي ويو. ڪاڏي ويو؟ ڪٿي گم ٿيو؟ ڪنهن گم ڪيو؟ آيا ڪنهن ماري وڌو- هزارين گمان پئي آيا ۽ ويا- شويا اهو سوچي دل گرفتہ ٿي ۽ سندس جڻ دل ٻڏڻ لڳي.

(2)

گذريل واقعات سلسلہ وار سندس نظرن جي سامهون اچڻ لڳا. ڪيس ياد آيو تہ شاديءَ کان پوءِ، ڪيس حجلۂ عروسيءَ ۾ ويهاري، خوشيءَ مان داسيون کلندي ڪلائيندي چئي نڪتيون هيون: ”توريءَ دير کان پوءِ مهاراج اچي رهيو آهي“.

داسين جي آواز ۾ شوخي ۽ رنگيني، مذاق ۽ زنده دلي هئي، ليڪن شويا کي اهو ٿي محسوس ٿيو، جڻ تہ داسين ۽ سهيلين مٿس چٿرون پئي ڪيون. داسين جو پوڳ ۽ چرچو ۽ کلڻ جو آواز سندس سيني ۾ خنجر وانگر ٿي لڳو، جنهن کان هوءَ ناقابل برداشت ذهني ۽ دلي عذاب محسوس ڪري روئي رهي هئي.

مهاراج اچي ويو. پيلي رنگ جو ڪمزور، هڏن جو مُٺ. نہ منجهس رنگ نہ رونق، نہ جذبات نہ امنگ، پر نفس جو غلام، جوانيءَ جي فريب ۾ مبتلا. ڪنوار جو گونگهٽ لاٿو ويو. هڪ نوخيز مڪڙيءَ کي پيرن ۾ لتاڙي اڇلايو ويو. راجا جي خوفائتي ۽ هيبتناڪ چهري کان شويا جو انگ ڪنبي رهيو هو.

شويا ڪنهن نا محسوس اذيت کان مجبور ٿي پنهنجون اکيون بند ڪري ڇڏيون. ان کان پوءِ هوءَ ڪنهن گهري خيال ۾ غرق ٿي وئي.

نائب سلطنت چچ جي تصوير سندس نگاهن جي سامهون غير ارادي طور بار بار اچڻ لڳي. اها تصوير ڪيس چئي رهي هئي تہ غلام حاضر آهي. چچ جو مجسمو، راڻيءَ جي سامهون اچي بيٺو: خوبصورت چهرو، جوان جسم، قوي ۽ مضبوط ٻانهون، زبان شيرين، ادا دلنشين، بدن پريل ۽ ٺاهوڪو، آواز ۾ ازلي ساز جو پڙاڏو اڄا اڄ ئي صبح جو شويا ڪيس محلات ۾ ايندي ڏٺو هو. هو پرديسي برهمڻ، پنهنجي محسن وزيراعظم جي سفارش تي منشيءَ جي منصب تي تازو ئي مقرر ٿيو هو. اڄ راڄ ڪاڄ جي لکپڙه جي سلسلي ۾ محل ۾ گهرايو ويو هو. راڻيءَ جي مَنَ ۾ چچ جي صورت چٽ وانگر چنبي چڪي هئي. شويا

ان برهمڻ جي صورت کي دل مان ٻاهر ڪڍڻ جا ڏاڍا جَتن ڪيا مگر ان من موهڻي صورت سندس دل جي دنيا خالي ئي نہ ٿي ڪئي. شويا محسوس ڪري چڪي هئي تہ ڇڻ چچ ڪيس پوريءَ قوت سان پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو آهي.

(3)

شويا ڪوشش جي باوجود، پنهنجيءَ دل چچ جي خيال کان آزاد ڪري نہ سگهي. چچ جو تصور ڏينهون- ڏينهن سندس دل ۽ دماغ تي ڇانئبو ويو. شويا کي هاڻي ان تصور مان ڪجھ فرحت اچڻ لڳي. اهڙي روحاني لذت جنهن سندس مئل جذبا، وري جيئرا ڪري ڇڏيا. سندس سٽل ۽ سرد امنگون دوباره رنگ رچائڻ لڳيون.

شويا جي زندگيءَ نيٺ پاسو ورايو. هوءَ راڄ محل مان نڪري، راڄ جي ڪمن ۾ دلچسپي وٺڻ لڳي؛ محض ان لاءِ جيئن ان بهاني سان چچ جي قريب ٿي سگهي. ائين ڪندي هوءَ چچ جي نهايت قريب پهچي ويئي.

راڻيءَ جي مرده دلي اچانڪ زنده دليءَ ۾ بدلجي ويئي. سندس مرجهايل ۽ ڪومائل دل جو ڪنول وري ٽڙي پيو. سندس منهن گلاب وانگر سرخ ٿي ٻهڪڻ لڳو. سندس سڪل ۽ بي روح رڳن ۾ جڻ جوانيءَ جو نئون رت هلڻ شروع ٿيو. پهرن جا پهر هن چچ سان رهاڻ ۾ گذارڻ شروع ڪيا. ڪيس اهو محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ سندس مُرجهايل زندگيءَ ۾ بهار اچي چڪي هئي.

راڻيءَ جي خمار ڀريل نيڻن ۽ سڳنڌ ڀريل پساهن اگرچ چچ کي سڀ ڪجھ ڀڏائي ڇڏيو هو، ليڪن چچ ان مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ نتيجن کي ڀريندي ئي محسوس ڪري ڪناره ڪشي ڪندو ٿي آيو. پر راڻيءَ جي بي پناه حسن جي مقناطيسي ڪشش نيٺ چچ جي خطرن ۽ احتياطن کي پاڻ ڏانهن ڇڪڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. چچ جي دل ۾ بہ راڻيءَ جي محبت جو درد دکڻ لڳو. ٻئي پريت جي پيچ ۾ سُڪ ٿي ويا.

(4)

چچ جون اڪثر ڪري راتيون راڻيءَ جي محل ۾ گذرڻ لڳيون. هر سنجهو ٽاري، چورن وانگر محلات ۾ ايندو هو ۽ صبح کان اڳ ئي

لڪي ڇپي نڪري ويندو هو. ان طرح ڪو زمانو گذر تي ويو. ٻنهي جي دل ۾ محبت وڌندي رهي. شويا ۽ چچ جي ملاقاتن جي نيٺ رعايا کي خبر پئجي ويئي. مشڪ ۽ عشق تہ ڪڏهن بہ لڪئا ناهن! شهرت ٿيندي ٿيندي، نازڪ صورتحال پيدا ٿي ويئي.

اج چچ لڪندي ۽ ڊڄندي محلات ۾ آيو هو. ڪيس پنهنجيءَ راڻيءَ جي زندگيءَ متعلق ڪافي وسوسا وڪوڙي چڪا هئا. هن موت کي اکين سان پئي ڏٺو، ڪافي دير تائين واقعات جي مختلف پهلوئن تي سوچيندو ۽ شويا سان ڳالهائيندو رهيو. راڻي ڏاڍي غور سان سندس ڳالهيون ٻڌندي رهي ۽ هڪ گهري طوفاني خيال ۾ غرق رهي.

”چو نہ اسان هتاهون نڪري هلون“. چچ، راڻيءَ کي چيو: ”۽ اهڙي هنڌ هلي رهون، جتي ڪوبہ اسان کي سڃاڻي نہ سگهي“.

”يلا اهو ڪهڙو هنڌ آهي؟“ ائين چوندي راڻيءَ معنيٰ خيز نموني ۾ کلي ڏٺو، ڄڻ تہ هوءَ چچ جي پست همتيءَ تي مذاق ڪري رهي هئي.

”اهو هنڌ ڪهڙو بہ هجي“ چچ چيو: ”هاڻي اسان جو هت رهڻ خطري کان خالي ناهي!“

”خطري کان ڊڄين ٿو“. راڻيءَ ائين چوندي، چچ ڏانهن غور ڪري نهاريو ۽ چيو: ”منهنجي هوندي، آخر تو لاءِ ڪهڙو خطرو آهي؟“

”اگر راجا مون کان ناراض ٿي پوي ۽ جواب طلب ڪري تہ پوءِ مان ڪيس ڪهڙو جواب ڏيندس“. چچ پڇيو.

”راجا توکان نہ، پر مون کان جواب طلب ڪندو، مان راجا کي مطمئن ڪري چڪي آهيان“. راڻيءَ وراڻيو.

”اگر سلطنت جا امير امراء، بغاوت ڪن تہ پوءِ؟“ چچ پڇيو.

”ان بغاوت کي دبائڻ لاءِ مون وٽ پوري طاقت آهي“. راڻيءَ چيو.

”اگر رعيت ناراض ٿي هنگامو ڪري وجهي، تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟“ چچ چيو.

”ان کي ڪچلي ڇڏڻو پوندو. حڪومت منهنجي هٿ ۾ آهي، فوج منهنجي قبضي ۾ آهي، مون حڪومت جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ رکيون آهن“. راڻيءَ چيو.

راڻي معنيٰ خيز نگاهن سان نهاريندي چيو، ”چچ! تون مرد ٿي ڪري همت هاري چڪو آهين ۽ مان عورت ٿي ڪري پنهنجي فيصلي ۽ ارادي تي پهاڙ وانگر اڏول آهيان. نتيجن جو انتظار ڪرڻ گهرجي، ياد رکڻ گهرجي. عورت جڏهن ڪنهن سان محبت ڪندي آهي ته پوءِ اهو سڀ ڪجهه ڪري سگهندي آهي، جو ٻين لاءِ مشڪل هوندو آهي.“

راڻيءَ جي ان جرئت آموز ڳالهه ٻولهه، چچ جي مردانه عزت کي لوڏي ڇڏيو، هو سوچڻ لڳو ته ڪيس راڻيءَ جي سامهون ان قسم جي بزدلانه گفتگو نه ڪرڻ گهرجي. سوچي، گفتگو جو رخ بلائيندي، ڪلي ڏنائين. ان نشست ۾ چچ پنهنجي بزدليءَ تي پردي وجهڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. ۽ سنجيدگيءَ جي ماحول ۾ ٽهڪن جو آواز، فضا ۾ گونجندي گم ٿي ويو.

ملاقات جو سلسلو ائين هلندو رهيو. ماڻهن جي سوگوشين ۽ نڪته چينيءَ هوندي به هاڻي، چچ ۽ راڻي ان منزل تي پهچي چڪا هئا، جتي بدناميءَ ۽ رسوائيءَ جو ڪوئي خطرو پيدا ٿي نٿي سگهيو. ٻئي ڄڻا تمام دور پهچي چڪا هئا.

راڻيءَ بلڪل سچ چيو هو ته ”عورت جڏهن ڪنهن سان محبت ڪندي آهي، تڏهن ان جي لاءِ سڀ ڪجهه ڪري گذرندي آهي!“ عوام جي نڪته چينيءَ ۽ اميرن جي ناراضگيءَ هوندي به راڻي چچ کي سنڌ جي تخت تي ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي ويئي.

راجا سهاسي ڪنهن نامعلوم بيماريءَ جي وڳهي اندر ئي اندر ۾ جُهري چڪو هو، ليڪن راجا جي اوچتي موت جو پوت، راڻيءَ کي ڪڏهن ڪڏهن ڊيڄاري ڇڏيندو هو. ان تي هوءَ سوچڻ لڳندي هئي ته راجا جا بيشمار عزيز ۽ خانداني ماڻهو موجود آهن. انهن جي هوندي هوءَ، چچ کي سنڌ جي گديءَ تي ڪيئن ويهاري سگهندي.

راڻيءَ جي شاطرانه دماغ هڪ تجويز پيش ڪئي ته جو نه انهن سيني خطرن ۽ نتيجن جو خاتمو آڻي ڇڏجي، جيئن پنهنجي محبوب چچ سان بلڪل بي فڪريءَ واري زندگي گذاري سگهجي ۽ تخت ۽ بخت به پنهنجي هٿن ۾ رهي!

راڻيءَ ان تجويز تي سوچي عملي قلم کڻڻ شروع ڪيو. راجا جهري ۽ ڳري موت جي ڪناري تي پهچي چڪو هو. راڻيءَ، راجا جي سيني عزيزن ۽ دوستن، اميرن ۽ وزيرن جي نالي فرمان جاري ڪيو:

”مان اگرچ تندرست آهيان، ليڪن بي اولادي جي ڪري، اهو ضروري ٿو سمجهان تہ پنهنجي حياتيءَ ۾، پنهنجي جانشينيءَ جو مسئلو پنهنجن اميرن، وزيرن ۽ رشتہ دارن جي مشوري سان حل ڪري ڇڏيان، جيئن منهنجي مرتيو ڪان پوءِ، سنڌ جي تخت لاءِ ڪو اختلاف نہ پيدا ٿي سگهي، اجائي رتوڇاڻ ڪان منهنجي آتما بي آرام رهندي. منهنجي خواهش آهي تہ اڄ ڏيئن ٻرڻ وقت، سڀ امير ۽ وزير، سفير ۽ منصبدار، تعلق وارا ۽ رشتہ دار محلات ۾ اچن ۽ باهمي مشوري سان پنهنجي روبرو سنڌ جي تخت لاءِ لائق جا نشين جو انتخاب ڪن“.

فرمان جي هينان راجا سهاسيءَ جو جعلي دستخط هو. فرمان اهڙي تہ تنگ وقت ۾ پهتو، جو راجا جي عزيزن ۽ حڪومت جي اهلڪارن کي پاڻ ۾ گڏجي، ڪنهن مشوري ڪرڻ جي گنجائش ئي نہ رهي.

ڏيئا ٻريا، سڀ عزيز ۽ امير، قريب ۽ وزير اچي محلات ۾ انهن احمق پکين وانگر- جي شڪاريءَ جي فريب ۾ اچي پاڻهي پاڻ کي ڄار جو ڪندا آهن- گڏ ٿيا.

راڻي فاتحانہ انداز ۾ محل جي ان ويڪري هال ۾ داخل ٿي، جتي راجا جا سڀ رشتہ دار گڏ ٿيا هئا. ان جي اکين ۾ شرارت جو طوفان هو. راجا جي تعلق وارن ڏانهن هڪ رعبدار نگاه سان نهاري، مخاطب ٿيندي چيائين:

”اچو مهاراج اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهي“. ائين چوندي راڻي انهن سيني کي محل جي هڪ گوشي ڏانهن وٺي وئي، جتي راجا جي رشتہ دارن کي اڳيئي سمجهائي ۽ سيڪاري ويهاريو ويو هو. ڪين حڪم ڏنل هو تہ هو پنهنجي پنهنجي دشمن کي لقمئہ اجل بنائي، پنهنجو اندر ٺارن.

راجا جو ڪوبہ رشتہ دار واپس نہ وريو، سڀ قتل ٿي ويا. راڻي چچ لاءِ رستو صاف ڪري ڇڏيو چو تہ تخت جو ڪو بہ دعويدار نہ رهيو. سڀ ختم ٿي ويا.

راجا بہ مهل ۾ دم ڏنو. ان حسرت ڀريل نظرن سان، چئني طرفن ڏانهن گهوري گهوري نهاريو ۽ هميشہ لاءِ خاموش ٿي ويو- راجا جي موت کي پوشيدو رکيو ويو، چو تہ راڻيءَ کي اجان ڪجھ انتظام ڪرڻا هئا.

(5)

اروڙ جي راڄڌاني ۽ محل جي چوڌاري فوجون بيهاريون ويون هيون. دربار ۾ سنڌ جا سڀ امير ۽ وڏا ماڻهوموجود هئا. اصل ۾ ڇنڊ ڇاڻ جي جاءِ بہ نہ هئي. راڻي اڄ ڀريءَ دربار ۾، چچ جي بادشاهيءَ ۽ راجا جي موت جو اعلان ڪرڻ واري هئي.

سيني ۾ راڻيءَ ۽ چچ جي باري ۾ چميگويون ٿي رهيون هيون:

"راجا اصل ۾ مري چڪو آهي ۽ ان جي موت کي رعيت کان لڪايو ويو آهي".

"راڻيءَ، چچ جي خاطر راجا کي زهر ڏيئي ماريو آهي".

"ضرور ڪو خطرو آهي، تڏهن تہ اروڙ جي چوڌاري فوج بيهاريل آهي".

"راجا جا سڀ رشتہ دار لاپتہ آهن، انهن کي قتل ڪيو ويو آهي".

"راڻيءَ ۽ چچ ٻنهي کان راجا ۽ رشتہ دارن جي خون جو بدلو ورتو ويندو".

ماڻهو ۾ راڻيءَ ۽ چچ ٻنهي لاءِ بدگمانيءَ جو طوفان اٿي چڪو هو. سلطنت جا امير پريشانيءَ ۾ مبتلا ٿي چڪا هئا، انتهائي بيقراريءَ سان هر ڪو راڻيءَ جي اچڻ لاءِ انتظار ڪري رهيو هو.

راڻي، ماتمي لباس ۾ نمودار ٿي. غمزده ۽ ڏکويل، گردن جهڪائي اڳيان اچي ويني. اميرن ۽ وزيرن هڪ ٻئي ڏانهن حيرت انگيز نگاهن سان نهاريو ۽ نظرن سان پاڻ ۾ ڳالهائي ورتو تہ راجا جي مرڻ جي ڳالھ برابر سچي نڪتي.

راڻيءَ دربار ۾ اعلان ڪيو:

"مان نهايت رنج ۽ ارمان سان، هيءَ المناڪ خبر اوهان
اڳيان ظاهر ڪريان ٿي ته مهاراج سورگباش ٿي
چڪو."

ائين چئي راڻي خاموش ٿي ويئي. دربار تي سناٽو ڇانئجي ويو. ان کان پوءِ راڻيءَ چوڻ شروع ڪيو:

"مان اوهان سڀني کي آگاهه ڪرڻ چاهيان ٿي ته مهاراج، جڏهن ته بي اولادي هو..."

راڻي خاموش ٿي ويئي. پاڻ کي به تڪلف سنڀاليندي چوڻ شروع ڪيائين.

"ان ڪري سنڌ جو تخت ۽ تاج، نائب سلطنت چچ کي ڏيڻ لاءِ وصيت ڪري ويو آهي."

"غلط غلط، ڪوڙ، مڪاري، عياري! ائين ڪڏهن به نه ٿيندو!" هڪ امير گجندي چيو:

"اسان کي سراسر دوکو ڏنو ويو آهي"، ٻئي امير للڪاريو.

"مهاراڻي، تون حد کان وڌيڪ وڌي چڪي آهين" ٽئين چيو.

"گناهن تي پردي وجهڻ جي ڪوشش نه ڪرڻ گهرجي". چوٿين چيو.

"خاموش رهو"- راڻي گرجدار آواز ۾ چيو. "اوهان کي راجا جي حڪم کي تسليم ڪرڻو پوندو."

"هي راجا جو حڪم ناهي، تخت جو فيصلو هاڻي تلوار ئي ڪندي."

تلوارون مياڻين مان چمڪي نڪتيون. هڪ طرف سلطنت جا امير ۽ انهن جا هم خيال ۽ راجا جا ٻچيل رشته دار هئا ۽ ٻئي طرف راڻيءَ جي بي پناهه فوج. اروڙ جي دربار ۾ خون جي ندي وهي هلي! محلات جو فرش خون سان لاله زار بڻجي ويو. ظلم ۽ طاقت، حق ۽ صداقت کي ختم ڪري ڇڏيو. بيشمار سنڌي سورما قتل ٿي ويا. تلوارن جي ڇانوَ ۾ چچ جي بادشاهت جو اعلان ڪيو ويو. رعيت جي بيقراريءَ ۽ پريشانيءَ کي تلوارن سان ڪچليو ويو. ان ئي شام جو پوڙهي راجا سهاسيءَ جو لاش، بي سرو سامانيءَ جي عالم ۾ ڪنهن به شاهي انتظام

ڪان سواءِ لڪي ڇپي ڪانين جي آڙاهه ۾ جلايو ويو. ڪا بہ ڌرمي رسم ادا نہ ڪئي وئي ۽ نہ ڪو سندس لاءِ دان ۽ پُڄ جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. راجا جي ڪمزور هڏين سان، سنڌ جو تخت بہ جلي رک ٿي ويو!

چچ، محبت ۽ احسان منديءَ جي گڏيل جذبات سان، راڻيءَ جي اڳيان گردن جهڪائي. هو چئي رهيو هو. ”شويا، تو منهنجي لاءِ پاڻ کي خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي“.

(6)

هن واقعي کان چند ڏينهن کان پوءِ، راجا جيدار جون فوجون سنڌ تي ڪاهي آيون. راجا پنهنجي وڏي ڀاءُ سهاسيءَ جي بيگاه خون جي انتقام وٺڻ لاءِ، بي پناه فوج سان اچي حملہ آور ٿيو.

چچ پريشان ٿي ويو، سندس گنهگار دل، مٿس لعنت ۽ ملامت ڪري رهي هئي.

”محبت، تخت ۽ تاج جي بکي ناهي“. چچ چيو: ”چو نہ اسان هتئون نڪري هلئون“.

”چچ! ڇا تون ميدان جنگ کان گهبرائي چڪو آهين؟“ راڻيءَ چچ ڏانهن نهاريندي چيو: ”مان تون سان گڏ، ميدان جنگ ۾ لڙنديس!“

”نہ نہ- مهاراڻي اها ڳالهہ ناهي“. چچ وراڻيو- اسان هڙن هنگامن کان هاڻي، تنگ اچي چڪا آهيون.

”هنگامہ خيز حالتن ۾ تہ زندگيءَ جو لطف آهي“. ائين چوندي راڻيءَ جو منهن تپي ڳاڙهو ٿي ويو.

راڻيءَ اک ڇنڀ ۾ هڪ باڪمال سپهہ سالار وانگر، پنهنجي فوج کي ترتيب ۾ آندو ۽ چچ کي پاڻ سان همراه ڪري ميدان جنگ ڏانهن رواني ٿي.

راڻي راجا جيدار جي فوجن تي، ڦٽيل شينهن وانگر حملو ڪيو. راڻيءَ جي دليريءَ ۽ پيش قدميءَ کي ڏسي، سنڌي سينا ۾ پڻ جوش جي لهر ڇانئجي وئي. راجا جيدار کي جلد محسوس ٿيڻ لڳو تہ راڻيءَ سان، آسانيءَ سان مقابلو ڪري نہ ٿو سگهجي.

جيدار جا ايلچي، راڻيءَ سان صلح لاءِ ڊوڙندا آيا. راڻيءَ صلح کان انڪار ڪندي ايلچين کي للڪاريو- ”راجا جيدار حملو ڪري منهنجي توهين ڪئي آهي، مان سندس وڏي ياءُ جي راڻي هئس، جيستائين پاڻ جيدار اچي معافي نہ وٺندو، تيستائين مان کيس معاف نہ ڪنديس! مان سندس حملي کان سواءِ ئي کيس سنڌ جو تخت حوالي ڪيان ها، هاڻي بہ کيس تخت ڏيڻ لاءِ تيار آهيان، ڇو تہ مان پاڻ هن راڄ ۽ تخت جي ڪٽراڳن کان بيزار آهيان“.

راڻيءَ جي پيغام پهچڻ تي راجا جيدار، راڻيءَ جي ويجهو آيو ۽ بي خوف ٿي راڻيءَ جي تنبوءَ ۾ گهڙي ويو. اهو خيال ڪري تہ راڻي سندس سرڳواسي وڏي ياءُ راجا سهاسيءَ جي راڻي آهي، ان ڪري ساڻس ڪوبہ دوکو نہ ڪيو ويندو.

جيدار جيئن تنبوءَ ۾ پير ڌريو، تيئن سندس سر وجي پري پيو! جيدار جي فوج ياڄ ڪاڏي، هرڪو منتشر ٿي ڀڄڻ لڳو. راڻيءَ کي فتح حاصل ٿي. راڻي اڪيلي وڏي، جيدار جي حڪومت تي پڻ قبضو ڪري ورتو.

راڻيءَ جي ان، جرئت ساري ملڪ ۾ سندس ڌاڪو ويهاري ڇڏيو. اهي ماڻهو، جي اڳ چميگويون ڪندا هئا، سي خود سندس بهادريءَ جا ڳڻ ڳائڻ لڳا.

جڏهن راڻي ميدان جنگ ڏانهن حملي ۽ دفاع لاءِ وئي هئي، تڏهن سلطنت جا امير ۽ وزير سندس حڪومت جي تختي ڪڏڻ لاءِ سازشن ۾ مصروف هئا، پر جڏهن فاتحانہ انداز ۾ آئي تڏهن سي هيسجي ويا ۽ سندس اڳيان سِر جهڪائي بيٺا. هاڻي راڻي سيني لاءِ پوڄا جي لائق ديوي بنجي چڪي هئي.

(7)

راڻيءَ پنهنجي محبوب ڇچ کي مڪر ۽ فريب، خونريزي ۽ فساد جي هٿيارن سان، سنڌ جي تخت تي ويهارڻ ۾ ڪامياب ٿي، ليڪن اڄ هوءَ اڃا هڪ نئون قدم کڻڻ واري هئي.

دربار سنڌ اميرن ۽ وزيرن سان ڀريل هئي، سڀ امير ۽ وزير پريشان هئا تہ ڏسجي تہ اڄ ڪهڙو اهم واقعو ٿو رونما ٿئي!

راڻي هٿياربند سپاهين جي نگرانيءَ ۾، دربار ۾ داخل ٿي. امير وزير سڀ گردن جهڪائي، اٿي بيٺا. راڻي زرتار لباس پهريل، اچي سونيءَ ڪرسيءَ تي ويٺي.

چند گهڙين کان پوءِ، دربار کي شاهانه انداز سان مخاطب ٿيندي چيائين:

”مون هڪ خاص مشوري ڪرڻ لاءِ، اوهان کي گهرايو آهي“. راڻي ائين چئي خاموش ٿي ويئي.

درٻارين جون نگاهون، راڻيءَ جي چهري ۽ ان ۾ پيدا ٿيندڙ خد و خال تي ڄمي ويون.

راڻيءَ چوڻ شروع ڪيو:

”اوهان کي معلوم آهي ته سرگواسي راجا جو ڪوبه اولاد ناهي، ان ڪري مون کي خاندان کان ٻاهر، راجا انتخاب ڪرڻو پيو“. سڀ درٻاري، نهايت غور سان راڻيءَ جي تقرير ٻڌي رهيا هئا. راڻيءَ چيو: ”مان چاهيان ٿي ته ڪو تخت جو جائز حقدار ٿئي“. سڀ امير الجهن ۾ پئجي ويا! ۽ سوچڻ لڳا ته آخر راڻي ڇا ٿي چوڻ چاهي. مگر راڻيءَ ان مشڪل مسئلي کي حل ڪندي چيو:

”اوهان کي معلوم آهي ته منهنجو ڪو اولاد ڪونه آهي، ان ڪري مان ٻي شادي ڪرڻ گهران ٿي، محض ان لاءِ جيئن سنڌ جي تخت جو ڪو جائز حقدار پيدا ٿي سگهي“. ائين چئي، وري به راڻي خاموش ٿي ويئي.

راڻي شرم آلود نگاهن سان وري چوڻ شروع ڪيو:

”مان چاهيان ٿي ته اوهان سڀ ٻڌايو ته مون کي ڪنهن سان شادي ڪرڻ گهرجي. هي منهنجو ذاتي معاملو ناهي، بلڪ سنڌ جي ساري رعيت جو معاملو آهي!“ اهو ٻڌي، سڀ امير ۽ وزير، دبير ۽ دانشمند، هڪ ٻئي جو منهن تڪڻ لڳا. ان ڪنن سوال جو جواب ڪنهن سمجهه ۾ ئي نه ٿي آيو.

راڻيءَ وري هڪ ڀيرو دربار کان مخاطب ٿي چيو: ”اوهان خاموش ڇو آهيو؟“

”مهاراڻي، ان جو فيصلو خود توکي ئي ڪرڻو آهي“. هڪ امير جواب ڏنو.

”مگر مان هي معاملو رعيت تي ڇڏيان ٿي“. ائين چئي راڻي خاموش ٿي ويئي ۽ معنيٰ خيز نگاهن سان امراءُ سلطنت ڏانهن نهارڻ لڳي، جي سندس مقربين مان هئا ۽ رازدار هئا.

انهن مان هڪ امير چيو:

”مهاراڻي، مهاراجا جي سرڳباش ٿيڻ کان پوءِ، تو جنهن تدبر ۽ بهادريءَ سان حڪومت کي سنڀاليو آهي، ان کي ڏسي اسان هي فيصلو ڪيو آهي، ته تون جيڪو به فيصلو ڪنديون. تنهنجو هر فيصلو اسان کي منظور آهي“.

راڻيءَ جڏهن ڏٺو ته اظهار مدعا لاءِ زمين هموار ٿي چڪي آهي، تڏهن شرم آلود نگاهه ۽ نرم آواز سان چيائين:

”مان راجا چچ مهاراج کي سنڌ جي تخت لاءِ چونڊيان ٿي!“
راڻيءَ جي رازدارن ۽ مقرب اميرن با آواز بلند راڻي جي تائيد ڪندي چيو: ”اسان کي منظور آهي، جئي مهاراج ڪي!“

اهو رنگ ڏسي جيڪي امير راڻيءَ جي ان مڪارانه فيصلي سان متفق نه هئا، تن به لاچار ٿي هائوڪار ڪئي، ڇو ته هر هڪ امير جي مٿان هڪ سپاهي ننگي تلوار ڪنيون بيٺو هو، رڳو راڻيءَ جي اشاري جي دير هئي. ٻيو ته راجا سهاسيءَ جي موت جي اعلان ۽ چچ جي بادشاهي جي اعلان تي اروڙ جي دربار ۾ خون خرابي کي ڏسي پسي چڪا هئا. انڪري راڻيءَ جي فيصلي جي خلاف ڪجهه چوڻ هٿ وٺي پنهنجي سر کي وڃائڻ جي مترادف هو.

راڻيءَ کي پنهنجو در مقصود حاصل ٿيو. ان ڌوم ڌام سان، چچ سان شادي ڪئي. شاديءَ کان پوءِ راڻي اڪثر وقتن تي چچ کي چوندي هئي:

”عورت جڏهن ڪوبه ارادو ڪري ٿي، تڏهن دنيا جي ڪابه طاقت، ڪيس پنهنجي ارادي کان باز رکي نه ٿي سگهي! خواهه ڪيس مڪر ۽ فريب جو جار ٺي ڇو نه وڇائڻو پوي ۽ بيگناهن جي خون سان سندس دامن داغدار ڇو نه ٿئي!“

تاريخ ورق ورائيندي ٻڌائي ٿي ته ان طرح اروڙ جو تاج راءِ گهراڻي کان چچ جي مٿي تي آيو.

(چچ نامو)

# چندرودتا

(1)

ڪڇ جي بادشاهي محلات جي هڪ نهايت سينگاريل ۽ سنواريل نشست گاه ۾ راڻو روڙپار وينو آهي. سندس سامهون راڻي ڏرو ديوي، زارو قطار روئي رهي آهي. سبب پڇڻ تي، چئي رهي آهي:

”اسان سير ۽ تفريح ڪندي، جڏهن انهلواڙ پٽن جي قديم مندرن جي زيارت ڪرڻ لاءِ، جهنگ مان وڃي رهيا هئاسون، تڏهن سڌراج، سوارن جي هڪ جٿي سان اسان جو رستو روڪي بيٺو ۽ جهار، چوندي تلوار مياڻ مان ڪڍي ڏمڪائڻ لڳو.

اسان جي جٿي جي سردار لاکي جهار[1] جو جواب ڏيندي، اڳتي وڌي للڪاري چيو: خبردار جي ڪنهن هڪ قدم به اڳتي وڌايو آهي. سڌراج گرجدار آواز ۾ وراڻيو: ”اوهان کي شايد معلوم ناهي ته مان گجرات جو والي سڌراج آهيان. اوهان منهنجي اجازت کان سواءِ منهنجي حد ۾ آهيو. ان ڪري اوهان کي ڏنڊ ادا ڪري پوءِ اڳتي وڃڻو پوندو.

لاکي نهايت سنجيدگي سان پڇيو، ”بيشڪ اسان ڏن ڏيڻ لاءِ تيار آهيون. اسان کي ٻڌايو وڃي ته ڪيترو ڏن ڏيڻو پوندو!“

سڌراج جواب ۾ چيو: ”اسان وٽ ڌن دولت جي ڪا به ڪمي ناهي. هيءَ راجڪماري، جا اوهان سان گڏ آهي، ان کي بنا دير جي منهنجي محلات جي زينت بنايو وڃي. ان کان سواءِ اوهان کي هن هنڌ تان، هڪ قدم به اڳتي يا پوئتي هٽڻ نه ڏنو ويندو“.

---

[1] جهار لفظ جو مطلب گجراتي ٻوليءَ ۾ آهي. ’شو مهراج جي جئه‘ ڪاٺياواڙ ۾ راجپوت، ملاقات وقت جهار چئي هڪ ٻئي کي سلام ڪندا آهن. شيواجيءَ جي گروءَ، رامداس، ان جهار جي مقابلي ۾ رام رام جو رواج پيدا ڪيو. اڄ به ڏکڻ هند ۾ نيچ قومون جهار چون ٿيون ۽ واپاري به لفظ جهار ڪتب آڻين. ’فلاڻي کي جهار چوندا‘ وغيره.

لاکو خاموش ٿي ويو. ڪجهه سوچڻ کان پوءِ مون کي آهستگيءَ سان چيائين: ”راڻي! اگر جنگ جو اعلان ڪنداسون تہ پوءِ مان جان ڏئي سگهندس، پر راجڪماريءَ ۽ اوهان جي عزت نہ بچائي سگهندس. ان ڪري هتان بچي نڪرڻ لاءِ ڪنهن حڪمت عمليءَ کان ڪم وٺڻ گهرجي“.

چنانچہ مون سان مشورو ڪري لاکي اڳتي وڌي ستراج جو شاهي سلام ڪيو ۽ هن طرح سان چيو:

”راڻي راجڪماريءَ کي اوهان جهڙي سورهہ سردار سان وابستہ ڪرڻ لاءِ بلڪل رضامند ٿي آهي، مگر پرماتما جي نالي ايترو تہ غور ڪرڻ گهرجي تہ سولنڪي راجپوت خاندان جي راجڪاري هن نموني ۾ چپ چاپ پرڻائي ڏيڻ ۾ نہ صرف اسان جي، پر ان کان وڌيڪ اوهان جي بدنامي ٿيندي. هينئر اسان کي اجازت ڏيو، ڪجهہ پهچندي ساڻ اسان اوهان کي شاديءَ جي تياري جو اطلاع ڏينداسون“.

”پرماتما جو شڪر آهي جو ستراج اها راءِ قبول ڪئي ۽ بنا ڪنهن نٽ تناءَ جي اسان جي جند ڇڏيائين. اسان تڙتڪڙ ۾ مندرن کي ڏسي هٽ پهتا آهيون. ستراج اسان جي سخت توهين ڪئي آهي. اگر ان جو بدلو نہ ورتو ويو ۽ تلاقي نہ ڪئي وئي، تہ پوءِ هميشہ لاءِ اسان جي خاندان تي بدناميءَ جو داغ لڳو رهندو“.

راڻو، اها وارتا ٻڌي حيرت ۾ اچي ويو ۽ ستراج کان انتقام وٺڻ لاءِ تدبيرون سوچڻ شروع ڪيائين، پر جڏهن ڏٺائين تہ سندس مختصر فوج، هڪ زبردست ۽ قوي فوج سان مقابلو ڪري نہ سگهندي، تڏهن ڪانياواڙ جي راءِ ڪنگهار کان امداد طلب ڪرڻ جي رٿا ٺاهيائين. ان سلسلي ۾ پنهنجن اميرن ۽ وزيرن سان صلاح مشورو ڪري، راءِ ڪنگهار ڏانهن هڪ مفصل ۽ طويل خط لکارايائين، جنهن ۾ جو ڪجهہ راڻيءَ ۽ راجڪماريءَ سان ستراج ڪري چڪو هو، اهو سڀ درج ڪرايائين. ان طرح راءِ ڪنگهار کي پنهنجي طرف متوجهہ ڪرڻ لاءِ، راجڪماريءَ جي شاديءَ جي آڇ بہ ظاهر ڪيائين. اهو بہ لکيائين تہ ڪيس گجرات جي حملي ڪرڻ جي لاءِ فوراً سپاهہ ۽ مال جي امداد موڪلي وڃي.

(2)

رات جو اڌ گذري چڪو آهي. تاريڪي خاموشي ۾ جذب ٿي رهي آهي ته اوچتو ئي اوچتو گجرات جي شاهي محلات ۾ سونيون گهنٽيون ٽن ٽن ڪري وڄڻ لڳيون. ان سان گڏ هڪ خون آلود گجراتي سپاهيءَ سان گڏ، هڪ خون ۾ وهنتل ڪچي سپاهي زنجيرن ۾ جڪڙيل اندر آيو. راجا سڌراج هن اوچتي معاملي تي. خواب گاه مان نڪري آيو. بيشمار ڪافوري شمعن جي روشنيءَ ۾ سندس خمار آلود اکين مان باهه جا اُلا نڪري رهيا هئا. گجراتي زخمي سپاهي. هڪ سنگ مرمر جي ٿنڀي کي ٽيڪ ڏيئي وڃي بيٺو. سڌراج جي اشاري تي ٻڌايائين:

مهاراج! مان ۽ منهنجو ساٿي. اوهان جي هدايتن پٽاندر ڪڇ ۾ خفيه طور پنهنجو ڪم ڪري رهيا هئاسون. اتي هر روز راجا جي محلات مان هڪ نئين قاصد جي روانگيءَ اسان ۾ شڪ پيدا ڪيو. چنانچه ڪالهه رات هي قاصد جڏهن تيز نموني ۾ گهوڙي کي ڊوڙائيندي نڪتو، تڏهن اسان ٻئي سپاهي سندس پويان نڪتاسين، پوءِ جڏهن گجرات جي بجاءِ ڪاٺياواڙ جي راه تي واڳ ورايائين. تڏهن منهنجو شڪ يقين ۾ بدلجي ويو ته ضرور ڪا خوفناڪ چال هوندي، چنانچه اسان سپاهيءَ کي للڪاري بيهاريو. ليڪن فساد ۽ خونريزيءَ کانسواءِ نه بيٺو. منهنجو هڪ ساٿي هن قتل ڪري ڇڏيو ۽ مون کي به زخمي ڪري وڌائين. گهڻي ڪشمڪش کان پوءِ مان ڪيس گرفتار ڪري گهوڙي تي هٽي، هت ڪٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. ان جي ڪيسي مان هڪ مشڪوڪ خط هٿ آيو آهي، جو پيش ڪريان ٿو".

سڌراج نهايت پريشانيءَ جي عالم ۾ خط کوليو ۽ پڙهيو. اهو معلوم ڪري ته راڻي روڙپار راءِ کنگهار سان پنهنجي راجڪماريءَ جي شادي ۽ گجرات تي فوج ڪشيءَ جون تاريخون به مقرر ڪري ڇڏيون آهن. تپي باهه ٿي ويو. جو ته راڻي روڙپار، شاديءَ جي آڙ فقط گجرات تي حملي ڪرڻ لاءِ بهاني طور ڪئي هئي. سڌراج ان کان پريشان ٿي، مسند تي ويهي سوچڻ شروع ڪيو.

ڪجهه گهڙي سوچ ويچار کان پوءِ، عيش و عشرت ۾ فنا ٿيل راجا سڌراج فيصلو ڪيو ته سندس بيپناه قوت، ڪاٺياواڙ جي تسخير

جي سلسلي ۾، ڪابہ حيثيت نہ ٿي رکي. ان لاءِ سوچيندي سوچيندي، حق ۽ انصاف کي قربان گاہ تي نثار ڪرڻ لاءِ آمادہ ٿي ويو. هڪ مهلڪ ۽ غلط تدبير تي سوچيندي، پيچ و تاب کائيندي، قاصد کي چوڻ لڳو:

”مون کي فريب ڏئي،منهنجي راڄ ۽ تاج کي تاراج ڪرڻ لاءِ، راڻي روڙپار، پنهنجي راجڪماريءَ جو سڱ راءِ کنگهار کي ڏيڻو ڪيو آهي. ٻئي پاڻ ۾ نهي ويا ٿا ڏسجن، ليڪن شايد کين اهو معلوم ناهي تہ مان خود ڪنهن مناسب موقعي جي تلاش ۾ آهيان. هاڻي هڪ تير سان ٻہ شڪار ڪندس“.

”راڻو روڙپار، راءِ کنگهار جي لاش سان ئي، راجڪماريءَ جي شادي رچائي سگهي ٿو. يا منهنجي تلوار تي ئي شاديءَ جا سهرا ٻڌا ويندا“.

پوءِ قاصد ڏانهن اشارو ڪري، پنهنجي زخمي سپاهيءَ کي حڪم ڪيائين: ”ساڪي هن کي ٻي دست وپا ڪيو وڃي. ان جي لباس ۾ پنهنجو هڪ معتبر سردار هن خط سان گڏ موڪليو وڃي جو وڃي راءِ کنگهار کي پهچائي اچي ۽ ڪاريگرن کي حڪم ڪيو تہ هو چنڊ کان اڳ پنج سَوَ شاهي پالڪيون تيار ڪري ڏين“.

(3)

راءِ کنگهار شاديءَ جي اطلاع پهچنديئي، شاديءَ لاءِ تياريون شروع ڪيون. محلات کي بام فلڪ ۽ رشڪ مهروماہ بنائڻ کان علاوہ گجرات کي هر شهر ۽ هر بازار کي ڪنوار وانگر سينگاريو ويو. نهايت تزڪ و احتشام سان برات جي استقبال لاءِ انتظام رٿيو ويو.

(4)

شاديءَ جي تاريخ کان هڪ ڏينهن اڳ شام وقت، هڪ گجراتي قاصد ڪڇي سوارن جي لباس ۾، راءِ کنگهار جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: ”مهاراج! رات جي پهرئين پهر تي راجڪماري، چندروتنا پنهنجين پنج سؤ سهيلين، ٻانهين ۽ محافظ عورتن سان در دولت تي حاضري ڏيڻ لاءِ اچي رهي آهي“.

آسمان تي رات جي پهرئين تاري جي طلوع ٿيڻ کان اڳ، سلطنت جا امير ۽ وزير برات جي استقبال لاءِ قلعي جي دروازي تي پهچي ويا. عين ان وقت برات، اچي قلعي وٽ پهتي.

پالڪيون قلعي ۾ اندر وڃڻ لڳيون. پنج سؤ پالڪين جي لنگهڻ کان پوءِ به ڏنو ويو ته پالڪين جو سلسلو ختم ٿيڻ جهڙو ناهي، تڏهن اميرن ۽ وزيرن کي شبهو پيدا ٿيو ته مبادا ڪا هن ۾ چال هجي، تن پاڻ ۾ سرگوشيون ۽ چميگويون ڪرڻ شروع ڪيون.

سڌراج پاڻ هڪ معمولي آفيسرن جي ويس ۾، هڪ خونخوار جٿي سان گڏ دروازي تي بيٺو هو. جڏهن ڏٺائين ته راز فاش ٿيڻ تي آهي، تڏهن تلوار مياڻ ۾ ڪڍي للڪار ڪيائين: 'بهادرو، پالڪين مان نڪري اچو ته هنن احمقن کي ڏيکاريو ته اوهان زالون نه پر جنگي جوڌا آهيو!'

اک ڇنڀ ۾ شمعون روشن ٿي ويون. هر پالڪيءَ مان چار چار سورما سپاهي لهڻ شروع ٿيا. سحرطراز ڳائڻن جا ترنم ريز نغما، تلوارن جي جهنڪار ۾ دٻجي ويا. ڪانياواڙي خون زماني کان پياسي تلوار کي سيراب ڪرڻ شروع ڪيو. ڏهه هزار ڪانياواڙي سورما ناس ٿيا. خون جي ندي وهي هلي. زخمي سپاهي قيد ڪيا ويا.

اڌرات جي بيگاه وقت تي، رت ۽ باهه جي کيل ڪرڻ کان پوءِ سڌراج کي تسڪين پيدا ٿي، ڪانياواڙ جو تخت ۽ تاج قدمن ۾ هئا، جن جا نازپرورده وارث، مڪر ۽ عياريءَ سان زخمي ٿي چڪا هئا.

چشم فلڪ لاشن تي نوحه خواني ۽ اشڪريزي شروع ڪئي ۽ هوا سينه ڪوبي ۾ مشغول رهي. قلعي ۾ راجا سڌراج جي نوبت وڄڻ شروع ٿي. ليڪن شهر جي پرسان وارا ماڻهو پنهنجي پياري راجا جي شاديءَ تي بيپناه مسرت جو اظهار ڪري رهيا هئا. آه! انهن کي معلوم نه هو ته قلعي ۾ اندر ڇا ڇا ٿي چڪو آهي!

(5)

ٻئي ڏينهن ٻن پهرن تائين، دارالسطنت پرڀاس پٽڻ جي هر حصي کي ٻنوڪ شمشير گجراتي پرچم اڳيان جهڪايو ويو. شهر جي

چوڌاري اهڙو سنگين پهرو رکيو ويو، جنهن ۾ ڪنهن پکيءَ کي پَرَ هڻڻ جي گنجائش نظر نہ ٿي آئي.

(6)

شام جو راڻي چندرودتا جي شاندار برات بہ قلعي وٽ اچي پهتي، جڏهن آخري شعاع ماهتاب رقص بسمل جو نظارو پيش ڪري رهيو هو.

راڻو روڙپار پنهنجن عزيزن ۽ جانثارن سميت، بي پناه خوشيءَ وچان، فرشتہ اجل جي قدمن چمڻ لاءِ اڳتي وڌي رهيو هو. زندگي موت سان هم آغوش ٿيڻ لاءِ بيقرار پئي نظر آئي. نصيب جي ڪوتاهي انتها تي پهچي چڪي هئي. برات اجا پوريءَ طرح قلعي ۾ داخل مَس ٿي تہ هوڏهن طبل جنگ تي چوٽ هنيائون. قلعي جو سنگين دروازو بند ڪيو ويو ۽ شعلۂ خورشيد هن مڪارانہ ۽ خوني منظر کي ڏسڻ کان پاڻ بچائي سياهہ پوش ٿي ويو.

راڻو روڙپار اول تہ هن ناگهاني آفت کان پنهنجو هوش وڃائي ويٺو. ڪيس سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي آيو تہ هي آخر آهي ڇا؟ پر گجراتي سپاهين کي ڏسندي، فوراً معاملہ جي تہ تائين پهچي ويو. انتهائي سڪون سان اڳتي وڌي، راجڪماريءَ کي ڪن ۾ سرگوشي ڪيائين ۽ پوءِ پنهنجن ٿورن سورمن کي باوقار ۽ سنجيده انداز ۾ للڪاريائين:

”بهادرو! شڪست ۽ فتح قسمت جي هٿ وس آهي، مگر بزدليءَ سان دشمن جي اطاعت قبول ڪرڻ، بهادرن جي شان وٽان ناهي! غيرت ۽ حميت سان مرڻ، هزارين حياتين کان بهتر آهي!“

هڪ پيرو وري بہ خونخوار تلوار جي چمڪ ۽ ڪڙڪ کان قلعي جي فضا ۾ گونج پيدا ٿي. قتل ۽ خونريزي جو ديو جاڳي اٿيو. راڻي روڙپار جا ساٿي، بکين شينهن وانگر گجراتي بزدلن ۽ مڪارن تي حملو ڪري رهيا هئا، مگر تمام ٿورا هئا. وڙهندي وڙهندي وڃي موت جي گود ۾ سُتا.

راڻو روڙپار زخمن کان چور چور ٿي، زمين بوس ٿي چڪو هو.

عين ان وقت سڌراج، فتح ۽ ڪامرانيءَ جي سرور آفرين لمحن ۾ جهڪندو جهومندو شاهي پالڪيءَ جي پرسان پهتو. اول پالڪيءَ ۾ رنگين ۽ منقش ريشمي پردو ڇڪائين پوءِ چندرودتا جي ڪرائيءَ ۾ هٿ وجهي کيس ٻاهر ڇڪڻ جي ڪوشش ڪيائين جا جان جانِ آفرين جي حوالي ڪري چڪي هئي! چندرودتا جو خوبصورت هٿ، هيري جي ان منڊيءَ کان خالي هو، جا منڊي هر راجپوت راجڪماريءَ جي عزت ۽ عصمت جي ضامن رهندي آهي.

راڻي روڙپا متعلق محققن جي تحقيق آهي تہ هو 'سولنڪي خاندان جو راجا هو ۽ ان ڪَڇ ۾ چاليهہ ورهيہ حڪومت ڪئي هئي. راجا سڌراج، راجا ولڀ سين جي ڀائٽي جو پوٽو ۽ راجا ونراج جو پٽ هو. هو 1094ع ۾ گجرات جي دارالحڪومت انهلواڙ پٽن ۾ تخت نشين ٿيو ۽ 1143ع تائين حڪومت ڪندو رهيو. راءِ ڪنگهار ٻيو، راءِ وياس جو پڙ پوٽو هو، جو پنهنجي پيءُ راءِ نوگهن جي وفات تي 1098ع ۾ تخت نشين ٿيو ۽ ونٿلي جي بدران 'پرياس پاٽن' کي ڪانياواڙ جو دارالسلطنت بنايائين پاٽن ۽ پٽن گجراتيءَ ۾ شهر کي چيو وڃي ٿو. انهلواڙ پاٽن ۽ پرياس. پاٽن جو بہ هي ئي مطلب آهي. هن واقعي جو المناڪ انجام 1125ع ۾ پرياس پاٽن جي سنگين قلعي ۾ رونما ٿيو. هن تاريخي واقعي جا ماخذات هي آهن:

1- لطيف رحہ جو رسالو
2- تارا چند پوپٽ لال جو گجراتي ڪتاب 'ويرني واتو'
3- وليم ولبر فورس بيل جو ڪتاب- تاريخ ڪانياواڙ
4- تاج الدين جو سنڌ جا تاريخي واقعات ۽ مجموعة التاريخ.

# پدمڻي

(1)

گرميءَ جي موسم، ٻن پهرن جي گهڙي. سج پنهنجي پوري آب و تاب سان چمڪي رهيو آهي. تيز ۽ تند هوا لڳي رهي آهي. واريءَ جا گرم ذرا، اڏري اڏري، وڻن جي نرم ۽ نازڪ پنن کي باه جي ڄڀين وانگر ساڙي رهيا آهن. پکي پکڻ پنهنجن آکيرن ۾ سر لڪايو وينا آهن. رستا خالي آهن. اگر ڪو مسافر گذري ٿو ته پوءِ هو وڻن جي ڇانو جي تلاش ۾ نظر اچي رهيو آهي.

راجپوتانا جو آتش خيز علائقو، چتوڙ جي پرسوز راڄڌاني، ان وقت نرڳ جو سمان پيش ڪري رهي آهي. آسمان مان جنسي ألا وسي رهيا آهن.

ان سمي ٻه آدمي هڪ وڻ هينان ڪوه جي ڪناري تي پاڻ ۾ سرگوشيون ڪري رهيا آهن. ڏسڻ ۾ سنوان سڌا، هندو ٿا اچن.

هڪ: مان اها سختي برداشت نه ڪري سگهندس. راجه پري دربار ۾، نوڪرن چاڪرن جي هوندي منهنجي توهين ڪئي آهي. مان ڪو اڇوت يا چنڊال ناهيان، برهمڻ آهيان. اهو ياد رکجانءِ، مان خوش نه رهندس. پورو پورو حساب وٺندس.

پريم ناٿ: بابا، راڄا جي عزت ڪرڻ گهرجي. ان کي اهو مرتبو ايشور ڏنو آهي. ان جي غلطيءَ کي درگذر ڪرڻ گهرجي.

برهم دت: نه نه، برداشت جي به ڪا حد ٿيندي آهي، اگر ايشور گهريو ته پوءِ نه سندس رهندا تاج نه راڄ!

پريم ناٿ: نه نه، بددعا نه ڪرڻ گهرجي. راڄ کي به زور آهي. پتين کي ڪن آهن، خاموش رهڻ گهرجي.

اگر راڄا تائين ڪا ڀڻڪ به ويئي ته پوءِ تنهنجو خير ناهي.

برهم دت: مون کي ڪنهن جي ٻه پرواهه ڪانهي- وڃ تون ئي وڃي راجا کي سڀ ڪجهه ٻڌاءِ! تون راجا جو نمڪ خوار آهين، وڃي پنهنجي وفاداريءَ جو ثبوت ڏي ۽ دل گهريو انعام وٺ!

پريم ناٿ: مون ته تنهنجي خيرخواهي سوچي آهي. مان ڪو تنهنجو بدخواهه ناهيان، دوست آهيان. مان راجا جو نه ڪو نمڪ خوار آهيان نه ڪو ملازم. مون پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي، اڳتي تنهنجي مرضي. رنج ٿيو آهين ته ڪٽي معاف ڪر.

برهم دت: پريم ناٿ! مان تنهنجو شڪر گذار آهيان، تو خير خواهي ڪئي، پر سيڪ اتي اچي جتي باهه ٻري! هو ڪتري آهي، مان برهمڻ آهيان. ڪتريءَ کي راڄ تي ايمان آهي، مون کي پنهنجي وديا تي مان آهي. دشمن سندس راڄ ۽ تاج ڦري سگهي ٿو، مگر منهنجي وديا کي ڪو چورائي نه ٿو سگهي. اگر هو راڄ ۽ تاج کان برطرف ٿيو ته پوءِ ذليل ۽ خوار گذاريندو، پر مان جتي به ويندس، اتي منهنجي پوڄا ڪئي ويندي.

(2)

اهو ته ڏس، ته ڪير پيو اچي؟

پريم ناٿ: ايترو پري ته نظر به ڪانه ٿي پوي، ويجهو اچي ته پوءِ سڀ ڪجهه خبر پئجي ويندي. گهڙي کن گذرڻ تي هڪ سوار اچي هنن جي پرسان لٿو. هو وزير لڪپت راءِ هو، سندس آدرياءُ لاءِ ٻئي اٿي بيهي رهيا.

لڪپت راءِ کين ويهڻ جو اشارو ڪيو.

لڪپت راءِ: فرمايو! پنڊت جي، ڪهڙا حال احوال آهن.

برهم دت: چڱو حال آهي مهاراج.

لڪپت راءِ: پر، مهاراج لاءِ جيڪي عام طرح سان تو چوڻ شروع ڪيو آهي، اهو ٺيڪ ناهي. پرجا جي هڪ معمولي آدميءَ کي راجا لاءِ ائين وڦلڻ نه گهرجي. راجا ته توسان ائين مذاق ٿي ڪيو؟

برهم دت: تون به ان جو وزير آهين. اگر اهڙو سلوڪ توسان ٿئي ها ته پوءِ ڏسون ها ته تون ڇا ٿو ڪرين؟ مان ڪو چنڊال ۽ اڇوت ناهيان! پيڙهاتو برهمڻ آهيان! هان!

لکپت راءِ: مان ان قسم جي مذاق کي اهميت ئي نہ ڏيان ها!

برهم دت: جو تہ راجا جي ملازمت ڪندي، تنهنجو ضمير بہ شايد مري چڪو آهي.

لکت راءِ: مون سمجهيو ٿي تہ وديا مان تو ڪجهہ پرايو هوندو، پر تون اهو ئي.... ائين اڌ ۾ ڳالهہ ڇڏيندي، لکپت راءِ هليو ويو. گهڙي جهٽ لاءِ ٻئي خاموش ٿي ويا.

پريم ناٿ: ڀائي برهم دت، هي تنهنجي ڀي غلطي آهي. لکپت راءِ کي شايد راجا موڪليو هو. تو ان کي بہ ست سريون ٻڌائي ڇڏيون!

برهم دت: مون کي ڪنهن جي پرواهہ ناهي. نہ راجا جي نہ وزير جي! مان برهمڻ آهيان، بزدل ناهيان. هو ڪتري آهي تہ ڀلي هجي، مان ڪيس پرسرام ٿي ڏيکاريندس!

پريم ناٿ: تون پنهنجيءَ مرضيءَ جو پاڻ مالڪ آهين. تون پرسرام ٿين، يا راوڻ! اول تہ پنهنجي سيتا جو فڪر ڪر، پوءِ گهٽ وڌ لفظ زبان تي آڻ.

برهم دت: تون مون کي ڪمزور نہ سمجهہ، جلدي ڏسي وٺندي. راڄ جو سارو گهمنڊ مٽيءَ ۾ نہ ملايان تہ مان پوءِ برهمڻ نہ پر چنڊال جو پٽ ليکبس! هان!

(3)

لکپت راءِ واپس اچي راجا کي سمورو حال سڻايو ۽ ٻڌايو تہ برهم دت ڏاڍو بيباڪ ۽ گستاخ ٿي چڪو آهي. ان سان گڏ پريم ناٿ بہ ان سان سازش ۾ شريڪ آهي. منهنجي سمجهاڻ تي بہ باز نہ ٿا اچن.

راجا- تہ پوءِ انهن جو انتظام ڪرڻ گهرجي.

لکپت راءِ- اڄ ئي گرفتاري عمل ۾ ايندي، پر ڪين سزا اهڙي عبرتناڪ ملڻ گهرجي، جو عوام کي پتو نہ پوي.

راجا- تہ ڇا انهن کي قتل ڪرائجي؟

لکپت راءِ- نہ، اها سزا سخت آهي، عيالدار آهن، سندن عيال بد دعا ڪندو.

راجا- تہ پوءِ تنهنجي راءِ ڪهڙي آهي؟

لڪپت راءِ- ڪين جلاوطن ڪجي، جيئن عزيزن کان پري رهي، تنگ اچي معافي وٺن.

راجا- ان حال ۾ سندن عيال پيو پٽندو.

لڪپت راءِ- انهن جي عيال جو ماهوار وظيفو جاري ڪرڻ گهرجي.

راجا- چڱو.

لڪپت راءِ جا سپاهي جيستائين ڪين گرفتار ڪرڻ لاءِ ويا، تيستائين هو ٻئي شهري ڇڏي چڪا هئا. ڪين ڳوليو ويو پر ڪٿي به سندن نالو نشان نہ ملي سگهيو.

(4)

سردي شروع ٿي چڪي آهي. رات جي وقت تي. پورنماسي جو چنڊ گهٽجي گهٽجي باقي وجي اڌ کن بچيو آهي. چمڪندڙ ستارا سندس زوال تي مرڪي رهيا آهن. گنگا جي ڪناري تي وڻني پريم ناٿ ۽ برهم دت پاڻ ۾ سور پي رهيا آهن.

پريم ناٿ- هيءَ حالت ڪيستائين رهندي؟ پاڻ سان گڏ مون کي دربدر ڪرايئي!

برهم دت- رنج ۽ ميارن مان ڪهڙو فائدو؟ مصيبت کي حوصلي سان برداشت ڪرڻو آهي.

پريم ناٿ- آخر ٿيندو ڇا؟ ٻڌاڪون ڪاڏي ويون. تنهنجي وديا ڪاڏي ويئي؟ راجا جي طاقت غالب رهي. اسان هِت دربدر ۽ ٻار ٻچا هُت خاڪ بسر!

برهم دت- گهبرائڻ جي ڪا ضرورت ناهي. تيل ڏس ۽ تيل جي ڌار ڏس! مان اهو ڪم ڪري ڏيکاريندس جو نہ رهندو راجا ۽ نہ راڄ! نہ تخت نہ تاج!

(5)

هندوستان جو شهنشاهہ شڪار تان موٽي محلات ۾ تشريف فرما ٿي چڪو آهي. ڪافوري شمعون روشن آهن ۽ پروانہ مٿان پچي رهيا آهن. شهنشاهہ ڪجهہ جهٽ اهو تماشو ڏسي مرڪي ڏنو ۽ چيو: هي نہ

معمولي ڪيڙا آهن. حضرت انسان به ته شمع عشق تي عقل ۽ دانش کي قربان ڪندي ويرم نه ٿو ڪري، ائين ڪندي عرض بيگي اچي ٿو:

عرض بيگي- حضور هڪ شخص وضع قطع ۾ اجنبي، دوردراز هنڌ تان آيو آهي، بارياب ٿيڻ جي اجازت گهري ٿو.

علاءالدين- هن وقت! ڇا هي ملاقات جو وقت آهي؟ نه ان کي سڀاڻي دربار ۾ پيش ڪيو وڃي.

عرض بيگي ٻاهر نڪري ويو ۽ وري واپس آيو. عرض گذار ٿيو ته جلال پناه! هوڪا ضروري ڳالهه خلوت ۾ ڪرڻ گهري ٿو، چوي ٿو ته شهنشاه جي فائدي جي ڳالهه آهي.

علاءالدين- منهنجي فائدي جي، ڇگو حاضر ڪر.

عرض بيگي برهم دت کي ساڻ وٺي اچي ٿو، ايندي ئي آداب سلام عرض رکي ٿو ۽ علاءالدين کي دعائون ڪري ٿو.

بادشاه- تون ڪير آهين”۽ هت ڪيئن آيو آهين؟

برهم دت- عالم پناه! مان برهمڻ آهيان، منهنجو نالو برهم دت آهي. چتوڙ مان آيو آهيان.

بادشاه- راجپوتانا مان! ڇو؟

برهم دت- عالم پناه! اتي جو راجا رتن سين وڏو پاپي آهي. رعيت ڏکي آهي. بي گناهن تي ظلم ڪري ٿو. مال ۽ دولت کان وٺي، معصوم عورتن جي عصمت تائين ڪوبه محفوظ ناهي!

علاءالدين- راجا ظالم آهي! بي حرمتي ٿو ڪري، ڇا ڪيس پنهنجي راڻي ناهي!

برهم دت- حضور هڪ نه پر ڪيئي راڻيون اٿس. مگر هڪ راڻي، جا راج راڻي ٿي سڏجي، اها ايتري ته حسين آهي، شايد دنيا ۾ ان جو مٽ ثاني نه ليي. ان کان چنڊ ۽ سورج شرمسار آهن. جڏهن محل ۾ ٿي هلي تڏهن تارا به اکيون کولي ڪيس ڏسن ٿا! باغ ۾ ڪيس ڏسندي، نرگس هم تن چشم بنجي ٿي وڃي!

بادشاه- ڇا! تون شاعر آهي!

برهم دت- نه حضور! سچ ٿو چوان، هوءَ سورڳ جي اپسرا آهي!

بادشاه- تو وٽ سندس تصوير آهي؟

برهم دت- نہ حضور! ان جي تصوير ڪير ٿو بنائي سگهي؟ هوءَ تہ پرميشور جي هٿن سان نهي آهي! ان جي ڪاغذي تصوير تہ نهي سگهي ٿي، پر اها زنده تصوير تہ ٻي ڳالهہ آهي. حضور ڏسڻ سان تعلق رکي ٿي!

بادشاه- چڱو سوچينداسون.

برهم دت- حضور اگرمنهنجي ڳالهہ غلط ٿئي تہ پوءِ جيڪا بہ سزا مناسب ٿيندي اها برداشت ڪندس. باقي حملي ڪان سواءِ راجا سٽو نہ ٿيندو فتح يقيني آهي، راڻي بي بينظير ملندي، علاقو بہ وسيع حاصل ٿيندو.

بادشاه ساري رات عالم خواب ۾ تصورات جي رنگين دنيا ۾ گذاري. صبح سويل برهم دت کي گهرايو ويو ۽ کانئس پڇا ڪئي ويئي:

”تو راڻيءَ جي تعريف تہ گهڻي ڪئي، پر ان جو نالو ڪونہ ٻڌايو!“

برهم دت- حضور ان جو نالو ’پدمڻي‘ آهي!

بادشاه- پدمڻي جو مطلب!

برهم دت- عالي جاه! اسان وٽ عورت جي حسن و جمال جي لحاظ سان چار قسم ورهايل آهن: پدمڻي، سنکني، چترني ۽ هسني. پدمڻي ان کي چئجي، جا سڀ ڪان وڌيڪ حسين ۽ بي مثال هجي.

بادشاه- چڱو.

(6)

برهم دت کي چتوڙ مان آئي بہ چار مهينا مس گذريا آهن. چتوڙ ۾ هر طرح امن و امان آهي، راجا ۽ پرجا خوشحال: نہ ڪو هنگامو، نہ فساد نہ شور نہ شر. ڪاروبار خوش اسلوبيءَ سان هلي رهيو آهي.

هڪ رات خدا جي اهڙي ٿي، جو راڻي رات جي اويلي وقت تي گهبرائجي اٿي ڪڙي ٿي ۽ ديوانہ وار محل جي متئين حصي تي پسار ڪرڻ لاءِ چڙهي وئي ۽ وجهہ وني راجا کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿي.

راجا- ڇا هي راڻي؟

راڻي- اتو! اتو! اسان جي شهر کي چوطرف شينهن ڦري آيا آهن! جو ٻه انهن ڏانهن پيو قدم وڌائي، هو ان کي چيري ڦاڙي ڪائي ٿا ڇڏين!

راجا- (چئني طرفن نگاه ڪري چيو) راڻي هت ته ٻلي ٻه ڪانهي. شايد خواب ڏٺو اٿئي!

راڻيءَ حواس سنڀالي چيو: سپنو، ممڪن آهي سپنو ئي هجي!

راجا- چڱو ٻڌاءِ، سپني ۾ ڇا ڇا نظر آيو آهي؟

راڻي- طوفان، چئني طرفن تي اونده ڇانئجي ويئي. هٿ نه ڏسي هٿ کي، سج جو نشان ئي غائب ٿي ويو، پوءِ ڏسان ٿي ته شيرن جو هڪ وڏو لشڪر قلعي کي گهيرو ڪري چڪو آهي، انهن جي گجڪارن سان قلعي ۾ لرزو پيدا ٿيو آهي، هو اسان جي محل ۾ به آيا، هڪ وڏي شير، مون تي به حملو ڪيو، مون دانهون ڪيون ۽ ان تي منهنجي اک کلي پيئي، مهاراج!

راجا- نه نه، هي سڀ وهم آهي، خواب آهي، ڀلا شينهن ايترا ڪٿان آيا؟ پيو ته انهن جو اسان سا ڪهڙو سروڪار! ايشور نگهبان آهي، پر جي شير آيا ته پوءِ انهن لاءِ اسان جا نيزا ڪافي آهن، اسان جو سپاه ٻه شيرن کان گهٽ ناهي راڻي!

(7)

”مسلمانن جي فوج اچي رهي آهي“. اهو افواه ساري شهر ۾ ڦهلجي ويو. هر ڪنهن تي خوف طاري ٿي چڪو آهي. راجا پنهنجا خابرو ڊوڙايا، انهن اچي خبر ڏني ته ”اها حقيقت آهي، شهنشاه هند حملہ آور ٿيو آهي“.

راجا لڙائيءَ ۽ دفاع لاءِ حڪم احڪام صادر ڪيا. خندقون کوٽجي ويون. سينا پتي پنهنجي لشڪر کي هدايتون ڏنيئي، ڪيس ميدان تي آڻي چڪو آهي.

شاهي لشڪر پهچي چڪو آهي. بادشاه شهر کان ٻاهر خيمہ زن ٿيو آهي. راجپوتن پڻ ٻن ميلن تي مورچا ناهيا آهن. ٻئي ڏينهن شاهي فوج اڳتي وڌڻ شروع ڪيو. تيراندازن جنگ جو طبل وڄايو. تيرن جو جواب تيرن سان ڏنو ويو.گهمسان جي جنگ شروع ٿي ويئي. تلوارن

تلوارن تي وار شروع ڪيو، خونريزي جي بازار گرم ٿي ويئي، خون جون نديون اٿلڻ لڳيون. چتوڙ جو ريگستان لالہ زار بنجي ويو، راجپوت سورمن مسلمانن کان داد شجاعت وٺندي سِر قربان ڪيا.

راجا کي پنهنجي شڪست جو احساس ٿيو. راجا صلح لاءِ لڪپت راءِ کي چوندي بادشاه ڏانهن اماڻيو. لڪپت راءِ بادشاه جو وجي سلامي ٿيو، پر اتي برهم دت کي ڏسي حيران رهجي ويو!

لڪپت راءِ- حضور! اسان نهايت ادب سان اهو معلوم ڪرڻ گهرون ٿا تہ اوهان اسان جي ڪهڙيءَ خطا تي هت اچڻ جي تڪليف گوارا ڪرڻ فرمائي آهي!

بادشاه- محض ملاقات لاءِ.

لڪپت راءِ- پر فوج ڪشي ڇو؟

بادشاه- راجپوتن جي شجاعت کي ڏسڻ لاءِ

لڪپت راءِ- حضور! هيءَ جنگ ڪيئن بند ٿي سگهندي؟

بادشاه- ان لاءِ سپهہ سالارن سان ڳالهايو.

سپاهي وزير کي ٻئي تنبوءَ ۾ وٺي ويو، ڪافي وقت تائين گفتگو ٿيندي رهي. شاهي مطالبو پدمڻيءَ متعلق هو تہ پدمڻيءَ کي بطور نذر بادشاه کي ڏنو وڃي!

لڪپت راءِ سارو احوال اچي راجا کي ڏنو راجا اهو ٻڌي تپي باه ٿي ويو. تلوار ڪڍي بيهي رهيو. چوڻ لڳو اسان مٽجي ويندا سون، مگر راجپوتي غيرت اهو گوارا نہ ڪندي تہ پدمڻي....

سپهہ سالار کي ڪجهہ سمجهيائين. گهڻي رد و بدل ۽ بحث مباحثي کان پوءِ، صلاح بيٺي تہ پدمڻي جي تصوير آئيني ۾ ڏيکاري سگهجي ٿي.

(8)

ٻئي ڏينهن بادشاه کي حفاظت سان هڪ محفوظ هنڌ تي ويهاريو ويو ۽ آئينہ ۾ راڻيءَ جي رونمائيءَ جو پورو پورو انتظام ڪيو ويو.

هڪ وڏي سينگاريل ڪمري ۾ هڪ آدم قد آئينو رکيو ويو. بادشاه ڪجهہ پري شيشي ڏانهن منهن ڪري وينو. پويان گئلريءَ ۾ پدمڻي آئي ۽ پنهنجو جلوه حسن ڏيکاري هلي ويئي.

بادشاه فريفته ٿي ويو، واپس ايندي چيائين ته اسان پدمڻيءَ کان سواءِ واپس نه ٿا وڃي سگهون.

ان وقت ٿي گهيري ڪرڻ جو حڪم صادر ڪيو ويو. صلح ناممڪن رهيو. راجپوتن سر ڏڙ جي بازي لڳائي. شاهي فوج مطالبي لاءِ سربڪف ميدان ۾ آئي. راجپوتن وڙهندي وڙهندي پنهنجي غيرت جو ثبوت ڏنو، پر ڪاميابي نه ٿي!

(9)

آخر فيصلہ ڪن وقت اچي ويو، جنگ جي هنگامي جي خاتمي لاءِ تدبيرون پيدا ڪيون ويون. راڻيءَ به هڪ تجويز سوچي- سيني سندس تجويز کي پسند ڪيو. ان تجويز ۾ سندس سارو خاندان ۽ شهر جون سڀ عصمت ماب عورتون شريڪ هيون.

هڪ چتا تيار ڪئي ويئي. سندس باه جا الا پري پري نظر اچڻ لڳا. راجا ۽ سندس بهادر عزيز ۽ سپاهي چتا جي چوڌاري ٿي بيٺا. ايتري ۾ سَتي ٿيندڙ عورتن جو گروه، زعفراني لباس ۾ آيو. سندن ڳچيءَ ۾ گلن جا هار پيل هئا ۽ نهايت دردانگيز لهجي ۾ الوداعي گيت ڳائيندي، چتا ڏي وڌي رهيون هيون.

سڀ کان اڳ پدمڻي هئي، جنهن جي چهري تي حسرت ۽ ياس جي بجاءِ، جلال ۽ جمال جي ورڪا ٿي رهي هئي. سڀ کان اول پدمڻي چتا چڙهي، ان کان پوءِ ٻين عورتن پنهنجو پاڻ باه جي حوالي ڪيو.

حسن ۽ جمال جون تصويرون، اک ڇنڀ ۾ فنا ٿي ويون گلشن عالم جا ناياب گل، ڏسندي آگ جي نذر ٿي ويا.

هيڏي چتا جلي رهي هئي ۽ هوڏي راجا ۽ سندس جان نثار قلعي مان شينهن وانگر نڪري حملو ڪري رهيا هئا.

لڙائي فتح و شڪست جي لڙائي نه هئي، پر غيرت ۽ جانثاريءَ جي جنگ هئي- سڀ راجپوت لقمہ اجل ٿي ويا.

علاءِ الدين فتح جي نشي ۾ چور قلعي ۾ داخل ٿيو. جڏهن چتا جي ويجهو پهتو، تڏهن چند ضعيف العمر عورتن؛ بادشاه جو سواگت ڪيو، جي بادشاه کي پيغام ياس و حسرت پهچائڻ لاءِ وينيون هيون. هڪ ضعيف العمر عورت، اتاهون هڪ مِٽيءَ جي مُٺِ ڪي هوا ۾ اڏائيندي چيو- عالم پناه! هيءَ آهي راڻي پدمڻي!

علاءِ الدين هن درد ناڪ منظر کي ڏسي حيران ۽ ششدر رهجي ويو! سندس دل تي حسرت ۽ اندوه جا بادل ڇانئجي ويا. ماتمي لباس پهري، دهلي ڏانهن ڪوچ ڪرڻ جو حڪم ڪيائين. سندس ڇَپَن تي هو:

اي بسا آرزو ڪہ خاڪ شده!

# درگا بائي

شاهه محمد تغلق هند جو مشهور ۽ معروف تاجدار، علم ۽ حڪمت، تدبر ۽ سياست، بهادريءَ ۽ رواداريءَ ۾ پنهنجو مثال پاڻ هو. هي فلسفي درويش صفت شهنشاهه، صاحب دل بزرگن جو عقيدتمند رهندو هو. خاص طرح سان بهاءُ الدين زڪريا ملتاني جي پوٽي شاهه رڪن عالم سان ڪيس دلي ارادت هئي. حضرت رڪن عالم اوائلي دور ۾ پلن گهوڙن جي تجارت ڪندو هو. ان سلسلي ۾ سندن صاحبزادو اعليٰ نسل جا گهوڙا راجائن وٽ نيندو هو. ان طرح پنهنجي معاش جو سامان پيدا ڪندا هئا.

هڪ ڀيري هو راجپوتانا مان ٿيندي، پٽنده پهتو. اتي پهچندي شرط کين معلوم ٿيو تہ پٽنده کي قريب رياست ابوهر آهي ۽ اتي جو راجا ايپي چند نهايت فياض ۽ بيدار دماغ والي آهي ۽ سندس راجڪماري درگا بائي گهوڙن جي ڏاڍي شوقين آهي.

چنانچہ پنجن ئي پائرن ابوهر ڏانهن وڃڻ جو ارادو ظاهر ڪيو. ابوهر ان وقت هڪ سرسبز ۽ شادات جڳهہ هئي. ستلج ان جي پرسان وهندي هئي. شهر جي چوڌاري باغ هوندا هئا. راجائي قلعو شهر جي بلڪل وچ تي هو. صاحبزادا شهر کان ٻاهر ئي لٿا.

رات گذري، صبح جو راجا جي دربار ۾ پهتا ۽ پنهنجي اچڻ جو مقصد راجا وٽ بيان ڪيائون. راجا ۽ راجڪماري ٻئي جڙا گهوڙن ڏسڻ جي لاءِ صاحبزادن سان گڏجي، سندن منزل گاهه تي آيا ۽ چند گهوڙا پسند ڪيائون.

ٻئي ڏينهن راجڪماري ٻيهر گهوڙن کي ڏسڻ ويئي. راجڪماريءَ جي نگهہ انتخاب ۾، صاحبزادن جي پنهنجي سواريءَ وارا، پنج گهوڙا، وڏو قدر حاصل ڪري چڪا هئا، جي سيني گهوڙن کان الڳ

ٻڌل هئا. راجڪماريءَ جڏهن انهن گهوڙن جي خريداريءَ جو خيال ظاهر ڪيو، تڏهن سوداگرن معذرت ڪئي. ان تي درگا ٻائيءَ ڪافي اصرار ڪيو، پر سوداگر پنهنجي انڪار تي قائم رهيا.

درگا ٻائي جي عمر ان وقت فقط 17 سالن ڪن هئي. پوڙهي راجا جي اڪيلي نياڻي، نشئہ جوانيءَ جو خمار. حسن خداداد جي بي انداز دولت، تخت ۽ تاج جي شهزوري، ان سان گڏ راجپوتي خون، بس سوداگرن جي انڪار تي ڪاوڙجي وئي ۽ وڃي راجا کي ٻڌايائين. راجا کيس گهڻو ئي سمجهايو، پر جواني ديواني، پنهنجيءَ ڳالهہ تي قائم رهي. سوداگرن کي ٻيهر طلب ڪري، انهن سان گهوڙن جو ذڪر ڇوريو ويو، پر وري بہ سوداگرن انڪار ڪيو راجڪماري آخر زوريءَ ۽ زبردستيءَ سان گهوڙن ڦرڻ جو خيال ڪري، پنهنجن سپاهين ۽ هوشيار ملازمن کي تيار ڪري ڇڏيو.

ٻن ٽئن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، سوداگرن واپسيءَ جي تياري ڪئي- سفر ڪندي پهرين رات جهنگ ۾ ئي قنات هڻائي، شب گذاريءَ لاءِ ترسي پيا. اڌ رات تي ۽ ڪي هٿياربند ڌاڙو آيا، بنا ڪنهن جهيڙي فساد ڪرڻ جي گهوڙا ڪاهيو هليا ويا. انهن ڌاڙن جي سردار، ويندي ويندي، اشرفين جي هڪ ٿيلهي سوداگرن ڏانهن اڇلائي چيو تہ هيءَ گهوڙن جي قيمت آهي، جا سنڀاليو. دراصل ڌاڙن جي سردار درگا ٻائي پاڻ هئي. سوداگر راجڪماريءَ جي حوصلي ۽ بهادريءَ کي ڏسي دنگ رهجي ويا.

خير جو صبح ٿيو. باهمي مشورو ڪرڻ شروع ڪيائون. ڪنهن چيو تہ واپس ابوهر هلجي ۽ راجا کي دانهن ڏجي. ڪن چيو تہ راجا راجڪماريءَ جي هن عمل کي ترجيح ڏيندو، ان ڪري راجا ڏانهن واپس هلڻ فضول آهي، سڌو دهليءَ هلي شهنشاهہ کي عرض ڪرڻ مناسب آهي.

چنانچہ فيصلي موجب سڀ صاحبزادا دهليءَ پهتا، حسن اتفاق اهو جو شهنشاهہ معظم دارالخلافہ ۾ موجود هو. پيرزادن کي ملاقات جو شرف مليو. حسب معمول ڏاڍي خاطر مدارت ڪيائين ۽ حال احوال ورتائين. صاحبزادن گهوڙن جو سارو قصو ڪري ٻڌايو ۽ درگا ٻائيءَ جي

دليريءَ ۽ حسن و جمال جي اهڙي تہ تصوير چڪيائون، جو بادشاھ جي دل تي اڻ ڏٺيءَ راجڪماريءَ جي تصوير نقش ٿي ويئي.

بادشاہ معظم صاحبزادن کي تسلي ڏيئي رخصت ڪيو ۽ پاڻ ڪي گهڙيون خيال ۾ مستغرق ٿي ويو. اگر بادشاھ چاهي ها تہ پوءِ راجا اييچند ۽ گستاخ راجڪماري ڳچيءَ ۾ ڳارا وجهي، اچي دهليءَ ۾ حاضر ٿين ها، يا راجڪماريءَ کي ادنيٰ اشاري سان حرم ۾ داخل ڪري سگهي ها. مگر سندس عفت ۽ لطافت، حميت ۽ غيرت ان ڳالھ کي گوارا نہ ڪيو. بادشاہ ان معاملي کي حل ڪرڻ لاءِ اجا سوچ ويچار ۾ مشغول هو تہ پيرزادن جو خط آيو، جنهن ۾ گهوڙن جي تلاش ۽ دستيابيءَ جو ذڪر هو. بادشاہ ان تي فوراً هڪ قاصد راجا اييچند ڏانهن اماڻيو ۽ تاڪيد ڪري موڪليو تہ گهوڙا فوڙاً واپس ڪيا وڃن.

(2)

اتفاق اهڙو ٿيو جو راجا اييچند، ڪنهن شاهي تقريب ۾ شموليت جي سلسلي ۾ جيپور جي راجا جي دعوت تي ويل هو ۽ درگا بائي نائب سلطنت جي حيثيت سان، حڪومت جا فرائض ادا ڪري رهي هئي.

قاصد دربار ۾ آيو. آداب ۽ سلام بجا آڻڻ کان پوءِ، شهنشاہِ هند جو پيغام بيان ڪيائين. قاصد جو پيغام ٻڌي، ابوهر دربار جا امرا ۽ وزراء سڀ حيران ۽ ششدر رهجي ويا. سڀ اهو سوچي رهيا هئا تہ خوانخواستہ، اگر شهنشاہ هند جي حڪم جي تعميل نہ ڪئي وئي تہ پوءِ ڇا ٿيندو! دربار ۾ سناٽو ڇانئجي چڪو هو. سڀ درباري، درگا ديويءَ جي جواب ٻڌڻ جي انتظار ۾ ڪنڌ هيٺ ڪيون چپ چاپ ويٺا رهيا.

درگا ديوي قاصد جي پيغام رسائي ۽ شهنشاہِ هند جي شاهانہ لب و لهجہ، تحڪمانہ انداز ۾ تاڪيدي حڪم تي مرڪندي جواب ڏنو تہ:

پيرزادن ۽ مسافرن جا گهوڙا اگر درگا ڦريا آهن، تہ پوءِ اهي درگا کان ورتا وڃن. حقيقت ۾ درگا تہ گهوڙن جي قيمت بہ ادا ڪري ڇڏي آهي! اگر شهنشاھ کي ڪا چيز پسند اچي وڃي ۽ شهنشاہ ان جي قيمت ادا ڪري خريد ڪري وٺي، تہ ڇا ان حالت ۾ شهنشاہ معظم جي ان خريد کي ڦرلٽ سان تعبير ڪري سگهجي ٿو ڇا؟

قاصد ۽ درٻاري درگا جو اهو جواب ٻڌي حيران رهجي ويا.

درگا ديويءَ وڏي احترام ۽ اهتمام سان قاصد کي واپسيءَ جو حڪم ڏيندي چيو:

منهنجو هي پيغام جهان پناهه جي خدمت ۾ پهچايو ۽ نياز مندانہ آداب کان پوءِ التماس ڪئي وڃي تہ "جهان پناه، اهڙين معمولي ۽ غير اهم ڳالهين ۾ چو پيا آهيو؟ شهنشاه معظم کي تہ اهڙو ڪو غير معمولي ڪم ڪرڻ گهرجي، جو شهنشاهن لاءِ شايان شان چئي سگهجي!"

قاصد آداب بجا آڻي، رخصت ياب ٿيو.

(3)

قاصد دهليءَ ۾ پهچندي، سارو احوال عالم پناهه جي خدمت ۾ پهچايو ۽ درگا ديويءَ جي پيغام ۾ سلام جو لفظ ورجائي پيش ڪيو.

قاصد اهو سوچيندو رهيو تہ نہ معلوم جهان پناه ان گستاخ راجڪماريءَ کي ڪهڙي سزا ڏيندو. مگر هت ڪيس رنگ ئي اور نظر آيو!

هو جڏهن درگا جو جواب پيش ڪري رهيو هو ۽ متوقع هو تہ شهنشاهِ هند جي پيشانيءَ تي ڇا ته حڪم تحرير ٿئي، مگر ان جي برعڪس شهنشاه جي چپن تي تہ ڪنهن جي شوخي جي تحرير مرڪي رهي هئي!

مطلق العنان آمريت جي غرور ۽ پندار جا اهي شعلا، جي ڪڏهن ڪڏهن معمولي کان معمولي چنگاريءَ مان ڀنبٽ بنجي ويندا هئا، اڄ راجڪماري درگا ديويءَ جي سراسر گستاخانہ جواب تي سرد ٿي چڪا هئا.

ملوڪيت ۽ شهنشاهيءَ جون اهي نگاهون، جن جي اٿڻ ڪرڻ تاج ۽ راج ۾ زلزلا اچي ويندا هئا، اهي اڄ رياست ابوهر جي راجڪماريءَ جي جواب ۽ ان جي لفظ لفظ تي جهڪي چڪيون هيون. خدا ڄاڻي، سندس لفظن ۾ ڪهڙو طلسم موجود هو، جو هند جي قسمت جو مالڪ ۽ شهنشاه انهن لفظن جي شوخيءَ ۽ طعنہ زنيءَ ۾ پنهنجي

قسمت جي فال ڏسي رهيو هو. ٻين جي تقدير جو ڪاتب، خود شوخي تحرير جي تقدير ۾ الجهي چڪو هو. هندوستان جو جابر ۽ منتظم، فلسفي ۽ علم نواز شهنشاه هڪ ناديده ۽ گستاخ، بيباڪ ۽ زبان دراز راجڪماريءَ جي زلف گره گير جو شڪار ٿي چڪو هو.

(4)

درگا ديوي امور سلطنت کان فراغت حاصل ڪري، جيئن مهاراڻيءَ جي خدمت ۾ پهتي، تيئن ڏنائين ته مهاراڻي هڪ تجربه ڪار جوتشيءَ کان سندس زائچو ٺهرائي رهي آهي. جوتشي چئي رهيو آهي:

”مهاراڻي! راجڪماري وڏي ڀاڳوان آهي. هن جي قسمت ۾ هندوستان جي حڪومت لکيل آهي ۽ اهو وقت بلڪل قريب ٿي چڪو آهي“. درگاه جڏهن جو تشيءَ جا اهي لفظ ٻڌا، تڏهن حيران ٿي ويئي! فوراً سندس اڳيان شهنشاه هند جو قاصد- گهوڙن جي تقاضا، سندس شوخ ۽ بيباڪ جواب- اچي بيٺا! هوءَ نهايت فڪرمند ٿي ۽ بنا ڳالهه ٻولهه جي خلوت گاه ڏانهن لنگهي وئي.

(5)

شهنشاه هند قاصد کان راجڪماريءَ جو جواب ٻڌي مُرڪي ڏنو. قاصد کي اجازت ملي. ٻئي ڏينهن تي، شاهي اعلان ٿيو ته جلالت پناه سير و تفريح جي ارادي سان پٽنده ڏانهن تشريف فرما ٿي رهيو آهي. رستي جي سڀني رياستن، اميرن ۽ وزيرن جي نالي فرمان جاري ڪيا ويا. منزل راه کي طئي ڪندي، شاهي قافلو پٽنبو پهتو.

اتاهون راجه ايپچند کي فرمان موڪليو ويو ته جلالت پناه شڪار جي ارادي سان ابوهر اچي رهيو آهي. راجا ايپچند، استقبال ۽ شڪار جي انتظام جو سارو ڪاروبار درگا ديويءَ جي حوالي ڪيو ۽ پاڻ ان جي نگراني ڪندو رهيو. درگا جنهن توجهه ۽ سليقي سان اهو سارو ذمه دارانه ڪم تڪميل تي پهچايو، ان جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

راجا جي دل خوشيءَ ۽ مسرت سان لبريز ٿي ويئي. شهنشاه هند تشريف فرمايو ٿيو. راجا پنهنجي اميرن ۽ وزيرن سان شهر کان ٻاهر اچي شهنشاه معظم جو استقبال ڪيو. توبن جي سلامي ڏني وئي، گلن

جي وركا ڪئي ويئي ۽ شهر جي آراستہ رستن تان شاهي جلوس کي گهمائيندي قلعي ۾ آندو ويو.

رات جو مختلف مسئلن تي گفتگو ٿيندي رهي. راجا درگا ديويءَ جي شهسواريءَ ۽ شڪار جي ڏاڍي تعريف ڪئي، شهنشاه معظم نهايت توجهہ سان درگا جي تعريف ٻڌندو رهيو.

بادشاه سياڻي تي شڪار جو ارادو ڏيکاريو. درگا راجا کان اجازت طلب ڪئي ۽ شهنشاه هند کي شڪار ڪرائڻ جو پورو انتظام پنهنجي ذمہ ۾ ورتو.

صبح ٿيو. درگا شڪار جو لباس زيب تن ڪري، شهنشاه هند جي معيت ۾ شڪار گاه ڏانهن رواني ٿي.

شهنشاه ۽ راجا هڪ هاٿيءَ تي سوار ٿيا ۽ انهن جي پوئتان درگا رٿ ۾ سوار ٿي نڪتي، پر جهنگل ۾ پهچي سڀ گهوڙن تي سوار ٿيا.

(6)

شڪار شروع ٿيو. اتفاق سان هڪ هرڻ برق رفتاريءَ سان درگا جي سامهون پڄندي آناً فاناً نظرن کان غائب ٿي ويو. درگا پنهنجي شڪار کي ڇڏڻ واري نہ هئي. تنهن فوراً پنهنجي گهوڙي کي هرڻ جي پويان ڇڏيو. بادشاه اهو سڀ ڪجهہ ڏسي رهيو هو. ان بہ فوراً پنهنجي گهوڙي کي هرڻ جي پويان ڇڏيو. ٻئي گهوڙا برق رفتاريءَ سان هرڻ جي پويان ڊوڙندا رهيا. درگا ديويءَ اهڙي نازڪ مرحلي تي، پنهنجي شهسواريءَ جا سڀ جوهر ظاهر ڪيا. بادشاه سندس شهسواريءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيو. ڪافي ڪشمڪش کان پوءِ بادشاه سلامت جو گهوڙو درگا ديويءَ جي گهوڙي کان اڳتي وڌي ويو، درگا ديوي پوئتي رهجي وئي. بادشاه جو گهوڙو هرڻ کي وجي سوڙهو پيو. بادشاه پنهنجي شڪار تي حملو ڪري ڏنو. هرڻ هڪ ئي نشان سان تڙپندي زمين تي ڪري پيو. ايتري مختصر مدت ۾ درگا ديوي بہ گهوڙي کي ڪڏائيندي اچي پهتي. هرڻ تڙپي رهيو هو! بادشاه ۽ درگا ديوي خاموش بتن وانگر اهو دلدوز منظر ڏسي رهيا هئا. آخر بادشاه مهر سڪوت کي ٽوڙيندي، راجڪماريءَ ڏانهن رخ ڦيرائي فرمايو: ”هي اوهان جو شڪار آهي.“

درگا- (شرمائجي) جهان پناه! شرمنده نه ڪريو! هي اوهان جو شڪار آهي!

بادشاه- بلڪل نه! اسان اوهان جي نالي تي نشان هنيو هو.

درگا- بيشڪ، پر جهان پناه جو گهوڙو اڳتي نڪري ويو هو، ورنه شڪار منهنجو هو!

بادشاه- واه!هي اسان جو گهوڙو به پسند اچي ويو. چڱو اهو به ڏيون ٿا.

درگا- جهان پناه شڪايت ڪري رهيا آهن!

بادشاه- راجا وٽ نه، پر درگا وٽ!

درگا- ته ڇا جهان پناه گهوڙن لاءِ آيا آهن؟

بادشاه- نه ڪنهن پنهنجي "شايان شان" شئي لاءِ؟

درگا- جهان پناه! اها ڪهڙي شئي؟

بادشاه- گهوڙن جي مالڪ!

درگا شرمائجي وئي ادب کان ڪنڌ هيٺ جهڪائي گهوڙي جو رخ بدلائي بيٺي.

ايتري ۾ چند شڪاري اچي نڪتا، انهن اچي هرڻ کنيو. بادشاه ۽ درگا واپس وريا.

(7)

شام ٿي چڪي هئي، ان ڪري سڌو ابوهر هليا آيا. بادشاه ان رات ئي راجا ايپچند ڏانهن شاديءَ جو پيغام موڪليو. راجا پهريائين ته عجب ۾ پئجي ويو، پر جڏهن مهاراڻي سان مشورو ڪيائين، تڏهن مهاراڻيءَ کان معلوم ٿيس ته راجڪماري پاڻ به ان جوان بخت تاجدار سان مانوس ٿي چڪي آهي. چنانچه شاديءَ جون تياريون زور شور سان ٿيڻ لڳيون. مقرر تاريخ تي، عيش و نشاط جي محفلن سان ابوهر جي درو ديوار ۾ هڪ نئون رنگ پيدا ٿيو. عقد نڪاح جي رسم پوري ٿي. بادشاه هڪ مهيني جي قيام کان پوءِ درگا ديويءَ سميت دهلي ڏانهن روانو ٿيو.

(8)

درگا ديوي شهنشاه جي حرم ۾ داخل ٿي. تاريخ شاهد آهي ته ان نامور راڻي دين جي اشاعت جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو. پنجن ئي

پيرزادن کي گهرائي گهوڙن جي مسئلي تي معذرت پيش ڪري، ڪين تبليغ لاءِ ابوهر رياست ڏانهن موڪليائين. انهن نيڪ مردن جي صحبت ۾ هزارها انسان روحاني رنگ ۾ رنگجي ويا. انهن پنجن پيرزادن جون مزارون اڄ بہ ابوهر جي اوپر ۾ مرجع خلائق آهن. اڄ بہ اردگرد جا ماڻهو، مذهب ۽ ملت جي تميز کان سواءِ، انهن بزرگ زادن جي فيوضات کان مستفيد ٿي رهيا آهن.

(9)

راجا اييچند جي وفات تي ابوهر رياست جون واڳون درگا ديويءَ جي ماروت، سيڪراءِ کي عنايت ڪيو ويون. ان لاءِ شهنشاه هند خاص فرمان جاري ڪيو ۽ سندس تخت نشينيءَ جي رسومات ۾ شرڪت لاءِ پنهنجا نمائندا ۽ پروانو ۽ دعا نامو موڪلي ڏنا ۽ ان سان گڏ بيش بها تحفا پيش ڪيا.

اڄ بہ ابوهر رياست جا والي ان خاندان مان ٿيندا اچن ٿا. اهي پاڻ کي ”سيکيره مسلم راجپوت“ سڏائن ٿا.

# آغا

دکن جي راڄڌاني گلبرگ جي تخت تي ارڙهن سالن جو نوجوان سلطان غياث الدين جلوه افروز هو. سندس دربار ۾ سوين امير ۽ وزير، سالار ۽ عالم دست بستہ موجود هئا. بادشاه جي دانشمندانہ نگاه پوري دربار جو جائزو وٺي رهي هئي. ائين ڪندي سندس نگاه ترڪي نسل جي غلام، تغلچين تي وڃي پيئي، جنهن جي چهري تي مايوسيءَ جا آثار ڇانيل هئا. سلطان سندس دلي ڪيفيت کي سمجهڻ لاءِ ڪانئس پڇا ڪئي.

سلطان- جڏهن کان اسان سلطنت جون واڳون سنڀاليون آهن، تڏهن کان عام رعايا نهايت خوش نظر اچي رهي آهي، مگر تنهنجي چهري تي بي اطمينانيءَ ۽ بد دليءَ جا آثار اچي رهيا آهن، خير تہ آهي؟

غلام- ولي نعمت! غلامن کي تہ ڪنهن بہ صورت ۾ قلبي اطمينان نہ ٿو ٿئي. ان طرح پراڻن خادمن جي قدر افزائيءَ ۾ اگر ڪو توجهہ نہ ڪيو وڃي تہ پوءِ انهن کي ضرور رنج پهچي ٿو!

سلطان- اگر آقا انصاف پسند آهي تہ پوءِ غلامن کي رنجيده ٿيڻ جو ڪوبہ موقعو نہ ٿو ڏئي. ٻيو تہ اهو ناممڪن آهي تہ اهڙن ماڻهن کي وزيرن، اميرن ۽ شهزادن جي درجي تي رکيو وڃي.

غلام- مگر هو اها اميد تہ رکي ٿا سگهن تہ ڪم از ڪم انهن سان ماڻهن وارو سلوڪ تہ ڪيو وڃي.

سلطان- اسان جو خيال آهي تہ هڪ غلام ۽ هڪ آزاد انسان کي هڪ ئي صف ۾ تہ جڳهہ ڏئي نہ ٿي سگهجي. ان طرح عوام ۾ سادات بہ آهن، جن تي غلامن کي فوقيت ڏئي نہ ٿي سگهجي!

غلام- حضور! ملڪئہ عالم بہ تو سلطان جنت آشيان جي ٻانهن ئي هئي!

سلطان- (ڪجھ ڪاوڙ مان) بيشڪ، عورتن جو معاملو ٻيو آهي. عورتون تہ انساني نسل جي بقاء لاءِ قدرت طرفان آلہ ڪار آهن. ان ڪري پُٽ ڪي والده جي طرف ڪان عزت ۽ ذلت جو وارث تصور نہ تو ڪيو وڃي.

غلام- عالي جاه! اهو حڪم اسلامي تعليمات جي خلاف آهي. اسلام تہ غلامن کي بادشاهي بہ عطا ڪئي آهي، ليڪن حضور پنهنجي هڪ وفا شعار خادم کي معمولي درباري جي حيثيت بہ نہ ٿا ڏئي سگهن! غلام هر حال ۾ غلام آهي!

سلطان- تون ڪجھ بہ نہ ٿو سمجهي سگهين. چڱو ٻئي وقت.

(2)

تغلچين غلام هو. سلطان محمود جنت آشياني جي خاص مهربانين سان انعام ۾ اڪرام حاصل ڪري مالا مال ٿي چڪو، هو ان ڪري سندس دماغ ۾ آزاديءَ کان علاوه عهده داريءَ جي هوا بہ پيدا ٿي چڪي هئي.

غياث الدين جي بادشاه ٿيڻ تي کيس خيال هو تہ جيئن ٻين اميرن ۽ ملازمن کي ترقي ملي آهي، تيئن کيس بہ ڪو وڏو عهدو ڏنو ويندو، ليڪن ائين ٿي نہ سگهيو، تنهن ڪري سندس دل ۾ سلطان لاءِ زنگ ويهي ويو ۽ هن سلطان کي معزول ڪرائڻ لاءِ اندران ئي اندر سازش ڪرڻ شروع ڪئي. ان طرح پنهنجي تحقير جو بدلو وٺڻ تي گهريائين.

سندس هڪ ڌيءَ حسن و جمال ۾ يڪتائي زمانہ هئي. آداب ۽ ترتيب جي زيورن سان آراستہ، علم ۽ فن ۾ پڙهَ خاص طرح سان راڳ جي فن ۾ کيس ڪافي دسترس حاصل هئي. سلطان سندس حسن و جمال جي شهرت ٻڌي پس غائبانہ ڏسڻ پسڻ کان سواءِ عاشق زار بنجي چڪو هو. سلطان جي دل ۾ جوانيءَ جا جذبا جوشزن هئا ۽ هو ان پري مثال نينگريءَ کي ڏسڻ ۽ پسڻ لاءِ سارو وقت حيران ۽ پريشان رهندو هو.

هڪ ڏينهن غياث الدين پنهنجي ننڍي ڀاءُ شمس الدين سان گڏ شاهي محل جي باغ ۾ سير و تفريح ۾ مشغول هو. ائين ڏسندي هڪ چوڏهن سالن جي خوبصورت ڇوڪري اچي اتان لانگهائو ٿي. سلطان

پنهنجي ياءُ شمس الدين کي حڪم ڪيو تہ هو فوراً ان نينگريءَ کي هت حاضر ڪري.

نينگري نهايت حسين ۽ جميل، معصوم ۽ عصمت ماب، تمام سادن ڪپڙن ۾ ملبوس، اچي ادب سان بيٺي. ٻئي ڀائر سندس معصوميت ۽ سادگيءَ کان ڏاڍا متاثر ٿيا، پر ٻنهي ڀائرن پنهنجي جذبات کي هڪ ٻئي تي ظاهر ٿيڻ نہ ڏنو. نينگري سر جهڪايو بيٺي رهي. سلطان ڪجهہ وقت جي سوچ ويچار کان پوءِ سوال ڪيو:

اي گل خوبيءَ محبوبي! تون ڪير آهين ۽ ڪهڙي خاندان مان آهين؟

نينگري- حضور! منهنجو نالو آغا آهي، مان حضور جي خانہ زاد تغلچين جي نياڻي آهيان.

سلطان- نيڪ! اڄ کان تنهنجو پيءُ، تنهنجي صدقي ۾ آزاد ڪيو وڃي ٿو.

آغا- حضور! مون کي افسوس آهي جو مون اوهان جي باغ ۾ اچي، اوهان جي سير و تفريح ۾ بيجا دخل ڏنو آهي! مان معافي تي گهران، آئينده اهڙي غلطي نہ ٿيندي.

سلطان- اهڙيون غلطيون تہ مبارڪ ٿين ٿيون، جن تي تخت ۽ تاج جا مالڪ بادشاهي قربان ڪرڻ تي تيار ٿين ٿا. اڄ کان پوءِ نہ فقط توکي هن شاهي باغ ۾ سير ۽ تفريح لاءِ اجازت ڏجي ٿي، بلڪ تنهنجي لاءِ شاهي محل جا دروازا بہ بند نہ رهندا!

آغا- غلام زادي هڪ بي حيثيت ٻانهي آهي، ان سان مذاق ڪري ان جي احساس ڪمتريءَ کي اڃا بہ زياده ڪري چڪا آهيو.

ائين چئي آغا آداب بجا آڻيندي، رخصت ياب ٿي. ٻئي ڀائر، حيرت وچان هڪ ٻئي جو منهن تڪيندي رهجي ويا.

غياث الدين، شمس الدين کي مخاطب ٿي چيو: آخر تنهنجو خيال ڪهڙو آهي؟

شهزادي جواب ڏنو: مان روح ۾ هڪ خاص قسم جي مسرت ۽ باليدگي محسوس ڪري رهيو آهيان! اگر مون وٽ تخت ۽ تاج هجي ها

تہ پوءِ مان هوند آغا کي پنهنجيءَ دل جي ملڪ بنائڻ ۾ دير ئي نہ ڪريان ها؟

سلطان- بيوقوف! غلام زادي، تخت جي قابل هوندي آهي ڇا؟

شهزادو- ليڪن هڪ غلام زاديءَ کي دکن جي بادشاه جي والده محترمہ جو شرف حاصل آهي.

سلطان- ها! پر هي ڪو قابل قدر مثال ڪين آهي. خير انهن ڳالهين کي ڇڏ، آغا متعلق ان قسم جا سڀ خيال دماغ مان ڪڍي ڇڏ. اڄ کان آغا کي شام حرم ۾ داخل سمجهڻ گهرجي. مون کي ان سان محبت آهي، ليڪن جيئن بادشاه ڪنيزن سان محبت ڪندا آهن، فقط اهڙي. منهنجو مطلب صاف آهي، ان ڪري اڄ کان منهنجي رستي کان هٽي هلڻ گهرجي.

(3)

سلطان جو اهو حڪم شمس الدين لاءِ ڄڻ تہ هڪ قسم جي ڌمڪيءَ برابر هو، جنهن سندس دل ۽ دماغ تي ڏاڍو اثر ڪيو. کيس پنهنجي پيءُ ۽ والي سلطنت جي اهڙن نيچ ارادن تي ڏاڍو افسوس ٿيو. هن اهو پڪو خيال ڪري ڇڏيو تہ ڇا بہ ٿي پوي، هڪ غلام زادي شاهي حرم ۾ ڪڏهن بہ داخل نہ ٿيندي!

اتان اٿي سڌو تغلچين وٽ لنگهي ويو. اتي ڳالهين ڪندي سندس وفاداريءَ ۽ بهادريءَ سان گڏ آغا جي حسن ۽ جمال جي تعريف ڪرڻ شروع ڪيائين.

تغلچين هڪ جهانديده ۽ تجربہ ڪار هو. اڳ ئي بادشاه جي خلاف هو، سو شهزادي سان ڏاڍي لاڏ ڪوڏ ۽ خنده پيشانيءَ سان پيش آيو. دل ۾ سٽيائين تہ هي گهر ويني شڪار هلي آيو آهي، ان کي آلہ ڪار بنائي سگهجي ٿو.

ليڪن شهزاده صاحب! اوهان جو هت اچڻ وڃڻ بادشاه کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو. هو اڳ ئي بنده ۽ مولا، غلام ۽ آقا جي امتياز ۽ فرق ۾ مبتلا آهي، سو مون سان گڏ اوهان سان بہ دشمنيءَ جا پير پريندو!

شهزادو- مان آزاد آهيان، مون کي حق حاصل آهي. شاهي خاندان سان تعلق رکڻ جي بنياد تي مان جتي بہ چاهيان اتي شادي ڪري سگهان

ٿو. مون پڪو ارادو ڪيو آهي ته شادي فقط آغا سان ڪندس! بشرطيڪ تو کي منظور هجي! تغلچين- مان اوهان جي ارادي کي پاڻ لاءِ عزت افزائي سمجهان ٿو. اگر اوهان آغا جي رضامندي حاصل ڪري سگهو ته پوءِ مون وٽ ڪو به عذر نه رهندو، ليڪن هي رشتو اوهان جي خاندان لاءِ سهڻو نه سمجهيو ويندو.

شهزادو- مان اوهان جي آزاديءَ جي ضمانت ڏيان ٿو. مون کي اميد آهي ته منهنجو پاءُ ڪڏهن به منهنجي هن درخواست کي رد نه ڪندو.

تغلچين جي دل ۾ جا انتقام جي باهه ٻري چڪي هئي، سا هنن ڳالهين تي شعلا ڇڏڻ لڳي. شمس الدين کي پنهنجو طرفدار سمجهي، سندس نگاهه وجي تخت ۽ تاج تائين پهتي. هن شهزادي کي آغا سان ملڻ جو موقع پيدا ڪري ڏنو. ٻنهي پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪئي، ٻئي هڪٻئي کان ڏاڍا متاثر ٿيا.

(4)

هڪ ڏينهن سلطان تغلچين کي پنهنجي محل ۾ گهرايو ۽ چيو: تغلچين! اسان تو متعلق ڪافي غور ڪيو آهي. واقعي تنهنجن خدمتن جي صلي ۾ انعام ڏيڻ ۾ اسان کان ڪوتاهي ٿي آهي. اسان توکي آزاد ڪرڻ گهرون ٿا.

تغلچين- مان حضور جو دل سان شڪر گذار آهيان!

سلطان- پر ان آزاديءَ جو ڪجهه فديو ادا ڪرڻو پوندو!

تغلچين- جنت آشياني جي انعام ۽ اڪرام مان جيترو مال و دولت باقي آهي اهو نذر ڪرڻ لاءِ تيار آهيان! ارشاد جي دير آهي!

سلطان- نه- نه مان فقط هڪ گوهر گهران ٿو!

تغلچين- بشرطيڪ مون وٽ هجي..... اعليٰ حضرت کي فقط نالي وٺڻ جي تڪليف گوارا ڪرڻي پوندي!

سلطان- ها، تنهنجي دختر نيڪ اختر آغا!

تغلچين- خادم هن عزت افزائيءَ لاءِ شڪر گذار آهي. ليڪن ڇا اها شادي حضور جي شايان شان ٿي سگهي!

سلطان- يقيناً نه- ليڪن مابدولت جو حڪم شاديءَ لاءِ ناهي، اگر توکي آزادي عطا ڪئي وڃي ته پوءِ آغا کي خاص شرطن هيٺ محل سرا ۾ داخل ڪيو ويندو.

تغلچين-(شوخيءَ سان) بادشاهه سلامت! مان اوهان جو خانه زاد غلام آهيان... مگر مان اهڙي آزادي کي نفرت ۽ حقارت وچان نڪرايا ٿو. منهنجي نياڻي ان قسم جي تعلقات جي مقابلي ۾ غياث الدين ته ڇا، ان کان به وڌيڪ با جبروت شهنشاهن جي خواهشات کي حقارت جي نظر سان نڪرائي ڇڏيندي!

سلطان- ته پوءِ اسان وٽان توکي ڪي به رعايتون ملي نه سگهنديون. جا قوت هڪ عظيم سلطنت تي قابض هجي، سا هن قسم جي گستاخانه جواب کي توهين تصور ٿي ڪري! تغلچين! هن غير دانشمندانه فيصلي تي توکي پشيمان ٿيڻو پوندو! هليو وڃ!

تغلچين جيئن گهر پهتو تيئن سندس چهري جي رونق ۾ فرق اچي چڪو هو. سندس چپ خشڪ ٿي چڪا هئا ۽ اکيون غم ۽ غصي جي ڪري لال ٿي چڪيون هيون. آغا جڏهن اهو سڀ ڪجهه ڏٺو، تڏهن حيران ۽ پريشان ٿي پڇيائين:

"بابا! خيريت ته آهي!"

تغلچين- مون کي بادشاه سخت رنج پهچايو آهي!

آغا- اهو ڪيئن؟

تغلچين- هو مون کي آزاد ڪرڻ گهري ٿو!

آغا- ته ڇا آزادي به نا پسند آهي؟

تغلچين- ليڪن، اها منهنجي نياڻيءَ جي عزت جي صلي ۽ صدقي ۾!

آغا جڏهن اهي لفظ ٻڌا، تڏهن ٽپي ياه ٿي ويئي!سندس خون ٿهڪڻ لڳو، پر هوءَ خاموش رهي. ٻنهي پائرن جي جذبات جو پنهنجي دل ۾ موازنو ڪرڻ شروع ڪيائين. هڪ جيتريقدر، شريف النفس ۽ نيڪ نهاد هو، ٻيو ان جي برعڪس ذليل ۽ ڪمينه خصلت هو. هوءَ سوچيندي رهي!

تغلچين پڇيو:

پٽ! بڌاءِ مان سلطان کي ڪهڙو جواب ڏيان، جو هڪ غلام جي عزت افزائي، ان جي نياڻيءَ کي ڪنيز بنائي، ڪرڻ گهري ٿو.

آغا- اوهان چاهيو ٿا ته مان جواب ڏيان! ڇا اوهان پاڻ ڪو جواب نه ٿا ڏئي سگهو؟ اگر وچون ۾ نانگ ڏنگ هڻڻ کان اڳ، اجازت طلب ڪري ته پوءِ جيڪو جواب ان مهل ڏيڻ گهرجي، اهو جواب هينئر منهنجو آهي!

تغلچين- مون کي پنهنجي شريف صاحبزاديءَ جي نازڪ احساسات مان اهائي ئي اميد هئي. مون سلطان کي ڪوبه اميد پريو جواب نه ڏنو آهي. اٽلندو، هن مون کي تشدد جي ڌمڪي ڏني آهي! مان سندس ارادن کي ڪنهن نه ڪنهن طرح ڪچلڻ گهران ٿو.

آغا (ڪجهه سوچيندي) ايتري طاقتور بادشاه کي ڪيئن ٿا ڪچلي سگهون؟

تغلچين- تون فقط وقتي طور تي سندس خواهش کي پوري ڪرڻ جو بهانو ناهه. مان ڪيس دعوت تي گهرائيندس؟ ۽ پوءِ ان فتني کي هميشه .... (آغا صرف خاموش رهي.)

(5)

ان دور ۾ آغا ۽ شهزاده شمس الدين جون باقاعده ملاقاتون ٿينديون رهيون ۽ تغلچين، آغا کي ملڪ ڏسڻ جا خواب ڏسڻ لڳو. سندس ارادو هو ته ڪنهن نه ڪنهن طرح سان، شمس الدين کي تخت ۽ تاج جو مالڪ بنائي.

تغلچين وانگر ڪي ٻيا امير ۽ وزير به هئا، جي بادشاه کان ناراض ٿي چڪا هئا. تغلچين وانگر انهن سان به ساز باز ڪري شمس الدين سميت هڪ مخالف محاذ بنائي ورتو. سلطان پنهنجي زعم باطل ۾ خوش هو ته سڀ رعايا مطمئن آهي، امير ۽ وزير منجهانئس خوش آهن، ڪا به باغي جماعت ملڪ ۾ موجود ناهي.

تغلچين ساري سازش تيار ڪئي ۽ اطمينان کان پوءِ وڃي سلطان وٽ رضامنديءَ جو اظهار ڪيو ته ڪجهه ڏينهن کان پوءِ آغا کي شاهي محلات ۾ پهچايو ويندو.

تغلچين جڏهن سڀ انتظام ڪري دنگ ڪيو، تڏهن وجهه وٺي هڪ ڏينهن سلطان کي پاڻ وٽ پر تڪلف دعوت جي بهاني سان گهرايائين. سلطان آغا کي حاصل ڪرڻ لاءِ ان دعوت کي بطيب خاطر قبول ڪرڻ فرمايو ۽ فقط 24 چونڊ اميرن سان گڏ شاهانه جاه ۽ جلال سان تغلچين جي مڪان تي پهتو.

دعوت نهايت پر تڪلف هئي ۽ ڌوم ڌام سان ختم ٿي. جڏهن شراب جو دور ٿيو تڏهن تغلچين پنهنجي خاص خواجه سرا طرب ناليَ کي سلطان لاءِ خاص طرح ساقي بنجڻ جو حڪم ڪيو. ان سان گڏ ڪيس نشه آور دوا ملائڻ جي به هدايت ڪيائين. ان ڪم کان اطمينان حاصل ڪري سلطان کي عرض ڪيائين ته هوا اميرن ۽ وزيرن کي علحده ڪرڻ فرمائي. سلطان نشه ۾ چور هو، تنهن محسوس ڪيو ته آغا سان ملاقات لاءِ ئي خلوت ڪرڻ جو سازو سامان ڪيو وڃي ٿو. تنهن هڪدم اميرن کي علحده ٿيڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ جام تي جام نوش ڪندو رهيو.

ٿوريءَ دير کان پوءِ تغلچين هٿ ۾ خنجر ڪٽي ڪمري ۾ داخل ٿيو ۽ فوراً سلطان تي حملو ڪيائين. سلطان نشي ۾ چور هو، تنهن جان بچائڻ لاءِ گهڻيون ئي دانهون ڪوڪون ڪيون، ليڪن تغلچين جي خواجه سرا طرب، ڪيس وارن کان جهلي، هيٺ ڪيرائي وڌو ۽ تغلچين خواجه سرا جي مدد سان سندس بئي اکيون ڪڍي ڇڏيون ۽ سندس ڪمرو بند ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ اميرن کي ته تيغ ڪيو ويو ۽ سندن لاش جهنگ جي جانورن جي خوراڪ بنائڻ لاءِ شهر کان ٻاهر اماڻيا ويا. ان کان پوءِ انڌي سلطان کي، 'قلع ساغر' ۾ نظر بند ڪرايائين.

ليڪن جڏهن اها خبر آغا کي پهتي، تڏهن ڏڪي ويئي ۽ اهو انجام ڪيائين ته هو ڪڏهن به آينده پنهنجي پيءُ سان نه ڳالهائيندي.

اهي امير، جي بادشاه کان اڳي ئي بدظن هئا، سي اچي تغلچين سان مليا ۽ ڪيس نهايت طاقتور تصور ڪري، سندس پناه ۾ اچي سر لڪايائون. تغلچين ان تي آڪٽڄي سورنهن سالن جي شهزادي شمس الدين کي تخت تي ويهاريو.

شمس الدين جي والده مخدومہ جهان ۽ تغلچين، پاڻ ۾ ساز باز ڪري آغا ۽ شمس الدين جي رشتي جون ڳالهيون پڪيون ڪري ڇڏيون.

ليڪن جڏهن شمس الدين آغا وٽ ويو ۽ پنهنجي پاءُ جي افسوسناڪ واقعي جو ذڪر ڪري، رشتي متعلق ڳالهہ ٻولهہ ڪيائين، تڏهن آغا جهڙي شريف النفس خاتون نا پسندگيءَ جو اظهار ڪندي چيو:

افسوس! جو اوهان جي سلطنت جون واڳون هاڻي شيطان جي هٿ ۾ اچي چڪيون آهن. ايندڙ نسل ۽ تاريخ ان تخت ۽ تاج تي لعنت ڪندا، جو خونريزيءَ ڪان پوءِ حاصل ڪيو ويو آهي.

شمس الدين- آغا! جو ڪجهہ ٿي گذريو، اهو بيشڪ لعنت ۽ ملامت جو مستحق آهي. جڏهن تہ ملڪ جو قانون ۽ رواج موجب ڪنهن انڌي کي سلطان نہ ٿو تسليم ڪري سگهجي. ٻيو تہ مان ئي ولي عهد هوس، ان ڪري لاچار ٿي واڳ سينالي اٿم.

آغا- بيشڪ. پر ياد رهي تہ مان ان شخص سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان، جنهن ظلم ۽ جبر سان تخت حاصل ڪيو آهي.

شمس الدين- مگر مان تہ بلڪل بيقصور آهيان، مان تہ ان دعوت ۾ شامل بہ ڪين هوس! نہ ڪو سلطان مون کي ساڻ آڻڻ جي زحمت گوارا ڪرڻ فرمائي.

آغا- مان ڄاڻان ٿي، بيشڪ تون هن جرم جي ارتڪاب ۾ شريڪ نہ هئين، ليڪن توکي تخت ۽ تاج تہ ان جرم جي صلہ ۾ مليو آهي. مان توسان شادي نہ ڪري سگهنديس! منهنجو جواب صاف آهي.

شمس الدين- ڇا مان اهڙو مجرم آهيان جو تنهنجي محبت کان بہ محروم ٿي ويندس.

آغا- (طنزيہ انداز ۾) جهان پناه جو اهو جذبو قدر جي قابل آهي!

شمس الدين- آغا! هي ڇا چئي رهي آهين؟

آغا- مان ظل سبحاني جي جذبۂ محبت جو داد ڏئي رهي آهيان! محبت لاءِ سلطنت کي ڇڏي ڏيڻ وڏي قرباني آهي.

شمس الدين- ان لاءِ مان حاضر آهيان.

آغا- ڇا ان بي وقت جي قربانيءَ سان انڌيءَ سلطان جون اکيون واپس ڪري سگهو ٿا؟ اوهان پهاڙ جي چوٽيءَ تان هڪ ڇپ ڪي هيٺ ڪيرايو آهي،

هاڻي دنيا جي ڪابہ طاقت ان کي هيٺ ڪرڻ کان روڪي نہ ٿي سگهي! هن ظلم جي سزا ضرور ٿيندي. خدا حافظ.

شمس الدين ائين ڏسندي رهجي ويو ۽ آغا هلي وئي.

(6)

تغلچين- امان! ڇا اهو ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ تون وقت جي سلطان سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري سگهين، جنهن سان تون محبت جو عهد بہ ڪري چڪي آهين؟

آغا- بابا! درست آهي، مان محبت ڪريان ٿي، ليڪن جڏهن تہ هن هڪ جائزو وارث کي تخت ۽ تاج کان محروم ڪيو آهي، ان ڪري مان هن جي سزا ۾ شريڪ ٿيڻ نہ ٿي چاهيان!

تغلچين- ڪهڙي سزا؟ ڪير ٿو سزا ڏئي سگهي؟ خبر اٿئي، ڪلهہ تنهنجو پيءُ غلام هو، اڄ نہ فقط آزاد آهي، پر ان سان گڏ دکن جي سلطنت سندس مٺِ ۾ آهي.

آغا- فطرت بدلو وٺڻ نہ ٿي ڇڏي. خون جو بدلو آخر خون ئي ٿيندو.

تغلچين- سلطنت جو ڪاروبار ائين ئي هلندو آهي. تون فطرت جي سزا ۽ جزا جو ڪوبہ فڪر نہ ڪر. منهنجي سڀ کان وڏيڪ خواهش اها آهي تہ تون ملڪہ ٿين.

آغا- اهو ناممڪن آهي. خون ناحق مان حاصل ڪيل تخت جي ملڪہ بنجڻ ناممڪن آهي! تون منهنجو والد آهين. تو مون کي پاليو ۽ وڏو ڪيو آهي، ليڪن موت ۽ حيات خدا جي هٿ ۾ آهي. تون مون تي ظلم ڪري سگهين ٿو، پر منهنجي ارادي جو بدلجڻ ناممڪن آهي!

تغلچين- (ناراض ٿي) مان توکي مارڻ نہ ٿو گهران، پر توکي قيد ڪري سگهان ٿو.

آغا- مون کي پنهنجي انجام جي خبر آهي، سڀ ڪجهه برداشت ڪنديس پر ضمير جي خلاف هلڻ ناممڪن آهي! منهنجو جسم قيد ڪري سگهجي ٿو، پر منهنجو ضمير ۽ منهنجي راءِ آزاد رهندا.

تغلچين زخمي نانگ وانگر پيچ و تاب کائيندي ٻاهر هليو ويو.

(7)

حالتن رنگ بدلائڻ شروع ڪيو. اميرن ۽ عوام هڪ غلام جي سرڪشي ۽ تڪبر کان خوف محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. سندس خلاف منصوبا ٺهڻ لڳا.

فيروز خان ۽ احمد خان، جي معزول سلطان جا چاچا هئا، سي قلعہ ساغر ۾ پهتا ۽ اتاهون ٿي لشڪر جرار سان، گلبرگ تي چڙهي آيا. ليڪن ساڻن قسمت سات نہ ڏنو ۽ سندن شڪست ٿي.

هڪ ڏينهن تاري، هنن سلطان شمس الدين کان معافي ورتي ۽ گلبرگ ۾ رهڻ جي اجازت طلب ڪري اتي ئي رهي پيا. هاڻي اندر ئي اندر سازشون سٽڻ شروع ڪيائون ۽ محل سراء ۾ فوجون گڏ ڪري، سلطان شمس الدين ۽ تغلچين کي قيد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا. فيروز خان تخت تي قبضو ڪري ورتو. جڏهن سڀ انتظام ڪري دنگ ڪيائون، تڏهن معزول سلطان کي قلعہ ساغر مان ڪدائي آيا.

فيروز خان سلطان کي مخاطب ٿي چيو: ملڪ جو قانون توکي حڪومت واپس ڏياري نہ ٿو سگهي، ڇا لاءِ تہ تون نابين آهين، پر تنهنجي هر خواهش پوري ڪري سگهجي ٿي. ٻڌاءِ ڇا گهرجي؟

غياث الدين- (مايوسيءَ مان) مان هن حالتن ۾ تخت وٺي ڇا ڪندس؟ ليڪن منهنجون فقط هي ٻہ خواهشون آهن:

اول- تغلچين کي منهنجي حوالي ڪيو وڃي، تان تہ مان ان نمڪ حرام کان انتقام وٺي سگهان.

ٻيو- مون کي حج لاءِ اجازت ڏني وڃي.

فيروز خان، ٻنهي خواهشن پوري ڪرڻ لاءِ هائوڪار ڪئي. فوراً تغلچين کي زنجيرن ۾ جڪڙي سندس آڏو اچي ڪڙو ڪيائون.

غياث الدين تلوار آبدار جو منيو سنڀاليو ۽ گرجدار آواز ۾ چيائين: ”منهنجي سامهون ڪير بيٺو آهي؟“

(تغلچين خاموش رهيو.)

ٻڌايو: هڪ دغا باز ۽ نمڪ حرام جي ڪهڙي سزا آهي؟ سلطان پڇيو.

تغلچين، وري بہ خاموش رهيو.

غياث الدين- او نمڪ حرام، غدار، مان انڌو آهيان، تو منهنجون اکيون ڪڍي قدرت کان ڏنل روشني کسي ورتي آهي. دنيا منهنجي نظر ۾ اونده مثال آهي، تنهن ڪري تنهنجي ان جرم جي سزا توکي ضرور ملڻ گهرجي. ڇا تون مرڻ لاءِ تيار آهين؟

(جواب ندارد- تغلچين خاموش رهيو.)

غياث الدين هڪ هٿ سندس ڪلهي تي رکيو ۽ ٻئي سان تلوار جو وار ڪيو. تغلچين جو سر معزول سلطان جي اڳيان قدمن ۾ ڪريو.

ٻئي ڏينهن آغا سلطان فيروز خان سان مليو آئي. عرض ڪيائين: عالي جاه! مون کي ائين چوڻ جي ضرورت ناهي تہ رحم، عادل بادشاه جي تاج جو هيرو هوندو آهي....

سلطان- خوبصورت نينگري، تون ڪنهن جي لاءِ رحم جي درخواست ڪرڻ آئي آهين!

آغا- معزول سلطان شمس الدين جي لاءِ. مون کي خبر آهي تہ ان جو براه راست ان جرم سان ڪوبہ تعلق ڪين هو.شمس الدين حڪومت نہ ٿي گهري، ليڪن کيس اها خبر هئي تہ اگر هو تخت ۽ تاج کي قبول نہ ڪندو تہ پوءِ سندس جان ورتي ويندي! اسان ٻنهي ڄڻن پاڻ ۾ اهو عهد ڪيو هو. مون، بحيثيت سلطان جي ان سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو. ڇا لاءِ تہ مون کيس غاصب ٿي سمجهيو. ليڪن هاڻي ان ۽ منهنجي وچ ۾ جا رڪاوٽ هئي سا دور ٿي چڪي آهي.

سلطان- نينگري! تنهنجي درخواست منظور ڪئي وڃي ٿي. کيس تنهنجي ڪري آزاد ڪريون ٿا. چون ڪہ هن تخت تي ويهي ڪوبہ ظلم نہ ڪيو آهي، ان ڪري اسان کيس دولت آباد جو حاڪم مقرر ڪري رهيا آهيون. اهو اطلاع کيس تون ئي پهچائي سگهين ٿي.

آغا شڪريو ادا ڪيو ۽ سڌو شمس الدين جي قيدخاني ۾ آئي ۽ ويندي شرط سندس اکين تي هٿ رکي سڏيائين شمس الدين!

الله اڪبر! هي تہ آغا جو آواز آهي. ڇا تون منهنجي مرڻ کان اڳ مون کي هڪ ڀيرو وري بہ ستائڻ آئين آهين. خوب!

مون تنهنجي آزاديءَ جو پروانو آندو آهي. توکي خيال هوندو تہ شايد مون وٽ تنهنجي محبت جو ذرو بہ نہ رهيو آهي. اهو خيال غلط آهي.

شمس الدين گهبرائي اٿي ويٺو، ڪيس اهو اعتبار ئي نہ ٿي آيو تہ رات وچ ۾ هي ڇا ٿي گذريو آهي!

خوشيءَ کان چوڻ لڳو: آغا ڇا اهو سڀ سچ آهي!

آغا- حرف بہ حرف سچ آهي. مونکي تو سان محبت آهي ۽ هئي، ليڪن تنهنجي تخت ۽ تاج کان نفرت هئي. اڄ توکي آزادي ۽ ان سان گڏ دولت آباد جي حاڪميت ملي آهي. اگر هن غلام زاديءَ کي اڄ بہ لائق سمجهو تہ پوءِ اڳئين عهد کي پاڙڻ لاءِ حاضر آهي.

شمس الدين کان اکين مان ڳوڙها نڪري آيا ۽ ٻئي سلطان فيروز خان جي محل ڏانهن روانا ٿيا.

# رتنا

هي ان زماني جو تاريخي واقعو آهي، جڏهن ميسور تي پاليگارن جي حڪومت هئي، جن جي دور ۾ بربريت ۽ غارتگريءَ جو زور هو. ميسور جي تاريخ انهن جي وحشت خيز زماني کي ائين چٽي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته ”ميسور باهمي معرڪ آرائيءَ جو ميدان بڻيل آهي، جنهن ۾ اهڙو ڪوبه ڏينهن نه آهي، جنهن ۾ ڪٿي نه ڪٿي انسان جو خون پاڻيءَ وانگر نه ٿو وهايو وڃي. ڪمزور ۽ بيڪس انسانن کي درندن وانگر سمجهي ڪين مارڻ، هڪ معمولي مشغلو آهي. انسان جو شڪار محض دل جي تفريح لاءِ ڪيو وڃي ٿو. اهڙن درنده صفت انسانن جي هٿ ۾ جڏهن حڪومت جون واڳون هجن، تڏهن هر ڪو اندازو لڳائي سگهي ٿو ته اصل حالت ڇا هوندي“.

(2)

چتلارگ جو راجا هڪ معمولي قسم جو نايڪ هو، ليڪن قرلت وحشت خيزي، خونريزي، بربريت، فساد ۽ مختلف چند معرڪن جي ڪاميابيءَ ڪيس مغرور بنائي ڇڏيو. آس پاس جي ننڍن وڏن قلعي دارن تي سندس ڌاڪ ويهي چڪي هئي. پنهنجي ان معمولي ڪامرانيءَ جي زعم ۾ اچي راجا، پهاڙ تي هڪ مضبوط قلعو نهرايو هو. هي قلعو پهاڙ جي چوٽيءَ تي هو. ان جي چوڌاري، مضبوط پٿر جي ديوار هئي. ان پهاڙ جي دامن ۾ هڪ ڍنڍ هئي، جا قلعي کي ٽنهين طرفن کان پنهنجي گهيري ۾ وٺي چڪي هئي. قلعي تي پهچڻ لاءِ پٿر جون ڏاڪڻيون نهرايون ويون ۽ جڳهه جڳهه تي پٿر جا مڪان نهرايا ويا ۽ انهن ۾ پٿر جون مورتون نصب ڪيون ويون. پهاڙ جي چوٽيءَ تي پٿر جو محل ۽ ان سان گڏ هڪ ننڍو تلاءُ نهرايو ويو، جنهن ۾ برسات جو پاڻي گڏ ڪرڻ مقصود هو.پهاڙ تي مٿي چڙهڻ تي قلعي جو صدر دروازو آهي، جو تمام مضبوط، بلند ۽ پٿر جو نهيل آهي. صنعت ۽ ڪاريگريءَ جو ته ڪٿي ج

نالو نشان نه ملي؛ ليڪن هڪ سياح، ان وقت جي ماڻهن جي بود و باش حوصلي جو اندازو لڳائي سگهي ٿو.

مٿي، هر هنڌ معمولي پٿر جا ٿنڀ ڪڙا ڪيا ويا آهن. صدر دروازي کان پهاڙ جي چوٽيءَ تائين، اجا به به ٽي دروازا اچن ٿا. انهن دروازن جي وچ ۾ ڪندر ٺي ڪندر آهي، جتي ڪنهن زماني ۾ عاليشان عمارتون هونديون، پر اڄ ته انهن تي الو وينا الوليون ڪن. جابجا ٿنل ۽ ڦٽل ديوارون آهن، جن تي جهنگلي وليون چڙهي ويو آهن. انهن ۾ ڪيترين بلائن اچي آستانا بنايا آهن. هر هنڌ خودرو ٻوٽا ۽ خاردار وڻ آهن. انهن ڪندرن جي وچ ۾ وٽن سان چانيل هڪ چشمو آهي، جنهن جو پاڻي هن تڪر لاءِ آب حيات کان گهٽ نه آهي. اهو چشمو هڪ ٿنل ٽڪريءَ مان نڪري، هڪ وڏي کڏ ۾ جمع ٿي، هيٺ نالي وانگر سرنگ مان نڪري ٿو. ان حصي ۾ اڪثر چيتا رهن ٿا، ليڪن اڳ ان کي چوراسته سڏيندا هئا.

(3)

جڏهن حڪومت بيجاپور جي طرفان نواب حيدرعلي خان کي رستم آباد جو گورنر بنائي، آس پاس جي راجائن کان خراج وصول ڪرڻ جو اختيار ڏنو ويو، تڏهن حيدرعلي خان انهن پاليگارن کان به خراج وصول ڪرڻ جو انتظام ڪيو. جڏهن سندس اهلڪارن ڪانئن خراج جي طلب ڪئي، تڏهن انهن نه فقط انڪار ڪيو، پر ان سان گڏ اعلان جنگ به ڪيائون. ان حالت ۾، نواب پڻ سندن سرڪوبيءَ لاءِ تياري ڪرڻ ۾ حق به جانب تصور ڪيو ويو.

نواب پنهنجي لشڪر سميت ننڍن قلعن کي فتح ڪرڻ کانپوءِ اچي چتلارگ کي گهيرو وڌو. ڪيتري مدت تائين نواب جون فوجون اتي قابو رهيون پر قلعو فتح ٿي نه سگهيو. سپاهي روز قلعي تي چڙهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، ناڪامياب ٿي موٽي ايندا هئا. ڇا لاءِ ته قلعي جي تير اندازن جي سامهون وڃڻ ناممڪن ٿي چڪو هو. هو تيرن سان گڏ باهه ۽ ٻڙڪندڙ تيل به سپاهين ڏانهن اڇلائيندا هئا. ڪيترن ڏينهن تائين سپاهي تيرن، باهه ۽ تيل جي ڪري پڪين وانگر ڪرندا رهيا. ديوارن وٽ لاشن جا ڍير لڳي ويا، جن جي بدبوءِ کان ڳوٺ وارا پريشان ٿي پيا. ڳوناڳا

ساده لوح، هوندءَ به انهن پاليگارن جي ظلم و ستم کان نالان رهندا هئا. نواب سان پاليگارن جي سرڪشي ۽ بغاوت کي پڻ، هو امن ۾ خلل تصور ڪري رهيا هئا. هن طرح نواب جي لشڪر کي مرندو، ۽ سڙندو ڏسي، ڪين ڪاوڙ به ڏاڍي تي آئي، پر منجهن ايتري همت ڪانه هئي، جو هو نواب جي لشڪر کي انهن سرنگن جو علم نه هو، پر جن لوگن ماڻهن کي قلعي وارين ڳجهين سرنگن جو پتوڏئي سگهن. اڪثر ماڻهن کي پتو هو، سي راجا جي ملازمت ۾ هئا، تن کان اها اميد نه ٿي رکي سگهيا، ته هو ڪو انهن سرنگن جو راز فاش ڪري سگهندا.

قلعي کان ميل ڪن جي مفاصلي تي نواب جي فوجن جي منزل گاهه هئي ان جي بلڪل پرسان هڪ ننڍڙو ڳوٺڙو هو. رتنا ان ڳوٺ ۾ رهندي هئي. ڳوٺ به ڪو وڏو نه هو. تمام معمولي جهوپڙيون هيون، اهي به تمام ٿوريون ۽ هڪ ٻئي کان پري. سامهون ٻنين جي پرسان به ڪچا ڪونا ٿهيل هئا، جن ۾ پٽيل ۽ سرڪاري ماڻهو رهندا هئا. رتنا جي جهوپڙيءَ سان گڏ هڪ ٻئي جهوپڙيءَ ۾ رمو رهندو هو. انهن ٻنهي جهوپڙين جو اڱڻ هڪڙو ئي هو. رموءَ جي جهوپڙيءَ جي بلڪل پرسان سايه دار وڻ هئا. هڪ وڻ جي پاڇي ۾ هڪ پراڻي کٽ هميشه پئي هوندي هئي. رتنا پنهنجي اڱڻ ۾ ڪيترن قسمن جون وليون پوکي ڇڏيون هيون. وٽن جي پرسان هڪ وٿاڻ هو، جنهن ۾ رتنا جون ڍڳيون ٻيهنديون هيون. پٽيل جي مڪان جي سامهون کوهه هو، جنهن مان ساري ڳوٺ جا ماڻهو پاڻي ڀريندا هئا.

رموءَ جي زال ۽ ٻار سڀ مري چڪا هئا. هو پنهنجي زندگي اڪيلائيءَ ۾ گذاري رهيو هو. ڪيس به- چار نمبر زمين جا هئا ۽ هڪ به ڳئو هيون. رمو مسلمان هو ۽ رتنا هندو. انهن ٻنهي جو تعلق پاڻ ۾ پيءُ ۽ ڌيءُ وارو هو.

هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو، سج جا ڪرڻا وٽن جي پنن مان ڇڻ ڇڻ ڪري ڪري چڪا هئا. رتنا ويني کير ڏڌو. پوڙهو رمو ڪنبل ويڙهي، هٿ ۾ حقو ڪنيو، ڪنگهندي پنهنجي جهوپڙيءَ مان باهر نڪتو- نڪرڻ شرط رتنا کي سڏ ڪيائين. رتنا جواب ۾ چيو، ڇا هي بابا؟

پوڙهي رموءَ ورائي ڏنو ۽ چيو: پٽ رتنا، تون اجان تائين ڪير ڏهي رهي آهين. چلهه ۾ ڪو ٽانڊو هجي ته مون کي حقو ناهي ڏي.

آهي بابا! چئي رتنا اندر وئي ۽ ٽانڊو آٽي، رموءَ کي حقو ناهي ڏنائين. ”بابا تڪڙ اٿم، اس نڪري چڪي آهي، قلعي ڏانهن وڃڻو اٿم، دير نه ٿي وڃي!“

پوڙهو رمو رتنا کي دعائون ڪندي، حقو ڪٽي وڃي پراٽي کٽ تي وينو. اتي حقو به پئي چڪيائين ۽ کنگهائين به پئي. سامهون رتنا ويني کير ڏڌو. کير ڏهڻ کان پوءِ، ٽانوَ ڍڪي، سڌي اچي رموءَ جي کٽ پرسا ويني.

رموءَ چيو: پٽ رتنا! اڃا قلعي ڏي وڃڻ ۾ دير آهي؟

”نه بابا! وڃي رهي آهيان“ رتنا چيو. رموءَ وراٽيو، چڱو بابا“.

رتنا چيو: بابا! اڄ به چار ڳالهيون توسان ڪرڻيون اٿم!

ڪهڙيون ڳالهيون پٽ! رموءَ اتاوليءَ وچان چيو.

بابا! نباب جي فوج وارا ڪيترا نه پلا ماڻهو آهن، هو ٻين جي عورتن ڏانهن اک کڻي به نٿا نهارين. انهن نه ڪو اڄ تائين اسان جون ٻنيون پيليون آهن ۽ نه ڪو گهر ڦريا آهن. مان ته صبح شام اتاهون پئي اچان- وڃان! مگر انهن ڪڏهن به ڪا ڇيڙڇاڙ نه ڪئي آهي. ڇا بابا- هي اسان جا دشمن آهن؟ رتنا حيرت مان اهو سوال ڪيو.

پوڙهي رموءَ کلي ڏنو- چيائين: پٽ هو اسان گريبن جا دشمن ڇو ٿيندا! اسان گريبن سندن ڇا بگاڙيو آهي. انهن جو دشمن ته راجا آهي. ڪيس پنهنجي گرور جو بدلو ضرور ملندو. اسان لاءِ ته بابا سڀ هڪ آهن! اسان ڇا ڄاڻون ته ڪير آهي نباب صاحب ۽ ڪير آهي راجا؟

نيڪ آهي بابا، پر- رتنا اوچتو چئي خاموش ٿي وئي. پوءِ چيائين بابا! پر سال جيڪا لڙائي ٿي هئي، ان ۾ ڪيترو نه جلم ڪيو هئائين. گهر بار سڀ جلائي ڇڏيائين، ماڻهن جون خون وهائي، مٽي تي تلڪ لڳايو هئائين. ان لڙائي ۾ ته منهنجو پتي به مري ويو هو. منهنجي آرجو جي ستيا ناش ٿي وئي، منهنجو سهاڳ لٽجي ويو، پر هي نباب جا ماڻهو اهڙا ناهن! منهنجي دل ۾ ته انهن لاءِ ڏاڍو پريم آهي!ويچارا دکي آهن. مان ڪين دکن کان بچائڻ گهران ٿي، بابا!

”چري ٿي آهين رتنا! عورت جات انهن سورمن جي دنگل ۾ ڇا ٿي ڪري سگهي! بابا! رات ڏينهن مينهن وانگر گوليون پيون وسن، انهن جي آواجن ڪان ڪن پيا ڦاٽن. ماڻهو آهن، سي ڪتن وانگر پيا مرن. ڏسين نه ٿي، اسان ڪي به انهن تي ڏاڍو رحم ٿو اچي، پر آخر تون ڪمجور جال، تنهنجو ٻيو اوهي واهي به ڪونه آهي. اصل چپ ڪري گذار، راجا کي خبر پوندي ته توکي مارائي ڇڏيندو!“

”بابا! هاڻي آهي ڪير جو منهنجي لاءِ روئيندو؟ جڏهن ڪان وني منهنجو پتي سرڳواس ٿيو آهي. تڏهن ڪان پرماتما ۽ تنهنجي پاڇي ۾ ڏکيا سکيا ڏينهن پئي گذاريان. سڀ آرجو فنا ٿي چڪي آهي! باقي مون وٽ ڇا بچيو آهي، جنهن لاءِ ايترو سوچ ويچار ۽ ڊپ ڊاءُ ڪريان! بابا! مان دکين کي، انهن پاپين جي جلم ڪان ضرور بچائيندس“. رتنا چيو.

رتنا! بابا! تون پنهنجي ڌُن جي پڪي آهين! ڪنهن جي ڳالهه مڃڻ واري ناهين، جو تنهنجي من ۾ اچي، ائين وجي ڪر، مگر هن پوڙهي جي پارت اتئي! رموءَ چيو:

رتنا سڀ ڪجهه ٻڌي، خاموش رهي. رموءَ چيو: رتنا ورندي نه ڏي، پڳوان شال ديا ڪرئي، پٽ!

چڱو بابا! قلعي مان ٿي ٿي اچان رتنا وراڻيو.

اُس نڪري چڪي هئي ۽ نواب جي لشڪر قلعي تي حملو ڪري ڏنو هو. هنن جي ڪابه ڪوشش ڪامياب نه ٿي ثابت ٿي ويچارا ائين تيرن ۽ باه سان پئي مئا. رتنا اهو سڀ ڪجهه، ڳچ ڏينهن ڪان پئي ڏسندي آئي. سندس دل ۾ اڌما پئي آيا، پر ويچاري ڪري ته آخر ڪري ڇا؟ سوچيندي تڪڙي تڪڙي پرسان وارين ولين ۽ وڻن جي آڙ ۾ وجي لڪي. نواب جي فوج ڪيس ڏسي ورتو، پر سندس ڪوبه خيال نه ڪيائون. رتنا اتاهون ڇپندي، لڪندي چور دروازي مان قلعي ۾ گهڙي وئي. اتي ڪير پهچائي، سڌو قلعي جي در وٽ آئي، جتي راجا جا سپاهي، باهه ۾ تيل وجهي رهيا هئا. انهن چيو: ”ڪير آهي؟ ڊجي وئينءَ رتنا! وجين نه ٿي!“

”مان! پلا ڪيئن وجان؟ لڙائي زوردار آهي! دشمن سڀ گهٽ بند ڪري ڇڏيا آهن! اهو ٻڌي هڪ سپاهيءَ ڏاڍي خنڪيءَ سان چيو: هان

رتنا! اڄ رات ڏسجانءِ، اسان دشمن جي فوج جو خون ندين وانگر وهائي ڇڏينداسون!

رتنا خاموش رهي ۽ ڪوبہ جواب نہ ڏنائين. ڏسندي ڏسندي ٻاهر نڪري ويئي. سيني جي اڪين ڪان پاڻ کي بچائيندي، لڪائيندي، سڌو ڳوٺ ۾ اچي دم ڪنيائين. سندس چپن تي مُرڪ پئي آئي ۽ ويئي! پر ان سان گڏ ڪنهن مهل سندس منهن تي پريشانيءَ جا آثار پئي ڏنا. پوڙهو رمو وڻ هيٺان پنهنجي پراڻيءَ کٽ تي ليٽيو پيو هو. گرميءَ جو زور هجي، ڳوٺ جا سڀ هاري ناري پنهنجي ٻنين ڏانهن وڃي چڪا هئا. چند پوڙهيون عورتون پنهنجن گهرن کان ٻاهر چبوترن تي ستل هيون ۽ ننڍڙا ٻارڙا، وڻن جي ٿڌيءَ ڇانوَ ۾ راندين ۾ مشغول هئا. رتنا پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ گهڙي وئي. برتن ڏوتائين، لوٽي ۾ کير وجهي، ٻہ چار مانيون کڻي اچي رموءَ کي سڏيائين: بابا! روٽي کائيندا: رتنا چيو:

رتنا! پٽ تو آئينءَ؟ رموءَ کٽ تان اٿندي وراڻيو:

هان بابا! هاڻي تہ آئي آهيان، رتنا چيو.

ڇا حال آهي؟ ڪجهہ تہ ٻڌاءِ رتنا! رموءَ کنگهندي چيو:

ٻڌايانءِ ٿي بابا! سڀ ڪجهہ: اول روٽيءَ کاءُ، رتنا چيو:

پوڙهي هٿ منهن ڌوتو ۽ پوءِ ماني کائڻ شروع ڪيائين.

رتنا چيو: بابا راجا جا سپاهي اڄ رات نباب صاب جي لشڪر تي حملي ڪرڻ وارا آهن، سپاهي چيو پئي، اڄ رات خون جون نديون وهنديون.

بابا! اهو ٻڌي مان تہ ڊڄي ويس. نباب صاب کي خبر پهچايون، نہ تہ اجايو ويچارا مري ويندا. هان! رتنا چيو.

تون چوين تہ سچ تي رتنا! پر پُٽ آهي مشڪل ڪم. تون وينديءَ ڪيئن؟

نہ بابا! اڄ جرور ويندس. رتنا جوش مان وراڻيو.

پوڙهي رموءَ متو متي ڪئي، رتنا ڏانهن نهاريو. رتنا جو منهن ڇٽگون ڇڏي رهيو هو. سندس منهن ۾ مڙسن واري بهادريءَ پئي ڏيک ڏني. رموءَ وڌيڪ چوڻ مناسب نہ سمجهي ڪٽي ماٺ ڪئي. ڇگو ڇئي مانيءَ جو ٽڪر پيچڻ شروع ڪيائين، ڇو تہ هو رتنا جي طبيعت مان

واقف هو. رمو ماني کائي اچي ڪٽ تي ليٽي پيو. رتنا سندس ٿانءُ ڪڍي اچي ڌوئي صاف ڪيا. جهوپڙيءَ ۾ اچي پنهنجي ماني ناهي کاڌائين.

(4)

ڏينهن لهي چڪو هو ۽ اُسَ بہ موٽي چڪي هئي. پکي پکڻ شام جو ٻولين ۾ مشغول هئا. ڳوٺ کان ٻاهر ڏنار پنهنجي مال کي ڳونن ڌانهن آڻڻ لاءِ ٻنسرين سان آلاپ ڪدي رهيا هئا. ٻنين ڌانهن ويل جوان عورتون ڪم ڪار لاهي، نديين اڏين تان ٽپنديون ٿهڪ ڏينديون واپس اچي رهيون هيون. ڳوٺ جي خاموش ماحول ۾ دوباره زندگي اچي ويئي. مال جي رنڀن ۽ رڙين جڻ تہ هلچل مچائي ڇڏي هئي. سڀ ڪنهن پنهنجي پنهنجي مال کي وٿاڻ ڀيڙي ڪرڻ لاءِ پئي هونگاريو. گهر جي پاڻيءَ لاءِ عورتن مٽي تي، چيلهہ تي دلا رکي اچي ڪوه جو پاسو سنڀاليو. سندن نندڙا ٻار کوه جي پرسان راند ۾ مشغول ٿي ويا. پوڙهو رمون ڳانين کي ايندي ڏسي، ڪٽولي تان اٿي ڪڙو ٿيو. رتنا! پٽ رتنا! ڳئون آيون آهن. بہ ٽي دفعا پڪار ڪيائين، پر رتناجو ڪيس ڪوبہ جواب نہ مليو. حيرت ۾ پئجي ويو. سوچيندي ۽ سوداء پچائيندي ڪيس جهوپڙيءَ ۾ ڏسڻ ويو اتي نہ ڏسي، ٻاهر نڪري آيو. چلهہ ۾ ٻاهہ مچي چڪي هئي ۽ ان تي چاڙهيل ڪچڙي پچي چڪي هئي، پر رتنا ڪانہ هئي. فڪر ۾ ٻڏي ويو. ڳالهہ بہ ڪنهن سان ڪرڻ جهڙي نہ هئي. خدا نگهبان چئي ٻاهر اچي مال کي وٿاڻ ۾ ٻڌائين، انهن کي چارو ڏنائين، حقو تازو ڪري وري اچي ساڳيءَ ڪٽ تي وينو.

ٽڪل ٽنل هاري ناري، پورهيت ۽ مزور بہ اچي گهرن ڀيڙا ٿيا. هَرَ ڦار کي هٿ منهن ڌوئي پنهنجا حقا تازا ڪري سڀ رموءَ وٽ اچي ڪچهريءَ لاءِ ڪنا ٿيا. اڄ رمو ڏاڍو فڪرمند هو. اکيون ٻوٽيل هيس، ڪجهہ پئي سوچيائين. سندس ڪوماڻل منهن تان، بشاشت گم ٿي چڪي هئي! ڦِڪي ڪِلَ کان پئي حال احوال ورتائين. هرڪو سندس ڪوماڻل منهن کي ڏسي شڪ ۾ پئجي ويو، آخر هڪ جڻي پڇي ورتو: بابا! اڄ رتنا ڪانہ ٿي ڏسجي!

ها! نجر نہ ٿي اچي! هوءَ تہ فجر کان وئي آهي، اجا تائين موٽي ناهي! راجا ۽ نباب جي فوج ۾ لڙائي هلي رهي آهي، ڪيئين سپاهي

مري رهيا آهن، خبر ناهي رتنا جو الائي ڪهڙو حال ٿيو؟ بس ان فڪر ۾ وينو آهيان! رموءَ چيو.

نہ بابا فڪر جي ڪابہ ڳالهہ ناهي! هوءَ قلعي ۾ ٿي هوندي، ان ڪي بہ تہ پنهنجي جان پياري آهي. ڪنهن جواب ۾ چيو:

ڳالهہ آئي وئي. سڀ ٻين ڳالهين ۾ لڳي ويا. ٿوري گپ شپ کان پوءِ سيني رموءَ کان موڪلائي هرڪو پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو

اونداهي ڇانئجي چڪي هئي. ڳوٺ تي ڄڻ راڪاس گهمي ويو! اصل ڪتان ٻڙڪ بہ ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آئي. رکي رکي ڪڪڙن دس پئي هنيا، يا مال پئي رڙيون ڪيون نہ تہ ٿيو خير.

رات پنهنجي سفر کي جاري رکندي تيزيءَ سان اڳتي وڌندي ٿي ويئي، بندوقن جا آواز ڪجهہ گهٽ پئي ٻڌڻ ۾ آيا. ڳوٺ جي جهوپڙين جا ڏيا، ٽانڊاڻن وانگر پئي ٽمڪيا. پوڙهو رمو، بيقراريءَ مان مجبور ٿي کٽ تان اٿي کڙو ٿيو. لٺ هٿ ۾ کڻي ڪيمپ ڏانهن روانو ٿيو.

ڪيمپ نہ هئي پر ڄڻ تہ هڪ نئون شهر بڻجي چڪو هو. سپاهي پنهنجن گهوڙن کي گاهہ پنو کارائي رهيا هئا. ڪي سپاهي هٿيارن کي صاف ڪري رهيا هئا. هر هنڌ باهہ جا مچ پئي ٻريا. رمو لٺ تي بيگانن وانگر هيڏي هوڏي هلندي، رتنا کي ڳولي رهيو هو. ائين ڪندي، سامهون سفيد گهوڙي تي سوار اچي لٿو. سپاهيءَ بگل وڄايو. سڀ سپاهي قطار ۾ بيهي ويا. سلامي وني، نواب صاحب پنهنجي فوج جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ سڀ ڪجهہ سمجهائي پنهنجي تنبوءَ ڏانهن روانو ٿيو. پوڙهو رمو بہ نواب صاحب جي پويان هلڻ لڳو. پر ڪنهن بہ ڏانهنس نہ نهاريو. نواب صاحب پنهنجي تنبوءَ وٽ اچي گهوڙي تان لٿو. اجا نواب صاحب پنهنجي تنبوءَ ڏانهن مس قدم وڌايو تہ سندس قدم ڪنهن شئي سان وڃي ٽڪريا، جنهن کان ڪانئس ڇرڪ نڪري ويو ۽ ڇرڪ ڀريندي، نواب صاحب تلوار سان وار ڪرڻ تي هو تہ آواز آيو- ”هجور..... هجور مان.... اوهان جي ......“

ڪير....؟ عورت .... هت ڪيئن آئي؟

جان جي بخشش ملي تہ ڪجهہ عرض ڪريان، سرڪار!

اڇا! جو ڪجهه چوڻو هجي سو بيشڪ چئو. نواب صاحب فرمايو.

هجور! اڄ رات راجا جا سپاهي اوهان جي فوج تي رات جو اوچتو حملو ڪندا. مان ڪير وڪڻندي آهيان. هر روز قلعي ۾ ڪير ڏيندي آهيان، مون اها ڳالهه اتي ٻڌي آهي. رتنا چيو.

"تون رهندي ڪٿي آهين!" نواب چيو:

"پرسان واري ننڍڙي ڳوٺ ۾ سرڪار! رتنا وراڻيو.

چڱو. تون ٻاهر نه وڃ! ائين چئي نواب، صاحب هڪ سپاهي کي اشارو ڪري، پاڻ وٽ سڏيو. سپاهي آيو نواب فرمايو: "ٻاهر ڪو ٻيو آهي؟"

ها، حضور "هڪ پوڙهو آهي، جو لٺ تي هيڏي هوڏي هلي رهيو آهي".

"ان کي اندر آڻيو" نواب حڪم ڪيو.

سپاهي ويو ۽ پوڙهي کي وٺي آيو. پوڙهو اندر آيو. نواب کي سلام ڪيائين ۽ چوڌاري نهارڻ شروع ڪيائين. نهاريندي سندس نظر وڃي رتنا تي پئي. ان کي ڏسي چرڪ ڀري چيائين رتنا! رموءَ جي دماغ ۾ رتنا جون ڪيل ڳالهيون ڦرڻ شروع ٿيون. هڪ هڪ ڳالهه سندس هردي تي تري آئي. نواب صاحب ٻنهي جي نقل و حرڪت کي غور سان جاچيندي چيو: "هيءَ عورت تنهنجي ڇا ٿئي؟"

"هجور! هيءَ منهنجي ٻولَ ورتل نياڻي آهي! منهنجو ته دنيا ۾ ٻيو ڪو به ڪونه آهي. صرف هن کي ڏسي ٻيو ٿو جيان. هر روز قلعي ۾ ڪير ڏيڻ ويندي آهي، ٻه ٽي نمبر ٻنيءَ جا آهن، ٻه ٽي ڳئون آهن، بس انهن تي گذر سفر ٿئي ٿو. اسان ۾ اگر ڪو فرق آهي ته پوءِ رڳو اهو آهي ته مان مسلمان آهيان ۽ رتنا هندو!

پوڙهي اجا ڳالهه مس ختم ڪئي ته نواب فرمايو: خوب! هڪ مسلمان ته هڪ هندو: "چڱو ٻڌايو اوهان ٻئي هت ڇو آيا آهيو؟"

پوڙهي وراڻيو! حضور! رتنا دير ڪئي، انتظار ۾ ويهي ويهي ٿڪجي پيس. رتنا چيو هو ته مان بابا! نباب سان ملنديس ۽ اڌيءَ رات قلعي ۾ ٻڌل قصو نباب صاب کي ٻڌائينديس. رتنا اڄ ٻن پهرن کان غائب

هئي، منهنجو ساه سمورو وقت مُٺ ۾ هو. ڪيس ڳوليندي هت اچي نڪتو آهيان.

نواب صاحب رتنا ڏانهن رخ ڪندي فرمايو: ”ڇا رتنا تون سچ ٿي چوين؟“

”هجور! ڏوڪا ڀاڄي اسان جو ڪم ناهي، هي ڪم مردن جو آهي، جي ماڻهو جو ڪدر(قدر) نہ ٿا ڪن! مان عورت جات (ذات) آهيان. راجا جي جلم (ظلم) کان تنگ ٿي چڪي آهيان ان جا کون (خون) جي ندي وهائي هئي، سا اکين سان ڏسي چڪي آهيان. ڇا راجائن جون دليون پٿر ٿينديون آهن؟ هجور! (حضور) کون (خون) گريب (غريب) سپاهين جو وهي ٿو، پرجا بک مري رهي آهي. انهن جي ڪين ڪبر (خبر) ناهي. پاڻ محلن ۾ آرام ڪن ٿا،گريبن (غريبن) جو کون (خون) چوسين ٿا! سچ مڄو تہ منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ پريم آهي! هي روز روز جو کون (خون) ۽ ڪتل (قتل) مون کان ڏٺو نہ ٿو پڄي! هاجر (حاضر) ٿي آهيان جو چاهيو سو ڪيو!“

نواب صاحب سندس چهري ڏانهن گهور ڪري نهاري رهيو هو. سندس آواز ۾ زورءَ لفظن ۾ صداقت ڏسي سندس دل بہ شاهدي پئي ڏني تہ واقعي رتنا سچ ٿي چوي، ان ۾ ڪوڙ نہ آهي.

”چڱو رتنا، هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي“. نواب پڇيو.

”هجور (حضور) ٻيو ڪجهہ نہ، ڦوج (فوج) جا ٽي ٽڪرا ڪريو: هڪ پهاڙ جي پرسان لڪل رهي، ٻيو ٽڪر هت رهي مگر هوشياريءَ سان، ٽيون ٽڪر مون سان گڏ هلي مان ان کي جهنگل مان لڪائي چور دروازي تائين وٺي وينديس. جڏهن راجا جي ڦوج (فوج) ٻاهر نڪرندي، تڏهن مان اهو ٽڪر لڪي ڇپي اندر قلعي ۾ چور دروازي کان وٺي وينديس! ان وقت راجا جا سپاهي، ڪئمپ جي سپاهين کي هوشيار ڏسي، وري قلعي جي چور دروازي وٽ موٽندا. ان وقت اوهان پهاڙ تي لڪل سپاه سان مٿن حملو ڪندا ءِسٽو چور دروازي تي اچي قلعي ۾ اندر گهڙي ايندا. اتي ڦوج (فوج) ٿوري هوندي. ان طرح راجا قاسي پوندو! ان طرح ڪتل (قتل) ۽ کون (خون) بہ نہ ٿيندو!“ رتنا ائين چئي

فڪر ۾ ٻڏي ويئي. آخر ۾ چيائين: ”بس منهنجي سمجهه ۾ ته اجهو اهو آيو آهي هجور!“

نواب، رتنا جي ڳالهه تي غور ڪرڻ شروع ڪيو. ڪجهه دير سوچ ويچار ڪرڻ ڪان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ لاءِ آماده ٿيو. سپهه سالارن کي گهرائي انهن کي ڪجهه مخفي هدايتون ڏيڻ شروع ڪيائين.

اک ڇنڀ ۾ ساري ڪئمپ ۾ باه وسائي وئي. هر طرف سناٽو ڇانئجي ويو. پوري ڪئمپ تي اونده انڌڪار مسلط ٿي وئي. رات جي تاريڪي وڌي رهي هئي ۽ تارا اکبوٽ راند ڪيڏي رهيا هئا.

رتنا فوج جي هڪ دستي کي پاڻ سان وٺي چور دروازي وٽ آئي ۽ اتي اچي دستي کي پٿرن ۽وڻن جي آڙ ۾ لڪايائين. دشمن کي ڇا معلوم ته جنگ جو محاذ بدلجي چڪو آهي! راجا جا سپاهي نهايت ڳجهي نموني ۾، هڪ هڪ ٿي، چوردروازي تان نڪرندا رهيا. غرور جي نشي ۾ چور سپاهين هٿيار سنڀاليا ۽ ڏسندي ڏسندي دستو باترتيب بنجي ويو، اشاري ملڻ تي نواب جي ڪيمپ ڏانهن وڌڻ شروع ڪيائون. ڪئمپ خالي ڏسي حيرت ۾ پئجي ويا. ڪين لشڪر ته نهيو، ڪو معمولي پهريدار به ڪٿي نظر نه آيو. اهو حال ڏسي ڪئمپ ۾ پيل مال لٽڻ شروع ڪيائون. مال غنيمت نهايت اطمينان سان ڪنيائون. هن قدم تي راجا جو سالار ۽ بيخبر سپاهي سڀ خوش هئا. اجا مس چور دروازي وٽ پهتا ته چئني طرفنن ڪان گولين جا آواز اچڻ شروع ٿيا. هن اوچتي حملي تي سارو دستو پريشان ٿي ويو. سپاهي هيڏي هوڏي ڊوڙڻ لڳا، ڪين ايتري ۾ نواب جي فوج اچي گهيري ۾ قابو ڪيو ۽ قتل ۽ خون جي بازارگرم ٿي وئي- ٿوري ئي ڪشمڪش ۾ راجا جو سارو دستو لقئمه اجل ٿي ويو. ٻئي طرف رتنا فوج جي ٻئي دستي سان قلعي ۾ اندر داخل ٿي ويئي. اتي جي بچل کچل فوج نواب جي فوج جو مقابلو ڪيو. نواب جي فوج اڳتي وڌي محل کي گهيري ۾ آندو. جڏهن راجا کي ساري صورتحال جي خبر پئي تڏهن ڪيس پريشاني وڪوڙي ويئي. ان پريشانيءَ جي عالم ۾ تلوار ڪڍي خلوت گاه ڪان ٻاهر آيو ۽ اچي پنهنجن سپاهين سان گڏجي نواب جي فوج سان ويڙهه شروع ڪيائين. سندس ٿوري فوج نواب جي مقابلي ۾ ناڪامياب ٿي. راجا وڙهندي وڙهندي

زخمن ڪان چور ٿي ويو، آخر ڪنهن سپاهيءَ جي هڪ زورائتي ضرب راجا کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو. نواب جون فاتح فوجون باقي رات جي وقت قلعي ۾ رهيون. صبح ٿيندي ئي نغارا وڄايا ويا، سپاهين بگل وڄائڻ شروع ڪيا، سموريون فوجون قطارون ٻڌي بيهي ويون، نواب صاحب فوج جو جائزو وٺڻ شروع ڪيو. اسلامي جهنڊو قلعي تي چاڙهيو ويو نواب جي چهري تي بشاشت هئي. ائين ڪندي، نواب ڪنهن گهري ويچار ۾ اچي ويو.

”رتنا ڪٿي آهي ۽ ان کي حاضر ڪريو!“

فوج وارن سارو قلعو ڳوليو، پر رتنا جو ڪٿي بہ پتو نہ پيو. سيني لاشن کي اٿلائي پٿلائي ڏٺو ويو، پر رتنا ڪٿي بہ موجود نہ ملي.

نواب پنهنجي فوج جي غفلت تي پڇتايو. آفيسرن کي تنبيہ ڪئي، رتنا کي ڳولڻ لاءِ خاص ماڻهو مقرر ڪيا ويا. هر هنڌ ڳوليو ويو، پر رتنا جو پتو نہ پيو. نواب صاحب جيئن رنجيده خاطر افسوس ڪندي پنهنجي قيام گاه ڏانهن روانو ٿيو، تيئن رتنا ڪير ڪٽي اچي قلعي جي دروازي ۾ داخل ٿي.

سپاهيءَ ڪيس قلعي ۾ وڃڻ کان منع ڪئي ۽ اجنبي سمجهي ڪيس پڪڙي نواب وٽ وٺي آيو. نواب صاحب ڪيس ڏسي نهايت خوش ٿيو. رتنا هٿ ٻڌي ادب ساڻ بيهي رهي، نواب چيو: ”رتنا! هن فتح جو سهرو تنهنجي سر آهي“.

”نہ نہ هجور (حضور)، هي سڀ اوهان جي ديا سان ٿيو آهي، ورنہ مان عورت جات ڇا ڪري سگهان ها! هاڻي خوش آهيان تہ ظالم راجا هاڻي استرين کي بيواه ڪري نہ سگهندو، ڪنهن جو سهاڳ نہ لٽبو. مان بيواه آهيان گريب (غريب) آهيان، منهنجو بہ سهاڳ لٽجي چڪو آهي. مون جو ڪجهہ ڪيو، اهو سڀ راجا جي ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪيو هو“. رتنا چيو.

چڱو رتنا! توکي ڇا کپي“. نواب پڇيو.

”ڪجهہ بہ نہ هجور (حضور) منهنجو بيو ڪير آهي! جنهن لاءِ ڌن دولت گهران؟ آءٌ ان راجائي ڪُل مان آهيان، جنهن جي قلعي تي ظالم راجا جو قبضو آهي! زماني جي گردش يتيم ڪري ڇڏيو آهي. ڳم نام

تي رهيس. لڪ چپ ۾ وڏي تيس، شادي ڪيم، مڙس مارجي ويو، اڪيلي رهجي وئي آهيان، ڪا بہ آرجو (آرزو) ڪانہ رهي آهي. پرماتما اوهان کي سلامت رکي“. نواب جڏهن ٻڌو تہ رتنا راجائي ڪُل مان آهي، تڏهن وڏي ڪيس چيائين: ”بابا رتنا! منهنجي هڪ آرزو آهي، جا اڃا پوري نہ ٿي آهي“. رتنا حيا وچان چيو: جيڪا آگيا!

نواب صاحب پنهنجي فرزند صفدر علي خان کي گهرايو. صفدر علي خان نواب جو نہ فقط نوجوان پٽ هو، پر ان سان گڏ شڪل شباهت ۾ بہ ٺاهوڪو هو. جواني ديواني جو خون سندس رڳن ۾ گردش ڪري رهيو هو.

صفدر علي خان ان دستي جو سالار هو، جنهن دستي کي رتنا سان وابستہ ڪيو ويو هو.

صفدر علي خان سلام ڪري اچي بيٺو.

نواب صاحب وڏي رتنا جي مٿي تي هٿ گهمايو ۽ ٻيو هٿ سندس ڪلهي تي رکي چيائين:

رتنا! مان تنهنجو پيءُ آهيان. منهنجي آرزو آهي تہ صفدر علي خان سان.... تنهنجي شادي ڏسان!

رتنا- نباب صاب! مان هڪ گريب ڪير واري ڳوناٺي آهيان، محلن ۽ محلاتن لاءِ لائق ناهيان.....

نواب صاحب سندس گفتگو کي اڌ مان ڪاٽي، ڪلندي سندس هٿ صفدر علي خان جي هٿ ۾ ڏنو.

فوج واپس ٿي. رتنا صفدر علي خان سان گڏ محل ۾ آئي، ڪيس رستم آباد واري جاگير پڻ عطا ڪئي وئي.

اڄ تائين رتنا جو ناලوميسور جي تاريخ ۾ امر آهي ۽ امر رهندو.

# ڪالڪا

گواليار رياست ڪان دهليءَ جي راھ تي ڪافي مفاصلي تائين ميدان ئي ميدان آهن. ان راھ تان دهلي ويندڙ مسافرن کي سخت تڪليف ٿيندي آهي. ويرانيءَ ۾ ڪٿي پاڻيءَ جي چُڪي ملڻ جي اميد بہ ناهي. ڪوهن ۾ ڪٿي آباديءَ جو نالو نشان بہ نظر نہ ايندو. مسافرن ويچارن جا چپ سڪي ٺوٺ ٿي ويندا آهن. اگر رستي ۾ سايہ دار وڻ نہ هجن ها تہ هوند مسافر گرميءَ ۾ تڙپي تڙپي مري وڃن ها.

ويساک جو مهينو آهي. هڪ طرف ڪان باھ وسي رهي آهي. باد سموم گهلي رهي آهي. هڪ وڻ جي پاڇي ۾ هڪ سوار دم پٽڻ لاءِ ويهي رهيو آهي ۽ گرم هوا ڪان بچڻ لاءِ منهن تي ڪپڙ وجهي ڇڏيو اٿس. دل ئي دل ۾ پور پچائي رهيو آهي:

”اف!اهڙي گرمي! بدن ڄڻ تہ باھ ۾ پيو جلي. اڪين ۾ واري پئي وسي. مون ڪان وڏي غلطي ٿي آهي، جو هن طرف نڪري آيس. رفيقن سان گڏ هجان ها تہ چڱو! خير هاڻي ڇا ٿو ٿي سگهي! ذرا اُس جهڪي ٿئي تہ اڳتي وڃان. جيستائين ڪا آبادي نظر نہ اچي، تيستائين ڪٿي بہ دم نہ ڪٽان!

دم پٽڻ ڪان پوءِ گهوڙي تي سوار ٿيو. سندس چپ خشڪ ٿي چڪا هئا. هلندي هلندي ڪيس هڪ ڳوٺ نظر آيو. گهوڙي کي ڀوڙائيندي ڳوٺ ڪان ٻاهران کوھ تي اچي ترسيو. ڏٺائين تہ هڪ معصوم ڳوناڻي نينگريءَ پاڻي پئي ڀريو. نينگري ڪيس ڏسي حيران ٿي ويئي، ڇو تہ هن ڪڏهن اهڙو سوار اڳي ڏٺو ئي نہ هو.

اجنبي مسافر جي اچڻ تي سندس حواس بہ درست نہ رهيا ۽ سندس هٿ مان ڏول جي رسي نڪري وئي ۽ ڏول وڃي کوھ ۾ ڪريو. نينگريءَ گهبراهٽ ۾ ڏول جي رسيءَ کي قابو جهليو، پر سندس هٿ ڏکي رهيا هئا. ڏول ڪڍڻ جي منجهس ڄڻ تہ طاقت ئي نہ هئي.

سوار چيو: گهٻرائڻ جي ضرورت ناهي! مان تنهنجو خير خواهه آهيان، دشمن نه آهيان. ڏس، تنهنجا هٿ ڏکي رهيا آهن. ترس، رسي مون کي ڏي، مان ڏول ڇڪي ٿو وٺان، جيئن پاڻي تون به پيءُ ۽ مان به پيئان.

سوار ڏول ڇڪڻ شروع ڪيو. ڏول ٻاهر ڪڍي نينگريءَ کي آڇيائين، پر نينگري خاموش رهي. ڪو به جواب نه ڏنائين. جڏهن سوار ٻيهر چيس، تڏهن وراڻيائين: مهاراج، اوهان پاڻي پيئو، مان نه پيئنديس!

غرض سوار پاڻي پيتو ۽ گهوڙي کي وڻ سان ٻڌي، نم جي ڇانءَ ۾ سمهي رهيو. ڪجهه وقت آرام ڪرڻ کان پوءِ جيئن جاڳيو، تيئن ڏٺائين ته اها ئي ڇوڪري ڪير ڪنيو ويٺي آهي. نهايت سادگيءَ سان چيائين: ”مهاراج هي ٿورو کير ڇڪو آندو اٿم، اوهان پيئو“.

سوار انڪار ڪرڻ مناسب نه سمجهيو. نينگريءَ جي سادگيءَ تي چيائين: ”نينگري، اسان ڪنهن ٻئي وقت تي ملنداسون، ڪنهن ٻئي هنڌ تي ۽ ڪنهن ٻيءَ صورت ۾! مون کي منهنجا دوست سورمو سڏيندا آهن. ڏسجي تون مون کي هن کان پوءِ سڃاڻين ٿي يا نه“.

ايترو چئي سوار برق رفتار گهوڙي تي سوار ٿي روانو ٿيو. نينگري ڏسندي رهي.

(2)

’اسان ضرور ڪنهن وقت ملنداسون‘. هي آخر هو ڪير؟ ڪنهن ملڪ جو والي هوندو، تڏهن ته اهڙو لباس پهريو هئائين. مگر بادشاهه کي ڪهڙيءَ مصيبت ڪنيو، جو ائين دربدر ڀٽڪندو وتي؟ ڪنهن ديوتا جو اوتار هوندو، يا ڪو سنو ماڻهو.....!

سوار جي وڃڻ کانپوءِ نينگري ائين سوچيندي رهي. ان جي معصوم ۽ ناتجربه ڪار جوانيءَ ۾ سوار سمائجي چڪو هو. ان فڪر ۾ هميشه غلطان رهڻ لڳي ته هو ڪٿي ملندو، ڪيئن ملندو ۽ ڪڏهن ملندو؟ انتظار ۾ مهينا گذري ويا، پر ڪالڪا جو سورمو اچا ڪونه موٽيو! سندس ان پريشان حاليءَ جي خبر سندس مائٽن کي به پئجي چڪي هئي. مائٽن سوچڻ شروع ڪيو ته ڪالڪا کي ڪٿي برادريءَ ۾ مڱي ڇڏجي، پر ڪالڪا ڪين ڪڏهن به سنوت نه ڏني. روز روز جي

گھپيءَ کان مجبور ٿي ڪالڪا ارادو ڪيو ته جاڏي منهنجو سورمو ويو آهي، آءٌ به اوڏانهن وڃان. هت رهڻ دشوار ٿي چڪو آهي.

(3)

ڪالڪا، راهون لتاڙيندي، جهنگ جهاڳيندي، پنهنجي سورمي کي ڳوليندي، پاڻيپت جي ميدان ۾ وڃي نڪتي. هڪ معصوم ابالي نينگري، ساده لوح واهڻ جي نينگري، اڻ واقف ماڻهن جي اشاره بازي کان بچندي اتي اچي پهتي، جتي جنگ جو ميدان گرم هجي. سوچڻ لڳي: پرميشور! تنهنجو شڪر آهي، جو تو بلائن کان بچايو اٿم. هاڻي ڏسان ته منهنجو سورمو ملي ٿو يا نه؟ اگر هت به نه مليو ته ڪاڏي ويندس! ڪيستائين هيئن جوڳين وانگر رلندي رهندس! هي ڀڳوان! هاڻي ته پير به پٿون ٿي پيا اٿم! بت ۾ ساهه ئي نه رهيو اٿم.اهي پور پچائيندي، اڳتي وڌندي، هڪ ديري تي اچي نڪتي.

مار! هت ته لڙائيءَ جو رنگ پيو نظر اچي. هان، هت ضرور منهنجو سورمو مون کي ملي سگهندو. پر منهنجي دل چو ڌڙڪي رهي آهي. راجپوت ته بهادر چئبا آهن، منهنجو پيءُ ته سارو ڏينهن هر ڪاهيندي ٿڪبو ئي ناهي. مان چو ٿڪجي پئي آهيان؟ ڪالڪا ائين سوچيندي اڳتي وڌندي رهي ۽ پنهنجي سورمي کي ڳوليندي رهي.

(4)

هڪ طرف احمد شاه ابداليءَ جي ڪيمپ هئي ۽ ٻئي طرف مرهٽن جو لشڪر لٿل هو. ساده دل نينگري پنهنجي سورمي جي تلاش ۾ بادشاه جي تنبوءَ وٽ وڃي نڪتي. هڪ پٺاڻ سپاهي ڪالڪا کي پڪڙي پنهنجي آفيسر وٽ وٺي ويو. ڪجهه ڪشمڪش کان پوءِ بادشاه کي اطلاع پهتو. بادشاه نينگريءَ کي پاڻ وٽ گهرائي پڇا ڪئي ته هوءَ ڪير آهي ۽ ڪنهن جي تلاش ۾ هت آئي آهي.

ڪالڪا سارو احوال بادشاه کي ٻڌايو. احمد شاه هن نوخيز ۽ معصوم نينگريءَ جي هن صداقت ۽ محبت تي انگشت بدندان رهجي ويو. احمد شاه حڪم ڪيو ته هن کي فوراً آزاد ڪيو وڃي. ان کان سواءِ کيس اجازت آهي، پلي ته هو پنهنجي سورمي کي تلاش ڪري. ڪٿي به

اچي وجي تہ پوءِ ڪيس ڪوبہ نہ روڪي. ھي نہ جاسوس آھي ۽ نہ دشمن جي ڪنھن مڪر ۽ فريب جي آلہ ڪار آھي.

ڪالڪا ھلندي چلندي، مرھٽن جي ڪئمپ ۾ پھتي. ڪيس ھر طرف ڪان خطرو ئي خطرو پئي معلوم ٿيو. چئني ڪنڊن تي ھٿيار بند سپاھي پئي نظر آيا. ڪٿي بہ ڪيس ڪا عورت ذات نظر نہ آئي، جا اچي ساڻس ھمدردي ڪري. ڏاڍي ڏيان سان ھيڏي ھوڏي نھاريندي، پنھنجي سورمي کي ڳوليندي رھي.

(5)

ھڪ ھنڌ سندس قدم رڪجي ويا. سندس اکيون ھڪ ھنڌ ڪپي ويون. ھاءِ رام- ڪٿي اھو ئي منھنجو سورمو تہ ناھي؟ ذرا اڳتي وڌي ڪانئس نالو نشان پڇي تہ پڪ ڪيان.

سنڌيا پنھنجي تنبوءَ ۾ وڃڻ جي تياريءَ ۾ ھو، پر نينگريءَ کي ايندي ڏسي رڪجي بيھي رھيو؟

نينگري- مھاراج! جئي رام ڪي! منھنجي ڪارين سرميلين اکين واري سورمي جو ڪو پتو ڏيندا؟

ھي معصوم انداز ۾ دلاويز سوال ٻڌي، في الحال تہ سنڌيا بہ اچرج ۾ اچي ويو. ڪا گھڙي تہ سندس چھري کي ڏسندو رھيو، مگر جڏھن ڪيس ڪا وسريل گھڙي ياد آئي، تڏھن چيائين تون ڪنھن جو ٿي پڇين؟

نينگري- منھنجي راجا جو نالو 'سورمو' ٿا چون.

سنڌيا- سورمو؟

نينگري- ھا، مھاراج، سورمو.

سنڌيا- تون ڪٿان آئي آھين؟

نينگري- بنڌياچل وٽ اسان ھڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رھون ٿا. مان ھت پنھنجي سورمي کي ڳولڻ آئي آھيان. ان چيو ھو، "اسان وري ڪنھن وقت ضرور ملنداسون".

سنڌيا- ھو ڪير ھو ۽ ڪيئن ھو؟

نينگري- مھاراج! ھو ديوتا ھو، مان ڇا ٻڌايان؟

سنڌيا- تون ڪير آھين، آخر ھت ڇو آئي آھين؟

نينگري- مان هڪ غريب هاري جي ڌيءَ آهيان، مگر ڪتري خون اٿم، ان ڪري هت اچي سگهي آهيان.

سنڌيا- (ڪجهه غور سان) ڇا تون ان سورمي کي سڃاڻي سگهندينءَ؟

نينگري- هان مهاراج! تنهنجون اکيون، تنهنجي صورت هوبهو ان سان لڳن ٿيون. ڪٿي تون ئي ته اهو سورمو ناهين؟

سنڌيا اهو سڀ ڪجهه ٻڌي بيقرار ٿي ويو. ڪيس گذريل واقعو دوباره اکين اڳيان تري آيو. ڪيس حيرت ٿي ته مون ڪيس مذاقاً چيو هو ته "ڪٿي ٻئي هنڌ ملنداسون". ان تي ايتري مصيبت برداشت ڪري، هت پهتي آهي! سنڌيا جي دل تي هن جي معصوم ادائن جي چوٽ لڳي. چيائين:

"نينگري، تنهنجو سورمو مان آهيان! تو مون لاءِ ڏاڍي تڪليف سني آهي. مون سان اڄ ته تنبوءَ ۾ ويهي ڳالهه ٻولهه ڪريون، تنهنجو سورمو توکي ملي چڪو".

(6)

پاڻيپٽ جي ميدان ۾ مرهٽن جي هار ٿي. سندن پوري قوت تباه ٿي ويئي. مرهٽا وري نه اسري سگهيا. سنڌيا نهايت بهادريءَ سان وڙهيو، پر احمد شاه جي مقابلي ۾ ناڪامياب رهيو.

احمد شاه جي آخري حملي مرهٽن جا پير اکوڙي ڇڏيا. سنڌيا آخري مقابلي لاءِ سوار ٿي ميدان جنگ ۾ آيو. وڙهندي وڙهندي تنبوءَ ڏانهن ڪالڪا جي خبرگيريءَ لاءِ ايندو رهيو.

اوچتو سنڌيا سوچيو ته ڪالڪا کي ڪٿي محفوظ هنڌ تي پهچائي اچجي ۽ پوءِ پاڻ ميدان جنگ مان ٻاهر نڪري پر ائين ڪري نه سگهيو.

(7)

هڪ پٺاڻ سپاهيءَ جي نظر مٿس پئجي ويئي. ان ڏٺو ته جنهن شڪار کي هن اڳ ۾ پڪڙيو هو، سو شڪار هڪ مرهٽي جي قبضي ۾ آهي! سپاهيءَ پنهنجو گهوڙو سنڌيا جي پويان ڇڏيو. ٻ ٽي ڪلاڪ جي ڪشمڪش رهي. سنڌيا سمجهيو ته سپاهي نااميد ٿي واپس وري چڪو آهي، ان ڪري پنهنجي گهوڙي جي رفتار گهٽائي ڇڏيائين. ليڪن ٿوري

دير کان پوءِ جيئن سپاهي نظر آيو، تيئن وري گهوڙي کي تيز ڪيائين؛ مگر افسوس جو جمنا جو پاڻي چڙهيل هو تنهن ڪري گهوڙو ان کي جلد پار ڪري نہ سگهيو.

سنڌيا ان کان سخت پريشان ٿيو، ڇالاءِ جو سپاهي هاڻي نزديڪ پهچي چڪو هو. سنڌيا ڏنو تہ مقابلي ڪرڻ کان سواءِ ڪو چارو ناهي، پر 'ڪالڪا' جي خيال کيس مجبور ڪيو تہ اول ان جي حفاظت ڪئي وڃي پر هت اهو سوال پيدا ٿي چڪو هو تہ يا 'ڪالڪا' جي حفاظت لاءِ سوچجي يا لڙائي ڪجي.

ڪالڪا جڏهن سنڌيا کي پريشان ڏٺو، تڏهن چيائين:

مهاراج! مون کي هت ڇڏي ڏيو، منهنجي قسمت! مون لاءِ اوهان پنهنجي جان ضايع نہ ڪريو.

ڪالڪا نهايت خوش هئي تہ هن پنهنجي جانباز سورمي لاءِ جان جي قرباني ڏني آهي.

مگر سنڌيا کي اهو ڪٿي گوارا ٿي لڳو. جان وڃي، پر ڪالڪا کان هڪ گهڙي بہ پري نہ رهي! سنڌيا ڪالڪا تان پاڻ کي قربان ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿي ڄاتو!

سنڌيا ڪالڪا کي گهوڙي تان لاٿو، پاڻ سپاهيءَ سان ٻڪجي ويو. هڪ طرف بهادر پناڻ هو ۽ ٻئي طرف جانباز مرهٽو. جنگ جو بنياد فقط ڪالڪا هئي!

سنڌيا هڪ ضرب کان بيهوش ٿي گهوڙي جي گردن تان جهڪي پيو ۽ گهوڙو برق رفتاريءَ سان زخمي سنڌيا کي ڪٺي ميدان مان جڻ اڏري نڪتو.

مگر آه! ڪالڪا ڪٿي؟ ڇا کيس ڪو ٻيو هٿ لائيندو؟ سورمو تہ کيس ڇڏي ويو. دانستہ نہ، پر بيهوشيءَ جي عالم ۾! پر هوءَ تہ پنهنجي سورمي جي رهندي!

ڪالڪا جو زخم خورده جسم، چهرو گرد آلود، هوءَ تہ اونڌي منهن پئي آهي! ان پنهنجي خنجر سان پاڻ کي، سنڌيا کان اڳ، ان مقام تي پهچايو آهي، جتي ڪنهن جو بہ هٿ پهچي نٿو سگهي. سندس زبان تي آخري ڪلام هو "سورمو"

# رمني

راجڪماري رمني اڄ ڪجھ بيقرار نظر ٿي آئي، ان بيقراريءَ کيس پنهنجي ڪمره خواب مان اٿاري، محل جي باغ ۾ اچڻ تي مجبور ڪيو هو. چوڏهينءَ جو چنڊ پنهنجي سحر پاش ڪرڻن سان باغ جي معطر گوشن کي بقعہ نور بنائي ڇڏيو آهي. هلڪي هلڪي ٿڌي هوا جا جهوٽا، پنهنجي زير لب سرگوشين سان راجڪماريءَ جي دل و دماغ تي ڪنهن ٻيءَ دنيا جا پيغام پهچائي رهيا آهن. يڪايڪ ڇرڪ ڀري ويهي رهي. ڀري ڪان ڪنهن پرسوز ڳائڻ جي آواز کيس بيهاري ڇڏيو آهي.

ڀري ڪو زخمي پنهنجي لئي ۾ مست ۽ خيال ۾ مگن ڪجھ ڳائي رهيو آهي. ليڪن، ان پرسوز ڳائڪ جي آواز ۾ ڪا اهڙي لوچ آهي، اهڙو رس آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي، کيس باغ ۾ اچڻ جو حڪم مليو.

ٻانهي وئي. گويو پنهنجي ستار سان، ادب سان ڪنڌ جهڪائي اچي حاضر ٿيو. راجڪماريءَ جي اشاري تي، ٻانهيءَ کيس ڳائڻ لاءِ چيو. گويي جي سوز ۽ گداز سان ڀريل آواز، چانڊوڪي رات جي رومان پرور ماحول تي نشي جي بارش وسائڻ شروع ڪئي. راجڪماريءَ جو فولادي جسم، جو جذبات کان نا آشنا هو، سو ڏڪڻ لڳو.

گويي پنهنجي مڌر آواز ۾ راجپوت جو تعريفي نغمو ڳائي، راجڪماريءَ جي دل و دماغ ۾ لاثاني اثر پيدا ڪيو. نغمہ جي لفظ لفظ ۾ ڄڻ تلوارن جي جهنڪار ۽ تيرن جي سنسناهٽ هئي. ان نغمہ هڪ ڪارزار بنائي ڇڏيو هو، جنهن ۾ بهادرن جي معرڪ آرائي ڄڻ خون جون نديون وهائي ڇڏيون هيون. راجڪماري ڪنهن گهري فڪر ۾ ڪنڌ جهڪايو ويٺي رهي. کيس محسوس ٿي رهيو هو تہ ڄڻ سندس پنهنجي دل ڪنهن معرڪ آرائيءَ ۾ قربان ٿي چڪي آهي.

(2)

چند مهينن کان پوءِ ڪراڙي چنڊ، ڏاڙهن جي مکڙين سان ڀريل شاخن مان جيئن جهاتي پائي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي، تيئن ڏٺائين ته ان نغمه جو هيرو راجا تڪا راءِ راجڪماري رمني سان استغراق جي عالم ۾ ڳالهائي رهيو آهي، رمني سرتاپا عقيدت ۽ محبت جي مجسمي وانگر بيٺي آهي. سندس خوبصورت خد ۽ خال ۽ پريم رس ۾ ڀريل نظرون تڪاراءِ تان قربان ٿي رهيون آهن.

تڪاراءِ يڪايڪ پنن جي کڙڪي تي ڇرڪ ڀري چيو: ”رمني! هن طرح لڪي لڪي ملڻ درست ناهي. اگر مهاراج کي ڪا کڙڪ پئي ته پوءِ هي سورڳ، نرڳ بنجي ويندو. بيو ته تنهنجو شامسين سان مڱڻو به ٿي چڪو آهي. اگر ان کي پتو پيو ته پوءِ هو تلوار کڻندي ويرم ئي نه ڪندو“.

’ڪيس اچڻ ڏي‘ رمنيءَ وراڻيو. ’اگر شامسين جي تلوار مياڻ مان نڪري سگهي ٿي ته پوءِ تنهنجي ڪمر ۾ به ته ترار ٻڌل آهي. ڏسنداسون، فتح ڪنهن جي ٿي ٿئي‘.

’بيوقوف ۽ انڌيءَ ڪوپريءَ وارو ماڻهو آهي‘- تڪاراءِ نهايت گهٻراهٽ ۾ چيو: ’ڳالهه ڳالهه تي اٽڪڻ ۽ خوامخواه وڙهڻ مون کي پسند ناهي!‘

رمنيءَ مشڪندي، تڪاراءِ جي حسين چهري ۾ نظرون کپايون ۽ سندس ڪنڌ تي مٿو رکي سندس زلفن کي پنهنجن نازڪ آڱرين سان ڇيڙيندي وراڻيو: ”جنهن جي بهادريءَ جا گيت ڳايا ويا آهن، منهنجو اهو ئي وَرُ آهي! ڪو آهي جو هن تنهنجي تلوار جي سامهون اچي!“

(3)

سارو ڏينهن برات جي استقبال جي تيارين ۾ ڌوم ڌام سان گذريو. شاهي محل کي گلن سان سينگاريو ويو. راجا پاٽڪ جي جود و سخا جي مظاهري سان ساري شهر ۾ عجيب مسرت ڦهلجي چڪي هئي. خلوت گاه ۾ چابڪ دست مشاط راجڪماريءَ کي دلفريب مصنوعات سان چار چنڊ لڳائي چڪي هئي. ان ظاهري تڪلفات سان گڏ قلبي مسرت ۽ روحاني اطمينان جون لهرون راجڪماريءَ جي ستل جذبات کي

جاڳائي رهيون هيون. راجڪماريءَ جي گلن جهڙي جوانيءَ ۾ عجيب قسم جو رنگ اچي چڪو هو. ڳالهه ڳالهه تي سندس گلاب جهڙا چپ، لزري ۾ تي آيا. ائين هئڻ به کپندو هو. اڄ سندس پتا سندس ضد اڳيان سر جهڪائي چڪو هو. شامسين جي بجاءِ سندس دل جو راڄ تڪراءِ تي چڪو هو.

ان مسرت انگيز ماحول ۾ فقط هڪ ئي دل هئي، جنهن ۾ غم ۽ ڳڻتيءَ جو غبار ڇانيل هو. اها هئي رمنيءَ جي پيءُ راجا پاتڪ جي دل. هن ڄاتو ٿي ته رمنيءَ جي شادي، ٻن رياستن جي باهمي ميلاپ جو سبب بنجي رهي آهي، تاهم مغموم هو!

سج ٽڪل مسافر وانگر تيزيءَ سان مغرب ڏانهن وڃي رهيو هو. جيئن جيئن وڻن جا پاڇا ڊگها ٿيندا ٿي ويا، تيئن تيئن محل جي مسرت پاش هنگامن ۾ اضافو ٿيندو ٿي ويو، ليڪن ان سان گڏ، راجا پاتڪ جي اضطراب، ۾ به اضافو ٿي رهيو هو. ايتري تائين جو سندس قلبي اضطراب، سندس چهري تي نمايان ٿيڻ لڳو، تان جو سندس پرڌان ڪي عقيدتمندانه همدرديءَ طور چوڻو پيو: مهاراج جي جئي! دنيا جو دستور اهو آهي، هي حسين پتلا، ڪڏهن به پيءُ جي گهر ۾ رهڻا ناهن!

راجا هڪ هلڪي آه ڀريندي چيو: مان ڄاڻان ٿو، پرڌان جي! راجڪماريءَ جي ضد اسان کي هڪ عجيب خطري ۾ وجهي ڇڏيو آهي.

مهاراج: ها اگر شامسين گهوٽ بنجي ها ته پوءِ رياست جي قوت اڃا به وڌيڪ مضبوط ٿي وڃي ها، ليڪن هو هڪ خوفناڪ دشمن به آهي.

"مهاراج کي ڪوبه فڪر ڪرڻ نه گهرجي. حضور جي غلامن جون تلوارون..."

"اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي، پر راجپوت والي پنهنجي ڪماريءَ جو سڱ هڪ کي ڏئي ڪسي ونئي ۽ ٻئي کي ڏئي! پرڌان جي! اسان کي تاريخ ۾ ڪيئن ياد ڪيو ويندو."

ڀيو تہ خود شامسين بہ خاموش رهڻ وارو ناهي. محسوس ٿي رهيو آهي تہ هو ايتري طوفان ۽ گرج سان ايندو!.... شايد هيءَ شادي، جنگ و جدال ۾ بدلجي وڃي!

پرڏان ان جي جواب ۾ ڪجهہ چوڻ وارو ئي هو تہ مينار تي بيٺل سپاهيءَ پيغام پهچايو تہ برات اچي رهي آهي. هوشيار! برات اچي رهي آهي- هوشيار!

راجا پاتڪ بادل ناخواستہ برات جي استقبال لاءِ تياري ڪئي. شهر جا سڀ ماڻهو ٻاهر نڪري آيا. عورتن پنهنجن نازڪ هٿن ۾ هار سنڀاليا. محلات جون ٻانهيون، راجڪماريءَ جي گهوٽ جي استقبال لاءِ ڪڙڪين ۾ اچي بيٺيون.

ليڪن، هيءُ برات نہ هئي. ان آواز ۾ موسيقي نہ هئي. آيل آواز مان معلوم پئي ٿيو تہ مضطراب گهوڙن جي قدمن ڪان زمين ڇڄي رهي آهي. ان سان گڏ هٿيارن جي جهنڪار.

يڪايڪ راجا پاتڪ جي نظر وڃي شامسين تي پئي، جونئهن ڪان چوٽيءَ تائين هٿياربند هو. هُو دروازي مان لنگهي پاتڪ جي سامهون اچي بيٺو. پاتڪ جي دل زور زور سان ڌڙڪڻ شروع ڪيو.

شامسين گهوڙي تان لٿو.

راجا نهايت حواس باختگيءَ جي عالم ۾ چيو: ”شامسين! اسان جي راجڪماريءَ جي شادي ۾ هن طرح هٿياربند ٿي اچڻ اسان جي بيعزتي آهي!

مان پاتڪ جي راجڪماريءَ کي پاڻ سان وٺي وڃڻ لاءِ آيو آهيان. مهاراج! اوهان ڪان وسري ويو آهي تہ راجڪماري منهنجي مڱ آهي!

’هائو- اسان کي ياد آهي تہ اسان اهڙو اطلاع بہ موڪلي چڪا آهيون. تہ اهو رشتو منسوخ ڪيو ويو آهي ۽ هاڻي راجڪماري جي شادي شيردل سالار راجا تڪاراءِ سان ڪرڻي آهي!

مون کي اطلاع ملي چڪو آهي، پر مون ان فيصلي جي تائيد نہ ڪئي آهي. مان ئي راجڪماريءَ جو شوهر آهيان. اڄ تلوار سان فيصلو ڪرڻ آيو آهيان!

راجا کي انهن لفظن جهوري وڌو. سخت ڪاوڙ وچان چيائين:

شامسين! پهاڙ سان متي ٽڪرائڻ مان ڪهڙو فائدو!

ان بزرگانہ نصيحت جو شڪريو! مان راجپوت آهيان، اهوئي ڪندس جو اسان جو دستور آهي. مان پهاڙ سان ٽڪر کائڻ لاءِ هت پهچي ويو آهيان تہ پوءِ هوشيار! پوڙهي راجا للڪاري چيو:

راجڪماريءَ کي معلوم ٿي چڪو هو تہ سندس اڳيون وَر شامسين فوج سان اچي چڪو آهي. رمني، شامسين جي بهادريءَ جي ڪارنامن کان واقف هئي. ان سان گڏ کيس اهو بہ معلوم هو تہ راجا ٽڪراءِ بہ کيس هر حال ۾ نہ ڇڏيندو. کيس اهو بہ معلوم هوتہ خونريزيءَ کان سواءِ هي معاملو درست نہ ٿيندو.

اهو سوچي فوراً محل مان نڪري آئي.

ترسو! پتاجي، مان راجا شامسين سان وڃڻ لاءِ تيار آهيان!

هن فوري انقلاب ۽ راجڪماريءَ جي غلط قدم راجا کي وڌيڪ جوش ۾ آندو، گرجندي، گجندي چيائين:

رمني! پاٽڪ جي نام ۽ ناموس تي هي داغ هٽڻ ڏنو ويندو.

نہ- مان تيار آهيان! پتي آيو!

ليڪن مان ائين ٿيڻ نہ ڏيندس. راجا ديوانگيءَ جي عالم ۾ چيو:

سپاهيو! جيستائين ڪو شامسين تي حملہ آور ٿئي، ان کان اڳ راجڪماري شامسين جي گهوڙي تي سوار ٿي چڪي هئي. برق رفتار گهوڙو طوفان وانگر اڏري نڪتو!

ليڪن گهوڙي تي سور ٿيڻ کان اڳ، رمني شامسين کي چيو هو: ”مون کي تون ڪنيون تو وجين، پر هوشيار رهجان!“

اهي لفظ هاڻي بہ شامسين جي روح ۾ گونججي رهيا آهن. جڏهن ٻئي ڄڻا، پاٽڪ جي قلعي کان گهڻو دور نڪري آيا، تڏهن شامسين، جذبات مان مخمور اکيون کڻي رمنيءَ ڏانهن نهاريو ۽ سندس

هوا ۾ اڏرندڙ زلفن کي سنواريو ۽ پنهنجا چپ سندس ڪنن تائين نيندي، ڌيمي آواز ۾ چيو:

راڻي ڪنهن کان هوشيار رهان؟

رمنيءَ پنهنجي رخ کي شامسين ڏانهن ڦيرائي، پنهنجن ڪارين اکيون سان ڏانهنس نهاريندي چيو:

ان کان، جنهن کي تو پنهنجو دشمن بنايو آهي.

(4)

ان وقت شامسين، رمنيءَ جي ان ڳالهه کي ڪلندي لنوائي ڇڏيو. ليڪن ان خيال کيس ڪافي راتين تائين بيقرار رکيو. آخر جڏهن ٻه مهينا گذري ويا ۽ تڪاراءِ جي طرف کان ڪوبه قدم نه کنيو ويو، تڏهن مس مس وجي اطمينان ٿيس. ليڪن رمنيءَ کي اڃا به انتظار هو. ان کي اڃا به اميد هئي ته تڪاراءِ مشڪلات جي سيني ديوارن کي پيجي، هڪ ڏينهن ضرور هٿ اچي نڪرندو.

هڪ ڏينهن غروب آفتاب جي مهل تي، رمني پنهنجي محلات تان بيني ٻاهر جو نظارو ڏنو ته اوچتو سندس ڪنن تي شامسين جو آواز آيو:

راڻي "ڇا اڃا به تو کي ان جي اچڻ جي اميد آهي؟" رمنيءَ فوراً جواب ڏنو: "مون کي يقين آهي ته هو ضرور ايندو، هو بهادر راجپوت آهي!"

شامسين هڪ هلڪو ٽهڪ ڏنو ۽ چيو: بهادر راجپوت!

(5)

ڏينهن مهينن ۾ گذرندا ويا. رمنيءَ جي شاديءَ کي هڪ سال گذري چڪو هو، ليڪن اڃا تائين کيس سندس راجپوت وٺڻ لاءِ نه آيو هو، جنهن لاءِ سراپا انتظار ۾ رهندي ٿي آئي.

وقت گذريو ويو ۽ شامسين جي روز روز وارن طعنن ۽ معيارن کيس جهوري وڌو! ايستائين جو هر لفظ هاڻي رمنيءَ لاءِ تير کان گهٽ نه رهيو. رمني سڀ ڪجهه برداشت ڪندي آئي، صرف ان اميد تي ته هو هڪ ڏينهن انهن لفظن جو ضرور بدلو وٺندي!

سال پورو ٿيو. راجا شامسين پنهنجي شاديءَ جي پهرئين سالگره جي تيارين جو حڪم ڏنو. سيني رياستن جا والي مدعو ڪيا ويا. پهريائين، شامسين، راجا تڪاراءِ کي دعوت ڏيڻ کان تنائيندو رهيو، پر جڏهن ڪيس رمنيءَ 'بزدل' سڏيو، تڏهن هڪ دعوت نامو تڪاراءِ کي بہ موڪلي ڏنائين.

جشن کان بہ چار ڏينهن اڳ، شامسين جا احباب، راجائون، پنهنجن اميرن ۽ وزيرن سميت اچڻ شروع ٿيا. تان جو شهنشاه دهليءَ جي طرفان بہ هڪ سفير، تحفن ۽ پيغام سميت اچي شريڪ ٿيو. ليڪن رمني انهن سيني ڳالهين کي نظرانداز ڪندي فقط تڪاراءِ جي انتظار ۾ هئي.

جشن جو ڏينهن آيو، دربار عام لڳائي وئي. رياستن جي راجائن مبارڪ ڏني. تحفا پيش ڪيا، رعيت دعائون ڪيون، ليڪن رمنيءَ جون منتظر نگاهون، ان کي ڳولي رهيون هيون، جو راجائن جي صف ۾ شريڪ نہ هو.

ٻن پهرن جو محل جي شاندار ڪمري ۾ مهمانن طعام تناول ڪيو. باغ جي درتي، ساڌو، فقير، اپاهج ۽ مسڪين وينا هئا، تن ۾ خيرات تقسيم ڪئي وئي.

گهر جي راڻيءَ ۽ شامسين جي استريءَ هئڻ جي حيثيت سان خيرات تقسيم ڪرڻ خود راڻيءَ جو فرض هو، ان ڪري پنهنجين خاص ڪنيزن کي ساڻ ڪري ساڌن ۽ فقيرن ۾ ڪاڏو ورهائڻ لڳي.

(6)

رمنيءَ هٿ ۾ مناڻيءَ ۽ ميون جو ٿالهہ ڪنيون، هڪ سري کان ٻئي سري تائين، فقيرن جي جهولين ۾ خيرات ڏيندي رهي، فقيرن جي دعائن ڪا بہ رڪاوٽ نہ پيدا ڪئي، هوءَ خيرات ورهائيندي ورهائيندي اوچتو بيهي رهي!

سندس اکين سامهون پنهنجي روح جو معبود، ساڌن جي لباس ۾ ڏنو. ڪيس گيڙو رنا ڪپڙا پيل هئا ۽ راجا تڪاراءِ جي اکين ۾ تمنائن جو جهان آباد هو ۽ هومشتاق نگاهن سان رمنيءَ ڏانهن نهاري رهيو هو.

”اوهان هتي؟“ رمنيءَ بي اختيار ٿي چيو:

”ها! منهنجي رمني!“ چڪور چند لاءِ تمام مٺي اڏامندو آهي.

ليڪن اوهان مهمان بنجي ڇو نه آيا؟“

”منهنجي من- مندر جي ديوي! مان مهمان بنجي ڪيئن ٿي اچي سگهيس! ان طرح اچڻ ۾ تمام وڏو خطرو هو!“

”خطرو؟“ رمنيءَ نفرت آميز نگاه سان چيو:

”چڱو، جهولي جهل، خيرات وٺي روانو ٿي!“

”مان توکان، توکي پنڻ آيو آهيان! رمني تون پاڻ کي هن جهوليءَ ۾ وجهه!“

”جهولي جهل“راجڪماريءَ نهايت نرم ۽ ڏکويل آواز ۾ چيو:

”مان اڄ رات محل جي چور دروازي وٽ ايندس. مون سان ملنديئن رمني؟ پوءِ هتان هليا هلنداسون، هن ظالم جي دستبرد کان دور!“

رمنيءَ، راجا تڪاراءِ! ڏانهن تعجب انگيز انداز سان نهاريو ۽ چيو:

”ايندس، ليڪن جهولي جهل ۽ خيرات وٺ“.

تڪاراءِ، جهولي جهلي ۽ رمنيءَ ان ۾ منائي وڌي“.

رمنيءَ جي ڪنيز، اهو سڀ ڪجهه ڏسي ٻڌي چڪي هئي، تنهنڪري سندس اکيون عجب کان ڦاٽي چڪيون هيون.

(7)

رات اڌ کان وڌيڪ گذري چڪي آهي. محل تي ننڊ جو غنود طاري ٿي چڪو آهي. هر طرف سناٽو ڇانيل آهي. دربان نيزن جي ٽيڪ تي، ننڊون ڪري رهيا آهن. راجڪماريءَ جي خلوت گاه جي ٻانهي. پڻ پهرو ڏيندي، تڪجي تلوار کي پري رکي، دروازي کي ٽيڪ لڳائي سمهي چڪي آهي.

رمني نهايت اطمينان سان ٻاهر نڪتي ۽ محل جي پرپيچ ۽ تاريڪ رستن کي طئي ڪري، اچي چور دروازي وٽ پهتي.

راجا تڪاراءِ ساڻن جي گيڙو رتي لباس ۾ ديوار تي ٽيڪ ڏيون وينو هو. انتظار جي ڪري سندس چپر ڳورا ٿي چڪا هئا ۽ هو ننڊ جي غنودگيءَ ۾ ونجي چڪو هو.

رمنيءَ تڪاراءِ کي هن حالت ۾ ڏسي، ڏانهس نفرت سان نهاريو ۽ پوءِ سندس ڪلهن کي لوڏي کيس جاڳايائين.

تڪاراءِ کان اوچتو چرڪ نڪري ويو. خوف ڳڏيل آواز ۾ چيائين:

”مون سمجهيو! تون آهين شرير رمني!“

”اوهان مون کان ڇا ٿا چاهيو؟“ رمنيءَ پڇيو:

”آه! اگر شمع کي زبان هجي ها ته هوءَ پرواني کان پڇي ها ته اي پروانہ توکي ڇا گهرجي، ته هوند پروانو، شمع جي لاٽ ۾ لپيٽجي، جان ڏئي ڇڏي ها. اهو ئي سندس جواب هجي ها. منهنجو جواب بہ اهو آهي تہ مان توکي چاهيان ٿو ان خوش نصيب ڏينهن جي طلوع ۾ باقي ڪي ٿوري دير آهي، جڏهن بئي ڇٽا هٽئون نڪري هلنداسون ۽ منهنجي خواب جو تعبير، شمع وانگر روشن ٿيندو. رمني منهنجي زندگي تون آهين. مان صرف تو لاءِ هت آيو آهيان: فقط... تولاءِ!“

”.... خاموش ره! رمنيءَ پريشان ٿيندي چيو: ”چپ ره! اهڙي ظالمانہ طريقي سان پنهنجي تمنائن کي خاڪ ۽ خون ۾ نہ ملاءِ! مون اڄ تائين ائين پئي سمجهيو تہ تون بهادر آهين. تون مرد آهين، پر اف! تون تہ بزدل ثابت ٿي چڪو آهين“.

”شي! شي!! رمني!“ تڪاراءِ نهايت گهبراهٽ کان چيو:

”آهستہ ڳالهاءِ رمني، ڪٿي محل ۾ ستل ڪتا نہ جاڳي پون ۽ هي سونو موقعو هٿان هليو وڃي!“

”نہ نہ!“ رمنيءَ گرجدار آواز ۾ چيو: ”بيشڪ مان هي موقعو نہ وڃڻ نہ ڏينديس. اڄ مان راجپوت جي روايتي شوڪت ۽ عظمت تان اهو داغ ڌوئي ڇڏينديس، جو بهادريءَ جو ٽڪو سمجهيو..... ڪاهل، بزدل! هان وٺ!!“

رمنيءَ جي نازڪ هٿن مان خنجر، تڪاراءِ جي جگر ۾ ٻڏي ويو!

”خوب! رمني! زنده باد!“ پرسان راجا شامسين جي آواز گونج ڪئي.

رمنيءَ ڪنڌ ورائي نهاريو. راجا شامسين پويان بيٺو هو ۽ ان سان گڏ رمنيءَ جي خاص ڪنيز به بيٺي هئي.

پنهنجي بهادر راجپوت جو چڱو سواگت ۽ آدرياءُ ڪيو ويو: رمنيءَ، تڪاراءِ جي تڙپندڙ لاش ڏانهن نهاريو!

”داسي! قصور وار آهي“- ۽ - ها! راجا ڪلندي چيو: بيشڪ قاتل به سزا جو مستحق آهي!

شامسين، بي اختياررمني جو هٿ پنهنجي هٿ ۾ جهلي، احترام ۽ پيار جو بوسو ڏنو.

رمنيءَ عمر ۾ اڄ پهريون دفعو شامسين جي گهنديدار وارن ۾ هڪ اهڙي جنت ڏٺي، جا بلڪل انوکي هئي

ليڪن پنهنجي جنت .....!

# پرٿال

مشهور يوناني شاعر هومر، ٽراءِ جي هيلن جي قصي کي پنهنجي مبالغ آرائيءَ ۽ رنگ آميزيءَ سان دنياءِ ادب ۾ هڪ ادبي شاهڪار بنائي ڇڏيو آهي. اگر اهو سچ آهي تہ تاريخ پنهنجو پاڻ کي دهرائي ٿي تہ پوءِ هوبهو اهڙو تاريخي شاهڪار برصغير هند و پاڪ جي هڪ ننڍي ڳوٺ مدگل جي هڪ سوناري ڇوڪريءَ 'پرٿال' جو بہ آهي، جنهن کي ڪو هومر جهڙو قادرالڪلام شاعر نہ مليو، جو کيس شهرت دوام بخشي ها. 'پرٿال' حسن وجمال ۾ هيلن کان گهٽ نہ هئي، گهٽين ڳالهين وڌ هئي. جيئن'هيلن' کي 'حسينہ يونان' قرار ڏنو ويو آهي ۽ ان لاءِ لڙايون لڙيون ويون آهن، تيئن هن پرٿال سندريءَ لاءِ بہ ٻن عظيم رياستن جون لڙايون ٿيون آهن.

هي تاريخي واقعو ان وقت جو آهي، جڏهن دکن تي بهمني خاندان جو اوج هو ۽ سلطان فيروز شاه بهمني گلبرگ جي تخت تي جلوه افروزهو. بهمني سلطنت جي ڏکڻ ۾ هندن جي مشهور رياست "وجي نگر" هئي. انهن ٻنهين رياستن جي وچ ۾ تنگ بدهرا درياء حد فاصل قائم ڪندي وهي رهيو هو. مدگل جو ڳوٺ، ان درياء جي ڪناري تي، بهمني سلطنت جي حدن اندر آباد هو.

ان ننڍڙي غير مشهور ڳوٺ ۾ هڪ غريب سونارو رهندو هو، جنهن جي ساري عمر بدحالي ۽ افلاس جي نذر ٿي چڪي هئي. ويچاري ڪڏهن بہ سُک جو ساهہ نہ کنيو هو. خدا جي قدرت، قسمت ساٿس آخر سات ڏنو. بخت جي ديوي لڪشمي سندس گهر ۾ برڪت جا پير گهمايا. خدا کيس هڪ اهڙي من موهڻي ذيءَ عطا ڪئي، جا حسن ۽ جمال ۾ دريڪتا هئي.

جيئن جيئن نينگري وڏي ٿيندي وئي،تيئن تيئن سندس حسن ۽ رعنائيءَ ۾ اضافو ٿيندو ويو. ملڪان ملڪ سندس سُندرتا جون

ڪهاڻيون پهچي ويون. سندس هلت چلت مان ائين پئي معلوم ٿيو، ڄڻ ته ڪيس ان خدا داد نعمت جو احساس ۽ علم پيدا ٿي چڪو هو. پرتال سپ ڪان الڳ ٿلڳ رهندي هئي. نه وٽس سهيلين جو ميڙو متل هو ۽ نه ڪو راندين ڪيڏڻ لاءِ وٽس ڪو سامان هو.

تاريخ ٻڌائي ٿي ته جيئن پرتال سن بلوغ کي پهتي، تيئن هندن جي مروج رسم موجب سندس پيءُ ماءُ، پنهنجي برادريءَ ۾ هڪ نوجوان سان رشتي ڪرڻ جا سانباها شروع ڪيا، ليڪن پرتال صاف انڪار ڪيو ۽ ان برادريءَ واري سڱ کي پنهنجي شان کان گهٽ تصور ڪيائين.

جڏهن برادريءَ جي وڏڙن مٿس زور بار آندو، تڏهن سيني کي جواب ڏنائين:

”دُرِ شاهوار، هر ڪَنَ کي زينت نه ٿو ڏئي ۽ عنبر ۾ مشڪ هر دماغ کي معطر نه ٿو ڪري. جنهن پرماتما مون کي حسن جي دولت سان مالا ڪيو آهي، اهو ئي مون لاءِ ڪو لائق وَر عطا ڪندو، اوهان کي هر حال ۾ خاموش رهڻ گهرجي“.

ويچارا ماءُ پيءُ پرتال جي هيءَ راءِ ٻڌي چپ ٿي ويندا هئا. ڪجهه ڏينهن گذريا، هڪڙو ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو، جو هڪ پنڊت ڪاشي ياترا ڪري واپس وطن وريو ۽ وات تي ’مدگل‘ ۾ ترسي پيو. قسمت جي ڳالهه، اهو پنڊت ان غريب سوناري وٽ اچي مهمان ٿيو. غريب سوناريءَ لاءِ اهو به هڪ قسم جو اعزاز هو. چنانچه سوناري ۽ سندس زال، پنڊت جي حال آهر ڏاڍي خدمت چاڪري ڪئي.

سوناري سندس زال توڙي سندس ٻين عزيزن پنڊت جي مهاراج جا چَرَن چميا ۽ آشيرواد حاصل ڪئي ۽ سندس مريدن ۾ پاڻ کي شمار ڪرايائون. پر پرتال ان پنڊت جي سامهون نه آئي، نه ڪي سندس پير چميائين، نه ڪي آشيرواد ورتائين، نه ڪو ان جي عقيدتمنديءَ جو اظهار ڪيائين. غريب سونارو پنهنجي ڌيءَ پرتال جي ان ارڏائيءَ کي آڏرم سمجهي ڏاڍو پريشان ٿيو. غريب ويچارو پرتال طرفان شاديءَ کان انڪار ڪرڻ تي اڳي ئي رنج هو، هن قدم کي گستاخي قرار ڏيئي، وڌيڪ فڪرمند ٿيو. موقعو ڏسي سوناري پرتال جي ساري وارتا پنڊت

جي اڳيان پيش ڪئي ۽ وينتي ڪيائين ته هو پرتال کي آشيرواد ڏئي، جيئن هوءَ سدي راهه تي اچي ۽ سندن چيو آکيو مڃي.

پنڊت جڏهن اهو سارو قصو ٻڌو، تڏهن ڪيس پرتال کي ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو. ڏاڍي آزي ۽ نيزاريءَ کان پوءِ پرتال پنڊت وٽ ملڻ لاءِ آئي. پنڊت جي نگاهه جيئن پرتال جي چهري تي پئي، تيئن دانهن ڪري چيائين، "اي ناري، تون جيتري حسين ۽ سندر آهين، اوتري ئي پاڳوان آهين".

سوناري جڏهن پرتال جي مستقبل متعلق پنڊت جي اها پيشنگوئي ٻڌي، تڏهن ڏاڍو خوش ٿيو سندس ماءُ ته خوشي وچان وجهي لڏون ورهايا.

قصو ڪوتاهه، برهمڻ مدگل مان پنهنجي ڳوٺ وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري مدگل ۾ رهي پيو. اتي رهي پرتال کي سنگيت ۽ فنون لطيفه جي تعليم ڏيڻ شروع ڪيائين.

اهو سلسلو هڪ سال تائين هلندو رهيو. پرتال هڪ سال جي سکيا ۽ رياض کان پوءِ تمام ضروري علمن ۽ فنن ۾ پڙ ٿي ويئي ۽ راڳ ۾ ماهر ۽ ڪامل ليکجڻ ۾ آئي.

پوڙهو پنڊت ته پرتال کي ڏسڻ شرط هڪ منصوبو بنائي چڪو هو. سندس خيال هو ته هيءَ خوبصورت نگينه ڪنهن دربار ۾ پيش ڪئي وئي ته پوءِ ٽڪن جا ڍير ملندا، ان ڪري ان هيري جي چمڪ ڏمڪ لاءِ رات ڏينهن پوڙهو پنڊت جتن ڪندو رهيو.

جڏهن ڪم راس ٿيو، تڏهن پنڊت وڃي نگر پهتو، ۽ ان وقت جي حڪمران ديوراءِ اول (1422- 1406) جي دربار ۾ رسائي حاصل ڪري مدگل جي پرتال جي واکاڻ ڪيائين. پرتال جي حسن و جمال جي اهڙي ته تعريف ڪيائين، جو راجا بنا ڏسڻ جي موهت ٿي پيو.

وڃي نگر جي راءِ، پنڊت کي ڏاڍا انعام اڪرام ڏنا ۽ ان گوهر ناياب کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس خصوصي اختيارات سونپيائين. چنانچه پنڊت راءِ کان بيش بها تحفا ۽ ان سان گڏ پيغام ۽ سلام کڻي مدگل واپس وريو.

جڏهن سوناري ۽ سوناريءَ پنڊت کان ٻڌو ته وجي نگر جو راجا، پرتال کي پنهنجي راڻي بڻائڻ تو گهري، تڏهن کين ان ڳالهه تي يقين ئي نه ٿي آيو. پنڊت صاحب، راجا وٽان مليل زيورات ۽ ريشمي لباس ۽ ٻيا تحفا ۽ هديا، سڀ کولي کڻي سندن آڏو رکيا.

ماءُ پيءُ اهو سڀ ڪجهه ڏسي حيران رهجي ويا ۽ فوراً وڃي پرتال کي سڀ ڪجهه سڻايائون. پرتال نه عجيب غريب خيالات رکيون ويٺي هئي، سا هن تڪسات کان متاثر نه ٿي.

تاريخ وارو لکي ٿو: ان کان پوءِ پنڊت، راجا کان مليل سامان مان هار ٻاهر ڪڍيو ۽ اجازت ورتائين ته هو اهو هار پرتال جي ڳچيءَ ۾ وجهي ۽ راجا جي تعلقات ۽ طلب جو اظهار ڪري. پر پرتال هار وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيو ته ”بيجا نگر (وجه نگر) جي راجائن جو اهو قائدو آهي ته هو جنهن عورت کي پنهنجي محلات ۾ داخل ڪرڻ گهرندا آهن، ان کي پوءِ ساري عمر تائين، پيءُ ماءُ سان ملڻ نه ڏيندا آهن ۽ ان کي هميشه لاءِ قيدي بنائي ڇڏيندا آهن. ڇا اوهان مون کان ايترو بيزار آهيو، جو ٿهڙي ڪم مايه چيز جي عيوض، مون کي هميشه لاءِ وڪڻي ٿا ڇڏيو؟“ ماءُ پيءُ ۽ پنڊت ٽنهي ڄڻن گڏجي پرتال کي سرچائڻ جي ڪوشش ڪئي. جڏهن پرتال ڏٺو ته سچ ڳالهائڻ کان سواءِ هنن بلائن مان جند نه ڇٽندي، تڏهن صاف صاف چيائين ”مون کي اقبال جي صاحب جاه فرشتي، خوشخبري ڏني آهي ته مان جلد مسلمان ٿينديس ۽ هن افلاس زده ماحول مان نڪري خوش نصيبيءَ جو دور ڏسنديس! اوهان کي گهرجي ته خاموشيءَ ۽ صبر سان ان ’شڀ گهڙيءَ جو انتظار ڪريو ۽ وجي نگر جي ڪوڙي سون کي هٿ نه لڳايو“.

پرتال جي جواب، پنڊت جا ته وڻ ئي وڃائي ڇڏيا! ماءُ پيءُ به اچرج ۾ پئجي ويا ته آخر پرتال چئي ڇا ٿي؟

پنڊت روئيندو پٽيندو اچي راءِ وٽ پهتو. راءِ صاحب اڳيئي آتش شوق ۾ جلي پچي رهيو هو. هن هتڪ آميز جواب تي ڪيس تن بدن ۾ سچ پچ باه لڳي ويئي. چيائين ”سوناري جي ڌيءَ جي اها مجال، جو اسان کي ڪوڙو سونو ڪوني ۽ اسان جو مطالبو قبول نه ڪري!“ پر مصيبت

اها هئي جو پرتال ان ڳوٺ ۾ هئي، جو ڳوٺ سلطان فيروز شاه جي سلطنت ۾ هو.

پر عشق ۽ عقل ته ڪڏهن نه نهيا آهن، نه نهندا. عشق آيو ته عقل ڪافور ٿي ويندو. راءِ فيصلو ڪيو ته ڇا به ٿي پوي، ٻهمني سلطنت تي فوج ڪشي ڪري، ان مغرور پرتال کي ضرور وڄي نگر جا وڻ ڏيکاريندو.

آخر ان ارادي کي لڪائڻ لاءِ شڪار جو ٻهانو بنايائين ۽ پاڻ سان شڪاري ساڻ ڪري فوجن جا دستا لڪائي، اچي تنگ ٻدرا درياءَ جي ڪناري تي خيما کوڙايائين. ماڻهن ۾ مشهور ٿيو ته راءِ شڪار تي ويل آهي.

هڪ ڏينهن وجهه وني، هڪ فوجي دستي کي حڪم ڪيائين ته هو درياءُ ٽپي مدگل ۾ پهچي پرتال کي زبردستيءَ سان کڻي اچن.

اگرچ نقل و حرڪت کي ڏاڍي رازداريءَ سان ۽ تيزيءَ سان عمل ۾ آڻڻ لاءِ ڪوشش ڪئي ويئي، تنهن هوندي به مدگل جي ماڻهن کي راءِ جي لشڪر ۽ ان جي مقصد جو بروقت اطلاع ملي چڪو هو. ساري شهر جا ماڻهو، محفوظ هنڌن ڏانهن ڀڄي ويا هئا. جڏهن ته سوناري کي هن حملي جي اصل مقصد جي ڪا ڄاڻ نه هئي. تنهن هوندي به هو پنهنجن ٻارن ٻچن سميت مدگل مان نڪري چڪو هو.

جڏهن راءِ جي فوج درياءَ ٽپي مددگل ۾ پهتي، تڏهن ڏٺائون ته سارو شهر خالي لڳو پيو آهي ۽ هو جنهن ڪم سان آيا هئا. سو ڪم ائين ئي رهجي ويو.

راءِ جي لشڪر ۾ ايتري جرات ته ڪا نه هئي جو هوءَ اڳتي وڌي ۽ مددگل مان مفرور ٿي ڀڳل ماڻهن جي پنيان ڪاهي ۽ پرتال کي هٿ ڪري، ڇو ته ٿوري به بي احتياطيءَ سان ٻهمني فوج سان تصادم پيدا ٿيڻ لازمي امر هو: ان ڪري راءِ جي فوج، مددگل کي ڦرڻ ۽ لٽڻ ۽ باه لڳائڻ تي اڪتفا ڪئي. ايندڙ خونريز لڙاين جي گويا اها ابتدا هئي.

جڏهن سلطان فيروز شاه کي اهو اطلاع پهتو ته وڄي نگر جي راءِ جي فوجن، درياءَ ٽپي علاقي ۾ رعيت کي پريشان ڪيو آهي ۽ انهن

جو مال اسباب لٽيو ويو آهي ۽ سندن شهر کي ساڙيو ويو آهي، تڏهن پاڻ راءِ کي ان گستاخيءَ جي سزا ڏيڻ لاءِ ميدان ۾ نڪري آيو.

هيڏي راءِ جڏهن فيروز شاهه جي غصي جي خبر ٻڌي، تڏهن جان بچائڻ لاءِ پاڻ کي قلعي ۾ بند ڪري ويهي رهيو. فيروز شاهه جو سپاهه مير فتح الله شيرازيءَ جهڙي بهادر سالار جي رهنمائيءَ ۾ وڄي نگر ڏانهن وڌندو رهيو.

راءِ جي فوجن، انن مختلف هنڌن تي ٻهمني فوج سان مقابلو ڪيو. پر انن ئي هنڌن تي شڪست کاڌائون. ٻهمني هر ميدان ۾ ڪامياب رهيا.

جڏهن راءِ پنهنجي لشڪر کان مايوس ٿيو، تڏهن پنهنجن اتحادي دوستن کان امداد طلب ڪيائين. پر جڏهن ان ۾ به ڪا خاص ڪاميابي نه ڏنائين، تڏهن لاچار ٿي سلطان جي خدمت ۾ صلح جي درخواست موڪليائين.

فيروز شاهه اها درخواست منظور ڪئي ۽ صلح نامي جي شرطن موجب راءِ، هڪ وڏي رقم ڏنڊ طور ڏني ۽ رياست جو ڪجهه علائقو به سلطان جي سپرد ڪيو. ليڪن راءِ لاءِ هڪ ڪَڙو شرط اهو به هو پنهنجي هڪ شهزادي، سلطان جي نڪاح ۾ ڏيندو.

ڪرناٽڪ جي راءِ خاندان ۾، ڪنهن ٻئي مذهب واري ۽ غير خاندان ۾، پنهنجي نياڻيءَ جو ڏيڻ، معيوب سمجهيو ويندو آهي. چنانچه راءِ سخت پريشان ٿي ويو. حالانڪ اهو شرط ان ڪري رکيو ويو هو، جيئن ڪيس سزا طور محسوس ٿئي ته ڪنهن ٻئي جي نياڻيءَ کي زبردستيءَ سان ڪڻڻ مناسب ناهي.

وڄي نگر جي راءِ صلح نامه تي دستخط ڪيا هئا، ان ڪري لاچار ٿي ڪري شاديءَجي تياري ڪرائڻ جو حڪم ڏنائين.

سلطان وڄي نگر جي پرسان، پنهنجي ڪيمپ ۾ رهيو. امير فضل الله شيرازي ۽ احمد خان خانان رواج، موجب، گهوٽ جي پاران تحفا کڻي، وڄي نگر روانا ٿيا.

وڃي نگر ۾ ستن ڏينهن تائين شاديءَ جو جشن ملهايو ويو. ستين ڏينهن رخصتيءَ جي رسم ادا ڪئي وئي. هڪ شاهي جلوس ۾ ڄڃ واپس ڪيمپ ۾ پهتي.

وڃي نگر جي راءِ، ڄڃ جي قيام وقت، خواهش ظاهر ڪئي هئي ته سلطان خود به سندس شهر ۾ تشريف فرما ٿئي ۽ سندس محل ۾ به چار قدم برڪت لاءِ گهمائي. فيروز شاه اها دعوت قبول ڪئي.

بهمني سلطان وڏي تزڪ ۽ احتشام سان پنهنجي سهري جي راڄڌاني وڃي نگر ۾ داخل ٿيو. ديوراجا، پاڻ اچي پنهنجي ناني جو شاهاڻو استقبال ڪيو ۽ سلطان جو جشن ٽن ڏينهن تائين هلندو رهيو.

دوستيءَ ۽ محبت جي ان پر عظمت مظاهري تي ديوراءِ جي دل، پنهنجي ذلت ۽ بيوسيءَ تي، اندر ئي اندر گوڙها ڳاڙي رهي هئي، تاهم ڏاڍي ضبط ۽ احتياط کان ڪم ورتائين، جيئن سندس اندر جي ڪيفيت، سلطان ۽ سندس ساٿين تي نه کلي سگهي. ليڪن آخري ڏينهن تي، پاڻ اهڙي ته غلط حرڪت ڪيائين، جنهن سندس ساري احتياط تي پاڻي ڦيري ڇڏيو.

ٿيو هيئن هو جڏهن سلطان جشن کان فارغ ٿي، واپس ٿيڻ جي تيارين ۾ هو، تڏهن راءِ سلطان سان گڏجي، فقط پنهنجي قلعي جي در تائين آيو، حالانڪ رواج موجب کيس سلطان جي ڪيمپ تائين وڃڻو هو. سلطان ان کي ڏاڍو بُرو محسوس ڪيو، ويتر جو چند فساد انگيز ماڻهن ان واقعي ۾ مرچ مسالا ملايا، تنهن تي سلطان ويتر ڪاوڙجي ويو. اها ڳالهه آخرڪار راءِ جي ڪنن تائين وڃي پهتي ته سلطان ڏاڍو ناراض آهي؛ راءِ ته اڳيئي پريو وينو هو، تنهن نه ڪو تلافي ڪئي ۽ ڪا معافي ورتي، ويتر سندس زبان کان ڪي توهين آميز ڪلمات به ٻڌا ويا. ان طرح رشته داريءَ ۽ دوستيءَ جي باوجوديڪ ٻنهي رياستن جي وچ ۾ دوباره جنگ و جدال جو سلسلو جاري ٿي ويو.

گلبرگ پهچي سلطان فيروز شاه هڪدم پرتال کي پاڻ وٽ گهرايو. جنهن جي ڪري ايتري خونريزي ٿي چڪي هئي. جڏهن پرتال سلطان جي سامهون آئي، تڏهن سلطان کيس ڏاڍي عزت ڏني ۽ سندس حسن و جمال جي تعريف ڪيائين ۽ کيس پنهنجي فرزند شهزادي حسن لاءِ انتخاب ڪيائين.

پرتال جي شادي شهزادي حسن سان نهايت ڌوم ڌام سان ٿي گذري. هڪ معمولي سوناري جي ڌيءُ شهزادي بنجي ويئي. پرتال جي پاڳن تي سوناري جي قسمت چمڪي اٿي. سلطان کيس مدگل جو سارو علائقو انعام طور ڏنو.

(تاريخ فرشتہ)

# راج ڪور

(1)

نواب سراج الدولہ جي قوه جواني هجي. بي فڪريءَ جي زندگي، سامان عيش ميسر، تخت ۽ تاج لاءِ ولي عهد، شفيق ۽ مهربان پيءُ جو سايو سر تي، رات ڏينهن راحت ۽ آرام سان گذاري رهيو هو. سندس شادي ايرج خان جي صاحبزاديءَ عمدة النساء سان ٿي هئي. شهزادو ۽ شهزادي نهايت اطمينان جي زندگي گذاري رهيا هئا. مگر وقت کي ڪجھ ٻيو منظور هو!

(2)

هڪ ڏينهن والده جي محل ۾ ويو. ماءُ کي سلام ڪري ويٺو. هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ٿيو. خوش خيرعافيت ڪانپوءِ سندس نظر وڃي هڪ حسين ۽ جميل ڇوڪريءَ تي پيئي 'چند آفتاب، چند ماهتاب' اکيون ستارن وانگر روشن، چهري تي جمال جلوه افگن، زلف ڪارا جهڙا نانگ، ڪنهن ڪم سان محل ۾ آئي هئي. سراج الدولہ کيس ڏسندو رهيو ۽ هوءَ ڪم ڪار پڇي معصومانہ ادا سان هلي ويئي.

هيءَ ڇوڪريءَ ڪير هئي؟ هڪ هندو دوشيزه! سراج الدولہ جي ماءُ جي خادمہ، نهايت وفا شعار، سليقہ مند ۽ تابع فرمان! سراج الدولہ جي ماءُ بہ مٿس شفقت ڪندي هئي. سراج الدولہ کان اوچتو ڇرڪ نڪري ويو.

والده - هان پٽ عمدة النساء جو ڪهڙو حال آهي؟

سراج الدولہ - عمدة النساء؟ - نيڪ آهي!

والده - هوءَ ڪڏهن بہ ملڻ نہ آئي آهي، ڇا خير تہ آهي؟ ڪيترن ڏينهن کان کيس ياد ڪري رهي آهيان.

سراج الدولہ - هوءَ بہ اچڻ لاءِ آماده هئي، پتو ناهي ڇو نہ آئي؟

والده - ان کي ڪنهن وقت موڪلجان.

سراج الدولہ - ڏاڍو چڱو، پر اڄ ڪلهہ ايرج خان اڇٽو آهي، شايد ان ڪري اچي نہ سگهي آهي، بهرحال کيس موڪلي ڏيندس.

والده - پر ايرج خان بہ تہ نہ ٿو اچي - ڪجهہ بيپرواه پيو معلوم ٿئي.

سراج الدولہ - بي پرواه ڪئن نہ ٿيندو. هو اڄ ڪلهہ پاڻ کي تمام وڏو ماڻهو ٿو سمجهي. ٻيو تہ اوهان ان رشتہ لاءِ کيس ڏاڍو ستايو هو، ان جو مزاج ڪجهہ ٻيو ٿي ويو آهي.

والده - خير، اسان کي ان سان مطلب ناهي. اسان کي فقط عمدة النساء سان واسطو آهي. اها نهايت نيڪ ۽ خوش خصلت آهي.

سراج الدولہ - "درست"!

ٿوري دير ويهي، سراج الدولہ واپس هليو ويو.

(3)

راج ڪور - مگر اسان جي خادم! نہ نہ، بلڪل نہ - ان جي صورت ۽ سيرت، ٻانهين ۽ ڪنيزن جهڙي ناهي. هوءَ تہ ڪنهن راجا جي راڻي ٿي سگهي ٿي. قدرت جو ڪرشمو آهي جنهن کيس والده وٽ اچي اڇلايو آهي، شايد ان ۾ بہ ڪا مصلحت هوندي.

سراج الدولہ دل ئي دل ۾ پور پچائي رهيو هو. ائين ڪندي، هڪ دوست اچي ويو. دوست بہ دلي دوست، رازدار ۽ وفادار.

دوست - اوهان اڄ ڏاڍا پريشان آهيو.

سراج الدولہ - پريشان! هان هان پريشان آهيان! ڏاڍو پريشان! رات ننڊ بہ ڪا نہ آئي اٿم. ڪڏهن چنڊ ڏي ڇتايو اٿم، ڪڏهن تارن سان ڳالهيون ڪيون اٿم. رات مشڪل سان گذري آهي.

دوست - آخر سبب؟

سراج الدولہ - سبب! سبب ڪهڙو ٻڌايان؟

دوست - تاهم.

سراج الدولہ - سبب! ڪلهہ امان جي سلام تي ويس، پر دل ڦرائي آيس.

دوست - ڪيئن؟

سراج الدولہ - اتي هڪ بجليءَ جهڙي ڇوڪري آئي، پان ڪارائي، پنهنجي جلوه حسن سان، خرمن صبر و سڪون کي جلائي خاڪ ڪيو واپس ويئي، نهايت معصوم، ماهہ پاره!

دوست - هوءَ هئي ڪير؟

سراج الدولہ - امان جي خادمہ هڪ هندو ڇوڪري، نالو اٿس راج ڪور.

دوست - خادمہ ۽ هندو؟

سراج الدولہ - هان، خدا ڄاڻي اتي ڪيئن اوچتو لنگهي آئي. شايد منهنجي نڪاح ۾ اچي. دوست! ڪوشش ڪريو، ورنہ منهنجي زندگيءَ تان هٿ کڻو. اگر اها ئي ڪيفيت رهي تہ پوءِ -

دوست - (ڳالهہ اڌ مان ڪپي) گستاخي معاف، حوصلو ڪرڻ گهرجي. هڪ خادمہ لاءِ ايتري پريشاني؟

سراج الدولہ - شان! ان کي رکو بالاءِ طاق! ناصح بنجڻ جي ضرورت ناهي. اگر ڪجهہ ڪري سگهو تہ ڪيو، نہ تہ مون کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏيو!

دوست - چڱو! آخر اتي وڃي نوبت پهتي آهي. ان جو علاج اهو آهي، تہ والده کي ڪا منٿ ڪجي. پر اهو ڪيئن برداشت ڪندي تہ هڪ خادمہ سان شادي ٿئي؟ اڄ ملازمہ ۽ سڀاڻي راڻي!

سراج الدولہ - تون تہ حسب نسب جي چڪر ۾ اچي وئين، دوست! هي عشق جو معاملو آهي.

بنده عشق شدي، ترک نسب کُن جامي،
کہ درين راه، فلان، ابن فلان، چيزي نيست!

دوست — ڪوشش ڪري ڏسجي، شايد ڪاميابي حاصل ٿئي.

سراج الدولہ، ها، اڄ ئي خط ٿو لکان.

(4)

اڌ رات جو وقت آهي. سراج الدولہ بستري تي بيقراريءَ جي عالم ۾ پاسا بدلائي رهيو آهي. ڪيس ننڊ نہ ٿي اچي، راج ڪور جي تصوير سندس اکين اڳيان پئي ڦري.

عمدة النساء اها حالت ڏسي حيران پريشان آهي. سبب جي پڇا ڪري، مگر سراج الدولہ جون نمناڪ اکيون ۽ سرد آهون ٻڌائي رهيون آهن تہ ”توکي ٻڌائڻ جي ڪا بہ ڳالھہ ناهي“. آخر سراج ٻڌائي تہ ٻڌائي ڇا؟ پنهنجي دل جو راز، پنهنجي اهليہ سان ڪري تہ ڪيئن ڪري؟

عمدة النساء - آخر ٻڌائجي تہ سهي، تڪليف ڪهڙي آهي؟ ڪو حڪيم آڻجي. اهڙي حالت تہ اڳ ڪڏهن بہ ڪا نہ ٿي آهي.

سراج الدولہ - نہ، ڪجھہ بہ ناهي. فقط مٿي ۾ سور آهي، فڪر نہ ڪرڻ گهرجي، آخر لهي ويندو. نڪا ڪنهن حڪيم جي ضرورت آهي.

عمدة النساء پرسان ويهي ٿي رهي ۽ سندس مٿي کي زور ڏيڻ شروع ٿي ڪري، مگر دل جي زخم جو مٿي سان ڪهڙو واسطو. ان جي دوا تہ نہ ڪنهن حڪيم وٽ آهي نہ ڪنهن دوست وفادار وٽ. ان جو علاج تہ فقط راج ڪور وٽ آهي. مگر اها هن جي حال کان بيخبر.

سراج الدولہ - عمدة النساء! بس، بس، وڃي آرام ڪر، مون کي نيٺ آرام اچي ويندو.

عمدة النساء - اوهان اهڙيءَ تڪليف ۾ هجو ۽ پوءِ مون کي ننڊ ڪيئن ايندي؟

سراج الدولہ جي بار بار اصرار تي عمدة النساء بادل ناخواستہ واپس ٿي وڃي، پر سراج پاڻ تڪليف ۽ پريشانيءَ ۾ پاسا بدلائيندو رهيو.

(5)

هيءَ خط سراج لکيو آهي! نہ نہ، لکيل تہ ان جو ئي آهي، پر مون کي يقين نہ ٿو اچي. هو اهڙو بي تڪلف، بي باڪ ۽ بيشرم ٿي سگهي ٿو؟ هو اهڙي ڳالھہ لکي، جا مون کان ٿي نہ سگهي! ڇا مان پنهنجي ٻانهيءَ کي ننهن بنايان! دنيا ڇا چوندي؟ ايرچ بہ آيل آهي. اهو ٻڌندو تہ طوفان مچائي ڇڏيندو. ليڪن سراج بہ تہ ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي تہ اهو ڪم نہ ٿيو تہ پوءِ هو گهر ڇڏي هليو ويندو! وڃي پاڻ کي ٻوڙيندو يا زهر کائيندو! هِت عزت جو سوال، هُت پٽ جو ضد! هاڻي ڪريان تہ ڇا ڪريان؟

اجا انهن ئي خيالن ۾ هئي تہ عمدة النساء آئي. سلام ڪري ادب سان اچي ويهي رهي.

عمدة النساء - جي امان! مون کي معلوم ٿيو آهي تہ تون مون کان ڪجهہ ناراض آهين، ان ڪري حاضر ٿي آهيان.

والده — نہ پٽ، بلڪل نہ، مان ناراض ڇو ٿينديس؟ سراج کي رڳو ايترو چيو هوم تہ عمدة النساء ڏاڍي دير دير سان ٿي ملي. ان ئي شايد توکي چيو هوندو. هائو چيو تہ رڳو ايترو ئي اٿس! پر اهو بہ چيائين تہ والده صاحبہ کي شڪايت آهي تہ تون ان وٽ وڃين نہ ٿي. شايد ڪا ڳالهہ هجي. بس مان تہ ان تي پريشان ئي رهيس، بابو بہ آيل آهي. اهو خيال ڪندي رهيس، سڀاڻي وينديس، سو حاضر ٿي آهيان. مان تہ اوهان جي دل ۽ جان سان ٻانهي آهيان.

والده - خدا توکي خوش رکي. ڀلا سراج جو ڪهڙو حال آهي؟

عمدة النساء - ان جي طبيعت ڪجهہ نيڪ ناهي.

والده - ڇو، ڇا سبب آهي، ڇا ڪيس بخار آهي؟

عمدة النساء - ظاهري طرح سان تہ ڪا حرارت نہ ٿي معلوم ٿئي. گهٽي پڇڻ تي رڳو ايترو ٻڌايو اٿس تہ مٿي ۾ سور اٿم. حڪيم لاءِ عرض ڪيم، چيائين ڪا ضرورت ناهي، پاڻهي ڇڏيويندو. سڄي رات نہ ستو، پاسا ورائيندو رهيو، طعام بہ بي وقتو ئو کائي. هميشہ پريشان ۽ اداس ٿو رهي. نہ ڄاڻان، ڪيس ڇا ٿي ويو آهي؟ اوهان ئي سندس علاج ڪرايو. مان تہ ڇئي ڇئي ٿڪجي پئي آهيان. آخر بيماري ڪهڙي اٿس، جنهن جو علاج ئي نہ ٿو ڪرڻ گهري!

والده - ها، چار پنج ڏينهن ٿيا، سراج آيو هو. ان وقت تہ هو چڱو ڀلو هو. چڱو، ان کي اڄ موڪلجانءِ تہ معلوم ڪريان تہ ڪيس ڇا ٿيو آهي؟ الله شال خير ڪري! هڪ ئي سڪيلڌو پٽڙو اٿم، الله شال ڏينهن ڏئيس.

”راج ڪور، او راج ڪور! عمده جي لاءِ ڇانهن تہ ڪٽي اچ، ان سان گڏ بيضن جو حلوو هجي تہ اهو بہ ڪنيو اچ“.

راج ڪور - حاضر!

راڄ ڪور وئي. والده ۽ عمدة النساء جي وچ ۾ هيڏي هوڏي جون ڳالهيون ٿيون. جهٽ ڪن ڪان پوءِ راڄ ڪور ڇانهن ۽ منائي ڪٽي آئي. والده ۽ عمدة النساء ڳڏجي ڇانهن ۽ منائي واپرائڻ شروع ڪئي.

والده فرمايو: راڄ ڪور، اچ پٽ! تون به اسان سان منائي کاءُ.

راڄ ڪور عرض ڪيو، ”امان! مان ان لائق ناهيان، جو اوهان سان ڳڏجي ڪجهه کائي پي سگهان. مان ته اوهان جي ٻانهي آهيان“.

والده فرمايو - ”نه نه، تون پاڻ کي خادم نه سمجهه، تون ته چڻ منهنجي ڌيءَ آهين“. آخر والده جي ارشاد جي تعميل ڪندي، راڄ ڪور به شامل ٿي ۽ تنهين ڄڻن منائي ۽ ڇانهن واپرائي.

(6)

هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو، جو صبح سان ئي سراج والده جي محل ۾ آيو. اڃا احاطي ۾ مس قدم رکيائين ته سندس نگاهه هڪ هنڌ اٽڪي پئي. ڏٺائين ته ڪو ماڻهو باغ مان گل پٽي رهيو آهي. آهسته آهسته ان طرف وڌي وڃي پرسان بيٺو. اهي گل ڪنهن ٿي چنا؟ راڄ ڪور!

صبح جو سهانو وقت، فصل بهار جا روح افزا جهوٽا، جنهن جي چيڙ ڇاڙ سان مکڙين ۾ عالم اضطراب برپا هو ۽ گل پنهنجي آپي ۾ نه ٿي ماپيا.

سراج الدوله - راڄ! هي گل ڇا جي لاءِ ٿي چنين؟

راڄ ڪور - والده لاءِ.

سراج الدوله- والده صاحبه جي طبيعت ڪيئن آهي؟

راڄ ڪور - نيڪ آهي، پر ڪجهه پريشان ٿي نظر اچي.

سراج الدوله - ڇو، ڪڏهن کان؟

راڄ ڪور - ٽن چئن ڏينهن کان.

سراج الدوله - راڄ! تون ڪڏهن اسان وٽ ڇو نه ٿي اچين؟

راڄ ڪور - ڪيئن اچان، امان جان ڪنهن ڪم سان موڪلي ته اچان؟

سراج الدوله - ڇا، تون مون وٽ اچڻ پسند نه ٿي ڪرين؟

راج ڪور - جو نہ پر جي ڪو ڪم هجي تہ اچان. امان مون کي موڪلي تہ پوءِ مون کي اچڻ ۾ ڪهڙو اعتراض آهي. مان جهڙي ان جي ٻانهي آهيان، تهڙي اوهان جي. مون وٽ تہ ڪو فرق ئي ناهي.

سراج - بهرحال، تون اسان وٽ ئي اچي رهہ.

راج ڪور - مان تہ امان جان جي تابع فرمان آهيان. پاڻ وٽ رکي تہ بہ واهہ. اوهان جي خدمت لاءِ مخصوص ڪري تہ بہ حاضر آهيان. مون کي اوهان جي خدمت ئي ڪرڻي آهي.

راج ڪور گلن جي ٽوڪري ڪنيون خرامان ويندي رهي.

سراج اتي ئي ٿورو سير جي خيال سان هلندو رهيو. عالم خيال ۾ هزارين پور پئي آيس ۽ ويس- ڪهڙي نہ معصوم ۽ حسين جواني آهي. ڪيڏي نہ شريف ۽ عصمت ماب ڇوڪري آهي. بيشڪ، ان کي تہ مون وٽ اچڻ ۽ رهڻ لاءِ ڪو عذر نہ آهي، پر سڀ ڳالهہ تہ والده صاحبہ جي هٿ وس آهي. اگر اها چاهي تہ پوءِ يقيناً ڪم بنجي سگهي ٿو. ڇني تہ مون بہ ان قسم جي لکي آهي. اميد تہ ان ڪان مجبور بہ ٿيندي. پر جي امان صاحبہ اصل انڪار ڪيو تہ پوءِ مصلحتاً چند ڏينهن ڪاڏي ٻاهر هليو وڃڻ بهتر آهي. پوءِ مادري مامتا، ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور رنگ پيدا ڪندي!

سراج اهي انسنا ڪندي، چند منٽن ڪان پوءِ ماءُ جي خدمت ۾ حاضر ٿيو. آداب ۽ سلام ڪري وينو. سندس اکيون جهڪيل هيون ۽ سندس لبن تي مهر خاموشي!

والده - سراج، توکي ڇا ٿيو آهي؟ ان خط لکڻ ڪان اڳ توکي ڪجهہ تہ سوچڻ گهرجي ها! اگر گهر ۾ ٻُنهن موجود آهي: نهايت حسين، نيڪ ۽ شريف. ڇا هڪ ڪنيز جي متعلق لکندي، توکي پنهنجي خاندان ۽ پنهنجي ماءُ پيءُ جو ڪو خيال رهيو؟ پنهنجي حيثيت تي ڪا نظر رکيئي؟ اهو سوچئي تہ آخر عزيز اقارب ڇا چوندا، دنيا ڇا سوچيندي.

ايرج اڳي ئي ڪجهہ رنج پيو نظر اچي، اهو تہ قيامت برپا ڪري ڇڏيندو. اهي سڀ ڳالهيون توکي سوچڻ گهرجن. مان هڪ ڪنيز سان ان قسم جي ڪا ڳالهہ ٻولهہ ڪري سگهنديس؟ آخر هوءَ ڇا سمجهندي؟ اول تہ ڪيس منهنجو چوڻ ئي مناسب ناهي. اگر ان کي چوان

ٻه ۽ پوءِ هوءَ انڪار ڪري ته پوءِ؟ آخر ان جي انڪار ڪرڻ تي منهنجي حيثيت ڇا رهندي؟ ان تي سنجيدگيءَ سان سوچڻ گهرجي، غور ڪرڻ گهرجي، هروپرو ٻار نه ٿين ته بهتر!

سراج الدوله- (ڌيمي زبان ۾) امان، مون سڀ ڪجهه سوچيو آهي. مون کي نه دنيا جي پرواهه آهي، نه ڪو ايرج ويرج جو ڪو خوف آهي. مون جو ڪجهه به خط ۾ لکيو آهي، اهو بلڪل سوچي ۽ سمجهي لکيو آهي. اگر ان ۾ ناڪامياب ٿيس، ته پوءِ اهو ئي ڪندس، جنهن جو اطلاع مان خط ۾ ڏئي چڪو آهيان! ائين چئي سراج اٿي هليو ويو.

(7)

ماءُ جي مامتا، مجبوريءَ ڪان سراج جي فيصلي تي رضامندي پيدا ڪئي. ان سلسلي ۾ سراج جي والد کي به راضي ڪيائين. هڪ طرف امارت ۽ حڪومت، تخت ۽ تاج جو خيال- ٻئي طرف حسب نسب جي تقاضا: ان سان گڏ هڪ هندو ڪنيز سان ولي عهد ۽ شهزادي جي شادي. اڄ هوءَ محلات جي ڪنيز جي حيثيت سان رهي ٿي، سڀاڻي اها شهزادي ٻنجي حڪومت ڪندي! پر پٽ جو ضد ۽ ماءُ جي سفارش! لاچار بادشاه به اها ڳالهه تسليم ڪئي.

شادي ٿي وئي، سراج جي مراد پوري ٿي. ليڪن عمدة النساء جي دل تي ڄڻ بجلي ڪري چڪي هئي! ڳالهه جيڪا ٿيڻي هئي سا ٿي وئي. عمده النساء جي پيءُ کي خبر پئي، اهو به پريشان ٿي ويو. سندس غم ۽ غصي جي ٻاهه ڀڙڪو ڪاڊو ۽ هو دل ۾ انتقام وٺڻ لاءِ منصوبي سٽڻ ۾ مشغول ٿي ويو. اڃا ٿورا ڏينهن مس گذريا، سراج الدوله جي پيءُ کي ڪنهن افغان قتل ڪري ڇڏيو.

ايرج خان، عمده النساء وٽ ويو ۽ ان کي تسلي ڏنائين ۽ ڪيس چيائين ته صبر ڪرڻ گهرجي، ڏسجي ته قدرت ڇا ٿي ڪري. قدرت هاڻي پاڻ ئي هنن کان انتقام وٺڻ لاءِ آماده ٿي آهي. سراج جي پيءُ ۽ ماءُ تو تي ڏنو وائنو ظلم ڪيو آهي، ۽ ڏسندي ڏسندي ظلم ڪري چڪا آهن. شڪر آهي هڪ ته لقمهٔ اجل ٿي ويو ۽ توتي پهاج آٽڻ واري راڻي صاحبه پاڻ بيواهه ٿي ويئي. بيشڪ، خدا جي لٺ ۾ آواز ناهي، پر ان جو علم تڏهن تو ٿئي، جڏهن ان جي ڪٽي ضرب تي لڳي!

عمدة النساء جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. پنهنجي والد کي چيائين: بابا! جو ڪجهه ٿيڻو هو، سو ٿي چڪو. مان خدا جي رضا تي راضي آهيان. قدرت جي ڪمن ۾ ڪنهن کي به دخل نه ڪرڻو آهي. جو ڪجهه ٿيڻو آهي، اهو اجا به ٿيندو. اوهان کي به صبر ڪرڻ گهرجي، منهنجي متعلق پريشان ٿيڻ نه گهرجي.

ايرج خان چيو آفرين پٽ! بيشڪ ايرج خان جي خون کي ائين ئي ٿيڻ گهرجي. بلند حوصلہ، صابر ۽ شاڪر رهڻ گهرجي- بيشڪ سڀ ڪجهه خدا جي هٿ ۾ آهي.

عمدة النساء وري به عرض ڪيو: بابا اوهان کي به صبر ڪرڻ گهرجي. اوهان کان ڪا اهڙي ڳالهه ٿيڻ نه گهرجي، جيئن اوهان تي ڪا حرف گيري اچي. سارو معاملو الله جي حوالي ڪرڻ گهرجي. ايرج خان وراڻيو: پٽ ڪوبہ فڪر ڪرڻ نہ گهرجي، مان پنهنجي ۽ تنهنجي عزت ۽ وقار لاءِ ڪوبہ قدم کڻڻ مناسب نہ ٿو سمجهان.

(8)

سراج الدولہ اجا نوجوان هو. اجا تائين امور سلطنت ۾ ڪوبہ عملي طور حصو نہ ورتو هئائين ۽ نہ ڪو اصول حڪمراني جو ئي ايترو اڀياس ڪيو هئائين. سندس ڏاڏو نواب علي وردي خان، پنهنجي هڪ معتبر امير، راجا جانڪي رام کي بهار جو حاڪم بنائي چڪو هو. ان سلسلي ۾ سراج الدولہ کي نهايت شفقت آميز لهجي ۾ يقين ڏياري چڪو هو:

برخوردار، هي ملڪ ۽ هي مال، هي تخت ۽ تاج، سڀ ڪجهه تنهنجو آهي. جڏهن تون وڏو ٿيندين، تڏهن بهار ۽ بنگال به تنهنجي حوالي ڪيو ويندو. سردست تنهنجي پيءُ جي وفات جي ڪري، حالتون خطرناڪ ٿي چڪيون آهن، ممڪن آهي تہ ان ۾ ڪنهن درپرده لڪل دشمن جو هٿ هجي يا ڪا ٻاهرين سازش هجي، تنهنڪري هن وقت ڪنهن تجربہ ڪار جي هٿ ۾ حڪومت جي واڳ هئڻ گهرجي.

ليڪن سراج پنهنجي ڏاڏي جي ان نصيحت کي، پنهنجي ذات لاءِ توهين ٿي تصور ڪيو. ڪيس هڪ هندو امير جي هن قسم جي قدر افزائي نهايت ناگوار لڳي. ظاهر ۾ تہ خاموش ٿي ويو، ليڪن سندس دل

تي بار رهيو ۽ هندو امير لاءِ ڪجهه سوچڻ ۾ مشغول ٿيو. ان تي ڪن بدخواه ماڻهن ڪيس برغلائڻ پڻ شروع ڪيو. آخر سراج، ڏاڍي جي حڪم عدوليءَ لاءِ تيار ٿي ويو ۽ ڏاڍي جي مشوري ۽ اجازت کان سواءِ، راجا جانڪي رام کان مطالبو ڪيائين: بهار جو علاقو، منهنجي سپرد ڪيو وڃي، ورنہ ان جي حصول لاءِ مون کي ڪي سخت قدم کڻڻا پوندا.

راجا جانڪي رام عرض ڪيو:

نواب صاحب! مان هرحال ۾ اوهان جو تابع فرمان آهيان. هيءَ وقتي ڳالهہ آهي. ملڪ اوهان جو آهي، حڪومت اوهان جي آهي، مان تہ هڪ خادم آهيان. اوهان جي ڏاڏي. وقتي مصلحت کي مدنظر رکي، مون کي ان خدمت تي مامور فرمايو آهي. اهو اگر چوي تہ پوءِ مان هاڻي جو هاڻي. دستبردار ٿي سگهان ٿو. اوهان مهرباني فرمائي، ڏاڍي نواب صاحب سان بہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريو. اهو ئي طريقو نهايت مناسب رهندو، ڇو تہ هن وقت حڪومت جون واڳون انهن جي هٿ ۾ آهن.

مگر سراج الدولہ کي راجا جانڪي رام جي ان معقول جواب مان ڪوبہ اطمينان نہ ٿيو ۽ هن بهار تي حملي ڪرڻ جي تياري شروع ڪري ڏني.

(9)

راج ڪور هاڻي لطف النساء جي نالي مان ولي عهد جي راڻي ٿي چڪي هئي. نهايت دورانديش ۽ مصلحت ڪوش. سراج الدولہ جي منظور نظر هئڻ جي سبب کان شاهي محلات ۾ ڪيس وڏو اقتدار حاصل رهيو. ان جي مقابلي ۾ ويچاري عمدة النساء جي قدرت و منزلت جي شمع اجهامي چڪي هئي. عمدة النساء هميشہ ڳوڙها ڳاڙي، وقت گذارڻ لڳي.

لطف النساء سراج کي ڪافي سمجهايو تہ هو وقت جي مصلحت موجب هلڻ جي ڪوشش ڪري. مگر بدخواهن جي ڪري سراج ڪنهن بہ مصلحت انگيز قدم کڻڻ جي لاءِ تيار نہ هو. بهار تي چڙهائي ڪيائين، ليڪن ناڪاميءَ ۽ بدناميءَ کانسواءِ ٻيو ڪجهه بہ حاصل ٿي نہ سگهيو ۽ نهايت مايوس ۽ پريشان ٿي واپس آيو.

سراج جي ان قدم تي سندس ڏاڏي بزرگوار نواب علي وردي خان کي سخت صدمو پهتو. سندس ان جسارت نواب صاحب کي ڪبيره خاطر ڪيو، مگر لطف النساء وجي نواب علي وردي خان جي غصي کي ٺارڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ معافيءَ جي التجا ڪئي. اگرچه نواب صاحب غصي ۾ ڀريل هو، ۽ سراج جي صورت ڏسڻ لاءِ به تيار نه هو، ليڪن لطف النساء ”ازخوران خطا، واز بزرگان عطا“ جي مقولہ تي زور ڏيندي، نهايت متاثر انداز ۾ معذرت ڪئي. آخر نواب صاحب سراج سان ڳالهائڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

لطف النساء جي هن عظيم ڪارنامي ان خوفناڪ حادثي جو خاتمو ڪري ڇڏيو، جو ڏاڏي ۽ پوٽي جي وچ ۾ ٿيڻ وارو هو. سراج الدولہ حاضر ٿي پنهنجي ڏاڏي کان معافي ورتي ۽ تابع فرمان پوٽي وانگر تابع فرمان ٿي رهڻ جو اظهار ڪيو.

(10)

اجا ان مصالحت کي به چار ڏينهن مس گذريا ته علي وردي خان انتقال ڪيو ۽ حڪومت سراج الدولہ جي هٿ آئي. لطف النساء جو وقار ۽ اختيار اڳ کان به وڌي ويو. هاڻي هوءَ بنگال ۽ بهار جي ملڪ هئي. انتظام حڪومت ۾ سراج الدولہ جي شريڪ ڪار بلڪ پوري مختيار! سراج الدولہ ۽ لطف النساء جي باهمي محبت تعلقات ۽ طريق ڪار کي ڏسي هر ڪنهن ائين پئي چيو ته ”تاريخ پاڻ کي دهرايو آهي“ ۽ نورجهان ۽ جهانگير وري موٽي آيا آهن. چرخ گردون، دون پرور- ڪٿي ٿو ٻن دلين جو ميلاپ برداشت ڪري! فلڪ ڪج ادا جي خشم آگين نگاه هن جوڙي جي باهمي محبت کي برداشت نه ڪري سگهي!

هون به:

بيک ساعت، بيک لحظ به يک دم،<br>
دگر گون مي شود، احوال عالم.

(11)

نيٺ زماني رخ بدلايو. آسمان تي ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا. ايرج خان پنهنجي نياڻيءَ عمدة النساء جي بيڪسي ۽ بيچارگيءَ کي

برداشت نہ ڪري سگھيو، ڇو تہ سراج الدولہ جو سائس ڪوبہ تعلق نہ رهيو هو. هوءَ جڻ تہ هڪ معزول ۽ معذور شهزاديءَ وانگر زندگيءَ کي گذاري رهي هئي. ايرج خان کي سراج الدولہ سان رنج هو ۽ لطف النساءَ سان حسد!

ايرج خان، نواب علي وردي خان جي پرورده مير جعفر سان ملي، لطف النساءَ جي خلاف سازش تيار ڪئي ۽ ان کي بدنام ڪرڻ لاءِ هزار قسم جون تدبيرون بنائي ورتيون. پر، سراج الدولہ تي ان جو ڪوبہ اثر نہ ٿيو. سراج الدولہ انهن جي الزام ڌهي ۽ سازش جي ڪابہ پرواه نہ ڪئي. ان کان پوءِ انهن قتل جي ڌمڪين ڏيندي سراج کي ڊيڄارڻ شروع ڪيو، پر ان جو بہ سراج تي ڪو اثر نہ ٿيو.

آخرڪار ايرج خان ۽ مير جعفر گڏجي انگريزن سان ملي سازش تيار ڪئي.

انگريز تہ اڳ ئي بنگال ۾ اڪيون ڪپايون ويٺا هئا ۽ ڪنهن موقعي جي تلاش ۾ هئا.

چنانچہ انگريزن سازش، بهانہ جوئيءَ، غلط قسم جي دستاويزن، اميرن ۽ وزيرن جي غدارانہ روش جي آڙ ۾ سراج الدولہ سان لڙائي ڪئي. پلاسيءَ جي خونريز جنگ ٿي. عين ميدان جنگ ۾ مير جعفر لشڪر وٺي ميدان ڇڏي ويو. ۽ نمڪ حرام اميرن جي ڪري سراج الدولہ شڪست کاڌي ۽ راه فرار اختيار ڪئي.

(12)

سراج الدولہ جي مرضي هئي تہ هو مصيبت جا ڏينهن اڪيلو ئي ڪاٽي ۽ هر آفت جو مقابلو اڪيلي سر ڪري. ليڪن لطف النساء- با وفا لطف النساء، سراج الدولہ کان جدا ٿي رهڻ لاءِ تيار نہ ٿي. هوءَ سراج الدولہ سان آخري گھڙين تائين گڏ گذارڻ لاءِ پيش ڪش ڪري چڪي هئي. آبديده ٿي چيائين:

”مان تنهنجي جدائيءَ کي ڪڏهن بہ برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان. هر حالت ۾ اوهان سان گڏ گذاريندس!“

سراج الدولہ کيس آزي نيزاري ڪئي، باز آڻ لاءِ منٿون ڪيون، پر لطف النساء جي سراسر ۽ تڪرار کان مجبور ٿي ڪيس پاڻ سان وني پاٽنا ڏانهن روانو ٿيو.

(13)

هڪ ناز ۽ نعمت ۾ پليل بادشاهہ جنهن ڪڏهن بہ مصيبت جو منهن نہ ڏٺو هجي، اڄ ٽن ڏينهن کان بک ۾، پيادل پنڌ ڪري رهيو آهي ۽ ان بدنصيب شاهزادي سان سندس باوفا ۽ اطاعت شعار نازڪ مزاج راڻي بہ هم سفر آهي.

رستي ۾ لطف النساء، پنهنجي محبوب ۽ بدنصيب شوهر جي ڏاڍي خدمت ڪئي. ان جي پگهر جي قطري تي پنهنجي خون ڪي وهائڻ کان بہ دريغ نہ ڪرڻ واري هئي. اهو سراج الدولہ جو سواريءَ کان سواءِ زمين تي پير بہ رکي نہ سگهندو هو، ان جا پير سڄي چڪا آهن. تاهم نوڪرون ڪائينده اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ اها نازڪ مزاج ۽ نازڪ بدن لطف النسا جا پالڪيءَ کان سواءِ ڪٿي بہ نہ ويندي هئي ۽ سندس پردي کان سواءِ ٻاهر نڪرڻ جو ڪو امڪان ئي ڪونہ هو، اها اڄ بلڪل بيڪسيءَ جي عالم ۾ برقعي جي تڪلفات کان ٻاهر پنڌ ڪري رهي آهي. سندس پيرن ۾ لڦون پئجي ويون آهن. پيرن ما وهندڙ خون زمين کي لالہ زار بنائيندو پيو وڃي. پر هيءَ حور مثائل عورت اف بہ نہ ٿي ڪري. آخرڪار منزلن کي سٽيندي، ٻهرام جي مقام تي پهتا. ٿورو ساهہ پٽي سراج الدولہ خوراڪ جي تلاش ۾ نڪري پيو. پريشان حاليءَ ۾ هلندي اچي دانا بادشاهہ جي مزار تي پهتو. مجاورن ۽ زائرين سندس وضع قطع ۽ شاهانہ وقار کي ڏسي معلوم ڪرڻ گهريو تہ هو ڪير آهي! سراج پاڻ کي گهڻو ئي لڪايو، پر گوڏڙيءَ ۾ لعل لڪي نہ سگهيو. انعام ۽ لالچ ۾ اچي، مجاورن مير جعفر جي نياڻي، مير قاسم کي اطلاع موڪليو تہ ”اشتهاري مجرم، مفرور بادشاهہ سراج الدولہ دانا شاهہ جي مزار تي موجود آهي“. ان اطلاع ملڻ تي، ان غدار ۽ بدمعاش امير، سراج الدولہ کي اهل عيال سميت گرفتار ڪرائي مير جعفر ڏانهن اماڻيو.

مير جعفر نمڪ حرام ۽ غدار تہ اڳي ئي ثابت ٿي چڪو هو، ان جي حڪم سان سراج الدولہ کي نهايت بيدرديءَ ۽ سفاڪيءَ سان قتل

ڪرايو ويو. ۽ مقتول سراج الدولہ جو لاش تشهير ۽ تذليل لاءِ ساري شهر ۾ گهمايو ويو.

ان صدمہ جانڪاه کان ستم رسيده لطف النساء جو پيمانہ صبر لبريزٿي ويو. اڄ نہ سندس ڪو ولي ۽ والي هو ۽ نہ سندس ڪو سهارو ۽ وارث ئي بچيل هو. هڪ سراج الدولہ هو، سوبہ دشمن جي تيغ جفا هميشہ لاءِ کانئس جدا ڪري ڇڏيو هو.

سراج کان پوءِ کيس پنهنجي چئن سالن جي نياڻي سميت ڍاڪا ڏانهن جلاوطن ڪيو ويو. ڪجهہ زماني گذرڻ تي کيس مرشد آباد اچڻ جي اجازت ڏني ويئي.

ان هڪ واقعي جي ڪري، مير جعفر کي غدار، نمڪ حرام ۽ دشمن ملت جا لقب مليا. جيستائين تاريخ جا ورق موجود رهندا، تيستائين مٿس لعنت ۽ ملامت وسندي رهندي. علامہ اقبال فرمايو آهي:

جعفر ازبنگال، صادق از دکن
ننگ ملت، ننگ دين، ننگ وطن.

(14)

مرشد آباد ۾ جتي لطف النساء شاهانہ وقار سان زندگي بسر ڪندي هئي، اتي اڄ فقيرانہ حيثيت سان وقت گذاري رهي هئي. زماني جي انقلاب ۽ ان جي نيرنگيءَ جي تماشي ۾ عمر عزيز جا آخري ايام بسر ڪري رهي هئي. نہ سندس ڪو رفيق ۽ معاون رهيو، نہ امير رهيو نہ وزير رهيو. فقط هڪ چئن سالن جي نياڻي هئي، جا سندس مونس ۽ همدم هئي. اها ئي سندس ڏک سک ۾ شريڪ هئي،

ڪيترن بوالهوس اميرن کيس شاديءَ جا پيغام موڪليا الفت ۽ رفاقت جو اظهار ڪيائون. لطف النساء تہ سڀ ڪجهہ ڏسي پَسي چڪي هئي،چرخ گردان جي دون نوازي ۽ پنهنجن جي غداري ڏسي، لطف النساءَ زندگيءَ کان بيزار ٿي چڪي هئي سيني کي جواب ۾ چوائي موڪليائين:

”هاٿيءَ تي سواري ڪندڙ، ڪڏهن بہ گڏهہ تي سواري ڪري نہ ٿو سگهي“.

سڀ بوالهوس ۽ حريص ان جواب تي خاموش رهجي ويا، وري ڪنهن کي به جرئت نہ ٿي جو لفظ سوال پنهنجي زبان تي آڻي سگهن.

لطف النساء جو قيام خسرو باغ ۾ هو. جتي سراج الدولہ ۽ نواب علي وردي خان مدفون هئا. سندس دل اها ئي اميرانہ هئي. ڪيس لنگر خانہ ۽ مقبرن جي سنڀال جي سلسلي ۾ فقط 305 رپيہ (ٽي سو پنج) ملندا هئا. ظاهري طرح سان اهو وظيفو نهايت ناڪافي هو. پاڻ بلڪل سادگيءَ ۽ وقار سان زندگي گذاريندي رهي. مرحوم سراج جي مزار تي چند قاري پڻ ويهاريائين، جي قرآن ڪريم جي تلاوت ۾ مشغول رهندا هئا.

لطف النساء، سراج کان پوءِ بہ 14 سال ڪن زنده رهي. هر روز فجر نماز جي ادائگيءَ کان پوءِ شوهر جي مزار تي ويندي هئي ۽ فاتح پڙهي گلن جي چادر چاڙهي، پنهنجي روح لاءِ تسڪين جو سامان پيدا ڪندي هئي.

آخر ان لاءِ بہ پيغام اجل آيو. قدرت ڪيس ان خدمت کان بہ سبڪدوش ڪيو. سندس دل جي حرڪت بند ٿي ويئي. سراج جي اها باوفا محبوبہ حسن معصوم جي زنده تصوير - راج ڪور ۽ لطف النساء پنهنجي مظلوم شوهر جي پَر ۾ وجي آرامي ٿي. تاريخ هن مهجور ۽ مغموم ڪماري ۽ شهزاديءَ جي وفا شعاريءَ جو مثال مشڪل سان پيدا ڪري سگهندي.

عشرت قطرہ ہے دریا میں فنا ہو جانا،
درد کا حد سے گذرنا ہے دوا ہو جانا۔
(غالب)

# راٽي ڪناري

هماليہ جبل، جو هند و پاڪ جي سرزمين لاءِ سايہ خداوندي آهي، ان جي فلڪ بوس ۽ برف پوش پهاڙن تان، جڏهن فيض ۽ عرفان جا سرچشما اٿلي ٿا هلن، تڏهن ڪوثر ۽ تسنيم ڪي شرمائڻ وارا درياءَ سنڌو ۽ گنگا سطح زمين تي وهندي، ٻنهي ملڪن ڪي زندگي ٿا بخشين. سڪل ۽ نوٽ زمين سبزه زار بنجي ٿي پوي ۽ خدا جي مخلوق لاءِ اَن ارزان ٿو ٿئي. تڏهن علامہ اقبال بہ چيو آهي:

اے ہمالہ، اے فصیلِ کشور ہندوستاں،
چومتا ہے تیری پیشانی کو جھک کر آسماں،
ایک جلوہ تھا، کلیم طورِ سینا کی لئے،
تو تجلی ہے، سراپا چشم بینا کے لئے۔

ان جي ڪوهستاني سلسلي جي ڪهڙي ڪهڙي دلفريب ۽ دلستان واديءَ جو ذڪر ڪجي. ان جي سدا بهار ماٿريءَ ۾ اهڙا اهڙا دل آويز هنڌ ۽ مقام موجود آهن، جن جو تصور ئي انساني روح لاءِ فرحت ۽ انبساط جو سبب ٿو بنجي. خصوصاً وادي ڪشمير جي ڪهڙي ڳالھ ڪجي! جهانگير جي نظر ۾:

اگر فردوس بر روئي زمين ست
همين ست و همين است و همين است.

حقيقت اها آهي تہ هماليہ جي واديءَ سبزه زار جي قدم قدم تي قدرت جي ڪاريگري چانئي پئي آهي. اهڙا روح پرور ۽ وجد انگيز نظارا آهن، جن جي تعريف، ماڻهو جي زبان ڇا ڪري سگهندي!

ان طرح شملہ، مسوري، نينيتال، دارجلنگ جي پهاڙي نظارن جي بہ کهڙي تعريف ڪجي! هر هنڌ باصره نواز آهي، جتي قدرت چڻ تہ زنده ۽ باشعور حيثيت سان جلوه گر آهي.

هماليہ جي بهار آفرين وادين ۾ ڪانگڙه نالي بہ هڪ وادي آهي، جا اڳ گڏيل پنجاب ۾ شامل هئي. اهو حصو، گورداسپور جي آخري حد کان شروع ٿي، ڪُلو، سپيتي ۽ لاهول تائين ڦهليل آهي. ان خطي ۾ هڪ هنڌ ڊلهوزي تہ گويا جنت جو ٽڪرو آهي. اتي جا بجا شيرين چشما ائين پيا وهن، چڻ کير جون نهرون پيون اُتن. ضلع جي صدر مقام جو نالو آهي، ڌرمسالہ، جو نهايت حسين ۽ صحت بخش مقام جي حيثيت سان مشهور آهي.

ڌرمسالہ ۾ بہ چشما جام آهي. ان جي اردگرد وارو علائقو چانهن کان پڻ مشهور آهي. سڀ کان وڌيڪ اتي جون حسين ۽ شگفتہ مزاج، نوجوان ۽ ڪنواريون ڇوڪريون- سادگيءَ ۽ سنجيدگيءَ جون تصويرون آهن.

جڏهن اهي حسين ۽ پر شباب ڇوڪريون پنهنجن متن تي، پاٽيءَ جون ڳاگهريون کنيون پهاڙي راڳ آلاپينديون، بانهون لوڏينديون لنگهنديون آهن، تڏهن معلوم ٿيندو آهي تہ چڻ قوس ۽ قزح جي ملڪ جون اپچرائون باده شباب کان سرمست ۽ مدهوش آهن ۽ سندس خوش آوازي چڻ تہ آسمان مان لٿي آهي، سچي ڳالهہ تہ اها آهي تہ انهن جي نغمہ ريزيءَ کي ٻڌي خود وڻ ٽڻ ۽ پکي پکڻ بہ نغمي ۽ ترنم جو شعور تا حاصل ڪن. انهن پهاڙي راڳن جي ماهر هجڻ جي حيثيت سان ملڪئہ پکراج جي ڌاڪ ساري ملڪ ۾ قائم رهي ۽ ڪئين سال مهاراج ڪشمير جي دربار جي رونق بڻي آهي. انهن پهاڙي پرين جي راڳ جا ٻول، ڪجهہ هن طرح ٿيندا آهن:

مورا دن دن پڙهت سهاڳ، سيان نهين آويي ويي!

خدا جي قدرت! 19 صدي عيسويءَ جي اوائل ۾ ان بهشت جي ٽڪري ۾ سخت ڏڪار اچي منهن ڪڍيو. اتي جي رهاڪن جي زندگي زهر ٿي ويئي! ان جي داڻي داڻي لاءِ ماڻهن پئي واجهايو.

لاچار تي، ڪانگڙه جا رهاڪو پيٽ گذر سانگي پنجاب جي ميداني علائقي ۾ لهي آيا.

ان ڪال جو ذڪر آهي ته ويچارن پهاڙي ماڻهن پنهنجا ٻار ٻن ٽن روپين ۾ پئي وڪيا، ڪيئي ٻي گهر ۽ لاوطن ڪٽنب هوشيارپور، جالنڌر ۽ امرتسر تائين ٽڙي پکڙي ويا.

ويچاري انسان کي ڇا ڇا نه ڏسڻو ۽ سهڻو ٿو پوي! لطيف واه جو چيو آهي:

سنجريس تان سورَ، ساماڻيس ته سُک ويا،
اهي ٻئي پور، نماڻيءَ نصيب ٿيا.

ڳالهه ڪناڻي: خدا جو هڪ ڏينهن ٿيو جو هڪ قافلي سان همرام، ڏرم سال جون ٻه نينگريون، هوشيارپور ۾ اچي لٿيون.

هوشيارپور پهاڙ جي ڪَڇَ ۾ آهي ۽ هي اهو شهر آهي جتي پهاڙي ماڻهو پهچي پائيندا آهن ته ڪنهن نئينءَ ولايت ۾ آيا آهيون.

ٻنهي نينگرين جي قسمت اتي اچي توڙ ڪيو جو هو هڪ معمولي ۽ ردي هوٽل واري وٽ انين آني ماهوار پگهار تي برتن صاف ڪرڻ لاءِ اچي بيٺيون! ڇا لڳن نازڪ اندام ۽ حور مثل نينگريون، ۽ ڇا لڳي برتنن کي صاف ڪرڻ ۽ ڇا لڳي اٺ آنا ماهوار پگهار!

هفتا گذريا ۽ مهينا گذريا. ٻنهي جي رنگ ۽ رونق ۾ دلڪشيءَ دلاويزيءَ جا گڻ پيدا ٿيا. خاص طرح سان ننڍي نينگري ته اصل شعاع ٻنجي پيئي. ان پري چهره ڇوڪريءَ کي ڄڻ حسن جي قالب ۾ پلٽ ڪري ٺاهيو ويو هو. گوري رنگت، نڪ نقشو مناسب، سروقد، هرڻ ورنيون اکيون، پروون ڪارا جهڙا پوئر، سندس نمايان خصوصيت هئي. سندس صراحي دارگردن، جنهن ۾ جڏهن موتين جو ست سرو هار تي پيو، تڏهن سندس حسن ۾ جادو ٿي جاڳيو. ان آفت جان جو نالو هو '**ڪناري**'.

ٻنهي ڀينرن جي حسن ۽ جمال جي شهرت پري پري تائين پهتي. ماڻهو پنڌ ڪري اچي نينگرين کي ڏسندا هئا ۽ الله جي تعريف ڪندي موٽندا هئا.

رياست ڪپورٿلہ جو هڪ پنڊت نالي مرتنجا، رياست ۾ رشتي ناتي جو پيشو ڪندو هو. پنهنجي فن جي افلاطون پنڊت جي ڪنن تائين، جڏهن نينگرين جي سونهن ۽ سوڀيا جي پڙڪ پهتي، تڏهن هلي آيو هوشيارپور. ان هوٽل تي اچي رسوئي واپرايائين، جتي نينگريون ملازم هيون. پنڊت جي گرهہ تي رام رام ڪندي ڇوڪرين جي سوڀيا ڏسي هوش وڃائي ويٺو. هري رام هري رام چوندي پئي سوچيائين، ههڙيون اپڇرائون، ههڙي هوٽل واري وٽ ٽهليون! رام رام! روٽي ڪائي هوٽل واري کي ڏنائين پاسو. ڪلدارن جي ڇڻ ڇڻ تي هوٽل وارو موهجي ويو. سودو پڪو ٿيو، پنڊت جي ٻنهي نينگرين کي وٺي ڪپورٿلہ روانو ٿيو.

پنڊت جي ايندي شرط، اچي مهاراجا ڪپورٿلہ کي ٻُلتا ٻڌا. نينگرين جي تعريف ۾ زمين ۽ آسمان هڪ ڪري ڇڏيائين. في الحال ٻئي نينگريون راجا جي حرم سراءِ ۾ ملازمت تي لڳايون ويون.

ڪپورٿلہ، وچ پنجاب جو نهايت حسين ۽ با رونق شهر هو، جو نهايت شاداب ۽ سبزه زار هنڌ تي آباد هو. بين ندي شهر جي قريب وهي سندس حسن کي دؤبالا ڪيو ويٺي هئي. شهر جي آس پاس لوڪيلپٽس ۽ پوپار جا بلند قامت وڻ، جڻ پهريدارن وانگر ٿي لڳا. ڪپورٿلہ جي سرسبزي ۽ شادابي ڏسي سياح کيس انگلنڊ جي سرسبز هنڌ 'سري' سان تشبيهہ ڏيندا هئا.

رياست جو والي مهاراجا جڳت جيت سنگهہ پنهنجي دور جو روشن ضمير ۽ نيڪ نفس حڪمران هو. ان جي دربار جي شوڪت، وزراء ۽ امراء جي فراست جي ڌاڪ جي کهڙي ڳالهہ ڪبي. مهاراجا جا ٻہ وزير: عزيز بخش ۽ ديوان رانجس جهڙا دانشمند، واسطو ۽ افلاطون کي مات ڪيو ويٺا هئا. اهي ٻئي وزير باتدبير پنهنجي نيڪ نيتيءَ جي ڪري هر دلعزيز هئا. ان طرح راجا بہ پنهنجي سخاوت ۽ سڃاڻپ جي ڪري رعيت کي ڏاڍو پيارو ٿي لڳو. راجا پنهنجي ذوق جمال جي تڪسين جي خاطر شهر کي ڪنوار وانگرسينگاريو ويٺو هو. مهاراجا جهان گشت هو ۽ هفت زبان هو. هو هر ٽئين سال يورپ جي دوري تي ويندو هو ۽ اتي جي مشهور عمارتن ۽ دلفريب سير گاهن کي ڏسي انهن

جا نقشا ڪڍائي، ڪپورٿلہ ۾ هوبهو اهڙيون جايون تعمير ڪرائيندو هو. ايتري قدر جو فرانس جي لوئي خاندان وارن بادشاهن جي شهره آفاق، ورسيلز پليس جي نموني تي پڻ هڪ محلات نهرايائين. ان طرح انگلنڊ جي مشهور فرم ويرنگ اينڊ گلو جي ڪارپردازن، نهايت بيش بها سامان سان اڇي ان محلات کي سينگاريو. ان محلات کي ڏسڻ پسڻ لاءِ پري پري کان ماڻهو پنڌ ڪري ايندا هئا. سچي ڳالهہ اها آهي تہ مهاراجا جي دور ۾ ڪپورٿلہ کي پڻ هنرمندانہ سليقي سان سينگاريو ويو ۽ هزارن قسمن جا گل لڳائي، شهر جي حسن کي دوبالا ڪيو ويو.

مهاراجا جي بي تعصبي بہ ضرب المثل هئي. ان جو ان کان وڌيڪ بيو ڪهڙو مثال تي سگهي ٿو، جو تقسيم کان اڳ پنهنجي مسلمان رعيت جي دلجوئيءَ خاطر مراڪشي طور جي هڪ شاندار جامع مسجد نهرايائين، جنهن جي آرائش و پيرائش جو مثال ملڻ مشڪل آهي. اها مسجد ديوان سر عبدالحميد وزير اعظم جي نگراني هيٺ لکن رپين جي خرچ سان نهي تيار ٿي. اها پڻ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو تقسيم کان پوءِ بہ ان مسجد جي رونق ۽ آباديءَ ۾ ڪوبہ فرق نہ اچڻ ڏنو ويو آهي.

مهاراجا جي شادي 1890ع ڌاري ٿي هئي. اها ڀهرين راڻي علاقي ڪانگڙه جي مشهور تيرٿ بيجنات پيرولہ جي رهواسي هئي. ان زماني ۾ ايجنسي ڪائونسل جي ميمبرن جي اها خواهش هئي تہ مهاراجا جي شادي راجپوت خاندان ۾ ڪرائجي. چنانچہ ان زماني جي پوليٽيڪل ايجنٽ جي ڪوشش سان اها آرزو پوري ٿي. شاديءَ جو جلوس هاٿين تي روانو ٿيو ۽ ٽن ڏينهن تائين شاهانہ جشن هلندو رهيو.

پرم جيت سنگهہ ۽ ڪنورمچيت سنگهہ ان مهاراڻيءَ مان پيدا ٿيا. ٻئي شهزادا نهايت نفيس طبع هئا. خصوصاً ڪنور صاحب پنهنجي خوش طبعي ۽ شاهانہ مزاج جي ڪري ڪپورٿلہ کان ٻاهر پوري ملڪ ۾ هر دلعزيز شمار ڪيو ويو. آخرڪار وزير بہ ٿيو، ڳالهہ ڪناٺي، مهاراجا جي محل پهچندي شرط ڪناريءَ جي قسمت جو ستارو چمڪي اٿيو. يا ائين ڪٺي چئجي تہ مٿس سايہ هما پئجي ويو. هڪ تہ فطرتاً دانشمند ۽ ذهين هئي، ٻيو سندس طالع بيدار. ان ڪري سندس شخصيت، هٽي

وچي هنڌ ڪيو. سڀ جون دليون موهي، ڪٺي مٺ ڪيائين. ڪتابي علم ته ڪونه هوس، پر فطري صلاحيتن ڪيس ذات سان نوازيو هو.

هڪ ڏينهن خدا جو اهڙو ٿيو، جو مهاراجا جيئن شڪار تان واپس موٽي، پنهنجي ڊرائنگ روم ڏانهن وڃي رهيو هو، تيئن اتفاق سان ان ڪمري جي آرائش ۽ صفائيءَ ڪا پوءِ ڪناريءَ قد آدم آئيني اڳيان بيٺي وار سنواريا. راجا لنگهيو، ڪناريءَ پنهنجي معصومانه ادائن جو جادو جاڳايو. ڦٽي ڦوڪاري ڪندي مرڪي ڏنائين. ان معصومانه مُرڪ راجا کي وڍي وڌو. راجا ان انداز ڪان دل ڦرائي وينو. راجا جي اچڻ تي، ٻئي طرف ڪناريءَ حواس باختگيءَ ۾ اچي رئي سان منهن کي ڍڪي فرش تي ادب سان ويهي رهي.

مهاراجا ان جي معصومانه ادا کان متاثر ٿيندي شرط اٿي سندس متي تي هٿ رکيو. سندس متو پنهنجي هٿن ۾ جهلي ڪيس اٿاريو ۽ گلي لڳايو. ڳالهه ته اک چنڀ ۾ آئي ۽ وئي، پر ٻنهي دلين ۾ درد دکائي وئي.

ڪناري ويچاريءَ کي ته گمان ۾ به نه هو ته ڪو راجا ڪيس ايترو اعزاز بخشيندو. ويچاريءَ کان خوشيءَ جا ڳوڙها وهي هليا، بيشڪ:

عشق است و هزار افسون، حسن است و هزار آئين،

نی من شمار آيم، نی تو به شمار آئی.

اهو رومان پرور لمحو ته جهٽ گهڙيءَ ۾ گذري ويو، پر ڪناريءَ جي دل تي ڪا چوٽ ڪاري لڳي هئي. ان جي طبيعت ۾ ڪو سڪون نه رهيو. ويچاريءَ جي ننڊ حرام، ننڊ ته ننڊ، پر جاڳ ۾ به اڻ ڏٺل سپنن جي جادوءَ ۾ پئي پاڻ کي وندرائيندي هئي.

ٻئي طرف مهاراجا به ڪناريءَ جي معصومانه ادائن ڪان گهائجي چڪو هو. ڪيس دل جي لڳن ۾ ايترو جوش پيدا ٿيو، جو گهڙي به اکين کان پري رهڻ ڪيس ناگوار ٿي گذريو.

ان زماني ۾ اگرچ ٻيا واليان رياست پنهنجي نفاست طبع ۽ خوش ذوقيءَ جي ڪري مشهور هئا، پر سڀ مهاراجا ڪپورٿله جي ذوق سليم جي برتريءَ کي مڃيندا هئا. ڪناريءَ جي ڪپورٿله اچڻ کان اڳ،

ڪيئي ڀيرا مهاراجا يورپ جو سير ڪري آيو هو. سندس جوهر شناس نگاهن يورپ جي جلون ڪي چڱيءَ طرح پرکيو هو. اتي جي اميرن جي تهذيب ۽ شائستگيءَ کان بہ متاثر ٿيو هو. لهاذا قدرتي طرح سان اها تمنا پيدا ٿي تہ سندس شريڪ حيات ۾ سليقہ مندي ۽ شائستگيءَ جا اهي ئي جوهر هجن، جيڪي يورپ جي شاهزادين ۾ موجود آهن. چنانچہ راجا کي ڪنواريءَ جي تربيت لاءِ کيس يورپ ڏانهن نيڻ جو فڪر پيدا ٿيو.

اها ڳالهہ تہ نهي، پر مشڪل مسئلو اهو اچي پيدا ٿيو جو ان زماني جي ڪن رياستي شهزادن جي بدعنوانين جي ڪري انگريزن، رياستي راجائن جي يورپ وڃڻ تي بندش وڌي هئي، خاص طرح سان مهاراجا ڪپورٿلہ جي ڪنهن موقعي تي خود داريءَ جي ڪري کيس شملہ تائين وڃڻ جي بہ منع ڪيل هئي. ان ڪري راجا پنهنجي رياست ۾ چائل شهر ۾ جي گرميءَ جا ڏينهن گذاريندو هو. انهن حالتن ۾ راجا لاءِ اها بہ مشڪل پيدا ٿي تہ هڪ ڪنواري ڇوڪريءَ پاڻ سان گڏ يورپ ڪيئن وٺي وڃي، جيئن راز، راز ئي رهي.

آخرڪار گهڻي سوچ ويچار کان پوءِ، ڪنواريءَ کي مردانہ لباس پهرائي يورپ وڃڻ ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ۽ اتي کيس تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ، فرانس جي مشهور درسگاه ۾ داخل ڪيو ويو.

يورپ جي آب و هوا ۽ اتي جي اعليٰ تعليم ۽ تربيت، سون تي سهاڳي جو ڪم ڪيو. ڪناري ٻن ٽئن سالن ۾ اهڙي هوشيار ٿي وئي جو يورپ جي شهزادين کي مات ڪري ڇڏيائين. ان سان گڏ درباري آداب کان بہ آشنا ٿي. سندس حسن ۽ سليقي کان يورپ جو درو ديوار لرزي اٿيو ۽ سندس تصويرون علمي ۽ ادبي رسالن ۾ ڇاپيون ويون.

جڏهن ڪناري سيني خوبين کان آراستہ پيراستہ ٿي چڪي، تڏهن مهاراجا ساڻس شادي ڪري، کيس ڪپورٿلہ ۾ علحده محلات ۾ اچي رهايو.

ڪناري يورپ ۾ اهڙي شهرت حاصل ڪئي، جو هڪ ڀيري دربار ۾ جڏهن آئي، تڏهن ملڪ وڪٽوريہ بہ سندس حسن و جمال، شخصيت، سيرت ۽ سليقي جي ساراه ڪرڻ کان رهي نہ سگهي.

ڪناريءَ کي پهرين جا ڏيءَ ڄائي، سا جوان ٿيندي، منديءَ جي راجا صاحب جي محل جي زينت بڻي. سندس پٽ پرنس ڪرم جيت سنگهه پنهنجي والده جي حسن ۽ خوبيءَ جو اهڙو مرقع ساماڻو، جنهن جي جيتري تعريف ڪجي، اوتري ٿوري. اهو پرنس ڪناريءَ جو ڏوهٽو هو.

مهاراجا بهرحال يورپ جي هر وڏي ملڪ ۾ سال به سال سير و سفر تي ويندو هو. چنانچه، اسپين جو ڪنگ انفوسو، قيصر جرمني، آسٽريا جو شهنشاهه، فرانس جو جوزف، سندس يارغار بنجي چڪا هئا.

ڪناري هر هنڌ پنهنجي حسن و جمال جو جادو جاڳائيندي رهي. سڀ سندس تعريف ڪندا هئا، پر ڪنهن کي خبر!

آئين جهان گاهي چنين، گاهي چنان!

چرخ نيلو فري جي هڪ جنبش مان وڏا وڏا شاهان گردون وقار پيوند خاڪ ٿي ويا. ڪيئي پري تمثال شهزاديون، اکن ڇنڀ ۾ تخت تان ڪري وڃي پٽ پيون. انهن جو زوال تاريخ جي ورقن ۾ اڄ به ماتم ڪنان آهي.

آخر ٿيو هيئن، جو اها ڪناري، جا اڳ شمع محل هئي، راجا جي اکين جو تارو هئي، يورپ جي محفلن جو سينگار هئي، يڪايڪ ان جي قسمت ۾ اهڙو چڪر آيو، جو سندس اقبال جو سورج ڏسندي ڏسندي غروب ٿي ويو!

جيئن مٿي عرض ڪيو ويو آهي ته مهاراجا هر ٻئي ٽئين سال يورپ جي سير وسفر تي ويندو هو، بلڪ ائين ڪٿي چئجي ته جي گورنمينٽ جي منع نه هجي ها ته هوند هميشه لاءِ يورپ ۾ رهي پوي ها. اهو ظاهر آهي ته ڪيس يورپي تمدن سان دلي وابستگي پيدا ٿي چڪي هئي ۽ سندس انداز نظر يڪسر يورپي ٿي چڪو هو. ان سان گڏ هرڪو ڄاڻي ٿو ته بادشاهن ۽ راجائن جي دل سيمات صفت هوندي آهي. نه سندن وفا شماري جو قدر هوندو آهي ۽ نه عاقبت جو خوف ۽ خطرو.

هڪ رات جو ذڪر آهي. پيرس جي اوپرا هائوس ۾ هڪ ايڪٽريس پنهنجي ڪمال فن جو مظاهرو ڪري رهي هئي. اها هڪ شاهانه ناز ۽ رعب واري حسينه هئي. سندس سروقد جسم ۾ اسپيني

خون موجزن هو. سندس ڪلاسيڪي حسن وارو معصوم چهرو دل ڪشيءَ لاءِ ڪافي هو. ان سان گڏ اکيون، ان ۾ ته ڄڻ موتي ۽ هيرا پريا ويا هئا.

ان ايڪٽريس جي فني مظاهري حاضرين کي سڪتي ۾ آڻي ڇڏيو. ان جو تيرنظر مهاراجا جي دل ۾ کپي ويو ۽ راجا صاحب هارائي وينو. آهسته آهسته فريفتگيءَ ۽ شيفتگيءَ جي اها حد پهتي جو راجا ان کان سواءِ ماهي بي آب وانگر تڙپڻ لڳو. چنانچه ان سان رشته ڳنڍڻ کان سواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نه رهيو. آخر ڪجهه ميل ملاقات، قيل قال ۽ عهد و اقرار کان پوءِ، ايڪٽريس شاديءَ تي رضامندي ڏيکاري. راجا صاحب دير مدار نه ڪئي، فوراً شادي ڪري ورتي ۽ ڪجهه وقت جي قيام کانپوءِ، يورپ کان ڪپورٿله آيو ۽ ايڪٽريس جو نالو راڻي پريم ڪور رکيو ويو ۽ کيس نئين فرانسيسي محل ۾ رهايو ويو.

راڻي ڪناري، هن پهاج جي وار کان پاڻ کي بچائي نه سگهي. راجا جي هن ڪم، سندس شيشه دل کي چور چور ڪري ڇڏيو. نتيجو اهو ٿيو جو رات ڏينهن خون جگر پٽيندي، گذارڻ لڳي. ان صدمه جانڪاه هن حسن و جمال، فراست ۽ دانش جي پتليءَ کي ڳاري وڌو کيس دق جهڙي موذي مرض اچي پنهنجي گرفت ۾ ورتو، ائين ڪنج خلوت ۾ دائم المريض ٿي، پاڻ کي ڳاري ماري ڇڏيائين. سندس فوتگيءَ جي خبر تي ساري رياست ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ سندس لاش جڏهن شمشان يومي ۾ پهتي، تڏهن رعايا اهڙو ماتم ڪيو جهڙو نه ڪنهن ڏٺو نه ٻڌو. راوي اشڪبار اکين سان هيءَ تاريخي روايت بيان ڪئي، جا اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپي ۽ اسان اوهان لاءِ بيان ڪئي. دنيا فاني آهي. اسان به راڻي ڪناريءَ جي ذڪر کي اشڪبار اکين سان ڇڏيون ٿا. بيشڪ، هميشه رهي نام الله ڪا.

# سعيده

(1)

بچہ سقہ جي عروج جو خاتمو ٿي ويو ۽ امان الله اٽليءَ ڏانهن روانو ٿي چڪو. هاڻي غازي قادر خان ۽ ان جي پائرن جي حڪومت آهي. ساري افغانستان ۾ امن و امان قائم ٿي چڪو آهي. ڪابل ۾ دوباره رنگيني پيدا ٿي چڪي آهي.

شام جو وقت آهي. چنڊ پوري آب و تاب سان جلوه افروز آهي، سامهون قطب تارو چمڪي رهيو آهي. ٻئي طرف اوڀر کان هڪ ستارو طلوع ٿي، رفتہ رفتہ وڌي رهيو آهي، جو چنڊ سان گڏ مغرب ڏانهن صبح تائين پهچندو.

ان وقت ٻہ نوجوان هڪ پترائين چپ تي وينا آهن. سامهون سربلند پهاڙ آهي، جو پنهنجي عظمت ۽ جبروت جي غرور ۾ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي.

هڪ نوجوان: ياءُ عبدالخالق، ٻڌاءِ، زماني جو ڪهڙو حال آهي؟

عبدالخالق- برادرم باقي! اهو تہ تون بہ ڏسي رهيو آهين. امن تہ ٿي ويو آهي، پر ڄڻ تہ آگ دبجي چڪي آهي، پوريءَ طرح وساڻي ناهي.

باقي- وساڻي ناهي اهو ڪيئن؟

خالق - بچہ سقہ تہ ويو، پر ان جو اثر اجا تائين موجود آهي. امان الله بہ ويو، پر ان جا حامي اجا بہ ڪيس واپس آڻڻ ۾ سرگرم آهن.

باقي - مگر امان الله هاڻ ڪيئن ٿو واپس اچي سگهي؟

خالق - باه ضرور پڙڪو ڪائيندي. ممڪن آهي اجا بہ ڪو ٻيو انقلاب اچي ۽ نادر خان بہ پيرس جي راه وٺي!

باقي - يائي - ديوار هم گوش دارد! اهڙن خيالن جو برملا اظهار مصلحت جي خلاف آهي.

خالق - مان امان الله جو حامي ناهيان. هو بزدل هو، ملڪ کي ڌاڪوءَ جي حوالي ڪري هليو ويو.نادر خان بهادر آهي، جنهن بي سرو ساماني ۾، بچہ سقہ جو خاتمو ڪري ڇڏيو. مون تہ درپرده حالتن ڏانهن اشارو ڪيو آهي، ورنہ مان تہ موجوده حڪومت لاءِ سر بڪف ٿيڻ لاءِ تيار آهيان.

باقي - شاباس، آفرين. اسان تي فرض آهي تہ هن حڪومت جي خدمت ڪريون.

خالق - مان حالات جي نزاڪت کان واقف آهيان. قوم جي بهتري صلح ۽ امن ۾ آهي.

باقي - بيشڪ ملت جي هر فرد تي اهو فرض آهي.

ان طرح ڳالهائيندي سير و تفريح ڪري، شهر ڏانهن روانا ٿيا.

(2)

- سعيده- غلام صديق جي زال، بيحال پريشان، هيڏي هوڏي گهمي ڦري رهي آهي ۽ دل ئي دل ۾ ڪجهہ ڳالهائي رهي آهي.

- خالق، ڪالهہ کان نظر نہ آيو آهي. ڪهڙو نہ حسين ۽ خوبصورت نوجوان آهي. ان جي ياد ستائي رهي آهي. رات جي ننڊ حرام ٿي چڪي آهي، ڪوبہ ڪم پڄي نہ ٿو.

- آه نادر خان! ان اسان جي مايہ ناز هستين کي ختم ڪري ڇڏيو. غلام نبي ۽ غلام جيلاني جو عيال عذاب ۾ آهي. هو ڪڏهن بہ هت واپس اچي نہ سگهندا. مگر صديق تہ واپس اچي سگهي ٿو. ليڪن نادر خان جو ٿو واپس اچي؟

- اهي صدما ئي مون لاءِ ڪافي هئا. ليڪن محبت جي تير زخمي ڪري ڇڏيو اٿم. خالق بہ نہ ٿو مڃي. ڪاش هو ئي اسان جي بيڪسيءَ جو سهارو بنجي! اڄ باغ ۾ وڃان، ان کي دام ۾ آڻڻ جي ڪا ڪوشش ڪري ڏسان.

فوراً خادم کي اطلاع ڪري، ٻن ننڍڙن ٻارڙن سان باغ ڏانهن رواني ٿي گلن جي واس وٺڻ لڳي. مکڙين جي معصوميت کان لطف اندوز ٿيندي، دل ۾ تمنا ٿيس تہ ڪاش مون ۾ بہ اهڙي شگفتگي ۽ تازگي پيدا ٿي سگهي ها!

هڪ طرف غور سان ڏنائين، ڪير؟ معلوم ٿئي ٿو ته خالق آهي! سعيده ٻه چار قدم ڪنيا، خالق ڪيس ڏسي وڻن جي آڙ ۾ لڪي ٿي ويو. آخر سعيده ڪان ڪٿي تي لڪي سگهيو. ٻليءَ وانگر وجي مٿس ڪڙڪي.

پيارا خالق! تون منهنجي محبت جو ڪوبه قدر نه ٿو ڪرين. ڪڏهن ائين به ٿيو آهي، جو هڪ اعليٰ خاندان جي شريف عورت، ڪنهن شاگرد لاءِ مون وانگر حيران ۽ پريشان رهي.

خالق - مان حتي الامڪان دلجوئي ڪريان ٿو. مون کي پڙهڻو به آهي ۽ خفيه طور تي ملڻو به آهي. بس مان تنهنجو ئي آهيان، پر اهو ٻڌاءِ ته جيڪڏهن والدين مون کي ڪڏي ڇڏين ته پوءِ...

سعيده - فڪر نه ڪر (ٿيلهي ڏيندي) هي سؤ اشرفيون في الحال ڏيانءِ ٿي، ان کي خرچ ۾ آڻ. ضرورت آهر سڀ ڪجهه حاضر آهي، جان به قربان!

خالق - (اشرفيون وٺندي) نه نه، تون ڪو فڪر نه ڪر، مان ڪوشش ڪندس، جيئن ڪنهن محفوظ جاءِ تي پاڻ ۾ ملي سگهون.

سعيده- دوست! باغن ۾ يا عام رستن تي ملڻ سان شايد راز فاش ٿي وڃي.

خالق - مان پنهنجي چاچي سان ڳالهه ڪندس. اميد ته هو ڪانه ڪا وات پيدا ڪندو.

سعيده- مڃيندو ڪيئن نه؟ ويهه اشرفيون ڪيس ڏجاءِ.... باقي سياڻي. خالق — چڱو هاڻي تون به وڃ، ٻه شاگرد پيا اچن.

سعيده دل ۾ خوش ٿي ته شڪر آهي جو خالق نيٺ راه تي آيو.

(3)

خالق ۽ باقي، دستور موجب سير و تفريح ۾ مشغول آهن. ٿڌي هوا گهلي رهي آهي. ٻئي شهر ڪان دور نڪري چڪا آهن. هڪ وڻ تي ٻه پکي پاڻ ۾ پيار ڪري رهيا آهن.

باقي - محبت به عجيب چيز آهي، پکي به پيار ڪان خالي ناهن.

خالق — بيشڪ محبت ڪانسواءِ زندگي بي لطف آهي. پر توکي ڪهڙي خبر ته محبت ڇاهي؟

باقي – بلڪل، مان ته ان ڪان اڄا تائين بي بهره رهجي ويو آهيان. ٻڌو اٿم ته عاشق معشوق تي جان ڏئي ٿو ۽ معشوق عاشق تي قربان ٿئي ٿو!

خالق- ائين تمام گهٽ ٿئي ٿو. معشوق عاشق تي جان ڏئي، ليڪن....

باقي- ليڪن ڇا؟

خالق- ڪجهه نه!

باقي- تاهم!

خالق- تاهم ڇا؟ اگر محبت سچي آهي، جذبو ڪامل آهي ته پوءِ معشوق به عاشق تي وڃي ٿو.

باقي- توکي ان جو تجربو ٿي چڪو آهي. ٻڌو اٿم ته تون به ڪٿي گرفتار ٿي چڪو آهين.

خالق- نه، اهڙا واقعا ته روزمره مشاهدي ۾ اچي وڃن ٿا.

باقي- ڀلا اها عورت ڪير هئي، جنهن سان ان ڏينهن مليو هئين؟

خالق- ڇا ٻڌايان، مون تي ڏاڍي مهربان آهي. مون سان پيار ڪري ٿي!

باقي- پوءِ ته پئون ٻارنهن! ڪا اميرزادي آهي؟

خالق - ها! امير.... جنرل غلام نبي ۽ جنرل غلام جيلانيءَ جي ڀاڄائي- ۽ جنرل محمد صديق جي اهليه.

باقي - تڏهن تون آپي ۾ ناهين ۽ پڙهڻ به وسري ويو اٿئي.

خالق - ميان پڙهي ڇا ڪبو. اڄايو سر کپائڻو آهي. روٽي ته پئي ملي، ٻيو ڇا کپي.

باقي - ليڪن خبردار رهجان.

خالق - ڇا ٿيندو؟ راز فاش ٿيندو ته پوءِ - عشق ڪي ڏبو؟

(4)

ڪيترن ڏينهن کان خالق جي چاچي جي گهر ۾ اچڻ وڃڻ جو انتظام ٿي چڪو آهي. هر ٽئين ڏينهن پنهنجي پيءُ جي گهر وڃڻ جي

ٻهاني سان سعيده اتي پهچي وڃي ٿي. چاچس ٻه ڏاڍو خوش آهي. سعيده کي خالق جو انتظار آهي، جو اڃا نه آيو آهي.

سعيده - اڄ ڏاڍي دير ڪئي اٿس، منهنجي واپسيءَ جو وقت ٿي چڪو آهي!

چاچو - ڪلهه پڙس کي سڀ ڪجهه معلوم ٿي چڪو آهي، شايد ان روڪيو اٿس.

سعيده - پر اوهان وٽ اچڻ وڃڻ تي روڪ ڪانه هونديس. جڏهن مون سڀ خوف ۽ خطرا برداشت ڪيا آهن ته پوءِ ڪيس پيءُ جو خيال نه ڪرڻ گهرجي!

ائين ڪندي خالق اچي نڪتو، نهايت مايوس پئي نظر آيو. سعيده پڇيا ڪيس ته ڇا معاملو آهي؟ ايتري دير؟

خالق - راز فاش ٿي چڪو آهي، مون کي قطع تعلق لاءِ چيو ويو آهي.

سعيده - پوءِ.

خالق - مون کان ائين ٿي نه سگهندو! تو مون تي جادو ڪري ڇڏيو آهي.

سعيده - جادو؟ جادو ڪا چيز ناهي. هي منهنجي محبت جو اثر آهي!

خالق جي حالت تمام خراب هئي. اکيون نمناڪ، چهرو زرد، لب تي آه و فغان!

اگر اها حالت رهي ته پوءِ زنده رهي نه سگهندس. ڇا والدين به اهڙا ظالم ٿين ٿا ۽ وري منهنجا والدين، اف!

سعيده - حوصلو ڪرڻ گهرجي، انهن کان علحده ٿي وڃ! چاچي وٽ رهه، مان تنهنجو سارو خرچ ڏيندي ايندس.

ايتري ۾ چاچس اچي ٿو، سعيده ڪيس سارو حال ٻڌائي ٿي. اخراجات ادا ڪرڻ جو وعدو دهرائي ٿي.

چاچو- هن جو پيءُ بيوقوف آهي. سعيده! تون ڪوبه خيال نه ڪر. هي مون کي پنهنجي جان کان به عزيز آهي. اوهان ٻئي بيفڪر رهو.

سعيده - اوهان جي وڏي مهرباني چاچا! هڪ ڏينهن ڏسندئو ته خالق وڏو ماڻهو ٿيندو ۽ ماڻهو سندس منزلت تي رشڪ ڪندا.

چاچو - آمين!

سعيده - بشرطيڪ منهنجي چوڻ تي عمل ڪندو.

چاچو - ڇو نه ڪندو.

خالق - مان ته جان به قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

سعيده - بيشڪ مون کي تنهنجي زندگي درڪار آهي. مان تنهنجو وار به ونگو ٿيڻ نه ڏينديس. پهريائين مان مرنديس، پوءِ ڪو تو ڏي اک کڻي نهاريندو.

خالق - مان تنهنجو ادنيٰ غلام آهيان.

چاچو - مان اوهان جي هر طرح مدد ڪندو رهندس.

چاچس ائين چئي ٻاهر نڪري ويو. سعيده ۽ خالق خلوت ۾ ڳالهائيندا رهيا. ڳالهين کان پوءِ سعيده گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿي. خالق بادل ناخواسته کانئس موڪلايو. سعيده خدا حافظ چوندي رواني ٿي ويئي.

عبدالخالق ائين بت وانگر نهاريندو رهيو. آخر قدري هوش ۾ آيو.

هيءَ آخر چوي ڇا ٿي؟ ڇا مان اهو ڪم ڪري سگهندس! نه نه ڏاڍو مشڪل آهي. امان الله جي واپسي محال آهي. نه غلام جيلاني زنده هوندو ۽ نه غلام نبي واپس اچي سگهي ٿو. پر جي صديق زنده آهي ته پوءِ ان جي واپسيءَ جو ڪجهه امڪان آهي. پر جيستائين نادر خان آهي، ان جو اچڻ به مشڪل آهي. سعيده، تو مون کي پهاڙ سان متي هڻڻ لاءِ آماده ڪيو آهي. ڇا تو مون کي فرهاد سمجهيو آهي؟ ڇا مان ڪوهڪن آهيان؟ هائو! سڀ ڪجهه ڪندس، پنهنجي شيرين لاءِ هر مهم کي فتح ڪندس. سعيده! ٻئي ڄڻا گڏجي ڪنداسين. بيشڪ افغانستان جو تخت ۽ تاج اسان جا آهن!

هي لفظ ايترو ته ڏاڍيان چيائين جو ٻڌندي شرط چاچس اندر گهڙي آيو ۽ چيائينس عبدالخالق، سودائي ته نه ٿيو آهين! هي ڇا پئي چيئي؟ هوش جون ڳالهيون ڪر. عبدالخاق ڇرڪ ڀري چيو، بلڪل نيڪ ٿو چوڻ، چاچا.

(5)

اڄ عبدالخالق ڏاڍو خوش آهي. ڪيس سعيده پنهنجي مڪان تي گهرايو آهي، جڏهن ته ڪيس هفت ڪشور جي شاهي ملي چڪي آهي. پر تڪلف طعام واپرايائين، چانهن پيتائين ۽ ان کان پوءِ تازو ميوو کاڌائين.

جڏهن کاڌي کان فارغ ٿيو، تڏهن غلام صديق جي پائرن جون زالون اوچتو اندر لنگهي آيون. هي بي پرده هيون، انهن کي ڏسي، خالق حواس باخته ٿي ويو ته هيتريون عنايتون اڄ ڇو ٿي رهيون آهن.

جنرل غلام نبيءَ جي اهليه چيو: عزيز من خالق! تون ڄاڻين ٿو ته اسان تي ڪيترو نه ظلم ڪيو ويو آهي. مان بيوه ٿي چڪي آهيان. غلام جيلانيءَ جي اهيله به بيوه ٿي چڪي آهي. صديق جي اهليه - تنهنجي سعيده بيوه ٿي چڪي آهي! جيستائين هيءَ حڪومت قائم رهندي، تيستائين غلام صديق جو اچڻ ناممڪن آهي. اسان جا ٻار يتيم ٿي چڪا آهن. اسان جو نه ڪو وارث رهيو آهي ۽ نه ڪو والي! بس هڪ توتي ڀروسو آهي. تون مدد ڪندين ته پوءِ هڪ نئون دور اچي سگهي ٿو. عوام خوشحال ٿي سگهي ٿو. اڄ ته اسان سڀ قيدي نظر بند ۽ گرفتار آهيون.

خالق - منهنجي ذمه ڪهڙو ڪم آهي؟ مان هر طرح حاضر آهيان!

غلام جيلاني جي اهيله- بس اهو نادر جو خاتمو!

خالق - مان ڪيئن ڪري ٿو سگهان؟

سعيده - توکي سڀ ڪجهه سمجهائينديس!

هو ٻئي ڄڻيون هليون ويون، سعيده ويٺي رهي.

خالق - پياري سعيده!

سعيده - جي!

خالق - ڇا هي منهنجي محبت جو امتحان آهي؟

سعيده - ها!

خالق - اگر ان امتحان جي لائق نه ثابت ٿيان ته پوءِ؟

سعيده - بزدل سڏبين!

خالق - سنگ آمد و سخت آمد.

سعيده - ”فرهاد آهين، قيس آهين“ خدا ڄاڻي ڇا ڇا چئي چڪو آهين! خالق سڀ ڪجهه ٻڌي خاموشيءَ سان ٻاهر هليو ويو.

(6)

درياء جي ڪناري تي صبح جي دلاويز گهڙيءَ تي سج جي سونن ڪرڻن ۾ خالق بيٺو آهي. هي پر لطف نظارو وري ڪير ڏسندو؟ هي اڪيون نه رهنديون. نه نه، محبت جي ميدان ۾ منهنجي فتح ٿيندي، مان ڪامياب ٿيندس. ڪونه ڪو ڪم ڪري ئي دنيا مان ويندس.

لهرن جي جنگ ڏسان ٿو- ڪي متجن ٿيون، ڪي ايرن ٿيون. حباب پيدا ٿين ٿا، فوراً ٽٻي هڻي وڃي ڪنهن ٻئي هنڌان نڪرن ٿا. زندگي فاني آهي، ان ۾ ڪابه بقا ناهي. ليڪن موت ڪان پوءِ لافاني زندگي آهي، روح لاءِ موت ناهي! روح زنده ۽ امر رهڻو آهي. هي مدو جزر، هي تلاطم، هي سيلاب سڀ عارضي، آيا ۽ گذريا، ايندا ۽ ويندا. هڪ ڏينهن تي هليو ويندس، ليڪن وڃڻ ڪان اڳ پنهنجي هستيءَ جو ثبوت ته ڪو ڇڏي وڃان. ملڪ ۾ ڪو انقلاب پيدا ڪري وڃان. تيراز ڪمان جسته ڪي واپس ورايان، نسيم رفته ڪي وري باغ ۾ پهچايان. واه واه! ڪهڙو نه خوشگوار خيال آهي.

خالق انهن ٽٻين ۾ غرق هو ته مٿان باقي آيو. چيائين تون ڪلهه به اسڪول ۾ نه آئين. پرينهن تقسيم انعام جو جلسو آهي، توکي ضرور اچڻ گهرجي.

خالق - هائو ايندس، ضرور ايندس، ڇو نه ايندس!

باقي - خيال رهي، باقاعدگي ڪرڻ گهرجي، هن بيپرواهيءَ ۾ ڪٿي تون پنهنجي زندگيءَ کي تباه ڪري نه ويهين. اسڪول ۾ به تولاءِ هرهنڌ چميگويون ٿي رهيون آهن!

خالق - ايندس، باقاعده پڙهائي ڪندس.

(7)

سعيده خالق جي مڪان تي آئي ۽ ٿوري دير ويهڻ ڪان پوءِ خالق جي مٿان غم ۽ آلام جو پهاڙ اڇلائي وئي. خالق اٿي سندس دامن ۾ هٿ

وڏو ۽ ڪيس ڪجھ گھڙي ويھڻ لاءِ التماس ڪندو رهيو ”مان تو لاءِ برباد ٿي ويو آهيان، والدين کي ڇڏيم، تعليم تان هٿ ڪنيم، دوست احباب ڇڏي ڏنم، هاڻي تون بہ جواب ڏئي ويندينءَ تہ پوءِ منھنجو ڇا ٿيندو؟“

سعيده غضبناڪ ٿي چيو: ڇا مان بيوفائي ڪري رهي آهيان، يا تون بيوفا آهي؟ تون بزدل آهين، احسان فراموش آهين ۽ ناشڪر گذار آهين! محبت جون ڊاڙون هڻي هميشہ اسان کي پريشان رکندو آيو آهين! مون توکي آزمائڻ گھريو، رڳو آزمائڻ لاءِ چيو اٿم، اهو سڀ ملڪ ۽ ملت جي مفاد لاءِ چيو اٿم، بس مان هاڻي وڃان ٿي! ائين چئي سعيده هلي ويئي.

(8)

تقسيم انعام جو جلسو منعقد ٿيو. شاگرد نهايت نفيس لباس ۾ ملبوس موجود آهن. هزارين رپين جا بيش بها انعام، رومالن ۾ بند ٿيل موجود آهن. سڀ سليقي سان ميز تي رکيل آهن. مملڪت جا سڀ امير ۽ وزير شريڪ ٿيا آهن. نادر شاه آيو. اول ڪيس سلامي ڏني ويئي ۽ پوءِ صف بستہ طالبن کان احوال پرسيءَ لاءِ نادر خان وڌي آيو. جڏهن ڪيس عرض ڪيو ويو تہ هن زحمت فرمائي جي ڪھڙي ضرورت هئي، اهو ڪم تہ ڪو وزير بہ ڪري سگھيو ٿي، تڏهن جواباً فرمايائين تہ ”مان گھران ٿو تہ نوجوانن جي وڌيڪ حوصلہ افزائي ڪئي وڃي. جڏهن اسان هن دنيا مان رخصت ياب ٿينداسون، تڏهن ملڪ جون واڳون آخرڪار نوجوانن جي هٿن ۾ اينديون“.

غرض بادشاه بنفس نفيس طالبن کان خبرچار وٺڻ شروع ڪئي. هڪ طرف شهزادو ظاهر شاه جان هو، ٻئي طرف سردار محمود خان وزير جنگ هو ۽ پويان سردار الله نواز خان هو. هلندي هلندي نادر خان، هڪ شاگرد جي اڳيان اچي بيٺو. عليڪ سليڪ کان پوءِ جيئن احوال پرسي ڪيائين، تيئن اوچتو ٽي دفعا ’ٺڪ ٺڪ‘ جا آواز اٿيا. آواز زياده زوردار نہ هو. بادشاه دل تي هٿ رکيو ۽ لڙ ڪڙائيندي ڪٻي پاسي آهلجي پيو ۽ پوءِ آهستہ آهستہ زمين تي هيٺ ويهي رهيو. سردار شاه محمود خان ۽ سردار الله نواز خان اڳتي وڌيا. ڏنائون تہ بادشاه جي منهن مان رت وهي

رهيو آهي، سندس اکيون بند ٿي چڪيون آهن، سڀ حيران ۽ پريشان رهجي ويا.

ان اوچتي پيدا ٿيل واقعي کان سپاهي، امير، وزير، شاگرد ۽ استاد آپي کان ٻاهر نڪري ويا- سپاهين سنگينيون چاڙهيون، غالباً سندن ارادو هو تہ مبادا شاگرد فساد مچائين. شاہ محمود سيني کي روڪي ڇڏيو. سنگينون لاٿيون ويون، طالب علم جوش وچان، قاتل تي حملہ آوار ٿيا- چو طرف 'انتقام انتقام' جون صدائون بلند ٿيڻ شروع ٿيون. وري بہ شاہ محمود خان اڳتي وڌيو ۽ قاتل کي حفاظت سان ٻاهر موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

(9)

قاتل ڪير؟ سعيده جو محبوب عبدالخالق! جنهن کي ان سفاڪ عورت قربانيءَ جوٻڪرو بنائي ڇڏيو! جنهن کي پنهنجي حسن جي دام ۾ ڦاسائي سگهي: جنهن کي عشق ۽ زر جي لالچ ۾، قتل لاءِ آماده ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي. صرف ان لاءِ تہ جنرل غلام نبي، جنرل غلام جيلاني جي قتل ۽ غلام صديق جي جلاوطنيءَ جو انتقام وٺي سگهي، افغانستان ۾ هڪ ٽيون انقلاب آڻي سگهي. هي اهي منصوبا هئا، جي نادر خان هوندي، ڪڏهن بہ ڪامياب ٿي نہ ٿي سگهيا!

مقدمو هليو، سماعت ٿي، باقاعده تحقيقات ڪئي ويئي. ملزم عبدالخالق پنهنجي جرم جو اقرار ڪيو. داستان محبت کي دهرائي وجي مٿي چڙهيو. سعيده جي انتقامي منصوبن کي ظاهر ڪيائين.

عدالت فيصلو ٻڌايو. عبدالخالق ۽ سندس ڇهن شريڪن کي موت جي سزا ٻڌائي وئي. عبدالخالق کي عام راهہ تي سنگينن سان ماريو ويو. باقي سڀ ڦاسيءَ تي چاڙهيا ويا.

اهو معلوم نہ ٿي سگهيو تہ سعيده ۽ ان جي ٻن ڀاچاين سان ڪهڙو سلوڪ ڪيو ويو؟

دراصل قاتل عبدالخالق تہ سندن آلہ ڪار هو. تاريخ افغانستان اڄ تائين خاموش آهي!

# سڌارٿ

(مهاتما ٻڌ)

”سارٿي!“

لیڪن هو رٿ جي چيچاٽ ۽ ڏڳن جي گهنٽين جي ٽڻ ٽڻ ۾ گم اڳتي وڌندو رهيو. شام جو سورج شفق جي لال پردي ۾ منهن لڪائڻ جي ڪوشش ۾ هو.

”سارٿي!- سارٿي“ هن وري پڪاريو.

لیڪن ان وري به ڪو جواب نه ڏنو.

”سارٿي!- سارٿي- سارٿي! توکي ڪجهه ٻڌڻ ۾ نه ٿو اچي؟“ ڪاوڙجي سڌارٿ چيو.

”پريو“

”گاڏي روڪيو.“

”سوامي، گاڏي؟“

”هان، گاڏي،“

رٿ روڪي وئي. هلڪا هلڪا ڪاري رنگ جا ڪڪر اولهه طرف ڦهلجي چڪا هئا. سورج جا آخري ڪرڻا ڏاڍي آب سان چمڪي رهيا هئا. شايد دنيا وارن تي اهو ظاهر ڪري رهيا هئا ته ٿڪل مسافر به منزل جي قريب پهچي تازو دم ٿي وڃي ٿو. ڪئين خوبصورت نقشا، آسمان تي چانئجي رهيا هئا.

سڌارٿ خاموش ٿي چڪو هو. سندس گرو، جو رٿ ۾ ساڄي طرف ويٺو هو، سو سڀ ڪجهه ڏسي رهيو هو ته هو ڇا سوچي رهيو آهي! ان جي چهري تي سنجيدگي، خاموشي ۽ بيقراري جا جذبات صاف طرح سان نمايان نظر پئي آيا.

گرو ديو، ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏي ويو.

پوءِ پنهنجو سڄو هٿ سڌارٿ جي ڪنڌ تي رکي چيائين:

”سڌارت!“

”گرو ديو“- چرڪ پري جواب ڏنائين، ڄڻ ڪو خواب مان جاڳي پوي.

”ڇا پيو سوچين، پُٽ!“

”ڪجهه بہ نہ گرو ديو! بس ائين ئي خيال ۾ هوس“.

”پر ڪهڙو خيال.“

”بس اهو ئي- هو سامهون ڇا هي پَلا.“

”اوه! هو سامهون!“ گرو ديو وراڻيو. پوءِ ڏنائين تہ هڪ پوڙهو، ڪمزور جسم، لاغر بدن، وار پريشان، چهرو غمگين، بي يارو مددگار، تن تنها، سڪل پپر هينان لٽ رڪيون پئي سهڪيو.

جئن خزان جي موسم ۾ باد سموم گهلڻ سان سڪل پن ڪڙ ڪڙ ڪندا آهن.

”هان، پريونات!“

”تون نہ ٿو سمجهي سگهين، نہ ڪو سمجهندين“.

”ڇا هي؟“

”ائين ئي.“

”مگر اوهان منهنجا گرو آهيو، نہ وساريو“.

”ڄاڻان ٿو.“

”تہ پوءِ هو ڪير آهي؟“

”مسافر.“

”مسافر؟“

”هان مسافر.“

ليڪن مسافر کي تہ پنهنجيءَ منزل سان پيار هوندو آهي، سوامي!“

”تيندو آهي.“

”مگر ان طرح؟“

”هان ائين بہ.“

”تہ پوءِ هو وينو ڇو آهي؟“

”هلندي هلندي ٿڪجي پيو آهي، سڌارت!“

”ليڪن پريو! هو هلي ئي ڪٿي رهيو آهي؟ هو هن جهوپڙيءَ مان نڪتو، ٿڙندو ٿابڙندو اُٿيو ۽ هتي ويهي رهيو.“

”تون وسارين ٿو پُٽ!“

”ڀلا ڇو؟“

”هو ڪافي هليو آهي، هاڻي ٿڪجي پيو آهي.“

”ليڪن ڪهڙيءَ راهه تي هلندو رهيو آهي، گرو ديو!“

”زندگيءَ جي پر پيچ راهه تي!“

سڌارٿ ڪجهه سوچڻ لڳو، پوءِ مرڪي ڏنائين. پوءِ حيرت انگيز نگاهن سان ٻاهر ڏسڻ شروع ڪيائين. سج غروب ٿي چڪو هو. هلڪا هلڪا بادل اک ٻوٽ ڪيڏي رهيا هئا. رت ڪي هڪ جهٽڪو لڳو. پوڙهي ڏاند، ڪمزور ڏاند کي هرويرو هلڻ تي مجبور ڪيو. سڌارٿ جي خيالات جو سلسلو درهم برهم ٿي ويو. پکين جو شور بُلند ٿيو. ان وري پوڙهي ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ ڪمزور ڏاند ڏانهن. سندس روح تي ڇڻ ڪا بجلي ڪري. هن اکيون بند ڪري ڇڏيون.

”مهابت.“

”سوامي!“

”تورو ترس.“

هاڻي ويهي رهيو. گرو پنهنجي خيالن ۾ غرق، سج جي ڪرڻن کي چتائي رهيو هو. اکيون مست، چهري تي خوشي، چپن تي غير معمولي تبسم، دل فرط انبساط کان بيقرار. پري نهايت پري، سرسبز وڻن جي پاڇي ۾ مال چارو ۽ گاهه ڪائي رهيو هو.

”پريو، هلان ڇا؟“ مهابت چيو.

گرو چرڪ ڀريو. ڏنائين ته سڌارٿ جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن ۽ سامهون بيجان بت وانگر پئي ڏنائين. ان پاڻ به تجسس آميز نگاهن سان نهارڻ شروع ڪيو. سامهون ڪکائين جهوپڙي هئي، جنهن جي دروازي تي ٽنل ۽ پراڻي کٽ تي ڪو بيمار ستل هو. هڪ ڪمزور نغمو، هڪ شڪست ساز، غم جي دنيا جي زنده تصوير، بدنصيب، نامرادين جو نقش، مصيبتن جو مرقع!

سندس اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. اُن ٻه مٽي ڏنو. سڌارٿ سر جهڪايو ويٺو هو. سندس هر حرکت ۾ بيقراري هئي. سندس چهري جو رنگ بدلجي چڪو هو. پنهنجي خيالات جي دنيا ۾ گُم. گرد و پيش جي حالات کان بلڪل بيپرواه. نه ڄاڻ ته ڇا ڇا سوچي رهيو هو؟

”سڌارٿ!“

”هون- (مٿو مٿي ڪري) جي گرو ديو.“

”ڇا پُٽ؟“

”سوامي“ (لهجي ۾ سوز ۽ بيقراري)

”هي سڀ ڇاهي، پريو؟“

”نشيب و فراز“

” نشيب و فراز؟“

”هان نشيب و فراز ۽ نوڪر ڪاڏل مسافر!“

”نوڪر؟ مسافر؟ نشيب و فراز؟ مون کي ڪجهه به سمجهڻ ۾ نه آيو؟“

”تون ٻار آهين سڌارٿ!“

سڌارٿ، سوچ ۾ غرق ٿي ويو. وري نظرون کڻي سامهون نهاريائين. هڪ هاري سڪل وڻ کي، جنهن ۾ فقط هڪ ٽاري سائي هئي، ان کي پاڻي ڏئي رهيو هو.

”هل مهابت“ گرو چيو.

سڌارٿ سوچ ۾ غرق رهيو ۽ هاٿي هلندو رهيو.

(3)

”سوار.“

”مالڪ!“

”واڳ ڇڪ!“

سڀ گهوڙا بيهي رهيا. شام جو ٽاڻو آهي، پاڇا وڏا ٿي چڪا آهن، گروديو پنهنجو گهوڙو سڌارٿ جي ويجهو آڻي چيو:

”پُٽ!“

”داتا!“

”هي توکي روز بروز ڇا ٿي رهيو آهي؟“

”اوهان نه ٿا سمجهي سگهو؟“

”نہ“

”اوهان وڏا آهيو، ڄاڻو آهيو“

”ها“

”تہ بہ ڪجھ سمجهي نہ ٿا سگھو!“

”نہ ڄاڻڻ بہ ڄاڻڻ ٿيندو آهي پُٽ.“

”تہ پوءِ اوهان ڄاڻو ٿا!“

”ضرور“

”ليڪن ياد رهي هيءَ توهان جي دل ناهي، منهنجي آهي منهنجي!“

”تون بہ تہ منهنجو ئي آهين، منهنجو ئي!“

سڌارت مرڪي ڏنو، جنہن اضطراب انگيز سڪون مان ڄاڳيو هجي. هڪ نا محسوس خوشي ۽ مسرت سندس چهري تي ڪُلي آئي. ائين ئي دانهن تي، درد انگيز دانهن. سيني هيڏي هوڏي نهاريو. اف! سامهون هڪ مرده جسم هو، ان جي بيواه روئي رهي هئي. آه وفغان ڪان آسمان ڦاٽي رهيو هو. چئني طرفن ماتم ئي ماتم! ڏک ئي ڏک! غذاب ئي عذاب! غم جون چوليون، دل جي ساحل سان ٽڪرائجي ڪيس چور چور ڪري رهيون هيون.

سڌارت جا احساسات، پيچيده ۽ المناڪ صورت اختيار ڪري چڪا ها.

چوڻ لڳو:

”گرو ديو!“

”چئو پُٽ!“

”هي سڀ ڪجھ ڇا هي؟“

”آخري منزل“

”آخري ۽ منزل! ڪنهن جي؟“

”مسافر جي“

سندس روح تي لرزو طاري ٿي ويو. هوا طوفان جي شڪل اختيار ڪئي. سج ٻڏي چڪو هو. گهوڙي جي واڳ ڍري ٿي. هو هوا سان ڳالهيون ڪرڻ لڳو. ساٿي ڏسندي ڏسندي رهجي ويا!

(4)

”مسافر- نشيب و فراز - آخري منزل؟“

ان جي دل چيو- نيڪ ٿو فرمائي گروديو- سڀ نظارا سندس پرده دماغ تي چرنڊڙ تصوير وانگر ايري آيا. اهي سڀ واقعات، اهي سڀ حادثا، جي هن اڳ ڏٺا هئا. اهي سڀ سندس دل ۾ زهري تيرن وانگر چڀڻ لڳا. ان جي هر حرڪت ۾ بيقراري وڌڻ لڳي. غم جي ڪري سندس اکيون لال ٿي ويون. جسم ۾ ٿرٿراهٽ پيدا ٿيندي، هو بيقراريءَ جي عالم ۾ وڏيون وڏيون وکون وجهڻ لڳو. ان وقت هو وارفتگيءَ جو هڪ زنده مجسمو پئي نظر آيو.

اوچتو هڪ سريلو، پر هلڪو آواز آيو: ”ڪجهه سوچي رهيو آهين؟“ سامهون ’مايا‘ سندس زال بيٺي هئي، جنهن پنهنجا خوبصورت وار آبشارن جي ٻن ڌارائن وانگر، سندس گردن تي لٽڪي رهيا هئا، تن کي پوئتي جهٽڪي ڏيندي چيائين. ان وقت خوبصورت چهرو چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر پئي ٻهڪيو. سندس گود ۾ هڪ معصوم ٻار آرامي هو. مٿي تي سينڌ جي سونهري لهر، مٿي تي جهومڪ، ڳلن ۾ شوخي، نگاه ۾ جادو!

سڌارٿ ڪجهه محسوس ڪرڻ شروع ڪيو. اکيون بند ڪري دريءَ جي ويجهو وڃي ٻاهر نهارڻ لڳو.

رات ڪافي گذري چڪي آهي. چنڊ تارن سان اڌ ٻوٽ راند رچايون بيٺو آهي. هو نهاريندو رهيو، سوچيندو رهيو، ڏسندو رهيو، آخر مطلع صاف ٿي ويو.

آسماني مسافر، بنا هٻڪ جي، پنهنجي منزل ماڻڻ لاءِ راهي ٿيو.

سڌارٿ مُرڪي ڏنو. مرڪندي وڃي پلنگ تي ليٽيو. پرسان معصوم گهري ننڊ ۾ ستل هو. مايا بيٺي هئي.

”مايا ننڊ نہ ٿي اچئي ڇا؟“

مايا ڪوبہ جواب نہ ڏنو. شايد هوءَ سوچي رهي هئي. آخر قدم چوريائين. رڪجي بيٺي. چادر ويڙهي وڃي سُتي.

صبح ٿيو مايا پنهنجي معصوم ٻار سان اڪيلي هئي، سڌارٿ- مهاتما ٻڌ! جو ڪو پتو نہ پيو.

- امرت لال ياس جي هندي ڊرامي تان ورتل

# تاريخي دراما

# چايا

کردار

چندر گپت .......... هندوستان جو شهنشاه

چندر ڪيتو .......... دوست: پهاڙي راجا

چايا ................ چندر ڪيتو جي ڀيڻ

مورا ................ چندر گپت جي ماءُ

سيلوڪس .......... سڪندر جو جانشين

هيلن ................ سيلوڪس جي صاحبزادي

## پهريون منظر

(سيلوڪس هند تي چڙهائي ڪئي آهي. مهاراج چندر گپت پنهنجي دوست چندر ڪيتو سان گڏ ميدان جنگ ۾ شريڪ آهي.)

چايا- ادا، ڪهڙي خبر آهي؟

چندرڪيتو — اسان هارائي رهيا آهيون، چايا!

چايا- چندر گپت ڪٿي آهي؟

چندرڪيتو- وڏي مصيبت ۾ مبتلا آهي، مان ان ڏانهن وڃي رهيو آهيان.

چايا- مان بہ هلان ٿي.

(جنگ جي بازار گرم آهي. لڙائي زور شور سان ٿي رهي آهي. ٻنهي لشڪرن طرفان فلڪ شگاف نعرا لڳي رهيا آهن.)

چندرڪيتو- چندر گپت! گهبرائڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

چندر گپت- وڌندا هلو، چندرڪيتو، فوج جي همت چست ٿي رهي آهي! هي ڪير؟ چايا!

چايا- (نرم آواز ۾) هان، چايا!

## ٻيو منظر

(شاهي قلعي ۾ چندر گپت، چندر ڪيتو ۽ چندر گپت جي ماءُ مورا ديوي وينا آهن.)

مورا- جڏهن نند مون کي سڏيو، تڏهن مون ائين محسوس ڪيو ته جڻ مان باهه جي لهرن ۾ بيٺي آهيان ۽ جڏهن ونچال منهنجي دامن کي ڇڪيو ... (ائين چئي روئي ڏنائين) ....!

چندر گپت- امان...... سيتا جي ڳوڙهن، لنڪا کي خاڪ ۾ ملائي ڇڏيو. دروپديءَ جي بيعزتيءَ، ڪورون کي ختم ڪرائي ڇڏيو. ان طرح مورا جي بيعزتيءَ جي ڪري نند خاندان جي بربادي به قريب آهي.

چندر ڪيتو- فوج تيار آهي، چندر گپت! اسان فوج کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي.

چندر گپت- ٽئين حصي جو سالار ڪير آهي؟

چندر ڪيتو- چاڻيا!

## ٽيون منظر

(چندر گپت جي شڪست، فتح ۾ بدلجي چڪي آهي. سيلوڪس ۽ هيلن قيد ٿي چڪا آهن.)

سيلوڪس- مان صلح کي پسند نه ٿو ڪريان، هيلن!

هيلن- بلڪل صحيح آهي. ڀلي ڪوئن سان صلح ڪيئن ڪندي؟ ليڪن چندر گپت سان صلح ڪرڻ ۾ .....

سيلوڪس - هيلن!

هيلن - ڪنهن چيو هو ته اوهان هند تي حملو ڪريو؟ ڪنهن چيو هو ته اوهان ٻين جي گهرن کي باهه ڏيو....؟

سيلوڪس - هيلن! تون نٿي ڄاڻين ..... هن پيري اگر اسان هارايو ....

هيلن - ته پوءِ هزارن ٻچن تان انهن جي مائرن جو سايو ڪڄي ويندو. ليڪن بيواهون خون جا ڳوڙها ڳاڙينديون رهنديون. بس ائين ٿيندو يا ڪجهه ٻيو؟ بس هائي مان توسان نه ڳالهائيندس بابا! تون چڱو ماڻهو ناهين. (هيلن هلي ٿي وڃي)

## چوٿون منظر

(قلعي ۾ 'ڇايا' بيٺي آهي.)

ڇايا- ياءُ بہ ويو. دنيا ۾ اهو هڪ ئي سهارو هو، اهو بہ ويو ...!

چندر گپت- (ڪمري ۾ داخل ٿيو آهي)، ڇايا ....!

ڇايا- جي مهاراج.

چندرگپت - ڇايا ...! لڙائيءَ کان پوءِ توسان ڪابہ ملاقات نہ ٿي سگهي. ڇايا! تو منهنجي زندگي بچائي آهي، اڄ تائين مان تنهنجو شڪريو ادا ڪري نہ سگهيس. ڇايا....! مان تنهنجو شڪر گذار آهيان.

ڇايا- بس رڳو ايترو ....!

چندر گپت- تنهنجي ان احسان جي ڪري، مان توکي پنهنجي مهاراڻي.....

ڇايا - نہ نہ مهاراج! اسان ماٺهو نيچ ۽ پهاڙي آهيون، تاهم نيڪيءَ جو ڪو سودو ٿي نہ ٿو سگهي! مان پنهنجو احسان وڪڻڻ نہ ٿي گهران. وقت تي اوهان جي ڪم آيس اهو ئي مون لاءِ سڀ ڪجهہ آهي. ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ٿي گهران.

چندر گپت- تنهنجي پاڪيزه دل ۾ ڪهڙا نہ پاڪيزه خيالات آهن.... ليڪن .....

ڇايا- بيشڪ مهاراج! اسان ٻاراڻي وهيءَکان شڪار جا عادي آهيون. جوانيءَ سان جنگ ڪرڻ اسان جو ڪم آهي. اسان ذومعنيٰ لفظ نہ ٿا ڳالهايون. اسان جو ڪجهہ چوندا آهيون ان جي فقط هڪ ئي معنيٰ هوندي آهي. اسان ليڪن ويڪن جا قائل نہ آهيون.

چندر گپت- ڇايا! احسان ڪري ان کي نظرانداز ڪندڙ شخص اڄ تائين مون ڪونہ ڏٺو آهي، پر اڄ ڏٺو اٿم. ڇا وڃين پئي.... پر هي تہ ٻڌائي وڃ، ڇايا! تون اڄ ڪلهہ افسرده ڇو آهين؟

ڇايا- افسردگي متعلق ڪجهہ بہ نہ پڇڻ گهرجي مهاراج! ڪڏهن اوهان هماليہ تي چڙهي، سج جي لهڻ جو نظارو بہ ڏٺو آهي؟

چندر گپت - ڏٺو اٿم، ڇايا!

ڇايا - اسان جي زندگي بہ ائين آهي،آخر تہ اسان ڪتري آهيون.

چندر گپت - ۽ شايد ان ڪري ئي مان توکي سمجهي نہ سگهيو آهيان!

ڇايا - ڪاش! اوهان جي سيني ۾ بہ دل هجي ها ۽ ان دل ۾ اسان کي سمجهڻ لاءِ ڪجهہ حسرت هجي ها.

چندر گپت - ڇايا! ڇا تون مون سان محبت ٿي ڪرين؟

ڇايا - مهاراج! دنيا ۾ اهڙي ڪهڙي چيز آهي، جا ناممڪن آهي؟ قدرت اوهان جي ڇهري تي ضرورت کان زياده سرخي استعمال ڪئي آهي. غالباً ان ڪري ئي اوهان زمين تي نوڪر هٽي هلڻ جا عادي آهيو. اوهان پڇو ٿا تہ ڇا، مان اوهان سان محبت ڪريان ٿي. ڪير ٿو چوي؟ مان تہ فقط نفرت ڪري ڄاڻان. اوهان سوچيو هوندو تہ ڇايا شايد ڪنهن پنڻي فقير وانگر اوهان کان پريم جي بيک گهرندي ۽ اوهان ازراهِ ڪرم پريم جي مُٺ سندس جهوليءَ ۾ وجهندا ۽ ڇايا بنهي هٿن ۾ ڪٽي ان کي مٿي تي رکندي. مان اوهان کان نفرت ڪريان ٿي مهاراج! (ڇايا هلي ٿي وڃي)

چندر گپت- عجيب تماشو آهي. ان قسم جو تماشو گهٽو اڳ پڻ ڏسي چڪو آهيان. دريائي سنڌو جي ڪناري تي، سيلوڪس جي ڌيءُ هيلن، جڏهن اکين ۾ ڳوڙها آڻي پنهنجي دلي جذبات جو اظهار ڪيو هو، ان وقت بہ اهو ئي چندر گپت هوس، اڄ بہ اهو ئي آهيان. اف! آخر مان ان کي ياد ڇو ڪري رهيو آهيان؟

ڇايا - ڪمري ۾ اچي ٿي) مهاراج، مان معافي ٿي گهران.

چندر گپت - ڇا لاءِ ڇايا!

ڇايا - مون توهين آميز ڳالهيون ڪيون آهن.

چندر گپت - ان ۾ توهين جي ڪهڙي ڳالهہ آهي ڇايا! ڇا تون مون کان نفرت ڪرين ٿي! ڇا مون سان تنهنجو پيار ناهي؟

ڇايا – مهاراج نفرت ڪريان ٿي ان کان، جو منهنجي اکين جي روشني آهي، جو منهنجي خواب جو تعبير آهي، منهنجي دنيا لاءِ دولت آهي مهاراج! مون ڪوڙ هنيون آهي! ڪاش مان نفرت ڪري سگهان!

چندر گپت – ڇايا! مون تنهنجو ڪهڙو نقصان ڪيو آهي جو طعني تي طعنو هٽي رهي آهين.

چايا – ڇا نقصان ڪيو آهي مهاراج! اوهان منهنجي ننڊ حرام ڪري ڇڏي آهي. منهنجي بيداريءَ جو لطف لُٽجي چڪو آهي. منهنجي دل جي خوش نما دنيا ناس ٿي چڪي آهي. مان هردم اوهان جي تصورات ۾ گم ٿي چڪي آهيان. (روئي ٿي)

چندر گپت - ڇايا .... ڇايا!

## پنجون منظر

(راڄ ماتا مورا ويٺي آهي، ڪجھ دير ڪان پوءِ ڇايا بہ اچي چڪي آهي.)

مورا - اڄ منهنجي دل جي خواهش پوري ٿي آهي.

ڇايا - ڇا ٿيو امان!

مورا - اڄ کان ڇايا هند جي ملڪ آهي!

ڇايا - مذاق نہ ڪريو، امان! مهاراج اگر هند جو مهاراج آهي تہ پوءِ ڇايا بہ هڪ راجا جي ڌيءُ آهي!

مورا - مون توسان ڪڏهن مذاق ڪيو آهي ڇايا!

ڇايا - ڇا سچ ٿي چوين امان! ڇا ائين سچ آهي! اهو تہ منهنجي وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ آيو آهي. مان ان خوشيءَ کي برداشت بہ ڪري سگھڻ جھڙي ناهيان. امان - امان! (روئي ٿي اٿي.)

مورا - ڇايا، روئين ٿي پُٽ!

ڇايا - هان امان! سوچان ٿي تہ اهو خواب تہ ناهي!

(وزير اچي ٿو)

مورا - ڇايا ۽ چندر گپت جي شاديءَ جو اطلاع آندو اٿئي؟

وزير – مورا ديوي! مون صلح ڪرايو آهي. سيلوڪس کي گرفتار ڪيو ويو هو. چندر گپت کيس 5 سؤ هاٿي ڏيندو ۽ سيلوڪس جي ڌيءُ جي شادي چندر گپت سان ٿيندي، جيئن ان صلح کي پائدار بنائي سگھجي.

مورا - هي ڇا چئي رهيو آهين وزير؟

وزير - نہ فقط ايترو، پر سيلوڪس هند جي ڏکڻ ۽ اوپر جا صوبا بہ مهاراج کي ڏيندو!

مورا - ليڪن، ڇا ڇايا سان ان جي شادي نہ ٿيندي؟

وزير - ڇايا کي ملڪ ۽ قوم خاطر قرباني ڪرڻي پوندي. ان ۾ ملڪ جي ترقيءَ جو راز سمايل آهي.

مورا - ڇايا! ڇايا! تنهنجو چهرو ڇو ڪومائجي چڪو آهي؟ اف! منهنجي بدقسمت ڌيءَ!

ڇايا - اف! هي ڇا ٻڌي رهي آهيان! مون خواب ۾ ڇا ڏٺو ۽ تعبير ۾ ڇا نڪتو؟ محبت ۽ موت گڏو گڏ! اميد ۾ نااميدي بہ؟ امان، هو ڏس تارو، جو ڪنهن جي جدائيءَ ۾ جلي رهيو آهي! (روئي ٿي)

## ڇهون منظر

(قيد خانہ مان سيلوڪس ۽ هيلن کي آزاد ڪيو ويو آهي، چندر گپت سان ڳالهيون ٿي رهيون آهن.)

چندر گپت - مان تسليم ٿو ڪريان تہ بيشڪ مان هيلن سان پيار ٿو ڪريان.

سيلوڪس - تہ پوءِ؟

چندر گپت- منهنجي دوست چندر ڪيتوءَ مرڻ وقت پنهنجي ڀيڻ 'ڇايا' جو هٿ منهنجي هٿ ۾ ڏنو هو ۽ چيو هو تہ هيءَ ئي هند جي ملڪہ ٿيندي.

ڇايا - (ڪمري ۾ گهڙي ٿي اچي) معاف ڪجو مهاراج! ڇايا ان مهربانيءَ جي بکي ناهي. هند جي ملڪہ بنجڻ جو حق يوناني شهزاديءَ جو آهي. هيلن! تون واقعي خوش نصيب آهين، مهاراج توسان پيار ڪري ٿو. مان خوشيءَ سان ان کي تنهنجي سپرد ڪريان ٿي، ان امانت جو قدر ڪجانءِ. اڄوڪو ڏينهن منهنجي زندگيءَ جو مبارڪ ڏينهن آهي. پر ڀيڻ! ڪاش تون سمجهي سگهين ها تہ مون تنهنجي لاءِ ڪيڏي نہ ڪٺن قرباني ڏني آهي! (هلي ٿي وڃي)

چندر گپت - ڇايا! ڇايا! ائين ٿي نہ ٿو سگهي! (پويان وڃيس ٿو)

سيلوڪس - هيلن! ڇا تون سچ پچ شاديءَ لاءِ تيار آهين؟

هيلن - هند کي عظيم وحدت ۾ آڻڻ لاءِ هن شاديءَ ۾ افلاطون ۽ ڪپل مني گڏجي ويندا. سولن ۽ منو هڪ ٻئي سان گلي ملندا، هومر ۽

والمڪي قريب ايندا، سقراط ۽ ٻڌ، امبلش ۽ پيشم، پنڻين ۽ پران سڀ هڪ ٿي ويندا. دنيا جي پردي تي هي شادي انوکي قسم جي ٿيندي.

سيلوڪس - هيلن!

هيلن - دعا ڪريو بابا!

سيلوڪس - هيلن پُٽ، شال آباد ۽ شاد هجين!

## ستون منظر

(بادشاه جي يوم پيدائش جي تقريب آهي، جشن هلي رهيو آهي، چندر گپت ۽ هيلن سرخ لباس ۾ ويٺا آهن. چايا اچي ٿي.)

چندر گپت - هيلن؟

هيلن - مهاراج!

چندر گپت - اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي.

هيلن - هي منهنجي زندگيءَ جو پهريون ڏينهن آهي.

چايا - (ٻنهي تي رنگ اڇلائيندي) هي منهنجي زندگيءَ جو آخري ڏينهن آهي. ڀڳوان ٻنهي کي شاد ۽ آباد رکي شال!

چندر گپت - چايا!

چايا - چپ ڇو ٿي ويا مهاراج، ڪجهه ته ڳالهايو، اڄ ته سڀ ڪجهه ٻڌڻ جو وقت آهي، مون کي به گهڻو ڪجهه چوڻو آهي مهاراج!

چندر گپت - چئو چايا، جو ڪجهه دل ۾ اچئي، سو چئي ڏي.

چايا - ڪاش، دل جي ڳالهه چئي سگهان مهاراج! چڱو ٻڌو: اوهان حڪم ڪريو ته مهاراج رنگ ڀريل برتن اوهان جي قدمن تي نثار ڪري هلي وڃان.

چندر گپت - ڪاڏي؟

چايا - ان جي خبر ڪانه اٿم، ليڪن وڃڻو اٿم، سو وينديس! اوهان شال خوش هجو، اها ئي آخري تمنا اٿم.

چندر گپت - چايا!

هيلن - پيڻ چايا! اسان ٻہ نديون بنجي هڪ سمنڊ ۾ ٿي وڃون.

چايا - هيلن! قربانيءَ ۾ ئي خوشي آهي. اطمينان سان مهاراج سڀ ڪجھہ قبول ڪريو. (رنگ جا قطرا بنهي جي قدمن تان نثار ڪندي چايا بيهوش ٿي ڪري پوي ٿي ۽ سندس روح پرواز ڪري ٿو وڃي)

هيلن - مهاراج!

چندر گپت - چايا!

هيلن - اڳتي نہ وڌو مهاراج! اوهان جي قدمن ۾ پيل هر هڪ قطري ۾ چايا جي تنل دل جي چايا (عڪس) جهلڪي رهي آهي.

چندر گپت - چايا! چايا!

# رضيہ سلطانہ

## ڪردار

رضيہ سلطانہ............. التمش جي صاحبزادي، ملڪ هند
جمال الدين يعقوب ............ هڪ غلام
ليليٰ ........................ جمال جي زال
فيروزه ...................... رضيہ جي ٻانهي
الطونيا ...................... سر هند جو گورنر
معيض الدين، بهرام ۽ ٻيا
وقت: رات جو پوئين پهر
مقام: دهليءَ جي لڳ ڀڳ، 1239ع

## پهريون منظر

دهليءَ جو شاهي اصطبل آهي. ان ڪان ٿورو پرڀرو هڪ جهوپڙي آهي. ان جي چوڌاري نم جا وڻ آهن. سامهون ميدان آهي، پرسان پهاڙي آهي. چانڊوڪي رات آهي. جهوپڙيءَ ڪان ٻاهر پٽرائين زمين تي، ليليٰ نهايت بيقراريءَ ڪان هلندي نظر اچي رهي آهي. سندس عمر 12 سال ڪن مس ٿيندي. ايڏي خوبصورت تہ ناهي، پر جاذب نگاه ضرور آهي. هر طرف رات جو سناٽو طاري آهي. ليليٰ جي اداسائيءَ مان اهو ٿو معلوم ٿئي تہ ڪيس ڪنهن جو انتظار آهي. گهمندي ۽ پسار ڪندي، پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي اچي ٿي ويهي. سندس منٺ ۾ ڪا چيز آهي. منٺ ڪولي ٿي. ان ۾ ٻہ والا آهن. ٻنهي کي هٿ جي ترڀءَ تي رکي، حسرت سان انهن کي ڏسڻ شروع ٿي ڪري. ان وقت گويا سوز ۽ گداز جي عالم ۾ ٻڏي ٿي وڃي، ائين ٿو معلوم ٿئي تہ شايد هوءَ جلدي روئي ڏيندي!

ان وقت جمال الدين يعقوب، آهستگيءَ سان اچي ٿو بيهي. جمال هڪ قوي هيڪل، پرشباب ۽ بهادر شخص آهي ۽ شاهي گهوڙن جو رکوال آهي ۽ سڄي شاهي اصطبل جو نگران خاص پڻ آهي.

جمال - (بلڪل آهستگيءَ سان) ليليٰ!

ليليٰ - (حيرت ۽ خوشيءَ جي گڏيل جذبات سان هڪدم ڇرڪ پري، اٿي ٿي بيهي ۽ پوءِ منهن ڦيرائي، آواز ڏانهن ٿي نهاري. جمال کي پنهنجي پرسان بيٺل ڏسي، والهاڻه انداز ۾ ڏانهنس ڏسي ڪلڻ جي ڪوشش ٿي ڪري)

اف! ..... تون اچين وئين! ..... تون آئين .... مان ته نااميد ٿي پئي هيس ..... ڏاڍي دير ..... لاتي اٿئي!

جمال- خدا جي مهرباني آهي .... واپس آيس.

ليليٰ (جمال جي چهري ڏانهن نهاريندي، ڪيس گهٻراهٽ ٿي ٿئي.) .... هي.... هي..... ڇا آهي؟ ...... سڄي منهن تي زخمن جا نشان! ....... هيترا سارا زخم ...... هي شينهن سان وڙهڻ جو نتيجو آهي....

جمال - ها! .... شينهن منهنجو ڪنڌ به زخمي ڪري وڌو آهي!

ليليٰ - (بيحد گهٻرائجي) ڇگو اول مان زخمن کي ڌوئي صاف ڪري پٽي ٿي ٻڌان، پوءِ ڳالهيون ڪنداسون. (جلدي جهوپڙيءَ ۾ وڃي ٿي. اونده ۾ وڃي ڏيئو ٿي ٻاري)

جمال - (ٻاهران) اڃا تو ڏيئو نه ٻاريو آهي ڇا؟

ليليٰ - ها! زندگيءَ جو چراغ ته هاڻي ئي آيو آهي، ان کان اڳ روشنيءَ جو کهڙو ضرور! مون کي ته ڏاڍو خطرو محسوس ٿي رهيو هو. (هوءَ ٻاهر پاڻي ۽ ٻيو سامان کنيو ٿي نڪري.)

جمال - خوف! ڪنهن جو خوف؟ اوه! ...... سمجهيم. شايد ..... شايد شينهن جو؟

ليليٰ - (جمال جي منهن کي پاڻيءَ سان صاف ڪري رهي آهي، پوءِ ڪنڌ جو زخم صاف ڪري مٿس پٽي ٻڌي چڪي آهي.) هاڻي تون هت ترس، مان تو لاءِ ماني ٿي آڻيان. اڄ مون تو لاءِ تنهنجي پسند واريون چيزون تيار ڪيون آهن. (دوباره اندر ٿي وڃي ۽ سندس ڪاڏو ٿي آڻي.)

جمال - خدانخواسته مان واپس نه اچان ها ته پوءِ هن ڪاڏي ڪي ڪاڏي ڪرين ها ليليٰ؟

ليليٰ - (جمال جي منهن تي هٿ رکندي) خدارا اهڙي وائي نه ڪر، جمال پهاڙيءَ تي ويهي رهي ٿو ۽ ليليٰ به سندس سامهون ويهي تي رهي ۽ ٿانون مان ماني ڪڍي، جمال ڏانهن تي وڌائي.

جمال - تو ڪجهه کاڌو آهي يا نه؟ شايد تو ڪجهه به نه کاڌو آهي.

ليليٰ - کائيندس.

جمال - کائيندس! نه، کاءُ! (زبردستي هڪ گره سندس وات ۾ ٿو وجهي.)

ليليٰ - (ڪلندي) چڱو ٻڌاءِ! تون شام جو جيئن وئين، تنهن کان پوءِ ڇا ٿيو؟

جمال - ها! مان ۽ ٻه غلام، ڪل تي ڇٽا گڏجي وياسين. توکي خبر آهي ته سرڪاري حڪم موجب مون کي به لازمي طرح وڃڻو پيو.

ليليٰ - برابر! تو ئي ته چيو هو، سلطانه ڪجهه غلام شينهن سان ويڙهائڻ تي چاهي!

جمال - ها. ميدان ۾ سڀ امير وزير موجود هئا. شاهي تخت تي سلطانه فروڪش هئي. ان مهل نوڪرن شينهن جو پڃرو ميدان تي لاتو. پڃري جو دروازو کليو. هڪ غلام کي اندر ڪيو ويو. شينهن ڪيس هڪ ئي ڌڪ سان چيري ڇڏيو!

ليليٰ - (اکيون بند ڪندي) هاءِ الا! اف!

جمال - سيني خوشيءَ وچان نعرا هڻڻ شروع ڪيا. پوءِ ٻيو غلام اچلايو ويو! ان جو به اڳين وانگر حشر ٿيو. آخر ۾ مان وڃي رهيس. مان پڃري ۾ داخل ٿيس، ٻاهر ماڻهو تاڙيون وڄائي رهيا هئا، هنن سمجهيو ٿي ته اڪ چنبي ۾ منهنجو به حال، اڳين غلام وانگر ٿيندو!

ليليٰ - بس! بس! مان وڌيڪ ٻڌڻ نه ٿي گهران!

جمال - آخر عورت ذات آهين، اگر اتي هجين هان ته پوءِ نه ڄاڻان تنهنجو ڪهڙو حال ٿئي ها! مون کي ڏسندي ئي شينهن مچرجي پيو ۽ امالڪ منهنجي ڪنڌ تي چنبو هڻي ڪڍيائين! مون سندس منهن..........

ليليٰ - (خوشيءَ ۾ جوش مان) ڇا ....! ڇا!

جمال - مون شينهن جي منهن تي مروڙ ڏني ۽ سندس پيٽ تي مڪون وهائي ڪڍيون. شينهن گجڪار ڪندي، پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي. آخر مون ان کي ڦاڙي ڍير تي ڪريو!

ليليٰ - (سندس منهن ڳاڙهو لال ٿي وڃي ٿو. سندس نراڙ تي پگهر جا قطرا چمڪي رهيا آهن) شاباس. ڏاڍو چڱو ڪيئي! (جمال پاڻي تو پيئي)

ليليٰ - پوءِ!

جمال - سلطانہ صاحبہ مون کي پاڻ وٽ سڏايو. مون ڏانهن غور سان نهاريو ۽ ائين چوندي: "تون بهادر آهين". پنهنجي ٻانهن مان هڪ ڪنگڻ ڪڍي مون کي انعام ڏنائين. (کيسي مان اهو سونو ڪنگڻ ڪڍي ٿو)

ليليٰ - (خوشيءَ وچان) واه! نهايت سهڻو ڪنگڻ آهي.

جمال - (ڪنگڻ ليليٰ جي ٻانهن ۾ وجهندي) ڪيئن؟ هاڻي تون ڪهڙي نہ حسين ٿي پئي آهين.

ليليٰ - تون ٿي ٻڌاءِ.

جمال - هوبهو سلطانہ صاحبہ.

ليليٰ - (اٿي پنهنجن هٿن کي ٿي ڏسي) مان سلطانہ صاحبہ وانگر ٿي ڏسڻ ۾ اچان نہ؟ تہ پوءِ ان وانگر ٿي هلنديس. (ناز ۽ انداز سان هلڻ شروع ٿي ڪري)

جمال - (زور سان کلندي) اها.... ها! ها!ڏاڍي سٺي ٿي لڳين ليليٰ! خدا جو قسم هو بهو ملڪہ صاحبہ!

(يڪا يڪ والو زمين تي ڪري ٿو پوي. ليليٰ جي چهري تي مايوسي ڇانئجي ٿي وڃي. هوءَ جهڪندي والو کڻڻ ٿي چاهي ۽ ان کي لڪائڻ ٿي گهري، ايتري ۾ جمال ڏسي ٿو وٺي)

جمال - هي ڇا هي؟

ليلي! - اهي ٿي والا آهن.

جمال - ها وسري ويا اٿم. پر جي مان شينهن کان اڄ بچي نہ اچان ها تہ پوءِ والن کي ڪاڏي ڪرين ها!

ليليٰ - تو شام جو ڇا چيو هو؟

جمال - ها، تہ توکي اها ڳالھ اجا تائين ياد آهي. ڇا تون منھنجي آخري خواهش پوري ڪرين ها؟

ليليٰ - خواهش ڇا، مان تنھنجو حڪم بجا آڻيان ها، چاهي ان ۾ منھنجي جان ڇو نہ وڃي ها.

جمال - ابيسينيا وڃي وري واپس اچين هان؟

ليليٰ - هرگز نہ، مون بہ تہ توکي پنھنجي آخري خواهش ٻڌائي ڇڏي هئي.

جمال - ڇا بہ هجي، هاڻي تہ ان جي ڪا بہ ضرورت ناهي. مان واپس آيس. (آرس پيچي اوباسيون ٿو ڏئي)

ليليٰ - شايد توکي ننڊ اچي ٽپايو آهي. چڱو وڃي آرام ڪر.

(ٻئي پنھنجي جھوپڙيءَ ڏانھن وڃن ٿا. ٿوري دير کان پوءِ چوڪاري سناٽو ڇانئجي ٿو وڃي. ڪجھ وقت پوءِ ليليٰ جھوپڙيءَ مان نڪري ٻاهر ٿي اچي، سندس هٿ ۾ والو آهي. ان کي ڏسي گهري سوچ ۾ ٻڏي ٿي وڃي.

ان وقت هڪ سياه پوش عورت سندس پنيان اچي ٿي بيهي. پيرن جي آهٽ تي پوئتي ٿي نهاري، عورت کي بيٺل ڏسي پاڻ بہ اٿي ٿي بيهي.)

ليليٰ - تون ڪير آهين؟

عورت - ڇا تون ئي ليليٰ آهين؟

ليليٰ - جي ..... تون ڪير آهين؟

عورت - مان ... مان .... مان.... سلطانہ مون کي توڏي موڪليو آهي.

ليليٰ - سلطانہ صاحبہ!

عورت - ها.

ليليٰ - (حيرت سان ان ڏانھن نهاريندي) ڇو؟

عورت معلوم ناهي. ليڪن سندس حڪم آهي تہ اوهان ٻئي ڄڻا سپاڻي محل ۾ حاضر ٿيو وٺ هيءَ منڊي (آگر مان منڊي کيس ڏئي ٿي). اگر دربار ۾ ايندي ڪو اوهان ٻنهي کي روڪي تہ پوءِ کين هيءَ منڊي

ڏيڪارجانءِ. (ائين چئي عورت هلي ٿي وڃي. جمال ڳالهائڻ جو آواز ٻڌي ٻاهر نڪري ٿو اچي.)

جمال - ڪير هو؟

ليليٰ - هڪ عورت! (سڀ ڳالهيون ٿي ٻڌائيس پوءِ ٻئي ڄڻا پنهنجي گهر ۾ گهڙي ٿا وڃن).

## منظر ٻيو

(سج لهي چڪو آهي - شاهي محل جي هڪ خاص ڪمري ۾ فرش تي قالين وڇايل آهي، ديوارن تي هر طرف، آئينا لڳل آهن، ڪڙڪيون کليل آهن. فيروزه ڇت ۾ لڙڪيل فانوس روشن ڪري رهي آهي. رضيه سلطانه هڪ ڪنڊ ۾ نماز ادا ڪري رهي آهي. نماز کان پوءِ تلاوت ڪري، قرآن مجيد کي پهرائي چڪي آهي. سير و تفريح لاءِ ڪڙڪيءَ وٽ اچي ٿي.)

سلطانه - (نرم نموني ۾) فيروزه!

فيروزه - (فانوس ٻاريندي) حڪم، ملڪهٔ عاليه!

سلطانه - جاسوس ٻيو ڇا چئي رهيا هئا؟

فيروزه - اهو پئي چيائون ته توب خاني ۾، باغن ۾، رستن تي، هرهنڌ. ان ڳالهه متعلق چميگويون ٿي رهيون آهن.

سلطانه - ڇا تون به ائين ٿي سمجهين؟

فيروزه - نه سلطانه صاحبه

سلطانه - (تورو مرڪي) هڪ حيرت جهڙي ڳالهه ٻڌايانءِ، ڪالهه رات مان پاڻ ان غلام جي جهوپڙيءَ ڏانهن وئي هيس. اهو سڀ ڪجهه مان جاڻي ٻجهي ڪري رهي آهيان.

فيروزه - ڪالهه رات ان غلام کي ڪنگڻ به ته ڏنو ويو هو!

سلطانه - ها، ان شجاعت ۽ جوانمرديءَ جا جوهر ڏيکاريا هئا. هونءَ ته ان کان به وڌيڪ ڪنهن وڏي انعام جو مستحق هو.

فيروزه - ملڪهٔ عاليه.

سلطانه - چئو! رڪجي ڇو وئين؟

فيروزه - ٻڌو اٿم ته اوهان جو انعام ڏيڻ ڪيترن اميرن کي پسند نه آيو آهي. هڪ غلام کي ملڪ جي هٿ جو ڪنگڻ...

سلطانه - ها، ۽ پوءِ، چئو!

فيروزه - (ڊڄي) مون کي معافي ملي ملڪهٔ عاليه!

سلطانه - ڊڄڻ جي تہ ڪا بہ ڳالهہ ناهي.

فيروزه - (ڪجهہ گهبراهٽ سان) ان ڪان علاوه، ان غلام ڏانهن نهاري مرڪي ڏيڻ ۽ ائين چوڻ تہ، تون بيشڪ بهادر آهين، ماڻهن ۾ شڪ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي.

سلطانه - شڪ؟ ڇا جو شڪ!

فيروزه - (ڏڪڻ لڳي) معاف ڪجو ملڪهٔ عاليه!

سلطانه - مون سمجهيو، ان شڪ جي پويان ڪير تو ڪم ڪري؟ منهنجو ڀاءُ ۽ الطونيا، شاهي تخت جي لالچ ۾، هڪ گهري سازش ڪري رهيا آهن. رعايا کي ڀڙڪائڻ ۾ انهن جو ئي حصو آهي. (ڪجهہ وقت سوچي) ٺيڪ آهي، انهن کي شڪ ڪرڻ ڏيو. مان ڏسڻ گهران ٿي تہ بهرام ۽ الطونيا پنهنجي مطلب ڪيڻ ۾ ڪيترا هيٺ تا ڪرن!

فيروزه - سلطانه صاحب!

سلطانه - مان سلطانه ضرور آهيان، مگر ڪجهہ وڏيڪ بہ معلوم ناهي تہ رعايا اهو سڀ ڪجهہ ڇو وساري ڇڏيو آهي! (ڳالهائيندي، مسند تي اچي ٿي ويهي) ڏاڪڻ تي ڪن ماڻهن جي آهٽ معلوم ٿئي ٿي، شايد ڪو اچي رهيو آهي.

فيروزه - ها، جهان پناهہ!

سلطانه - شايد هو ........ آيا آهن!

فيروزه - هو ڪير؟

سلطانه - جمال الدين ۽ سندس زال.

فيروزه - (حيرت وچان) جمال الدين!

سلطانه - ها، اهو غلام!

فيروزه - ملڪهٔ عاليه؟

سلطانه - (ڪنهن گهري سوچ مان ڇرڪ ڀري پنهنجي ليکي ڳالهائي چوي ٿي) ها، بيشڪ ائين ٺيڪ رهندو مون کي سهاري جي ضرورت آهي. مون کي جانباز بهادرن جي ضرورت آهي. اڄ هر طرف

مون کي دشمن نظر اچي رهيا آهن. مان بہ انهن کي ڏسنديس! (پوءِ فيروزه کي مخاطب ٿئي ٿي) وڃ. اول ليليٰ کي وٺي اچ. جمال کي چئجان تہ هو ڪجهہ وقت ترسي ۽ انتظار ڪري.

فيروزه - (سر جهڪائي عاجزيءَ سان) ملڪئہ عاليہ (پوءِ هلي ٿي وڃي).

سلطانہ - مسند تي اطمينان سان ٿي ويهي. ٿوري دير کان پوءِ فيروزه، ليليٰ کي پاڻ سان گڏ ٿي آڻي.

سلطانہ - ليليٰ!

ليليٰ - (گوڏا کوڙي، ادب سان) سلطانہ صاحبہ!

سلطانہ - هن قالين تي ويهہ.

ليليٰ - ملڪئہ عاليہ (قالين تي ويهي ٿي رهي.)

سلطانہ - تون ڪهڙي ملڪ مان آئي آهين؟

ليليٰ - ايبيسينيا مان، ملڪئہ عاليہ!

سلطانہ - ڇا جمال الدين يعقوب کي تون اتان کان ئي سڃاڻين؛

ليليٰ - نہ، اسان جدا جدا ٻن جڳهين جا رهواسي آهيون. اسان سڀ غلام بنائي هت آندا ويا هئاسون. هو اصطبل ۾ ملازم هو مان ٻئي هنڌ ڪم ڪندي هيس. جمنا جي ڪناري تي ملاقات ٿي....

سلطانہ - پنهنجي وطن جي يادگيري تہ ايندي هوندءِ.

ليليٰ - تمام گهڻي ٿي اچي، ملڪئہ عاليہ! جڏهن مان ۽ جمال، چانڊوڪين راتين ۾، ٽڪريءَ تي ويهون ٿا ۽ سامهون پهاڙن جو سلسلو ٿو نظر اچي، تڏهن اهي پهاڙ جڻ تہ ايبيسينيا جا پهاڙ ٿا محسوس ٿين. پنهنجي وطن جو نالو ٻڌي، جمال جي اکين ۾ پاڻي تري ايندو آهي: چوندو آهي. اگر اجازت ملي تہ هوند وطن ڏانهن واپس هلون.

سلطانہ - فيروزه!

فيروزه - جي، ملڪئہ عاليہ!

سلطانہ - هوءَ عاج واري صندوقچي کڻي اچ.

فيروزه - ملڪئہ عاليہ (وڃي ٿي)

(سلطانہ خاموش آهي: فيروز صندوقچي کڻي آئي.)

سلطانہ - (صندوقچي کولي) ڏس هن ۾ ڇا هي؟

ليليٰ - موتين جا هار!
سلطانه - ٻيو ڪجهه؟
ليليٰ - جواهرات ۽ اشرفيون.
ليليٰ - (خوش ٿيندي) وڏي مهرباني،ملڪئه عاليه.
سلطانه - بند ڪري،هي تون کڻ.)
ليليٰ - (حيرت وچان) مان!
سلطانه - ها، تون.
ليليٰ - مگر ڇو، ملڪئه عاليه؟
سلطانه - هي کڻي، وطن هلي وڃ. اتي وڃي آرام سان رهه.
سلطانه - تون وطن ڪڏهن واپس وڃي رهي آهين؟
ليليٰ - اڄ رات - اها ڳالهه ٻڌي جمال ڏاڍو خوش ٿيندو.
سلطانه - (اتي ٿوري دير هيڏي هوڏي هلڻ تي لڳي) سفر ته توکي اڪيلو ڪرڻو پوندو.
ليليٰ - ۽ جمال؟
سلطانه - ان جي باري ۾ ڪجهه به پڇڻ نه گهرجي.
ليليٰ - حيرت انگيز نگاهن سان سلطانه ڏانهن نهاريندي نه نه! (صندوقچي قدمن ڏانهن وڌائي) مان ايبيسينيا ڪانه وينديس.
سلطانه - (تحڪمانه انداز سان) ليليٰ؟
ليليٰ - ملڪئه عاليه!
سلطانه - تون وطن ڏانهن وڃين، يا نه وڃين، ليڪن جمال سان گڏ رهي نه ٿي سگهين.
ليليٰ - ڇو بنا ڪنهن جرم جي قيد خاني ..... ۾ ....
سلطانه - (ڪلي تي ڏيئي) قيدخاني ۾ نه بلڪ محل ۾ رهندو. مون کي ان جي سخت ضرورت آهي.
ليليٰ - (ڪجهه مطمئن ٿيندي) ڇا ان کي شينهن جي منهن ۾ نه ڏنو ويندو؟
سلطانه - (ڪلي تي) ائين نه ٿيندو، ليڪن تون منهنجي متعلق ڪنهن غلط فهميءَ ۾ نه پئجان! مون کي جمال جي سخت ضرورت آهي. اڄ مان ڏاڍي ڪمزور ٿي وئي آهيان. مون کي جمال جهڙو بهادر

گهرجي. مان جو ڪجهه ڪرڻ گهران ٿي، اهو مون کي ڪرڻ ڏي. مون کي ڏسڻو آهي تہ چوڻ وارا ڇا ٿا چون. تون مون کي غلط نہ سمجهجانءِ ليليٰ! جمال الدين تنهنجي امانت آهي. مان اها امانت واپس ڪنديس. ضرور توکي ڏينديس!

ليليٰ - (مايوس ٿي ڪري) جيڪو حڪم، ملڪئہ عاليہ!

سلطانہ - هيءُ صندوقچي تنهنجي ملڪيت آهي.

ليليٰ - ملڪئہ عاليہ! مون تہ پنهنجو سارو خزانو ڇڏي ڏنو آهي. هن صندوقچي کي ڇا ڪنديس! الوداع، ملڪئہ عاليہ، الوداع. (جهڪي سلام ڪري، ٻئي طرف هلي ٿي وڃي.)

سلطانہ - مان ڪهڙي نہ خود غرض آهيان. فيروزه (مسند تي ويهي ٿي رهي) مگر ان ۾ خود غرضي ڇا جي؟

مان تہ انهن کي ڏيکارڻ ٿي گهران تہ جو ڪجهه ڪين ٻڌايو ويو آهي، اهو غلط آهي. بلڪل الزام آهي، فيروزه! جمال کي وني اچ.

فيروزه - جيڪو حڪم، ملڪئہ عاليہ (ٻاهر وڃي ٿي)

## منظر ٽيون

(شاهي محل جو هڪ ڪمرو. شام ٿي چڪي آهي.

ان ڪمري ۾ جمال ڪنهن گهري سوچ ۾ ٻڏل آهي.

دروازو کلي ٿو. ملڪہ عاليہ داخل ٿئي ٿي. جمال

کيس ڏسندي ادب کان اٿي بيهي ٿو.)

سلطانہ - مان ڏسي رهي آهيان تہ تون جنهن وقت کان وٽي هت آيو آهين، ان وقت کان وٽي ڪافي فڪر مند رهيو آهين.

جمال - نہ ملڪہ صاحبہ!

سلطانہ - مون جنهن مطلب سان توکي گهرايو آهي، سو شايد توکي معلوم نہ هوندو.

جمال - نہ.

سلطانہ - مان بهادرن ۽ جانبازن جو قدر ڪريان ٿي. اڄ شهنشاه التمش جي صاحبزادي کي چئني طرفن کان خطرو محسوس ٿي رهيو آهي. ڇا تون منهنجي ڪنهن ڪم ۾ اچي سگهين ٿو؟

جمال - اوهان جي حڪم تي غلام جان بہ قربان ڪري سگهي ٿو!

سلطانہ - تون بار بار پاڻ کي غلام چئي مون کي شرمندو نہ ڪر! مان ...... توکي ...... توکي......

جمال - اوهان ڪهڙيون ڳالهيون ڪري رهيا آهيو ملڪہ صاحبہ!

سلطانہ - نيڪ چئي رهي آهيان. تون اڳ غلام هئين پر هينئر توکي ڪو بيو عهدو ڏئي رهي آهيان. اهو عهدو.......

(ان وچ ۾ فيروزه سهڪندي اچي
ٿي سلطانہ جي سامهون جهڪي ٿي.)

سلطانہ - (ڪجھ خفي ٿي) هيءُ ئي تنهنجي اچڻ جو وقت هو، فيروزه!

فيروزه - گهبرايل آواز ۾) تمام ...... بُري......

سلطانہ - ڇاهي؟

فيروزه - جاسوس تمام خراب خبر آندي آهي. سرهند جي گورنر الطونيا بغاوت ڪئي آهي. ۽ هو تمام مضبوط فوج سان دهليءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. اوهان جو ڀاءُ بهرام بہ سازش شريڪ آهي.

سلطانہ - (بيقرار ٿيندي) اف! آخر ائين ٿيو. نيڪ آهي جمال! تنهنجي امتحان جو وقت اچي چڪو آهي. دشمن سرڪشي ڪئي آهي. مون کي تنهنجي بهادريءَ تي فخر آهي!

جمال - حڪم ملي، مان اڪيلو ئي مقابلي لاءِ ڪافي آهيان!

سلطانہ - نہ، اسان بہ توسان گڏ هلنداسون. فيروزه! تون هڪدم نصيرالدين کي مون ڏانهن موڪل. اسان اڄ انهن جي مقابلي تي وينداسون.

## منظر چوٿون

(قيد خاني جو هڪ ڪمرو، ڪمري جي مٿان هڪ ڪڙڪي آهي، ٻاهر طوفان ۽ بارش آهي. ڪڏهن ڪڏهن بارش جي بوڇاڙ ڪمري ۾ گهڙي ٿي اچي. هڪ سادي جاري ۾ هڪ ننڍڙو ڏيئو، تيز هوا کان بچڻ لاءِ ڪنبي رهيو آهي. روشني ڪڏهن جهڪي ٿي وڃي تہ ڪڏهن تيز ٿي

ٿئي. سامهون سلطانہ ملڪہ عاليہ بيٺي نظر اچي ٿي. سندس وار پريشان، چهرو گرد آلود. اکيون بي رونق، نرڙ تي غصي ۽ اضطراب جا آثار، دروازو کلي ٿو. هڪ عورت لبادي ۾ ويڙهيل اندر اچي ٿي. ڏيئي جي لاٽ تي جڏهن سندس چهري تي روشني پئي آهي، تڏهن معلوم ٿيو آهي تہ اها ليليٰ آهي.)

ليليٰ - (گوڏن ڪي ادب سان کوڙيندي) جهان پناه، ملڪہ!

سلطانہ - (ڇرڪ ڀريندي) ڪير آهي؟ هن طوفاني رات ۾ ڪير هن بدنصيب قيديءَ ڪي سڏي رهيو آهي!

ليليٰ - ملڪہ عاليہ!

سلطانہ - (ڪلندي) ملڪہ عاليہ جهان پناه! اف! مون ڪي ڪير پڪاري رهيو آهي؟

ليليٰ - مان آهيان سلطانہ، ملڪہ!.....

سلطانہ - اڄ مان بلڪل تن تنها آهيان، نہ ڪو پنهنجو عزيز رهيو آهي نہ ڪو همدرد رهيو آهي. سر لڪائڻ جي جڳهہ بہ نہ رهي آهي. ان حالت ۾ ملڪہ عاليہ سڏي ڪير ٿو منهنجي جذبات کي ڏک پهچائي؟ اڄ مان نہ ملڪہ آهيان ۽ نہ عاليہ! فقط هڪ قيدي.

ليليٰ - نہ! بلڪل نہ، مون لاءِ تون اڄ بہ ملڪہ عاليہ سلطانہ رضيہ آهين!

سلطانہ - تون چري تہ نہ ٿي آهين؟

ليليٰ - ڇو ملڪہ عاليہ؟

سلطانہ - اهڙي نازڪ ۽ پر مصائب موقعي تي، جڏهن ماڻهو پاڇي کان بہ ڀڄي رهيا آهن، تون پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهي، مون وٽ ڪيئن آئي آهين.

ليليٰ - ملڪہ عاليہ ...... (سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙي ٿا پون.)

سلطانہ - هان! تون روئي رهي آهين؟ توکي تہ منهنجي هن حال زار تي کلڻ گهرجي، آخر تون آهين ڪير؟

ليليٰ - مون کي اجا نہ سڃاتو اٿو!

سلطانہ - مان اڄ ڪنهن کي بہ سڃاڻڻ جهڙي نہ رهي آهيان، نہ ڪو سلطانہ کي ڪو اڄ سڃاڻڻ وارو رهيو آهي. اڄ تہ مان پاڻ کي سڃاڻڻ کان بہ ڊڄي رهي آهيان.

ليليٰ - جهان پناه! مان ليليٰ آهيان.

سلطانہ - (ڇرڪ ڀريندي) ليليٰ!

ليليٰ - جي هان.

سلطانہ - يعني جمال جي زال!

ليليٰ - هائو.

سلطانہ - ڇا توکي پنهنجي جان جو خطرو محسوس نہ ٿو ٿئي. شايد تون پنهنجي امانت وٺڻ آئين آهين! بيشڪ مون اهڙو وعدو ڪيو هو تہ تنهنجي امانت کي سنڀالي ڏينديس. ليڪن بدنصيبيءَ جا بادل جمال تي بہ ڇانئجي ويا. خبر ناهي تہ هو ڪٿي هوندو؟ مان توکي هينئر منهن ڏيکارڻ جهڙي بہ نہ رهي آهيان. خدا جي واسطي هن منحوس جڳهہ تان هلي وڃ ليليٰ!

ليليٰ - خدا جي واسطي ائين نہ چئو، مون خوشيءَ سان جمال کي پيش ڪيو هو.

سلطانہ - سچ.

ليليٰ - بلڪل سچ، اڄ بہ تون جهان پناه آهين ۽ مان هڪ ادنيٰ ٻانهي.

سلطانہ - مگر تو ائين ڪيو ڇو؟

ليليٰ - ان وقت مون کي ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو. پر پوءِ معلوم ٿيو تہ اوهان جي جان کي ڪو خطرو آهي. اوهان جي جان اسان جي جان آهي، بلڪ ان کان وڌيڪ قيمتي آهي. خوشي پهتي تہ هاڻي ڪو اوهان کي نقصان پهچائي نہ سگهندو.

سلطانہ - تو ڇا عظيم قرباني ڏني آهي، مان ان کي وساري نہ ٿي سگهان. مگر تون هيستائين.

ليليٰ - الطونيا مون کي موڪليو آهي تہ مان اوهان کان ..... (ائين چوندي سندس هٿن مان والو ڪري پيو.....)

سلطانہ - هي ڇا ڪِريو؟ (ائين چئي سلطانہ جهڪندي، زمين تان والو کڻي ورتو) اف! هي تہ ڪڏهن مون ڏنو آهي. ڪٿي؟ اهو ياد نہ رهيو آهي.

ليليٰ - هي جمال جي ڪَنَ جو والو آهي. سندس ماءُ ٻہ سال ميڙي چوندي ڪري هي والا ٺهرايا هئا. جڏهن جمال شينهن سان وڙهڻ لاءِ تي ويو، تڏهن هي والا مون کي ڏنائين ۽ چيائين تہ مرڻ کان پوءِ هي ايبيسينيا وڃي منهنجي ماءُ کي پهچائجان!

سلطانہ - ڇا تون ايبيسينيا وڃڻ تي چاهين؟

ليليٰ - جي ها سلطانہ صاحبہ.

سلطانہ - هن طوفاني رات ۾!

ليليٰ - جي ها سلطانہ صاحبہ.

سلطانہ - مان توکي هڪ ڳالهہ چوڻ تي گهران!

ليليٰ - حڪم ڪريو سلطانہ صاحبہ.

سلطانہ - هي والو جمال جي ماءُ ڏانهن نيڻ تي چاهين نہ! اهو مون کي ڏي، تون اهو سمجهہ تہ جڻ جمال جي ماءُ کي ڏنو آهي!

ليليٰ - (حيران ٿي) سلطانہ صاحبہ! تون سچ پچ عظيم ماءُ آهين اسان سڀني جي، سڄي رعايا جي. ڪاش! هي ماڻهو توکي سمجهي سگهن ها! (ائين چئي روئي ٿي ڏئي)

ان وقت الطونيا، جو ٻاهر بيٺو هو ۽ سڀ ڳالهيون ٻڌي چڪو هو، فوراً اندر ڪمري ۾ لنگهي آيو. ڪنڌ جهڪائي ادب ۽ احترام سان رضيہ کي سلام ڪيائين.

سلطانہ - ڪير؟

الطونيا - مان اوهان جو نمڪ خوار خادم! سزا جو مستحق بي ادب ۽گستاخ، احسان فراموش ۽ .... مان اوهان کي سمجهي نہ سگهيس! مون اهو نہ ٿي ڄاتو تہ تون رڳو ملڪئہ عاليہ ناهين، پر ان کان سواءِ هن عظيم رعايا جي عظيم ماءُ پڻ آهين. مون کي معاف ڪيو وڃي!

رضيہ سلطانہ جي اکين مان ڳوڙها وهي هلن ٿا، سندس شفقت مادري ماتما وانگر جوش ۾ آئي. جيل جو دروازو کوليو ويو، رضيہ سلطانہ نهايت شفقت آميز لهجي ۾ چيو: ”سڀ ڪجهہ معاف ڪيم: توکي بہ، بهرام کي بہ ۽ سڀني سردارن کي بہ! خدا ڪري اوهان کي معاف ڪري!“

# تخت طائوس

### ڪردار

شاهجان............ پنجون مغل تاجدار
ملا ڪاظم............... هڪ باغي سردار
هري لال.................... راجپوت نوجوان
ابيڪا....................... هڪ نوجوان راجپوت دوشيزه
درباري امير، وزير، سردار ۽ فوجي

## پهريون منظر

هڪ سرسبز ۽ شاداب باغ ۾ چند مور آهن، جي پنهنجن مادين جي سامهون پرن کي کولي رقص ڪري رهيا آهن. ڪجهه وقت تائين، اها ڪيفيت رهي ٿي.....

پوءِ پنهنجن پرن کي سميٽي پيهو - جا آواز ڪري رهيا آهن، مور اڳتي وڌڻ شروع ڪن ٿا........

## ٻيو منظر

هڪ مختصر حاطو ۽ چنڊ جي سهائي. هري لال هڪ ڪاٺ جي تختي تي تيز ڌار واري چاڪوءَ سان نشانہ بازيءَ جي مشق ڪري رهيو آهي. تختو انساني قد جيڏو آهي، ان تي ڪيترائي، سفيد ۽ ڪارا داغ آهن. انهن مان هر هڪ تہ هو واري واري ساڻ نشان هڻي رهيو آهي- سندس هر نشان درست لڳي رهيو آهي. آخرڪار ان مشق کي روڪي پنهنجي پويان وينل نينگريءَ ڏانهن محبت آميز نگاهن سان ڏسي ٿو

هري لال - (چاقوءَ کي هوا ۾ گهمائيندي) مون کي اطمينان آهي، هاڻي ان کان بچڻ جو ڪوبہ امڪان نہ آهي.

ابيڪا - نہ، ائين ڪرڻ مها پاپ آهي. ان خيال کان باز اچ. مان دنيا جي هرچيز تنهنجن قدمن ۾ آڻي سگهان ٿي.

(نوجوان هري لال جي نرڙ ۾ هلڪو گهنڊ پئجي ويو آهي)

هري لال - هن معاملي ۾ منهنجي راه ۾ رنڊڪ بنجڻ جي ڪوشش نہ ڪر ابيڪا! (غصي مان) تون مون کي پنهنجن ارادن کان باز رکڻ گهرين ٿي. (تيزيءَ سان) هو شهنشاه هجي يا ڪجهہ بيو هجي...... ڇا ڪو عام ماڻهو بہ شاه جهان جهڙي حرڪت ڪرڻ کان پوءِ سزا کان بچي سگهي ٿو؟ اهو ۽ سندس شڪاري منهنجن باغن ۾ اجازت کان سواءِ گهڙي آيا، ڇا ڪين باغ ۽ جهنگل ۾ بہ تميز ڪانہ آهي؟ منهنجا ڪافي گهڻا، ذري گهٽ اڌ مورَ ماري ڇڏيائون. انبن جا تازا پودا ناس ڪري ڇڏيائون. اهو سڀ ڪجهہ ڪيل سمجهي نقصان ڪندا ڪلندا هليا ويا! .... شايد ..... انهن کي معلوم نہ هو تہ هن باغ جوپَن - پَن راجپوتن جي خون گرم سان سيراب ڪيل آهي...... انهن کي ضرور سزا ملڻ گهرجي....

ابيڪا - انتقام - بدلو! سڀ ايشور تي ڇڏڻ گهرجي. اهو ئي نياءُ ڪندو. مور بہ مقدس آهن، اهي بہ وقت تي بدلو چُڪائيندا آهن.

هري لال - مون کي تنهنجن مقدس ديوتائن جي پرواه ناهي. انهن مون لاءِ ڪجهہ بہ نہ ڪيو آهي. مان ان ظلم جو بدلو ضرور وٺي رهندس. (چاقوءَ کي ڦيرائيندي) ۽ هن چمڪندڙ چاقوءَ جي وار سان ان ظالم بادشاه کان ملڪ کي بچائيندس. منهنجي دل ۾ انتقام جي باهہ ٻري رهي آهي. اها فقط ان جي خون سان ئي سرد ٿي سگهي ٿي. ياد رهي تہ ان مهم ۾ مان اڪيلو ناهيان!

ابيڪا! او ايشور! ڪاش، تون ان سازشي گروه ۾ شامل نہ هجين ها! اگر تو شاهجهان کي ماري بہ وڌو تہ پوءِ انتقام کان سواءِ توکي بيو ڇا حاصل ٿيندو؟ تخت نشينيءَ لاءِ ان جا پُٽ موجود آهن. ياد رهي، اهي پنهنجي پيءُ جو بدلو اڳتي هلي هندن کان وٺڻ شروع ڪندا.

هري لال - (زور سان) ائين هرگز ٿي نہ سگهندو. ڪافي زماني کان اسان جا هندو ۽ راجپوت سردار ان جي پاپ ۽ ظلم کان بغاوت تي آماده آهن. اڄ منهنجا لفظ سچائيءَ جو ويس پهري رهيا آهن. اڄ هو ان تخت تي براجمان ٿيندو، جو ستن سالن کان نهي راس ٿيو آهي. اسان جا راجائون ۽ سردار مجبورًا رسم ۾ شريڪ ٿي رهيا آهن. اهي پاڻ خفيہ نموني ۾، ان جي خلاف سازش سٽي رهيا آهن. جيئن هڪ چٽنگ سارو

پورو جهنگل جلي رک ٿي وجي ٿو، تيئن منهنجي هڪ وارَ سان، شاهجهان تخت تي تڙپي تڙپي جان ڏيندو.

ابيڪا- ليڪن هري، تون به سلامت نه موٽي سگهندين.

هري لال - (کلندي) اهو ته مان به ڄاڻان ٿو.

(ابيڪا جي اکين ۾ ڳوڙها تري ٿا اچن ۽ هوءَ منهن ڦيري ٿي ڇڏي)

ابيڪا- ڇڱو ٿئي ها، اگر اسان هڪ ٻئي جي جيون ۾ هن طرح نه اچون ها! (سُڏڪن پريندي) اسان هڪ ٻئي سان رانديون ڪيڏندي وڏا ٿيا آهيون، محبت ڪئيسون، اسان جو رشتو ٿيو، شادي ٿيڻ واري آهي. ڇا اهو سڀ ڪجهه ايتري لاءِ؟ ان کان بهتر هو ته مان پيدا ئي نه ٿيان هان.

هري لال - زندگيءَ ۾ ڪي چيزون اهڙيون به اچن ٿيون، جي شاديءَ ۽ محبت کان به مٿي تسليم ڪجن ٿيون

ابيڪا - ممڪن آهي، پر جي تون ناڪامياب ٿين ته پوءِ؟

هري لال - ناڪاميءَ جو ته ڪو امڪان ئي ناهي! ملا ڪاظم سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪري ڇڏيو آهي. مان ڪنهن به روڪ کان سواءِ اندر وڃي سگهندس ۽ پوءِ .......

ابيڪا - (ڳالهه ڪي ڪاٽي) مون کي سازشي ماڻهوءَ کان سخت نفرت آهي. اهو ڏينهن منحوس ڏينهن هو، جنهن تي تون ان سازشي ماڻهوءَ سان مليئين.

هري لال - هو نهايت سچار ۽ مخلص آهي. اسان جي گروه ۾ جو شاهجهان جي انياءِ جي خلاف سازش سٽي رهيو آهي، ان کان سواءِ اسان ڪجهه به نه ڪري سگهنداسون.

ابيڪا - ڪينو، ڪتو، مسلمان ٿي ڪري بادشاه سان غداري ڪري رهيو آهي.

هري لال - (زور سان) چپ ڪر! (آهستي سان) هو غدار ناهي! پنهنجي مذهب تي هلندڙ آهي. هو بادشاه جي فضول خرچي جي خلاف آهي. هو ان ڪم کي، مذهبي خيال کان غلط ٿو سمجهي. تخت طائوس جي خيال سندس تن - بدن ۾ باه لڳائي ڇڏي آهي. ان کي ڪنهن به نه ڏنو آهي. رڳو ان جي سينگارڻ ۾ ئي سجو سال صرف ٿيو آهي. اهو تخت

اسان لاءِ خوش نصيبيءَ جو سبب بنيو آهي. ان بهاني سان ملا ڪاظم اسان سان شريڪ ٿيو آهي. محض ان لاءِ ته .......

ابيڪا - ڇا تون ان کي خوش نصيبي ٿو سمجهين!

هري لال - (ڏند پيڪوڙي) ابيڪا! تون سمجهين ٿي ته منهنجي نظر ۾ تنهنجي محبت جي ڪاٻه قيمت ناهي. ليڪن (روڪجي) مان قول ڪري چڪو آهيان. راجپوت جو قول ڪڏهن به ڪوڙو ٿي نه ٿو سگهي!

(پري ڪان مندر جي گهنڊن جو آواز اچي رهيو آهي.)

هري لال - منهنجي وڃڻ جو وقت ٿي چڪو آهي.

ابيڪا - (غم ۽ اندوه کان بيهوش ٿي ڪري پئي آهي)

## ٽيون منظر

(لال قلعي ۾ سالگره جو جلسو. شاه جهان تخت طائوس ڏانهن ويندڙ ڏاڪڻ تي بيٺو آهي. سڀ درباري بيٺا آهن. هرهڪ خوش آهي. هري لال ۽ ملا ڪاظم هڪ ٻئي جي پرسان بيٺا آهن.)

ملا ڪاظم - (آهستگيءَ سان) ڇا هي موقعو ناهي؟

هري لال - اڃا پري آهي!

ملا ڪاظم - ٿورو اڳتي ٿي بيهه.

هري لال - نه. تون اطمينان ڪر. هو بيٺو آهي ۽ ڇڙي پُري رهيو آهي. ممڪن آهي ته بروقت خبردار ٿي وڃي. ويهڻ تي .... ڌڪ نيڪ لڳندو اجهو ٿو ويهي. صبر ڪر!

شاهجهان — اڄ خداوند جي فضل ۽ ڪرم سان پنهنجي رعايا جي دعائن سان اسان پنهنجي حڪومت جي ٻئي سال ۾ داخل ٿي رهيا آهيون. هن نئين سال جو افتتاح اسان صلح ۽ امن جي تمنا سان ڪري رهيا آهيون. اسان جون اکيون بند ناهن. اسان پنهنجي ملڪ جي حالات ۽ واقعات کي چڱيءَ طرح سان ڏسي رهيا آهيون.

(هري لال پنهنجن پٻن تي ٿورو اڀو ٿئي ٿو. ڪاظم ڏانهن ڏسي ٿو، پر ڪاظم ڪيس نظر نه ٿو اچي)

هري لال — (دل ۾) صبر ڪر! جلد بازيءَ سان ڪم خراب ٿي ويندو. جيئن ٿي هو ويهي ........ تيئن..... (پنهنجي خيال ۾ محو آهي)

شاهجهان — اها افسوسناڪ غلطي بلڪل لا عمليءَ ۾ سر زد ٿي چڪي آهي. اسان کي معلوم نه هو ته اسان جا هندو دوست مور کي ايترو مقدس ڪري مڃين ٿا.

(مور جو لفظ ٻڌي، هري لال متوجهه ٿئي ٿو، پر سندس هٿ ڪپڙن ۾ لڪل چاقوءَ جي دستي تي رکيل آهي.)

شاهجهان — ان لاءِ اهو اسان جو فرض آهي ته اسان ان جي تلافي ڪريون. اسان يقين ٿا ڏياريون ته جيستائين مغل دور رهندو، تيستائين اها ڳالهه ڪڏهن به نه وساري ويندي. مور اڄ کان مقدس ڪري مڃيو ويندو. حڪومت ان جي حفاظت ڪندي. هندن ۽ مسلمانن جو خيال رکيو ويندو. اهي پاڻ ۾ پائر وانگر ٿي گذاريندا. ان جو ثبوت هيءُ آهي- (شاهجهان پنهنجو هٿ مٿي ڪنيو! هري لال تڏا ساه پري رهيو آهي- بادشاه مٿي چڙهي رهيو آهي ۽ ”تخت طائوس“ تي جلوه فگن ٿيو آهي. ٻاهر نغارا وڄي رهيا آهن.)

هڪ درباري (اندر) جشن سالگره مبارڪ شد!

ٻيو- شاه عالم زنده باد!

ٽيون - تابنده باد!

چوٿون - پاينده باد!

(هري لال جو هٿ، چاقوءَ جي هٿئي مان نڪري ٿو وڃي ۽ هو چپ چاپ ٻاهر نڪري ٿو وڃي.)

## چوٿون منظر

(رستو- هري لال سر جهڪايو آهستي آهستي هلي رهيو آهي. سندس دل ۽ دماغ تي ابيڪا ڇانيل آهي. هو جذبات

ڪان ديوانو ٿي رهيو آهي. ابيڪا گهٻرايل نموني ۾ ملي ٿي.)

ابيڪا - ڇا ٿيو هري؟

هري لال - ڪجهه....

ابيڪا - قتل.

هري لال - ...... اسان جو بادشاه ...... سونو آهي!

ابيڪا - هاڻي معلوم ٿيو آهي؟

هري لال - تون نهايت دانش مند آهين!

ابيڪا - هاڻي تون به!

# ڪلياڻي

ڪردار

گوبند سنگهه ............. ميواڙ جو سپہ سالار
مهابت خان ............... مغل سپه سالار
ڪلياڻي ................... گوبند سنگهه جي ڌيءُ
اجي سنگهه ............... ڪلياڻيءَ جو ياءُ
مغل سپاهي ۽ ٻيا

## پهريون منظر

(گوبند سنگهه جي محل جو هڪ ڪمرو. راجپوتي طرز تي سينگاريل فرش تي ڪلياڻي ويٺي آهي. سامهون هڪ نوجوان جي تصوير آهي. ڪلياڻي ان تصوير سان مخاطب آهي.)

ڪلياڻي - آهہ! مان ڪيتري نہ اياڻي آهيان، پتي - سک، ڇا ڪي تا سڏين؟ اهو تہ منهنجي نصيب ۾ ناهي. جدائيءَ جون گهڙيون پهاڙ وانگر آهن. ساريون راتيون روج ۽ راڙي ۾ گذرن ٿيون. منهنجا پيارا سوامي! ڇا مان تنهنجي ياد ۾ ائين گهنجي مري وينديس؟ ڇا مون کي آخري وقت تي بہ تنهنجو درشن نصيب نہ ٿيندو؟ آخر ايترو ڪنور دل تي ويندين؟ مون کي اهو سيڪجهہ معلوم نہ هو تہ هڪ بوند سان دنيا کي زير و زبر ڪندڙ هڪ ابلا ۽ معصوم جا ڳوڙها تنهنجي دل تي اثر نہ ڪندا! ليڪن ان ۾ رڳو تنهنجو بہ قصور ناهي، سڀ قصور منهنجي نصيبن جو آهي.

(گوبند سنگهہ، ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿو)

گوبند سنگهہ - ڪلياڻي! (ڪلياڻي ڪان ڇرڪ نڪري ٿو وڃي) هي ڇا ٿي رهيو آهي؟ (تصوير ڏسي) هيءَ تصوير ڪنهن جي آهي؟ هون! مهابت خان! هت ان جي تصوير ڪيئن آئي؟

ڪلياڻي - (تصوير هٿ ۾ ڪڻي، نرم آواز سان) مون آندي آهي، پتاجي! پوڄا ڪرڻ لاءِ!

گوبند سنگهه - (ڪاوڙ مان) پوڄا ڪرڻ لاءِ!..... ڪنهن جي!..........

ڪلياڻي - پنهنجي سواميءَ جي!

گوبند سنگهه - (ڳالهه کي اڌ ۾ ڪاٽي، ڪاوڙ مان چپ! سواميءَ جي ......! ڪير؟ اهو پاپي تنهنجو سوامي آهي، جنهن پنهنجو ڌرم ڪرم ڇڏي ڏنو آهي.

ڪلياڻي - (سنجيدگيءَ سان، اوهان ناراض نہ ٿيو، پتاجي! مان ڌرم ڪرم ڪجهه بہ نہ ڄاڻان. مان تہ رڳو ايترو ٿي ڄاڻان، تہ ان سان منهنجي شادي ٿي آهي، اهو منهنجو پتي آهي ۽ هڪ هندو عورت جو ڌرم فقط ان جو پتي ئي آهي.

گوبند سنگهه - (پلنگ تي ويهندي) ليڪن تنهنجي شادي تہ مهابت سنگهه سان ٿي هئي، نہ ڪي مهابت خان سان! جنهن ڏينهن تي هن هندو ڌرم ڇڏي اسلام قبول ڪيو هو، ان ڏينهن هن گويا توکي ڇڏي ڏنو هو!

(اجي سنگهه هڪ خط ڪڻي اندر داخل ٿئي ٿو - گوبند سنگهه خاموش ٿي وڃي ٿو.)

اجي سنگهه - پتاجي! (خط گوبند سنگهه ڏانهن وڌائيندي) مهابت خان وٽان هي خط آيو آهي.

(گوبند سنگهه خط وٺي پڙهي ٿو ۽ پوءِ پڙهندي ڪاوڙ ۾ لال ٿي وڃي ٿو.)

گوبند سنگهه - (ڪاوڙ مان) ڪلياڻي! تو مهابت خان کي ڪو خط لکيو هو؟

ڪلياڻي - (ڪجهه گهبرائجي) ها، پتاجي!

گوبند سنگهه - (پلنگ تان اٿندي) ڪلياڻي! تو منهنجي عزت خاڪ ۾ ملائي ڇڏي آهي. تو راجپوتي شان کي دشمن جي پيرن ۾ ذليل ڪيو آهي. آهہ! ڪلياڻي، مون کي تو مان اهڙي اميد ڪانہ هئي. (خط ڪلياڻي ڏانهن وڌائيندي) هي وٺ! مهابت خان خط واپس موڪليو آهي ۽ لکيو اٿس:

”ڪلياڻي مون کي افسوس آهي، جو مان توکي پنهنجو بنائي نہ سگهيس!“

(ڪلياڻي خط وٺي ان کي ڏسڻ شروع ڪري ٿي)

اجي سنگهہ - (ڪجهہ ڪاوڙ مان) ٻڌاءِ ڪلياڻي! ڇا مهابت خان هاڻي بہ تنهنجو پتي آهي؟

ڪلياڻي - (جرئت ۽ حوصلي سان) ها! هاڻي بہ پتي آهي! اگر ان مون کي نڪرائي ڇڏيو آهي تہ پوءِ ڇا ٿيو؟ هڪ سچي پتورتا عورت اها آهي، جا انهن پيرن جي پوڄا ڪندي آهي، جي پير کيس نڪرائي ڇڏيندا آهن؟

گوبند سنگهہ - (سخت غصي مان، ڏڪندي) مهابت خان جهڙو نيچ ۽ بي غيرت شخص تنهنجو پتي آهي؟

ڪلياڻي - پتاجي! اوهان ان کي گهٽ وڌ نہ ڳالهايو! هو هندو آهي يا مسلمان، آخر تہ هو منهنجو پتي آهي.

گوبند سنگهہ - (سخت ڪاوڙ مان!) بس- بس! ڪلياڻي، مان ان کان وڌيڪ ڪجهہ بہ ٻڌڻ لاءِ تيار ناهيان! تنهنجي هڪ هڪ لفظ، منهنجي دل ۽ غيرت کي زخمي ڪري ڇڏيو آهي هاڻي تولاءِ مون وٽ رهڻ جي ڪابہ گنجائش ڪانہ آهي. تو جهڙين بي غيرت عورتن لاءِ، ميواڙ جهڙي پوتر پومي ۾ ڪا بہ جڳهہ ناهي. تون وڃي سگهين ٿي!

ڪلياڻي - (اشڪ آلود نگاه سان پيءُ ڏانهن نهاريندي) پتاجي!

گوبند سنگهہ - (ٻئي طرف منهن ڦيرائيندي) تون هت نہ ٿي رهي سگهين!

ڪلياڻي - جيڪا اوهان جي خوشي!

اجي سنگهہ - (تڪڙ ۾) نہ نہ، ڪلياڻي! ائين نہ چئو، ڪلياڻي! پتاجي توکي لوڏي ڪڍي رهيو آهي، ليڪن هيءُ ياءُ توکي نہ تو لوڏي سگهي! هيءُ ياءُ اهڙو انياءُ برداشت نہ تو ڪري سگهي.

ڪلياڻي - (ياءُ ڏي ڏسي روئي ٿي ڏئي) يائي!

گوبند سنگهہ - چپ رهہ، اجي! منهنجي سامهون تنهنجي اها جرئت تون ان کي هت ترسائڻ وارو ڪير ٿيندو آهين؟

اجي سنگھ - (ڳالھ ڪٽيندي، نرميءَ سان) پتاجي! اوهان نہ ٿا ڄاڻو تہ اوهان ڪاوڙ ۾ اچي ڪري ڇا ڇا چئي رهيا آهيو!

گوبند سنگھ - (سخت غصي ۾) مان حيرت ۾ آهيان تہ تون ڪلهوڪو ٻار مون کي نصيحت ڪري رهيو آهين؟ ڪَن کولي ٻڌ! اگر تون بہ ڪلياڻيءَ ڏانهن اشارو ڪري) هن سان گڏ رهڻ جي ڪندين تہ پوءِ تو لاءِ بہ اهو ئي حڪم آهي.

اجي سنگھ - (سنجيدگيءَ سان) مگر پتاجي، اڪيلي پيڻ ڪاڏي ويندي؟ ملڪ ۾ بدامني آهي، هر طرف خونريزي آهي، اوهان ان حالت ۾، ڪيس گھر مان هڪليو ٿا. مان ڪيس ڪيئن ديده دانستہ موت جي منهن ۾ وڃڻ ڏينديس؟ مون کان ائين نہ ٿي سگھندو!

گوبند سنگھ - وڃ، تون بہ هن سان گڏ وڃ، اهڙي بيشرم ۽ بيغيرت اولاد لاءِ مون وٽ ڪابہ جاءِ ناهي. هڪ پل جي لاءِ بہ اوهان هت ترسي نہ ٿا سگھو.

اجي سنگھ - پتاجي! ڇا مون لاءِ بہ اهو ئي حڪم آهي؟

گوبند سنگھ - ها بلڪل ساڳيو حڪم. دور ٿيو منهنجي نظرن کان. نڪري وڃو ميواڙ جي پوتر پوميءَ مان. (ڪمري ۾ تڪڙو تڪڙو هلڻ شروع ڪري ٿو.)

## ٻيو منظر

(هڪ ويران ۽ ڦٽل رستي تي ٻئي چپ چاپ وڃي رهيا آهن.)

ڪلياڻي - (هلندي ٿورو بيهي ٿي رهي ۽ حيرت سان) پائي! (هڪ طرف اشارو ڪري) هو شعلا!

اجي سنگھ - (ان طرف ڏسندي) معلوم ٿئي ٿو تہ ڳوٺ کي باھ لڳائي وئي آهي.

(سامهون پنج - ڇھ ماڻهو ڊڪندا ٿا اچن، هو اجي وٽ اچي دانهون ٿا ڪن تہ هو سندن مدد ڪري.)

سڀ آدمي بلند آواز سان - مغلن ساري ڳوٺ کي باھ ڏني آهي. خون جون نديون وهي چڪيون آهن.

(اجي هڪ آھ ڀري ٿو)

ڪلياڻي - (انهن ڏانهن رحم واريون نظرون ڪري) پائي، انهن کي بچائڻ گهرجي. آه!

اجي سنگهه - (گرجدار آواز ڪري، تلوار ۾ هٿ وجهي ٿو) خبردار، جي اڳتي وڌيا آهيو.

مغل سپاهي- (تلوار بند ڪندي) تون اسان جي ڪم ۾ دخل انداز ٿيڻ وارو ڪير ......؟

اجي سنگهه - (آدمين ڏانهن اشارو ڪندي) هنن تنهنجو ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي؟

مغل سپاهي - اسان کي سپه سالار جو حڪم مليل آهي.

اجي سنگهه - اهڙو حڪم ڪنهن ڪيو آهي؟

مغل سپاهي - سپه سالار ڪيو آهي.

ڪلياڻي - ڪير آهي اهو سالار؟

مغل سپاهي - نالو نه پڇو، ان جي نالي کان پهاڙ به ڏڪي ٿا وڃن.

ٻيو سپاهي - سپه سالار مهابت خان!

ڪلياڻي - (حيرت وچان) ڇا هي ان جو ئي حڪم آهي؟ ڇا ان ئي بيگناهن کي برباد ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي؟

ٻيو سپاهي - ها! ها! اسان جي سالار جو اهو ئي حڪم آهي.

ڪلياڻي - اف! افسوس!

مغل سپاهي - چڱو هاڻي هٽي وڃو، اسان کي فرض ادا ڪرڻ ڏيو.

اجي سنگهه - (بلڪل سنجيدگيءَ سان ماڻهن ڏانهن اشارو ڪري) هي ويچارا مظلوم مون وٽ دانهن کڻي آيا آهن. انهن منهنجي دامن ۾ پناه ورتي آهي. مان راجپوت آهيان، مري ويندس پر هنن تي وار ڪرڻ نه ڏيندس.

مغل سپاهي - (تلوار گهمائيندي) ڄاڻو ٿا ته ان جو نتيجو ڇا ٿيندو؟

اجي سنگهه - ها، موت يا زندگي! راجپوت مظلوم لاءِ جان کي قربان ڪندي خوشي ٿو محسوس ڪري.

مغل سپاهي - چگو مرڻ لاءِ تياري ......... (ائين چئي سڀ سپاهي اجي سنگهہ تي حملو آور ٿين ٿا.)

اجي سنگهہ بهادريءَ سان وڙهي رهيو آهي، مغل سپاهي خون ۾ ليٽڙجي رهيا آهن. مغل سپاهي اشارن ۾ ڪو فيصلو ڪن ٿا، ٻہ سپاهي پويان وجي تلوار سان وار ڪن ٿا. اجي سنگهہ جو سر تن کان جدا ٿي وڃي هيٺ ڪريو آهي. ڪلياڻي لاش کي ڀاڪر ۾ ڪري روئي رهي آهي.

## ٽيون منظر

(سپہ سالار مهابت خان جو پرتڪلف ڪمرو ..... سامهون ديوار تي آدم قد جو آئينو، مهابت خان قالين تي ٽيڪ ڏيو ويٺو آهي ۽ حقو ڇڪي رهيو آهي. پرسان ڪلياڻي ويٺي آهي. ڪمري جو دروازو اندارن بند آهي. ٻئي پاڻ ۾ ڳالهيون ڪري رهيا آهن.)

ڪلياڻي - اڄ منهنجي محبت جون تارون ٽٽي چڪيون آهن. مان هميشہ تنهنجي پوڄا ڪندي رهي آهيان، پر اڄ، اڄ کان مان تنهنجي دشمن بنجي چڪي آهيان. تو مون کي رلائي ڇڏيو. مان مغلن کان وڌيڪ توکي پنهنجو دشمن ٿي سمجهان. مغل ملڪ کي جيتي راڄ ڪرڻ گهرن ٿا، پر تون پنهنجي ماتر ڀوميءَ کي شمشان بنائڻ گهرين ٿو! خوش ۽ آباد رعيت کي برباد ڪري خوش ٿيڻ ۾ ڪوشان آهين.

مهابت خان - (سندس ڳالهہ ڪاٽي) ڪلياڻي!

ڪلياڻي - هڪ ڳالهہ پڇان؟

مهابت خان - بيشڪ.

ڪلياڻي - ڇا تون مون سان محبت ڪرين ٿو؟

مهابت خان - تمام گهڻي، بي انداز، تو جهڙي عورت تہ......

ڪلياڻي - (ڳالهہ ڪاٽي) بس، بس، تون منهنجي هڪ ڳالهہ ٻڌ.

مهابت خان - هڪ نہ پر سئو، هزار......

ڪلياڻي - منهنجي صرف هڪ خواهش آهي: مون کي پنهنجي تلوار سان قتل ڪري ڇڏ. مان هاڻ زنده رهڻ نہ ٿي چاهيان.

مهابت خان - (حيرت سان) ڪلياڻي! هي ڇا ٿي چئين؟ تنهنجو قتل....... مون ڪان نہ ٿي سگهندو.

ڪلياڻي - مان ڏاڍي ڏکويل آهيان! زندگي کان بيزار ٿي چڪي آهيان. فقط هڪ پيرو توکي ڏسڻ جي تمنا هئي، سا پوري ٿي.

(هڪ ننڍي ڪٽاري ڪلياڻيءَ جي لباس ڪي چيري، سيني ۾ پيوستہ ٿي ويئي، ڪلياڻي فرش تي تڙپي رهي آهي. سندس چهرو سرخ ۽ بشاش آهي. سندس چپن تي هلڪي مرڪ آهي. مهابت خان سندس لاش کي ياڪر ۾ کنيون آهي. دفعتاً سندس نگاه ديوار تي لڳل آئيني تي پوي ٿي ۽ سندس اکين مان ڳوڙها وهي ڪلياڻيءَ جي چهري تي پئجي رهيا آهن.)

# ماخذات

مقدمہ لکڻ وقت هيٺيان ڪتاب ۽ مقالہ مطالعي هيٺ رهيا.

- کہانی کا تنقیدی مطالعہ - وقار عظیم، استقلال لاہور، مارچ-اپریل 1966ء

-ناول اور ڈرامہ - آغا ناصر، ماہ نو کراچی، جون1960ء

-فن افسانہ نگاری- محمد حسن عسکری، جون1956ء

-نیا افسانہ پس منظر- وقار عظیم، آج کل دہلی، جون1945ء

- ڈرامہ نگاری- سید ظہیر کاظمی، آج کل دہلی، نومبر 1943ء

-ڈرامہ کی تاریخی محرکات - رحمان مذنب، ماہ نو، جولاء1956ء

-ناول میں کہانی کا عنصر - انتظار حسین، ماہ نو کراچی، جنوری1954ء

-اردو کہانی کا بیرونی اثر- رضیہ اکبر حسین (دکن) نگار لکھنو، مئی1958ء

- لوک کہانیوں کی نفسیات- ڈاکٹر اجمل، مترجم محمد پرویز، نصرت لاہور دور جدید نمبر، 11-اگست1966ء

-طربیہ، محمود تیمور مصری- حکایاۃ المصریہ، قاھرہ

- مقدس فن- کاتب یاسین الجزائری، کتاب 'نجمہ' فرانسیسی مترجم، حسن عسکری

-مراکش کا داستان گو- احمد سفریوی مراکشی، عسکری، لیل ونھار لاہور، 6-جولاء1958ء

- لوڪ ڪهاڻين جي علمي اهميت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مهراڻ 1-1963/2ع
- افسانه، سعيد نفيسي، نئين زندگي (اردو)، ايران نمبر مارچ 1950ع

مٿيان رسالا ۽ علمي ڪتاب هن فني مقدمه جي لکندي مطالعي هيٺ رهيا، آءٌ انهن محققن ۽ عالمن جو شڪر گذار آهيان.

**غلام محمد ’گرامي‘**

# شڪريہ

هن ڪتاب 'تاريخي افسانا ۽ ڊراما' جي ترتيب ۽ تياريءَ وقت جن عملي ۽ ادبي رسالن ۽ ڪتابن تان استفادو ڪيو ويو آهي، انهن جو شڪريو ادا ڪرڻ واجب آهي.

ان سلسلي ۾ 'نگار' لکنو، 'حقيقت اسلام' لاهور، 'عالمگير' لاهور جلد 34 نمبر 5، 1941ع ۽ نمبر 3-4، 1942ع، 'آج ڪل' دهلي، 'ادبي دنيا' لاهور ۽ 'اخبار جهان' ڪراچي مکيہ رسالا آهن. ان طرح "حسن ڪي ڪرشمہ سازيان" از:فرخ امرتسري مطالعہ ۾ رهيو. اهو ياد رهي تہ هي افسانا ۽ ڊراما محض ترجمو ناهن، ڪتي ڪتي محض خيال ۽ پلاٽ کي اڳيان رکيو ويو آهي.

بهرحال هيءَ علمي خدمت هن 'فن' جي دنيا ۾ هڪ اضافو تصور ڪئي ويندي، جنهن ۾ قديم ۽ جديد فني قدرن کي اڳيان رکي تاريخي واقعات مان استفادو ڪيو ويو آهي.

**_ غلام محمد "گرامي"**

# تاريخي افسانا ۽ ڊراما

مرحوم مولانا غلام محمد گراميءَ جو لکيل هڪ نهايت دلچسپ ڪتاب آهي. مولانا گراميءَ هن ڪتاب ۾ مشهور تاريخي واقعن تي افسانا ۽ ڊراما جوڙيا آهن، جن ۾ ڪي قصي ۽ داستان جي انداز ۾ ته ڪي ڪهاڻيءَ ۽ ڊرامي جي انداز ۾ آهن. هن ڪتاب ۾ هيٺيان تاريخي واقعا آهن.

سجاح: اها عربياڻي جنهن نبوت جي دعويٰ ڪئي

شويا: سنڌ جي مهاراڻي، هن پنهنجي مڙس راجا سهاسيءَ سان بيوفائي ڪري وزيراعظم چچ سان شادي ڪئي، جنهن پوءِ راجا ڏاهر کي جنم ڏنو.

پدمڻي: راجستان جي اها راڻي، جنهن دهليءَ جي بادشاهه علاوالدين خلجيءَ کان پاڻ بچائڻ لاءِ سَتي ٿي.

پرٿال: دکن جي راڻي، جنهن خاطر ٻه رياستون ٽڪرائجن ٿيون.

هيلن آف ٽراءِ وانگر هي مشرق جي هيلن آهي.

سعيده: افغانستان جي اها عورت، جا معصوم نوجوان نادر خان کي ڦاسائي مارائي ٿي- شاهه افغانستان امان الله خان جي دور جو داستان آهي.

سڌارٿ: مهاتما ٻڌ جي سيرت ۽ ڪردار جو اثر انگيز رنگ، ڊرامائي صورت ۾ ڏنل آهي.

مٿئين واقعن کان سواءِ ٻيا گهڻئي واقعا اوهان کي هن ڪتاب ۾ ملندا.

ڪتاب جو هڪ اهم حصو "مقدمو" آهي، جو مولانا گراميءَ 74 صفحن تي لکيو آهي، جنهن ۾ قصي، داستان، ڪهاڻي، افساني ۽ ڊراما جي شروعات کان وٺي هاڻوڪي دور تائين ارتقا ڏني ويئي آهي ۽ اهو هڪ چڱو ڪوجنائي مقالو آهي.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.